سنڌ الاجيءَ جو ڇهه ماهي جرنل

سنڌي ادب

چهه ماهي

سنڌي ادب

جلد 11- نمبر 1989/1

ايڊيٽوريل بورڊ

□ ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه — چيئرمن
وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي

□ ڊاڪٽر غلام علي الانا — ميمبر
پروفيسر سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي

□ عبدالقادر جوڻيجو — ميمبر
ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

ايڊيٽر

ولي رام ولڀ

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو

اداري جا حق ۽ واسطا قائم

جلد 11- نمبر 1989/1

عبدالقادر جوڻيجي، ڊئريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشوري، ضلعي دادو، سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

سنڌ يونيورسٽي پريس، اولڊ ڪئمپس، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو.

ملهه 20 رپيا

SINDHI ADAB

(A Bi - annual Journal of Sindhi Literature)

Volume 11 No. 1/1989

Editor Vali Ram Vallabh

Publisher: Abdul Qadir Junejo, Director, Institute of Sindhology, University of Sindh, Jamshoro, District Dadu, Sindh.

Printers : Sindh University Press, Old Campus, Hyderabad, Sindh.

Price Per Copy: Rs. 20/-

ترتيب

پنهنجي طرفان — ايڊيٽر — (vii)

شاعري

1. تنوير عباسي — وائي — 1
2. امداد حسيني — نظم — 2
   — نظم — 4
3. بشير موريائي — نروان (نظم) — 5
4. استاد بخاري — تنهنجي (تيڙو) — 6
5. سروپ چندر شاد — ترشنا — 7
6. نثار بزمي — ٻولا (نظم) — 9
7. انور — غير جانبدار اديب ڏانهن .... (نظم) — 10
8. آئم ناٿن شاهي — غزل — 11
9. مير محمد پيرزادو — نظم — 11
10. اياز گل — غزل — 12
11. ادل سومرو — غزل — 12
12. نياز پنهور — نظم — 13
13. ارشاد ساگر — غزل — 15
14. سائينداد ساند — غزل — 15
15. حسن درس — آرٽ گئلري (نظم) — 16
16. عزيز مهرانوي — ٿئي سڀ منهنجي منزل (نظم) — 17
17. محمد علي پٺاڻ — اڄڻبي ڪوس - گهرن ڏانهن.... (نظم) — 18
18. ستار — پتو (نظم) — 21

19-	اڪبر سومرو	۽ جڏهن سياڪي ۾ وڃين	(نظم)	22
		ڪارنيوال	(نظم)	22
20-	سراج جوکيو	نظم		23
21-	عزيز گوپانگ	وصل جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾....	(نظم)	24
22-	بينا بيدل مسرور	هو نٿا ڄاڻن	(نظم)	24
		جبلن جي وچ ۾	(نظم)	24
		چريو	(نظم)	24
		بدل رهڻ جو نتيجو	(نظم)	24
23-	بشير سيتائي	غزل		25
24-	محمد عثمان ميمڻ	غزل		26
25-	علي نواز قل	غزل		26
26-	ذوالفقار هاليپوٽو	نظم		27
27-	ارشاد شيخ	غزل		27
28-	نانڪ	پنجڪڙا		28
29-	زيب سنڌي	غزل		30
30-	واجد	غزل		30
31-	مقصود گل	چوسٽا		31
32-	راهي چنا	ٽه سٽا		31
33-	مانڪ ملاح	گيت		32
34-	آصف منياڻوي	غزل		32
35-	راڄن	چار نظم		33
36-	قاضي منظر حيات	غزل		34
37-	حسن مجتبيٰ	آيڙو		34
38-	امام راشدي	تون ڄا ماڻهو	(نظم)	35
		ڪهاڻو	(نظم)	35
39-	نا گيال	هائيڪا		36
40-	پشپا ولڀ	زندگي مون کي سڏي رهي آهي	(نظم)	36

ڪهاڻيون

1.	علي بابا	اڄ ڇو ٻالاپڻ تو ياد اچي!	37
2.	ثميره زرين	ننڊ ٿي ننڊ هجي: ابدي ازلي	47
3.	قاضي خادم	سرد رات جو جادو	56
4.	ممتاز مهر	وڇايل ورثو	62
5.	طارق عالم	ساهي	65
6.	محمود مغل	ردُ	70
7.	حفيظ ڪنير	رڻ تتي راڙو ٿيو	75
8.	عبدالرحمان سيال	وقت ڪان اڳ	92
9.	صفيه نور	سهڻو سهڻو روپ	100
10.	شازيا رسول	اڄ ته ٻيهر ملون	105
11.	تانيا ٽيپو	ننڊ جي ديوار نيري	110
12.	گوري ولي	.... ۽ لائين ڪٽجي ويئي	121
13.	سنتوش ڪامراڻي	حادثو	124
14.	بيدل مسرور	ڪهاڻي هڪ درويش جي.... (ناٽڪهاڻي)	127

مقالا

1.	ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو	سنڌي شاعريءَ جو مطالعو	138
2.	غلام محمد لاکو	شاهه لطيف جي سوانح ۽ عيسوي ڪئلنڊر	151
3.	ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر	سهڻيءَ جو سماجي ڪردار	160
4.	ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو	سماجي علوم ۾ تحقيق جي ٽيڪنڪ (1)	169
5.	مير خادم حسين	سانگيءَ جي فارسي ڪلام ۾ زماني جي شڪايت	184
6.	رضيه سلطانه راشدي	انقلاب ۽ جمهوريت	216
7.	عبدالرحيم ناگوري	فن، سماج ۽ وابستگي	228
8.	عبدالحفيظ اختر	پاڪستان ۾ ISBN نظام جو اجرا	232
9.	خيرالنسا جعفري	غم ۽ ان جا ڪارڻ	242
10.	نور افروز خواجه	اصطلاح	249
11.	عائشه مدد	سنڌ جون اهم شخصيتون (3)	260
12.	عبيدالله پٺي ۽ اعجاز قريشي	سنڌ ۾ اقتصاديات ۽ سنڌي ميربحرن جي سماجي اقتصادي حالت	267

پنهنجي طرفان

’سنڌي ادب‘ جي گذريل شماري ۾ اسان لکيو هو:

’سنڌي ادب‘ ۾ اسان جن موضوعن کي پيش ڪندا رهيا آهيون، انهن ڪنهن حد تائين شاگردن، استادن ۽ تحقيق ۾ دلچسپي رکندڙ اسڪالرن جي ضرورت پوري ڪئي آهي، پر منجهس تخليقي ادب (Creative Literature) شامل نه هئڻ ڪري هڪ طرف تخليقڪارن (Creative Writers) ۽ عام پڙهندڙن لاءِ منجهس دلچسپي نه رهي آهي ته ٻئي طرف تخليقي ادب سرجڻ ۾ اهو ڪردار ادا نه ڪري سگهيو آهي، جيڪو هڪ ادبي Periodical کي ڪرڻ گهرجي.

اسان اهو پڻ لکيو هو:

تخليقي ادب، جنهن ۾ فڪشن، ناٽڪ ۽ شاعري اچي وڃن ٿا، ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب جو سڀ کان اهم ۽ مٿاهون حصو هوندو آهي، جنهن کان ڪڏهن به اک ٻوٽ نٿي ڪري سگهجي، خاص ڪري جڏهن تخليقي ادب پيش ڪندڙ رسالا باقاعدگيءَ سان نه نڪرندا هجن. اسان تخليقي ادب جي اهميت کي ڄاڻيندي، ان کي ’سنڌي ادب‘ ۾ جوڳي جاءِ ڏيڻ چاهيون ٿا ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي ڪهاڻي، ناٽڪ، ڪويتا ۽ ادب جون ٻيون رچنائون سرجيندڙ ليکڪن کان اهڙي سهڪار لاءِ آسروند آهيون.

اسان پنهنجي وعدي جي پوئواري ۾ ’سنڌي ادب‘ جي هن شماري ۾ 40 شاعرن، 14 ڪهاڻيڪارن ۽ 12 مقالا نگارن جي مختلف تخليقن کي پيش ڪيو آهي. اسان سندن سهڪار لاءِ ٿورائتا آهيون.

هن شماري جي شاعري واري حصي ۾ هن دور جي سهيوڳي شاعرن کي شامل ڪيو اٿئون، جن ۾ نئين ۽ پراڻي پيڙهيءَ جا اهي نمائنده شاعر آهن، جيڪي اڄ جي شاعريءَ جي افق تي هڪ ئي وقت نظر اچن ٿا. اهي سڀ شاعر هڪ ئي تسلسل سان پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن ۽ سندن شاعري سهيوڳي تخليق جي اندلث آهي.

ڪهاڻين ۾ پڻ شاعري وانگر هڪ Cross section پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئون، جنهن ۾ جتي علي بابا، ثميره زرين، قاضي خادم، ممتاز مهر، طارق عالم ۽ محمود مغل آهن، اتي حفيظ ڪنير، صفيہ نور، شازيا رسول، تانيا ٽيپو، گوري ولڀ ۽ سنتوش ڪامراڻي جهڙا نوان اڀرندڙ نالا پڻ آهن، جيڪي پنهنجي وقت جي سماج کي چٽي، بيشڪ پنهنجي ڀرپور تخليقي صلاحيتن سان پاڻ مڃائيندي نظر اچن ٿا.

هن حصي ۾ ورهاڱي کان پوءِ واري پهرين دور جي ڪهاڻيڪارا ثميره زرين جي ڪهاڻي "ننڍ ٿي ننڊ هجي : ابدي ازلي" شامل آهي. اها ڪهاڻي ليکڪا پنهنجي پاڻ جي لاڏاڻي تي احساس جي شدت سان لکي هئي ۽ منهنجي خيال ۾ اها سندس آخري ڪهاڻي آهي جيڪا هتي پهريون ڀيرو ڇپي رهيا آهيون. ثميره زرين اڄ اسان ۾ موجود ناهي پر سندس هن ڪهاڻيءَ جي عنوان ۽ اندر مان سندس Death wish جو ڏس ملي ٿو.

ترڪ ڪار جون پاڻ ۾ لاڳاپيل لاڏل آهن. هن کان اڳ ان جي ڪنهن اهڙي ڀرپور تصوير نه چٽي آهي، جهڙي حفيظ پنهنجي ڪهاڻي "رڻ تتي راڙو ٿيو" ۾ چٽي آهي.

هن حصي ۾ اسان بيدل مسرور جي "ڪهاڻي هڪ درويش جي ..." پڻ شامل ڪئي آهي، جنهن کي ليکڪ 'ناٽڪهاڻي' ڪوٺيو آهي. بيدل ڪهاڻيڪار به آهي ته ناٽڪ ڪار پڻ. هن ڪهاڻي ۽ ناٽڪ جي صنفن کي پاڻ ۾ جوڙي هڪ تجربو ڪيو آهي.

مقالن واري حصي ۾ موضوعن جي رنگارنگي ڏسڻ ۾ ايندي. جتي سنڌي شاعريءَ شاهه عبداللطيف جي سوانح، سندس شاعريءَ جي ڪردار ۽ سندس شاعري جي حوالي سان واهپي ۾ ايندڙ اصطلاحن جي چند ڇاڻ پيش ڪيل آهي، اتي جديد دور جي موضوعن جهڙوڪ تحقيق جي ٽيڪنڪ، دنيا جي گولي تي سياسي پيچ ڊاهه جي مختلف ڊانچن، فن جي سماج سان وابستگي، ڪتاب - شماري جي طريقه ڪار، انساني نفسيات، سنڌ جي اهم شخصيتن ۽ سنڌ جي سير بحرن جي سماجي - اقتصادي زندگي جهڙن موضوعن تي لکيل مقالا شامل آهن.

اسان وري به اها ڳالهه ورجائينداسين ته سنڌي ادب کي اسان مواد جي لحاظ کان تخليق، تحقيق، تنقيد ۽ ترجمي جو هڪ نمائنده جرنل جي طور تي پيش ڪرڻ چاهيون ٿا، جنهن لاءِ ظاهر آهي ته تخليق ڪارن، ريسرچ اسڪالرن، تنقيد نگارن ۽ دنيا جي مختلف ٻولين ۾ مختلف موضوعن تي لکيل تخليقن جي مترجمن جي سهڪار جي ضرورت آهي. ڪين گذارش آهي ته پنهنجون تخليقون مختصر سوانحي خاڪن سميت اسان کي ڏياري موڪلين ته جيئن اهي پڻ سنڌن تخليقن سان گڏ ڇپيا وڃن.

- ايڊيٽر

□ تنوير عباسي

وائي

بتي نہ ٻار اگڻ جي
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو

اڃا تہ رات جا پارهہ آهن
تو ڪي لڳي آ يار وڃڻ جي
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو

رات جي راڻيءَ جا او ٻارا
آئي چڻ ڪا سار سڄڻ جي
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو

مان لهرن ۾ چنڊ ڏسان ٿو
تو ڪي آهي ٻار ٻڇڻ جي
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو

ڏار ٽيون ٽا ٻر هيءَ ناهي
ويل اسان جي ڏار ٽيڻ جي
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

□ امداد حسيني

نظم

هي منهنجو شهر آهه يا دشمن جو شهر آ

هيرون گهليون ته شهر هندوري ۾ جهوليو
چانڊوڪين ۾ ٿهڪ ٿي ٽانگر جيان ٽڙيا
منڙن سڙن ۾ پرهه ڦڪيڙن لنئي ٿي لات
گِل تي گلاب، چپ تي ڪنٺهار ٿي ڪڙ يا

جيجل جي ڪنڪ وانگيان سائي هئي زمين
دل جي طرح وشال ۽ آجرو هو آسمان
تارا چِمڪي ۾ چڙ ته ٽڪون ٽانڪيل هجن
۽ چنڊ، هونگڙيون ٿي هنيون ٻار هنج ۾
ٿي سيج نيج ٻيج چتيو اوڙ اوڙ ۾
سندور هو سهاڳ جو هر سيند سيند ۾
سيڪجهه سرل ۽ سهج سڳنڌت سڪاريو
هر گهر اڱڻ ۾ ٻڙ ۾ ٻڌل پينگهه پٽ جي
سرتين جي ٽهڪڙن جون سريليون ٽليون وڄيون
اوطاق ۾ وڏن جون ڪچهريون مٺل هيون

۽ ٻار راند ڪيڏندا ڇوسول ۾ هئا
ٿڪجي ٿي پيا ته ڳل رکي ڏاڏيءَ جي جوٽ تي
آ ڪاٺين ٻَڌڻ ڪان سوا ڪونه ٿي سُتا

پنبڻن تي وئي ٿي خواب آئي ننڊ جي پري
۽ ننڊ جي نگر ۾ سپن جا هين هٽ ۾ هٽ
جيڏانهن ٿي نظر وئي تيڏانهن ساوڪون
آن ماتريءَ ۾ سَتَ رنگا گل ٽڙيل هئا
هر ٻار جي مٺي تي رکيل چَٽَ چنڊ جو
پوءِ هو امير جو هجي يا ڪنهن غريب جو
هر ٻار جي نرڙ تي ستارو نصيب جو
چمڪيو ٿي چڻ ته ساک سپاڻي جي سِڄَ جي!

”صائم“(1) ته اهڙي ننڊ نگر ۾ هليو ويو
پيا ٻارڙا ته صبح ٿيڻ تي به جاڳندا
۽ گولين جي گونج ۾ هو پلجندا پيا
پر هو ته اهڙي خواب سفر ۾ هليو ويو
ٻوليءَ جي بدلي گولي جتي ڪانه تي لڳي
رنگن جي بدلي رَت سان نه هولي تي کيڏجي
ڏياريءَ جي ڪنهن انار ۾ ڦاٽي نٿو ڪو بم
زم زم ۾ ڪو به زهر ملائي نٿو ڏي

او ديس ٻوٽن جو پنيورين جو ديس آ
سڀ روپ رنگ رنگ جي پورين جو ديس آ

اهڙو ئي ديس روءِ زمين تي اگر هيو
اتهاس جي پنن تي آهو سنڌ تي سڏيو
(ڊگهي نظم ”شهر“ جو هڪ بند)

---

(1) صائم شاهه : اٺن سالن جو ابهم ، جنهن کي قلعي ۾ بيدرديءَ سان شهيد ڪيو ويو.

نظم

جڏهن به تو تون چوين ته آئون
لکان وري به ڪويتائون
پني جي تر تي شبد وسن بوند سمان
سٽون لهن سندو تي لهرين وانگي آئون

شبد ٿي وچن تنهنجي پاڙي جا گهر
سٽون ٿين رستا جن تي رمندو آئون
اگهاڙن پيرين پڳل ڪاون تان
پهچي ويندو آهيان تنهنجي گهر تائين
او سائين!
هونئن رستن تي گهڻو جهلياڻون
گهڻو پلياڻون
پر آئون

نڪري ايندو آهيان، پنجوڙن مان جيئن هوائون
پلا ڪڏهن جڙن ڪان رهي سگهي ڪڏهن!
وڻن ڪان به وچڙيون ڪڏهن هوائون!
پوءِ سٽون پوراپل شاخون تي پکڙبيون وينديون
شبدن جا ڦل ڦل جهليندي يون

□ بشير مورياڻي

نرواڻ (نظم)

جيون - مڌ جي وڻ جي هيٺان
نرم ، رسيلي ، ڇانو هئي
سنسان سمي جي سندرتا
برهالي بن ۾ ...
ڪن پورن جي ڪن سورن جي سرواڻ هئي
خود مون کي ڪهڙي ڄاڻ هئي
ايڪانت ۾ شانت نہ آئيندي
منهنجي من ۾ ..
مايا ڀي من کي موهيو هو
ڪجهہ عرصي لاءِ مون ان جي خاطر
پنهنجو پاڻ کي کوهيو هو
ڪن چنڊ ستارن منهنجي جهولي جرڪائي
ڪن آشائن ۽ امنگن جي
ڪن رابيلن ۽ رنگن جي
هردي ۾ هولي ورڪائي
ان وقت سمي جي ڌارا کي
مون پاڪر پائڻ چاهيو هو
ان ڌارا کي روڪڻ جي ڌُن ۾
پاڻ وڃائڻ چاهيو هو
پر وقت جي وهندڙ ويرن کي
ڪوئي بہ ورائي ڪونہ سگهيو
تدبيرن کي
ڪوئي بہ هلائي ڪونہ سگهيو
اندر جي پرائي پيڙا کي
ڪوئي بہ ڇنائي ڪو نہ سگهيو.
پوءِ پنڌ ڪيم
ڪن گياني ڌياني گڻ وارن جي ڳولها ۾
کي ورت رکيم
ڪجهہ دان ڏنم
هرهڪ خواهش کي ختم ڪيم
۽ پنهنجي خيالي خوفن جي ڪوٽن کي ڪيرايم
۽ پنهنجو پاڻ کي
منزل کي
جيون جي حاصل کي
من جي اندر
جهاتي پائي،
ڳوليم
— تہ ڏٺم
آتم
آزادي .

□ استاد بخاري

ٽڪنڊيون (ٽيڙو)

- ڪنڊ ـ ڪير ۾ ڪجهه پاٽي،
تنقيد سڪي آهي —
تعريف، گلاهاٽي.

- تو طرز وٺي ئي ڪا!
هر شعر ۾ پوپٽڙا،
هر بند ۾ رانديڪا.

- دل، خوار آ بازر ۾.
تون ديد لڪائين ٿو،
ديوار جي چادر ۾.

- ڇو واڇون ٽيڙين ٿو؟
ٿو ڪات مٿان ڪڙڪڻي،
تہ ٻہ ڇيرون ڇيڙين ٿو!

- هٿ گيت رکو ريهون
”هو شعر تہ ٻڌ هن جو،
تتلين جون تشبيهون.“

- ڇُهڇن تہ ڇيڙي ٻوٽا.
جذبات زماني جا،
چرچن ۾ ڇيڙي پوٽا.

- اوٿر ڪي تري ڏين ٿو!
لرزي ٿو لڪين خود ۾،
دنيا ڪان دري ڏين ٿو.

- سڪ، ساهہ آ ڏوري ۾.
تون هانءُ ڪي لوڏين ٿو،
گيتن جي هندوري ۾.

- هو ڪڙيون رڳڙي پيو.
هي گهر جي لوڙهي تان،
پنيوريون پڪڙي پيو.

- ڇڏ پنپٽ ڪي پائيي.
آ، ڏيهہ سچو ڏياري،
ڪڻ تيليون چٽنگائيي!

□ سروپ چندر شاد

ٽه - سٽا

- منهنجا ٽه - سٽا ؛
ڏارولا بدي جا ،
ٽر تي چڻ وٽا .

- آهو آهه ڪويراج ؛
ماڻهو موضوع جنهن جا ،
۽ سڃاڻ ، سماج .

- موکي ڪوليا مٽ؛
متارا وڃي ٿيا،
ٿري تي ڳاهٽ .

- پٽن تي پونگا؛
چڻ مارونڙا هيسيل ،
ٻوڙا ۽ گونگا .

- پالهي پارڪر ؛
تو سواء ، روپلا ،
ڪوجهو ڪارونجهر .

- توکان نانگ پڇان،
ماڻهون ڪان ٻري رهي ،
آنڌ زهر ڪتان!

- ڪوئي نه ڳنهي سچ :
ڪولي در دڪان جو ،
سچو چوي : ” اچ “ .

- پکي ٻين ڪشن ؛
گوبين ڪي آ موهيو ،
ٻنسي جي چن نن .

- مري ٿو پکوان ؛
ڏرم - ڏوڙ مٺڪ تي ملي ،
اياڻو انسان .

- ٻڙهي چارڻي ويد ،
مورک، تو نه ٻاتو ،
اڃا من جو ڀيد .

- آڏيءَ ويل آڪاش ،
ڪم سم ڪوڙهي سوچ ۾ ،
ڪوي ڪاليداس .

- لهو لهو لبنان ؛
جبر آهي جيئرو ،
مري پيو انسان .

- گوتم ، توڙ ڏيان ،
روئي آ راضي ٿي ،
ڪهڙو گهرجي گيان؟

- پيو ڇا آ ڌرم؟
سچائي سان پيو ڪريان ،
هر دم پنهنجو ڪم .

- سامي ، جوانءَ سچ ؛
موهہ بنان سنسار هي ،
ڪوڙو آهي ڪچ .

- ڀڪي ٿي ڀاڄهر ؛
ايشور جڻ درشن ڏنو ،
ساجهر ٿي ساجهر .

- ڪهڙي هيءَ شادي؟
ٻوڙهاپڻ ڪري ويو
ٻچپن سان تعدي .

- اڪيون ۾ ڪيڏ ڪانءُ ،
بي وفا پرينءَ ڪيي ،
جيئڻ نہ ڏسان آنءُ .

- منيءَ جا احسان ؛
ساڄهہ سرت پيدا ڪئي ،
جوڙيا جنهن انسان .

- جيئڻ آهہ جهاد ؛
هڪڙي پاسي هرڻاڪسپ ،
ٻئي پاسي ، پرهلاد .

- وري ٿيو نيلام ؛
ويو خريدي چند ڪي ،
واپاري بدنام .

- سندرتا ۽ پيار ؛
منيءَ جي مهڪار سان ،
جڳ جا سڀ جنسار .

- اِهي وِنشائون ؛
ڪامي- من جون اٿپوريون
آهن تمنائون .

- ڪونہ ڪپي نرواڻ ؛
ماڻهو ڪان منهن موڙيان ،
آخر ڇاجي ڪاڻ؟

- تو بن هي جيون ؛
ڪروڪيتر- ميدان ۾ ،
اڪيلو ارجن .

□ نثار بزمي

ڳولا (نظم)

مان پاڻ کي ٿو ڳوليان
آهيان يا ڪو نه آهيان
ڪنهن ڪان پڇان ته ڪاٿي منهنجو وجود آهي
تارن جي روشنيءَ ۾
گلڙن جي تازگيءَ ۾
سنڌوءَ جي ڇولين ۾
بلبل جي لولين ۾
هر ساز جي سرن ۾
صبحن ۽ سانجهين ۾
قلمن ۾ ڪاغذن ۾
گيتن ۽ ڪافين ۾
ڪيڏارو راڳ ڳائيي
وڪ ڪي اڳي وڌائي
قبرن ۾ ليٿا پائي
لوري اندر ۾ لائي
مان پاڻ کي ٿو ڳوليان
شهرن ۽ ڳوٺڙن ۾
جبلن ۽ وادين ۾
مزدور جي پگهر ۾
مظلوم جي جگر ۾
چلهن جي ڪوسي رک ۾
ساني ڳيچي جي هينان
مان پاڻ کي ٿو ڳوليان
آهيان يا ڪو نه آهيان
ڪنهن ڪان پڇان ته ڪاٿي منهنجو وجود آهي؟

□ اڏور

غير جانبدار اديب ڏانهن . . . (نظم)

وقت ڪا تڪ پڌي ٻيهي رهي،
وڻ جي هيءَ ڇانو سڪل پن جيان،
ڪين ڇڏي، ٻيٺي هجي -
ڪنهن ڪي بندوق لڳي،
سور نہ ٿئي،
تون چوين ٿو تہ ڪاش ائين ٿئي!
جيئن تون ويٺو هجين،
ڪين اٿين -
ڪين وڙهين، رت نہ ڏين،
ننڊ ڪرين، خواب لهين،
خواب اهڙا،
جو هجي خواب ئي جڻ جو تعبير—
تون چوين ٿو تہ،
وقت تڪ پڌي ٻيهي رهي،
ڪو بہ تو ڪي نہ ڇوي،
ڪوڙ لکيو آهي تو،
تون سدا پنهنجي ئي گهر ۾ هجين،
ڇو راتيون رلين،

چنڊ سان، ڇاهہ سان،
۽ جوين سان،
تون چوين ٿو تہ،
تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟
پيل تہ بيروت سڙي رڪ ٿئي،
ڪنهن جو تائلينڊ بچي يا نہ هجي،
آءُ ڇو ڳالهہ ٻڌان ڏاري ڪا،
آءُ ڇو پاڻ تي ڪنهن سوچ ڇا،
ليڪا پايان،
آءُ تہ اڄ ننڊ ڪرڻ ٿو چاهيان -
ننڊ ۾ خواب ڏسڻ ٿو چاهيان -
خواب اهڙا،
جو هجي خواب ئي جڻ جو تعبير -
تون چوين ٿو تہ خواب سچ هجن،
وقت ڪا تڪ پڌي ٻيهي رهي،
۽ واچ لاهي ٿو ڦيرائين ويٺو،

□ آڌم ناٿڻ شاهي

غزل

هيٺا هڏ، لڳن ٿا ڏکڻي،
پوهه-پوڻ پيي اڄ هٿي پوٽي.

پار ٻڪارا جوهه ڪني ٿا،
جلد رجهي پٽ، پٽڙي ڪچٽي.

تتل تتي تي ماني ڪاٽي،
چپو چمٽو، تتل تقٽي.

چنڊ-مٽڪين جا چپ ڪري ويا،
ڪاٽي ڪاٽي مرچن-چٽي،

ڏن گهي ويا ديو بمن جا،
خوشحاليءَ جي دعوا سڪٽي.

سو آئين ٿي سڏڪا سڏڪا،
سونهن آهائي سڪٻي سڪٽي.

ڪاش! هجان ها ڪيمياگر مان،
لعل هجي ها منهنجي لڪٽي.

ٻاڪ-نياڳو، ٻوت-پيانڪ،
دولت-ديوي، ناتر-نچٽي.

جاٽي تيل-قليل نه آڌم!
تاٽي ناهي ڪيري تڪٽي.

□ مير محمد پيرزادو

نظم

ان هوندي بي چين رهان ٿو؟!
توکي ڪيئن سمجهايان سڀ ڪجهه،
واقعي، آءٌ بي چين رهان ٿو!

پيرو پٽ تي هوندي ته سڄاتم،
مينديءَ گل پر ان تي ڪونهن؛
آن سان گڏجا مهڪ اچي ها،
سواس سڳند يا، سي ڪونهن.
ساهن جا آواز اچن ٿا،
پر سا خوشبوءِ جو نه اچي ٿي؛
ايڏو ويجهو هوندي ٻيي پوءِ،
پوري آئت ڪونه اچي ٿي.
سوچن ۾ آ ساڻ پلي پر،
ساهن جي سرهاڻ ڪٿي آ؛
ياد سنديس سان ڀڪيل آهيان،
پر هوءَ پنهنجو پاڻ ڪٿي آ.
خيال ته آهي خيال آنهيءَ ڪي،
عقل، حقيقت ڪين مڃي ٿو؛
جسم نه آهي جيسين پرسان،
ٻول، عقل سڀ ٻرم ٻڃي ٿو!
جذبن جي جهونجهاڙ سهان ٿو-
توکي ڪيئن سمجهايان سڀ ڪجهه،
واقعي آءٌ بي چين رهان ٿو!
واقعي آءٌ بي چين رهان ٿو!!

□ اياز گل

غزل

چاهت کان انڪاري ماڻهو،
جذبن تي بيماري ماڻهو.

سڀ تو جهڙا ٿي سگهندا ڪو؟
دردن ۾ دلداري ماڻهو.

آءُ اڳي جيان هيڪل وياڪل،
تنهنجي ها ڇوڏاري ماڻهو.

ديس ۾ وڪڻي ايندا آهن،
اهڙا پيي واپاري ماڻهو.

دولت ۽ طاقت جا حامي،
ڏوڙ، مٽي ۽ واري ماڻهو.

هر ڪنهن دور ۾ چمندا آهن،
باغي ۽ درٻاري ماڻهو.

ڪهڙو سچ چئي سگهندا سي؟
پاڻ تہ هئون سرڪاري ماڻهو.

□ ادل سومرو

غزل

ڌرتي! تو لئہ سڀ وفائون،
تنهنجا گيت لکان ٿو آئون.

پيار - پناهہ جڏهن مون چاهي،
تنهنجو مون کي ڏس ڏنائون.

ماڏو پيلي وٺ سنڌوءَ جون،
مون کي موهي ويون ادائون.

لوهي سيخن پويان ٻڌجن،
ساجن! تنهنجون روز صدائون.

ٻن ٻن پتڪيون مون سان گڏ،
جوڳڻ جان رولاڪ هوائون.

تنهنجي محبت چانو ۾ مون ڪيان،
وسري ويون جڳ - جفائون.

تنهنجا ڪرڙ، ڪانڊيرا ڪٻر،
منهنجي دردن لاءِ دوائون.

ديس مٽي جون ڏنيون نديون،
منهنجون آهن محبوبائون.

◻ نياز پنهور

نظم

تو چوائي مڪو آ
نہ تو سان ملان
نہ تنهنجو مان نالو بہ دل ۾ وٺان
(ڀوءِ چاهي جيئان مان يا چاهي مران!)
تو چوائي مڪو آ

تون چائين ٿي
جيون جو هيڏو سفر
مون اڪيلوئي شيشن آين تي آهي ڪٽيو
اگر ڪو بہ رستي تي مون سان مليو
گهڙيءَ پل لاءِ مليو ۽ وڇڙي ويو
(اهوئي تہ ساروئي آهي تصو)

مان اگر توکي پل اڌ لاءِ خوش ٿو لڳان
تہ منهنجي سٽي آئون تو سان ملي
خدا جو قسم چڻ تہ جي ٿو پوان
(تڏهن دل ٿي چاهي تہ توسان ملان)

تون چائين تہ ٿي

پوءِ ٻه هائي وري
چو چوائي مڪو ٿئي ته اڳتي ڪڏهن
نه تو سان ملان نه ٿي نالو وٺان
پوءِ پلي مان اڪيلو ٿي گم ٿي وڃان
(دلين تان صفا مٽجي وڃان)
مون کي شڪ آهي ته تنهنجي ٻه دل ۾
منهنجي پيار جي چٽنگ اجهندي وڃي پئي
۽ شايد
~~منهنجن سارن گيتن ۾ لفظن جي~~
قيمت تنهنجي آڏو گهٽبي وڃي پئي
(منهنجي آس هرڪائي ٽٽندي وڃي پئي)

توکي هرڪا موڪل توکي هر اجازت
تون چاهين وسارين
نه سارين اسان کي
وڃان مان اگر پلي گم ٿي دنيا ۾ سانئڻ
مرضي، آ تنهنجي پڪارين اسان کي
يا ڌڪارين اسان کي
مگر منهنجي دنيا جي واحد تمنا
مان تو سان ملڻ کان سواءِ ڪيئن رهندس
(پلا تون ٿي پڌاءِ مان جيئي نه سگهندس)

اڳيان تنهنجي مرضي
اڳيان راز تنهنجو
تو کان سواءِ اڪيلو ٿي پوندو
(ڪلي ڪو نه سگهندو نه مرڪي ٿي سگهندو)
ڪڏهن نياز تنهنجو

□ ارشاد ساگر

غزل

منهنجا سڀ ڪٽائي ويئي آن
پنهنجا ٻج ٻچائي ويئي آن

ساروٽين جو سونُ ڳهاري
منهنجي من ۾ نائي ويئي آن

ماٺيءَ ٻن ماٺهو اٽپورو
ڪيڏو پاڻ پڏائي ويئي آن

دل جي ڪورين ديوارن تي
ڇهڪ - چتر ڇهٽائي ويئي آن

ڦوٽهڙي جون ڦلڙيون ميڙي
پيلا پن رهائي ويئي آن

ڪنواري ڪوتا جهڙي ڪايا
سوچن سان سرچائي ويئي آن

اڄ ۾ ويٺو آڪر ريجاڙيان
سانيڪا ۾ سڪائي ويئي آن

ڏانگيءَ ڏنگ تان چينبيل ڳرڙي
ساگر ۾ اڇلائي ويئي آن

□ سائينداد ساند

غزل

01. ڳاڙهو جوڙو پاتل هوندو،
ڪرندو جنهن تي ڪاجل هوندو.

02. گم سم گم سم ويٺي هوندي،
ڪنڌ ڪلهي سان لاتل هوندو.

03. هڏڪي هوندي ڀرڻيءَ وانگي،
برسي پيو جو بادل هوندو.

04. تورو جتي هوءَ ترسي هوندي،
پاڙو ئي سو پاڳل هوندو.

05. هن جي هٿ ۾ ڪا ڳر هوندو،
تورو تورو قاتل هوندو.

□ حسن درس

آرٽ گئلري (نظم)

سانوري شام جو
لهندڙ سج جي
شفق ۾ لالائي
گيت جي گونج ۾
حُسن ڪدي جي ڏاري تي
وڪريل واءَ جي سيٽي.

سراپا حُسن ۾
چوڙيلين ٻانهن ۾
هنيلن نيڻن ۾
غضب جون منڪريون ۽ خم.

سنجها جي هلڪن پاڇن ۾
ڏنڊلڪن ڏنڊلڪن چهرن
ارم جي عاشقن تي
ڇانيل ڪئين لڙائيل غم.
پيا ڪن جي سرورن ۾
حسينن جي غرورن ۾
بدن جي رابيلن تي
جسم جي لرزشن ۾
مسلسل مسلسل موجود
حق موجود سدا موجود:
ٻانهن جي گهيرن ۾ .
صليبن جي هٿن
پريل پاڪرن ٽياسن
مرڪن ڪان ڪسيا ماٽا
ٽهڪن ڪان ڦريون شوخيون
شرابن جي شبيهه

چپن جي هن ڪنڌيءَ تائين
اکين جي پلٽندڙ سنڌو
سرمد جي سرقد تي
رتايل سج جا ڪرڻا
زخمي چنڊ جون آهون
قاتل هٿ خنجر ۽ .
قاتل ٻرڇيون ٻانهون.

جبر جا ڪارا پاڇا
دارا دوُر جون ڏانهون
سنجها جا سُر
رات جا راڳ
پرهه جا پنل پنل تان
پنيرڪي جا ترنم
راڳيءَ جي لڙڪن ۾
نڙ گهٽ ۾ وڻيا وڪري
سبيل چپن جي ٻدلي
گيڙو چهري تي پٽر
تنبوري جي ٽٽل عضون
اهنسا ۽ تصوف
مقتل تي ڪيو ماتم.

گلن تي لڙڪ ڳاڙها
سوين چهرا چٽر
رنگن جي هوليءَ تي
مصور جو وڏيل ڳاٽو
اڏيءَ جي ڪئنواس تي.

□ عزيز مهراڻوي

نئون سج منهنجي منزل (نظم)

توتي مون شعر لکيا، صحيفا لکيا
۽ ڪتاب لکيا،
تنهنجي مبهم ڪردار کي مون مڪمل ڪيو.
اڄ منهنجا شعر تنهنجي سڃاڻپ آهن،
۽ تون منهنجن شعرن جي شناخت آهين.
هاڻي اچ منهنجو ساٿ ڏي ۽ مون کي
منزل تي پهچاءِ.
يا پوءِ واپس وڃ ۽ وڃي ڪتابن ۾
پنهنجي لاءِ جڳهه پيدا ڪر
۽ اها اميد پلي ڇڏ ته
آئون ڪو وري تو وٽ ايندس
۽ اچي توکي پنهنجا شعر سڻائيندس
منهنجي منزل!
واريءَ جي ڪنار تان نڪرندڙ نئون سج
منهنجي منزل آهي.

□ محمد علي پٺاڻ

اجنبي ڪوس گهرن ڏانهن... (نظم)

چاليهن مال گاڏن ڪي هيءَ اڏ مئل/اڌ جيئري انجڻ،
ڪنجهندي - ڪرڪندي گهليندي پئي وڃي...
موسمن ۽ هوائن ڪڏهن ڪڏهن
هن جي اندر جي سسٽم کي بگاڙي،
سندس پيدائشي ۽ رحم جوڳي ڪيفيت تي،
پنهنجين سمورين بدمعاشين ۽ حرامپاين جي،
زهريلن اوزارن سان وڏا وڏا وار ڪري،
بي هنگم ٿڪ ڏئي ويندڙيون آهن...
مال گاڏا (جن ۾ ڪڏهن ڪجهه پيو پريل هو) هاڻي
بيمار جانورن سان ستيل آهن...
۽ اهي بيمار جانور،
(جن جو پنهنجن ڪيلن تي لاعلاج ٿي مرڻ؛
سندن مالڪن جي فائدي ۾ نه هو)

مختلف اسٽيشنن تي لهندا
۽ اجنبي ڪوس گهرن ڏانهن آسهندا . . .
ڪوس گهر،
جتي سنڌن بيمار وجودن تي کهل ڪاٺي،
ڪوئي پڻ ڪاسائي ڪاتي ڪونہ ڦٽي ڪندو
هر شيءِ حلال ٿي ويندي . . .
پوءِ آهو گوشت،
(جنهن ۾ لا علاج مرض جا جيوڙا چنبڙيل هوندا . . .)
بيمار گهرن جا بيمار ماڻهو،
خريد ڪري وٺي ويندا
۽ پروٽين حاصل ڪرڻ بجاءِ،
بيماريءَ جا پوائنٽا پوت پنهنجن وجودن سان چنبڙائي،
دنيا جي بيشمار ڪٽنبن ڏانهن علاج لاءِ ڊوڙندا . . .
۽ لا علاجيءَ جا بورڊ پنهنجين پيشانين تي ٽنگي،
اهي سڀ اجنبي شهرن جي،
ڪوس گهرن ۾ ڪٺا ويندا . . .
زخميل اکيون، جنهن شيءِ کي ضايع ڪرڻ لاءِ،
چڙيون هٽي رهيون آهن
مان ان کي ضايع ڪرڻ جي حق ۾ قطعي ناهيان
ڇاڪاڻ تہ جنهن شيءِ کي،
انڌا ڌنڌ ضايع ڪيو آهي،
آن منهنجي اکين مان روشنيءَ جا اڌ ڪرڻا،
قبرن جي گود ۾ سمهاري ڇڏيا آهن
۽ باقي بچيل اڌ ڪرڻا،
جيڪي اڌ ـ مئل/اڌ ـ جيئري انجڻ سان،
نپائڻ لاءِ سون وٽ بچيل آهن

آءُ انهن کي اينڊڙ پلن جي آڳ ۾،
رڪ ڪرڻ نه ٿو چاهيان
موسمن ۽ هوائن کي ڳجها وار ڪري وڃن،
ان ڪان اڳ ۾، آءُ اُن شهر جي ويران اڱڻ واري
ڪوس گهر ۾ پهچڻ ٿو چاهيان؛
جتي منهنجي ۽ منهنجن پارڙن جي،
آئورَ پوريل آهي...
(۽ جتي منهنجي اکين جا اڌ - ڪرٽا ستل آهن...)
پڳل شيشي واريءَ دريءَ مان،
آءُ اڌ - ويڙل اکين سان ٻاهر نهاريان ٿو
ٻهاڙن جيءَ پٽين تي واهوندڻ جا رنگ رچي رهيا آهن...
اگهاڙن وڻن جي ٽارين کي
مختلف رنگن جون ساڙهيون پهريل آهن...
اوچتو اکين ۾ اڌ - مئل/اڌ - جيئري انجڻ جو،
ڊونڊ - پريل دونهون پرجي ٿو وڃي
۽ ناسن ۾ لڪيل ڊپ - هاٿن لاشن جو،
احساس اپري ٿو اچي
اکيان ۽ پنيان پرجي ويل انڌڪار جي وچ ۾
مان ڪنهن مري ويل سمرتي جو ڏيئو ڳولي رهيو آهيان...
هر سيرَ توڙ ڪوشش ڪان پوءِ به ڪجهه پلئه نه پوڻ تي،
انجڻ کي منهنجن هيٺن هڏن،
بريڪ هڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.....
پر اڌ - مئل/اڌ جيئري انجڻ بيهڻ نه ٿي چاهي....
ان ڪري جو چاليهن سال ڳاڏن ۾ ستيل بيمار جانور،
مقرر وقتن تي اجنبي اسٽيشنن تي لهندا
۽ اچاتل ڪوس گهرن ڏانهن آسهندا.....!

□ ستار

ٻڌو (نظم)

منهنجو ڏس پڇين ٿو آسر
منهنجو ڪوئي گهر نہ آهي
منهنجو ڪوئي در نہ آهي
منهنجو ڪوئي ٽوٽي ورو
چانءُ ڇپر نہ آهي
منهنجو ساري دنيا اندر
مٽ نہ ڪوئي مائٽ
منهنجي آڏو ڪوئي رشتو
پيوتر اپيوتر ناهي
منهنجي ماتا
ڌرتي ماتا
ڏک نہ ڪوئي ڏيندي آهي
۽ ٻيا سڀ رشتا
ڪچا رشتا
تن سان منهنجي
ليچ نہ آهي ليهہ نہ آهي
منهنجي خاطر ڌرتي ساري
هنڌ وڇاڻو آهي

فوٽ پاٿن تي بہ نڪاڻو ناهي
هي جڳ مڳ جڳ مڳ
تارن پريل اڀ ڏسين ٿو
چانءُ ڇپر پانئہ
۽ ساري دنيا جي اندر
مظلومن جا
جاتي ٻيي ميڙا هوندا
منهنجا رشتا تن ٻيڙا هوندا
منهنجو ڪوئي ڏس نہ آهي
۽ تنهنجو ڪوئي وس نہ آهي
مون ڪي ڪاٽي ڳوليندين
ساري ڌرتي ڦولهيندين
پوءِ بہ نہ لهندين
جاتي ڪوئي سهڄ ٻڌين
۽ ڪوڙ جي پويان ڪات ٻڌين
تنهن ويڙهي ۾ مان
هوندس هوندس پڪ چوان

□ اڪبر سومرو

۽ جڏهن سياڪي ۾ وڃين! (نظم)

مون کي هاڻ ناليو وڃي،
ڪڏهن به نه سڏجان،
ڪڏهن به نه پڪارجان.
۽ جڏهن،
ساهيڙين سان شام جو چانور چونڊڻ ويهين،
ڪنهن شاديءَ ۾ وڃڻ لاءِ ڪجهه ڳنا پائي لاهين،
ڪنهن سياڪي ۾ وڃين،
پراڻي پرس ۾ رکيل منهنجو فوٽو ڏسين،
خدا اڳيان عبادت لاءِ اکيون پورين،
ته مون کي نه سنڀارجان.
هاڻ جڏهن،
تو جدائيءَ جو داغ ڏنو ٿي آهي،
بيوفائيءَ جو ناتو نباهيو ٿي آهي،
ته جڏهن من تي ڳيري جيان ڪا ڏک جي رات لهي،
مون لئه ڪو لڙڪ به نه هارجان،
جو ته هاڻ آءٌ به توسان سدا لاءِ بيوفائي ڪندي،
ڪنهن ٻئي در تي هليو ٿو وڃان،
مون کي هاڻ ناليو وڃي،
ڪڏهن به نه سڏجان،
ڪڏهن به نه پڪارجان.

ڪارنيوال (نظم)

موسمون،
گل ۽ گاهه رنگ سڳند
نيرو آڪاش ٽمڪندڙ تيڙو
سرءُ جا رنگ بهارون
سمونڊ جون ڇوليون
تنهنجيون اکيون ۽ انهن جي دنيا
من جي مٽيا ۽ خدا جو جلوو
منهنجي سرير ۾ جڻ ڪوئي ڪارنيوال
۽ مان ڪو ٽڪڙو ٻار
حيرت ۾ سڀڪجهه ڏسندڙ
وائڙن جان!

سراج جوکيو

نظم

توکي ياد ڪرڻ جي مند
ڪا خاص هجي ته به ڇڻجي
ياد
هردم هرويل
روح کي ايتري ويجهو
جيتري گل کي خوشبو
ڪا ويل آڏاري ڏي مون کي
جنهن دم مان پنهنجو هجان
روح جي ڪنهن به ڳُڙڪيءَ مان
ڪوبه اندر گهڙي نه سگهي
دل جي ڪنهن به ڪنڊ ۾
ڪوبه رهي نه سگهي
ڪوبه نه
تون به نه

منظر (نظم)

محبتون مون کان رسي،
مائونٽ ايورسٽ جي
چوٽيءَ تي وڃي ويٺيون آهن
مان بدصورت نفرتون گڏ ڪندي
ڪوجهو ٿي پيو آهيان
مون ڏي نهار، ائين منهن نه ڦير
اي قربتن جا ڪوهه پيما
مون لئه چاهتون ڪٺي موٽ
مون کي سهڻو ڪر

عزيز گوپانگ

وصل جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ ... (نظم)

وصل جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾
سِڻيون موڪلڻ سنيهن ۾
در ڏيڏيءَ پويان لڪي
مون کي ايندو ڏسي
مون کي ويندو ڏسي
پوندي هئي ڏِڙڪي
هوءَ جا هڪ ڇوڪري، ڇڻ مکڙي
۽ اچانڪ
در ڏيڏيءَ پويان هٽي چڪي
خط ڇڻ سپ لکي چڪي
پيار ڇڻ هو ڪري چڪي
مکڙي گل ٿي چڪي
مون کان اوجهل ٿي چڪي

□ بينا بيدل مسرور

هو نہ ٿا چاڙن (نظم)

سان چاٽان ٿي
هو
منهنجي ننيڙي وجود کي
زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيندا
ديوار ۾ جيئرو پوري ڇڏيندا
پر
هنُو اهو نہ ٿا ڄاڻن
تہ منهنجي سوچ
پوءِ بہ آزاد هوندي .

چريو

ماڻهو مون کي چريو سڏڻ لڳا آهن
جو مان
رُئندڙن کي ڏسي چپ ٿي وڃان ٿي
لڪندڙن کي ڏسيو روئي پوان ٿي

جبلن جي وچ ۾

چوطرف جبل ئي جبل بيٺا آهن
۽ مان انهن جي وچ ۾
چپ پيڪوڙي بيٺي آهيان
مان رڙ بہ ڪري نہ ٿي سگهان
جو مون کي خبر آهي
تہ منهنجي رڙ بہ
پڙاڏو بڻجي مون وٽ ئي موٽي ايندي .

پڌل رهڻ جو نتيجو

مون کي جيڪي زنجير پڌل آهن
مان تن کان آزاد ٿي سگهان ٿو .
اهي ايترا تہ زنگجي ويا آهن
هڪڙيءَ سٽ سان ٽوڙي بہ سگهان ٿو
پر مان چاهيان ئي ڪين ٿو
جو اصلي ۾ —
سان گهڻو عرصو زنجيرن ۾ جڪڙيل
رهڻ سبب عادي ٿي ويو آهيان .

□ بشير سيتائي

غزل

نيڻن جا شڪوا ۽ گلائون، مان هي سڀ ڪجهه سمجهان ٿو.
چاهت ٻاريون تو ۾ چتائون، مان هي سڀ ڪجهه سمجهان ٿو.

الڪن ۾ ٿي الجهيل آهيان، اچين ٿو جيڪا وات وٺي،
پڪڙيل تنهن تي ڪوڙ ٻلائون، مان هي سڀ ڪجهه سمجهان ٿو.

پنبڻن پويان لڙڪ لڪائي مون کي چوين ٿو ”ڪجهه ناهي“،
سڏڪن ٿيون مجبور وفائون، مان هي سڀ ڪجهه سمجهان ٿو.

دل جي ڌرتي ٻاڻي سان سيراب نه ٿيندي آ سپرين،
گهورين ٿيون گهنگهور گهٽائون، مان هي سڀ ڪجهه سمجهان ٿو.

تو مون پنهنجي جيون خاطر دل جا ديپ جلايا آهن،
ڇو ٿيون ڪن هي شور هوائون، مان هي سڀ ڪجهه سمجهان ٿو.

سچ چڙهيو آ سوري تي، هر دور جي ٿي تاريخ چوي،
تنهنجي شهر ۾ منهنجون پڇائون، مان هي سڀ ڪجهه سمجهان ٿو.

انساني احساس جا قاتل، سچن جذبن جا دشمن،
تن سان ڪهڙيون قرب ڪٿائون، مان هي سڀ ڪجهه سمجهان ٿو.

سهڻا سهڻا سپنا آهن منهنجي نيڻن منجهه بشير
غير جون آهن ڪئين رٿائون، مان هي سڀ ڪجهه سمجهان ٿو.

□ محمد عثمان ميمڻ

غزل

تو سوا دوست هاڻ جي وڃبو.
هي جدائي جو زهر پي وڃبو.

وقت جي سانچي ۾ ٺهڪي وڃبو.
سمنڊ ۾ ٿي ڦڙو ملي وڃبو.

شهر ساري کي روشني ڏيئي،
هڪڙي ڪن لئه سهي، ٻري وڃبو.

هڪڙي هٿ ڪات ٻئي قلم ڪٺبو،
ڳاڙهي رت ساڻ ڪجهه لکي وڃبو.

ڪو وڏو گوڙ ڪبو، شور ڪبو،
ائين چپ چاپ ڪو مري وڃبو.

تنهنجو عثمان نيٺ شاعر آ،
ويندي ويندي به ڪجهه چئي وڃبو.

□ علي نواز ڦل

غزل

وساري ڇڏيو تو تہ، ڇا ياد ڪريون،
محبت جون وٿيون، ڪٿان يار پريون! ؟

اڃن ڇو پلا هو جي، اڃئا ئي ناهن،
نهاري هي ٽڪيون، اکيون ڳوپ چريون،

نڪو چنگ چرندا، نڪو سر پرندا،
ڪٿي ڏس تہ اچليون، اداسين جون پريون؟!

رڳو دل جي آنت تي، ڳوليان پيو تو،
جسم پيو آڪڙ جئي، وڪون سي بہ ڍريون!

نڪو امن ٻاهر نڪو چين گهر ۾،
هراسن ۾ هيءَ هيءَ دليون يار ڏريون!

وڏي آهه ويڌن پٽائيءَ جي پونءِ تي،
نہ ڳالهيون ڪجن ٿيون، نہ مٿي ۽ ڪچهريون.

☐ ذوالفقار هاليپوٽو

نظم

ڪورن ڪاڳرن تي لفظ ائين روشن آهن
جيئن ڪرسمس جون مٺ ٽيون جرڪنديون آهن
سڄ سڄي ڪوڙي دنيا کي
ائين تڪي رهيو آهي
جيئن چريا سمنڊن جي پار چنڊ ڏانهن تڪيندا آهن
تنهنجي چانهه جي رنگ جهڙين
اکين جي تلاش ۾
مان!
واقعن، جاين، چهرن ۽ نمبرن ۾
گم ٿي ويو آهيان
۽ وقت جو ڪوريئڙو هر پل
منهنجي چهري تي جار اُٽي رهيو آهي.
ڄڻ چِٽ رُت ۾
جدائي جو هيڊو رنگ
وڻ ويڙهي جيان
منهنجي من کي وڪوڙيندو ٿو رهي
تنهنجون چانهه جي رنگ جهڙيون اکيون
اڌي موسيقار جو خواب آهن ۽
تنهنجو منهنجو رشتو
نيرين، ڪارين، ناسين ۽ ڀورين
اکين جي مائڪين ڪان ٻه وڌ
نازڪ ۽ حسين آهي

☐ ارشاد شيخ

غزل

لاتَ آجهاڻل، چوڏس انڌيرو
آهه، ائين جڻ، قاتلُ ڦيرو.

بندوق چرا ماريءَ هٿَ ۾،
خالي آ پترَ، پکيءَ آ ڪيرو.

چنڊ لهي وَيو، سُورج آ نڪتو
تون ڇو آيو آهين اويرو؟

ڏک جون واٽون جاڏي تاڏي،
سک جو ڪوئي ڪونهي پيرو.

چهرا سين جا مرڪندڙ ارشاد،
من پر آهي سَپَ جو ميرو.

□ نازڪ

پنجڪڙا

غريب جو گهر ڊهي ويو
اميرن جا اُت محل اڏيا
اباڻا ڪک مسڪين ڇڏيا
سور سانگي سهي ويو
غريب جو گهر ڊهي ويو

هلو هلندا چوي جيئڻ دل
مٺائيو يارو اهي ويڇا
رکي پنهنجا جيئرا جذبا
۽ ماڻيون قربت جي منزل
هلو هلندا چوي جيئڻ دل

آ تنهنجي هٿ جي ڳوري تري
۽ ان تي ڦهليل ريکائون
سنهري زلفن جون ڇانئون
مان ويٺس تنهنجي پر ۾ سري
آ تنهنجي هٿ جي ڳوري تري

ڪريون ٿا پاڻ، چئون ٿا پاڳ
گذاريون اهڙي چڪر ۾
نه ڀوندي جان آ پٿر ۾
نه ويهڻ سان ملي ٿو ماڳ
ڪريون ٿا پاڻ، چئون ٿا پاڳ

نہ نيڻن مان تون گهوڙها ڳاڙ
مسئلن جا هي ناهن حل
عمل سان ملندا آهن ڦل
نہ سوچ سان سينو ايڏو ساڙ
نہ نيڻن مان تون گهوڙها ڳاڙ

پا گهل پايون زنجير ۾ جڪڙيل
غلامي جا زيور ڦٽا ڪيو
اوچي پنهنجي صدا ڪيو
اٿي ڇڏايو پنهنجا بازو پڪڙيل
پا گهل پايون زنجير ۾ جڪڙيل

ٻڌيو آ ڪو ڪو هت انسان
پريل آ دوکي ساڻ دهر
ٽيو آ سچ ۾ ڪوڙو زهر
هلن پيا چڻ تہ هتي حيوان
ٻڌيو آ ڪو ڪو هت انسان

ڀٽائي جو رسالو پڙهان پيو
لطيف وينو آچڻ نہ هنجي سامهون
ڳائي ڀٽائي پيو پنهنجون وايون
سندس لفظن جي گهرائي ڇهان پيو
ڀٽائي جو رسالو پڙهان پيو

او! سندري ڪنيا منهن ڏوئي
اسان ڪي ايڏو مست ٻڌائي
۽ واٽهڙو ڪي پيلائي
پکيڙئي سيني تي لوئي
او! سندري ڪنيا منهن ڏوئي

لطيف من ۾ وسندو رهي ٿو
لطيف منهنجي سر جو سائين
جنهن جا چپن تي بيت سدائين
پيار جو سنگيت رچندو رهي ٿو
لطيف من ۾ وسندو رهي ٿو

اٿئہ هي لفظ پنهنجو سرمايو
اٿئہ هي لفظ سڄڻ دولت
اٿئہ هي لفظ وڏي چاهت
اٿئہ هي لفظ تنهن ۾ سايو
اٿئہ هي لفظ پنهنجو سرمايو

هي خالي ڪاڪ جهڙو جيون
آ جنهن ۾ موت جهڙي ماٺ
خوشين جي جنهن ۾ آهي اڻاٺ
وياڪل وياڪل هر ڪنهن من
هي خالي ڪاڪ جهڙو جيون

□ زيب سنڌي

غزل

هڪڙو سانوري رنگت وارو
موهي ويو چهرو ڪو پيارو

هوءَ جو نڪري لان ۾ آئي
ويو بدلجي سڄو نظارو

گورن ٻانهن ڪي ماريو
هن جو ڏوهه نه آهي ڪارو

شعر گهمن ٿا رستن تي
پويان تن جي ڪو مون پارو

مون ڪي ڪيڏا سڏ ڪري ٿو
هن جي گهر جو سندر چارو

هو ۽ مون جيئن گهاري پيو
چنڊ جي پرسان تنها تارو

ملي ٿيو احساس آ ڪنهن سان
بدن ٿئي ٿو خوشبو سارو

پڪ ته ڏاڍو سهڻو هوندو
فون تي هڻو ڳالهائڻ وارو

□ واجد

غزل

آ سموري عمر انئين گذري وئي.
چڻ ته ڪوئل ڪا ڪوڪي ۽ آڏري وئي.

ڪنهن ڪي شايد هجي ياد منهنجي مگر،
مون ڪان ماضيءَ جي هر ياد وسري وئي.

تنهنجو چهرو ته نظرن ڪان گم ٿي ويو،
تنهنجي يادن جي مالها به وکري وئي.

ڪو ڪي واجد، زماني سٺو آهي ڇا؟
هڪ خوشي هئي ملي، سا به نظري وئي.

هاڻ سيني ۾ دل آ، نه دل جو نشان،
سا نه ڄاڻان، آ ڪيڏانهن نڪري وئي.

□ مقصود گل

چو سٽا

انسان ۽ ستارا

لالاڻ مکي آئي وري ڪنهن جي لهو جي،
رت سان پنل آهه پلا يار هوا ڇو؟
آڪاش تي گڏجي ٿا ڳڌارن هي ستارا،
انسان جو انسان تي هي ڏاڍ روا ڇو؟

ايمان فروشي

بس پنهنجي انا لاءِ ڪري جبر عزيزو،
انسان جي عظمت کي گهٽايو تو وجي پيو.
مفتي ٻه ڪري ٿو پيو ايمان فروشي،
قرآن جو مفهوم مٽايو تو وجي پيو.

مسافر

هت ڏاڍ ڏسر دل کي پريشان ڪيو آ،
انسان کي معذور ۽ مجبور ڏسان ٿو.
رهبر ٻه ڏنو سات آ رهزن جو عزيزو،
منزل کان مسافر کي گهڻو دور ڏسان ٿو.

عظمت ۽ محنت

عظمتون محنت جي در جون داسيون،
عزم ٿيا اهڃاڻ آهن مان جا،
پيار پورهئي سان ڪري جڏهن ته پوءِ
پيير عظمت تي چمي انسان جا.

□ راهي چنا

ٽه سٽا

- اڄ اڄ ته ڳايون،
چڙهي ڪارونجهر چوٽ،
ڪنڌيءَ ڪُوڪ پڇايون.

- اڳيان انڌيري رات،
آءٌ اڪيلو وچ ۾،
چوڌاري هٿ هٿ ڪات.

- مون سان رک نه رس،
مان شاعر آهيان،
لڳنديئي ڏاڍي ڪس.

- سور نه سجيبي مات،
تيسين وڙهبو
جيسين رهندي ڪاري رات.

- مُشڪ تي لڙڪن لارون،
ماندي مَن ۾،
تو لئي تانگهه تنوارون.

- وٺ وڻان ۾ اڄ انسان،
اشرف المخلوقات تي،
ڏاڍا ٿهڪ ڏنا شيطان.

☐ ماڏڪ ملاح

گيت

وٺم وارا وينجهار
سگهوئي ايندو ڪر!

سرتيون منهن ڏکيو تيون توکن
ڪين رهيو تئي لڪيو لوڪن
جذبن جي آذار
سگهوئي ايندو ڪر!

لڙڪن نيڻن مان ڪيون روئيو
آءُ تہ گڏجي ٻيريون ڊوٺيون
تنڻ لڳن جي ڏار
سگهوئي ايندو ڪر!

ماني ڪاوان گرهہ ڪري تو
هڏڪيون ڏيندي هانءُ ڳري تو
پريت سندا هي پار
سگهوئي ايندو ڪر!

واهوندن ۾ سڙهہ جا ستڪا
تنهنجي اِچڻ جا اپرن آلڪا
موتان ڪايو هار
سگهوئي ايندو ڪر!

تو ري کھڙا سيندون سرما
اڄ تہ اچا ڪي اوديان ڪپڙا
ويڙهيان جيئن پوءِ وار
سگهوئي ايندو ڪر!

☐ آصف منياڏوي

غزل

ٻاهر جهولو جهڪَ لڳي ٿي
اندر گرمي ۽ پوسات

ٻاهر نڪرون لڳ سڙن ٿا
اندر اوندهہ ڪاري ڀات

تنهنجو منهنجو قومي رشتو
ڪُونہ ڪبو ڪڏهن تنهن ڪي ڪات

تنهنجا منهنجا پنهنجا ماڻهو
روڪن ٿا سي پنهنجي وات

راهہ اسان جي روڪڻ جي لئہ
ڪاٻہ نہ روڪي سگهندي آٿ

ڳاڙها ڳيرو سنڌي گهوٽ
هر پل اوچا تن جا ڳات

آصف ڪاهي آيا جيڪي
تن جا روڪيون سارا گهات

□ راجن

چار نظم

● اڪين ۾ مايوسي جو دونهون
۽ خالي ماچيس.
هڪ اتاولو
مينهن ۾ پنل ڪاٺين جي
سڪڻ جو انتظار
نه ڪري سگهيو هو.

● اسان سندس ناشتي لاءِ
صابڻ جون ٽڪيون تجويز ڪيون
پر هو ناشتي ڪان پوءِ مر اوڳاڇڻ نه
چاهيندو آهي
تنهنڪري هن ناشتي لاءِ
اسان جون چيون پسند ڪيون آهن
(هو پنهنجي ڊيڊگزي زبان جي لمبائي مان اڃا
مطمئن ناهي ٿيو)

● هڪ ماڻهو
جڏهن ڪنهن جاءِ جي
بلندي جي تعريف ڪئي
تڏهن تنهن جاءِ جي پيڙهه ۾
پيل پٿر
ٿهريان ڪليو
۽ پوءِ سڏڪا ڀري روئڻ لڳو.

● پن ڇڻ رت جي پيلي پن جا
او هڏ ڏوکي!
جڏهن بسنت رت ۾ روڙيل
ساڻي پن جو درد
محسوس ڪرڻ لڳندين
تڏهن منهنجي
شاعري به سمجهي سگهندين.

▫ قاضي منظر حيات

غزل

ڌرتيءَ گولو جلي رهيو آ
سارو لوڪ ڏسي رهيو آ

هيرا لعل ورهائڻ وارو
ڪو وڻجارو ڪسي رهيو آ

انسانيت ڪسي چچريندي
وحشي ساٿو ڪلي رهيو آ

ڪو ڪو سپنو اوجاڳن ۾
ساپيا جي لءِ رلي رهيو آ

چاهت تي سوَ پهرا آهن
زهر هوا ۾ گهلي رهيو آ

لوڪ جون ڳالهيون نفرت ٻم
آشائن گهر ڍهي رهيو آ

ظلم سبب ئي ڌرتي لرزي
عرش ۾ ان سان لڏي رهيو آ

سات ڏيڻ لءِ وقت سڏي ٿو
خطري جو گهنڊ وڄي رهيو آ

جيون آهي موت جو منظر
جيئرو لاشو هلي رهيو آ

▫ حسن مجتبيٰ

ڏيڙو

- منهنجي نيڻن نير
راويءَ ڪپ تي ڳائي ٿو
ڪو وارث شاهه جي هير

- پوپٽ ڇو نه مڙن
تنهنجا ڳل گلاب هڻن
ٿڪن منجهه تڙن

- توکي ماڻ ساريان
ڏونگر جهڙا ڏينهڙا
تو بن ڪيئن گهاريان

- مٺان ساوڻ مينهن
شال ورين او سانورا
ڏاڍا لاتيءَ ڏينهن

- تون جي آهين هيل
منهنجي راتن ۾ مٺي
رڻ ۾ چڻ رابيل

- هڪڙي سندر نار
مون کي ملهه وٺي وئي
مُرڪي وچ بازار

- چين نه ايندو مور
منهنجو من گهائي وئي
گوري تنهنجي گهور

□ امام راشدي

ٿر جا ماڻهو (نظم)

بک ۾ بيحال ڇو؟
هي ٻه هن ڌرتيءَ جا
رهواسي آهن ، گهر ڌڻي آهن
پوءِ ٻه ڇو بک ۾ پاهه؟
بنگلاديشي ڀائن لاءِ دل کولي امداد ڏيو
۽ پنهنجي ديس جا
مارئيءَ جي ملڪ جا
لطيف جي سر زمين جا
مالوندا مارو ، واجهائن ٿا .
ڪوئي نه هنن جي سار لهي ٿو .
افسوس . . . !
هي ڏتڙيل انسان ٻه
ڪنهن جي راهه نهارن ٿا .
ڪوئي ته . . . . ! ڪوئي ته . . . ! !
هنن جي ٻه سار لهي؟
هي ويچارا ٿر جا ماڻهو . . . . ! ! !

گهاڏو (نظم)

اجهايل ڇهرا بکايل پيٽ
بک وگهي روز
ڦٿڪن ٿا
هي ڪهڙو ڪلور آ ؟
زردار پنهنجا پيٽ پيري
هي ويچارا ڏتڙيل انسان
پنهنجي موت مرندا وڃن ٿا .
هي ٻه ته
ساڳي ئي خالق جا خلقيل آهن .
زندهه لاش
زندگيءَ جي گهاڻي ۾
پيڙ جن ٿا .
هي ٻه ڪا زندگي آهي ! ؟
نه زندگي نه پر گهاڻو .

□ ناگپال

هائيڪا

- جيئن اپ ۾ رولو تارو ڪو
تو سوا آهه ائين وهلور
ڪوڙئين پانيان نہ پنهنجو ڪو

- اڙيو آ سن هڪ تنهنجي وجود
اهڙو اٽڪيو ساهہ
جيئن چاترڪ * سوانتي بوند

- ڪي گهڙي ڪنا ڪين پون
سڀ ٿو بدلجي هن دنيا ۾
پرين نہ مٽجي سياڻا ائين چون

- نگر نگر رلندو رهيو پانڌيڙو
شهدادڪوٽ کان ڪراچي تائ
حياتي تہ نہ ٿي ٿيو اوسيئڙو

- آءُ، آءُ اچ يار
مانجهاندي جي ماڳ
زندگي ڏينهن ٻہ چار

- آءُ ساون وٺون پريم سواد
جواني تڙڪي ٿي پاڇو
اچ اسان وٽ سپان ڪهہ پاڳ

- چپ ٽوٽ دل جي خبر نہ چارِ
پرين وار ڪولي ڪر
ڪارونڀار جي ڪار

- مرگهہ ترشنا جيءَ چاهہ
نيڻن مارين روز
چپن ڇهي وجهہ ساهہ

□ پشپا ولڀ

زندگي مون کي سڏي رهي آهي(نظم)

منهنجي ڳوٺ ڏانهن ويندڙ رستو
سنهڙو— هڪ ماڻهوءَ جي هلڻ جيترو
ٻنين جي، وچ مان لنگهندو
منهنجي گهر ڏانهن ويندڙ پيچرو
منهنجي رستي جا ٻہ گها
هوا جي نشي ۾ ڏُت وڻ
پن ڦهلائي
مون کي پنهنجي ٻانهن ۾ وٺڻ چاهين ٿا

منهنجي بي رنگ زندگيءَ ۾
جي ڪوئي رنگ آهي
تہ
اهو سائو،
منهنجي ڳوٺ جو رنگ آهي
جيڪو شهر جي ڪارخاني جي دونهين ۾
ڪاراٽبو پيو وڃي
رات جو چمنيءَ جي ڇانوَ ۾
پنهنجي ڪوارٽر جي فرش تي ليٽندي ئي
منهنجي اکين ۾
آها ساوڪ لهي ايندي آهي
ڇڏيو مون کي وڃڻ ڏيو
منهنجي زندگي مون کي سڏي رهي آهي!

---

* هڪ پکي جنهن کي نڙيءَ ۾ سوراخ ٿئي ٿو جو سواءِ برسات جي پاڻي (سوانتي بوند) جي، ڪنهن بہ پاڻي پي نٿو سگهي.

اڄ ڇو ٻالاپڻ ٿو ياد اچي

□ علي بابا

هيءَ جا اندر جي آڳ آهي، تنهن جي پڇاڙي ۽ ڪٿي ٿيڻي آهي ڪين نه؟ اندر ۾ ٻنا ۽ نهائيون ٻيون ڏکن، ڏنون ۽ ٻرن. ان آڳ کي ڪيڏانهن ڪريان؟ مرڻ مان نه ٿو ڇاهيان ۽ سانوڻ فقير جيڏو جگر مون ۾ نه آهي. ڇا ٻاڻيءَ جا دلا، مٽ ماتورا پيئڻ سان، اندر جي اها تونس، پيڙا، آڳ ۽ جيرا ٿڌا ۽ ماٺا ٿي ويندا؟ ٻاڻي... ٻاڻيءَ جا دلا... ڇا اهو سنڌو، دولهه درياهه شاهه، جيڪو پراڻن ڪالهن ڪان ٻاڻ ڪي درياهن جو ديوتا سڏائيندو اچي، سپت سنڌو، هپتا هندو، اباسين، مهراڻ، مائني انڊس ڌرتيءَ جي پراڻي اتهاس جو مهان ديوتا! ڇا اهو سنڌو ديوتا، مون کي منهنجي ٻالاپڻ جو رڳو هڪ پل موٽائي ڏئي سگهي ٿو؟ آئون، جيڪو روز سندس شيوا ڪندو آهيان، مڇين لاءِ مانيءَ پورن جي سڪا ڏيندو آهيان ۽ ڪاليداس جي 'ميگهه دوت' واري هيرو جيان، سندس چرڻن ۾ پينٽنگز جا گل چاڙهيندو آهيان، ڇا ان لاءِ ته رڳو پڇان، ڪامان ۽ پڇران، سڙي سڙي رک ٿي وڃان، مري ويل ويلائن لاءِ؟ جيون جو هڪ هڪ پل ڪيڏو نه من موهي ۽ حسناڪ هو؟! پلا ڪيئن وساريان اهو سڀ ڪجهه! چوراسي لک جوڻين جهڙو جنم وساري ڇڏڻ لاءِ آهي؟

ڪير ڇاڻي، منهنجي دل آهي يا ائٽم بم جي ڪرڻ سان، هيروشيما مٿان وهي ويل سموريون وارتائون. ننڪاءُ، پنيٽ، ڪنوٽيون، هوائن ۾ قاڙ، پرتويءَ ۾ قاڙ، آڪاش ۾ آڳ، پنواتيون، هڪ پرندڙ شهر تي آڳ آڏام! سوين فوت مٿي، آڪاش ۾ ماڻهن جي لاشن سان ڳڏ مهاپاريءَ پلين جو لاشن ساڻ سڙڻ وڳهرڻ ۽ هڪ اونهي لاوا ڇڏيندڙ پاتار ۾ پيهي وڃڻ جتي هاڻ جاپاني ناريون هر سال ڏيئا موهڻ ويندون آهن، مري ويل آتمائن لاءِ.

هيروشما تي ته رڳو هڪڙو ننڍڙو ائٽم بم ڪريو. منهنجي من تي روز هائيڊروجن بم ڪرندا آهن ۽ مان روزهڪڙو سپنن جهڙو نئون شهر وڃائي ويهي رهندو آهيان. منهنجي پنهجي اندر ۾، هڪ ٻڙڪندڙ لاوا چڙهيندڙ، ڪين ڪنب ۽ پاتار پٺدا تي ويو آهي، جنهن ۾ ساروٽن جا ڏيئا، اگر، لوبان سدائين پيا ٻرن. پر مون کي موتئي جا گل گهرجن. اڇا- کير جيها اڇا. ڇا اوهان وٽ ڪو هڪڙو گل آهي، ڪوماڻل ٿي سهي؟ مان اوهان کان اهو گل وٺي، مرڻ گهڙيءَ تائين اوهان کي وساري نه سگهندس. نه، آئون ڪو ديوتا ناهيان جو روز روز گلن لاءِ اوهان آڏو هٿ ڦهلايان. اهڙو بيڪاري مان ڪڏهن ڪين آهيان.

چڱو ڀلا، اوهان مون کي گل نه ڏيو. نه گهرجن مون کي گل ڦل. مان اڪ ڦلڙين سان دل وندرائي ڇڏيندس. مون کي درياهه شاهه کان به ڪي ڪين گهرجي. هونئن... درياهه شاهه! ڀهرين ڀڏايو ته درياهه شاهه پاڻ، پنهنجو اهو ويد ڪالن وارو اوڃ، سونهن، مهانتا موتائي سگهيو آهي جو وٺائنس مون کي ڪي پراپت ٿيندو! آئون رڳو ايترو ٿو چوان ته اوهان ائٽم بمن، هائيڊروجن بمن ۽ نيوٽران بمن کان واندا ڪڏهن ٿيندؤ؟ هتي، درياهه شاهه ڪناري به هڪڙو ننڍڙو شهر آهي، ڪوٽڙي. هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جهڙو ئي سهڻو. نه، مان ان لاءِ نه پيو چوان ته اهو شهر منهنجي جنم ڀومي آهي ۽ ان لاءِ به نه ته ڪو اهو جڳ مشهور ڪهاڻيڪار موهن ڪلپنا جو شهر آهي. اهڙي ڪائي ڳالهه ڪانهي. مون کي ننڍڙي لاڪون ٿين کي اپريشيئٽ ڪرڻ جي ڏات مليل آهي. سچ، ڏاڍو سهڻو شهر آهي درياهه ڪناري. آئون رڳو ايترو ٿو چوان ته اوهين بمن جا تجربا ڪرڻ کان ڪڏهن واندا ٿيندؤ؟ اچو ڪڏهن اسان جو ننڍڙو شهر به ڏسي وڃو. سچ، اوهان جو من موهجي ويندو. هتي اوهان کي درياهه ڪناري انگريزن جي دور جو يادگار، 1843ع جو هڪ پراڻو اسٽيمر بيٺل نظر ايندو، ڏاڍو سهڻو، اوچي چمنيءَ سان. ڀانت ڀانت جا ماڻهو ۽ مهايا ۽ ڀانت ڀانت جي پراڻن نمونن واريون پيڙهيون. هيروشيما جي ڀلين جيڏي ئي هڪ مهاپاري انگاس لوهي پل ۽ ٻي پل ٺهي رهي آهي. جيئن ڀانت ڀانت جي پيڙهين جا نمونا آهن، تيئن ڀانت ڀانت جا ماڻهو، ڀانت ڀانت جا جانار، ڀانت ڀانت جا وڻ، پيڙهين ۾ ٿيم ڊائڪ ٻارڙا، مهاتما ٻڌ جيها سهڻا ٻار پينگهن ۾ نرواڻ جيهي ننڊ سمل. جوان، پوڙهيون، سئل ۽ ساون ۽ هيڊن ڪڪوريل ڏوڪن سان اونچين اونچين گريوتين ڪچين جا انگاس وڻ ۽ شهر جي چپي چپي تي لڳل امامن

جي انگاسن جا ماتامي سدا ڇهلندڙ ڇهندا . هاها اسين وڏي ماتام ۾ آهيون . . . ۽ درياهه جي تيڇان - تيڇ لهرن مٿان ، صبح ، ڪين شام جي سڄ جي تيڇان تيڇ ، ست رنگي سونا روپا اولڙا ، جي من ڪي سانت پريل ماتار ڏئي ڇڏيندا آهن . جي ڪڏهن اوهان ڪي ٿوري واندڪائي ملي ته ٿورو هتان به ته ديدار ڪندا وڃو . اسين به ته ماڻهو آهيون.
۽ ها - جي هتي اوهان جي نيڻن ڪي نار ۽ ذهن ڪي نرواڻ پريل ماتار نه ملي ته پوءِ پل اوهان انهيءَ ٽڪريءَ تي پنهنجي نيوٽران بم جو تجربو ڪري سگهو ٿا . اعتبار ڪريو ته آئون وڏو دلير ، سگهارو ، آڙيڪاپ ۽ شاندار ماڻهو آهيان . آئون اوهان جي نئين سپر نيوٽرانڪ بمبار جهاز ۾ اوهان سان گڏ ويهي ، اهو بم پاڻ پنهنجي هٿن سان، پنهنجي ئي گهر مٿان ڇوڙيندس . اوهان ڇا ٿا سمجهو ، آئون اوهان جي انهيءَ نيوٽران بم جي ري ايڪشن جي ذري به پرواهه نه ڪندس ته اوهان وارو بم ڌماڪي سان ڪهڙا گل ٿو ٽيڙي. آئون ايڊوئي ڊيئرنگ ماڻهو آهيان، جيڏا اوهان . اوهين يقين ڇاڻو ته رزلٽ ڪجهه به اچي ، آئون اوهان ڪي شاندار ڪليپنگ ڊيندس ، جيئن پالاپڙ ۾ ، دليپ ڪمار ۽ نرگس ڪي ’جوگن‘ فلم ڏسندي ڏني هيم . گڊ پرفارمنس . گڊ . هيئر ! هيئر ! آئون چوان ٿو نه ته مان انڪاري ناهيان . ماڻهو جيڏو ئي وڏو ڪميڻو ، اوڏوئي مهان آهي . ۽ مون ڪي . . . مون ڪي پنهنجي ماڻهو هئڻ تي ڪشٽ آهن ، ڏڪار آهي ، تپرس آهي ، لڄ آهي . ٻچان آهي پنهنجو پاڻ ڪانِ ته ماڻهوءَ مان ڇو جنم ورتم . آئون ڪونج ، مور يا ڪبوتر ڇو نه پيدا ٿيس . سڄ منهنجي ته خواهش آهي ته مان درياهه شاهه جو واڳون هجان ها ، درياهه جي سير ۾ گنپيرتا سان ترندڙ .

ڪڏهن ڪڏهن ڪيئن نه ذهن گهوماتي ڪائي ويندو آهي !

الا - اڳي اڳي ، جڏهن آئون ماڻهو نه هئس جڏهن تمام پتڪڙو هئس ، جڏهن اڃا اڪيون مس ڪوليون هيم ، بانبڙا پائي اڃا مس هلڻ ۽ شين ڪي محسوس ڪرڻ لڳو هئس ته ڪي آهي ڏاڍو سهڻو سهڻو !

اڳي اڳي ، جڏهن مائٽن، ماين ۽ پائن ڪي ڇيڇ مان جهلي ، انهي ساڳئي درياهه ڪناري ، شيو جي ميڙن منڊلين ۾ ڪيئن نه پيو وات ڦاڙيو نهاريندو هئس .

الا - ڇا ڇا لقاءُ لڳندا هئا ! سهسين رنگا رنگ بتيلا ، هڪ سڙهيون تراڪڙيون ، درياهه جي پنهي ڪنارين ، هزارين ماڻهن جا هشام . منڊليون ، رنگارنگ بٽ ، جهانجهه ، يڪتارا ، ڪماچ ، سرندا ، بينون . پل مٿان هزارين ماڻهن جي اچ وڃ . ساڙهيون ، رنگارنگ چڪنن

جا چولا ۽ پاجاما. اجرڪون، ڪَتا ۽ ڪيس. پٽڪا، ملهوڻ ۽ مڇن جي وٽ وٽان. رنگارنگ فل سوٽن سان ماڻهو، واٽيا، واٽياٽيون ۽ مون جيها سوين هزارين ٻار. پَڪيت، پڪيتيون، چمڪا ۽ درياهه ۾ آڪا ۽ ڏيئا. گلن، ڏونگهين ۽ پتاشن جا هار، نهار ڪر تہ لڙهندا پيا وڃن. ماڻهو مناڻيون پيا ورهائين، ڳائين، شراف پيئن ۽ ٺهڪ ڏين. ۽ آئون ’فتح مبارڪ‘ اسٽيمر جي ڊيڪ مٿان حيرت ۾ حيران تہ الا، ڪيڏي نہ سپنن جهڙي دنيا ۾ اچي ويو آهيان. ڪو لاهيم اسٽيمر جي ڇت تان تہ روئي پوان. گيساڙا پائي روئان. ڀلا هيڏي سندرتا مان پيٽ ڪيئن ڀربو؟ نيڻن ۾ لوپ ئي لوپ، موهه ئي موهه!

الا - تڏهن آئون ڪيڏو نہ سنو هئس. اڇي بشرٽ، ننڍڙي نيڪ ٽاءِ سان، اڇي نڪر، ڪارن گيلڪسز سان. بڪين تائين ڪارا جوراب، ڪارا بوٽ ۽ نڪ ۾ سنگهہ، جنهن ڪي لڪائڻ لاءِ، اونديءَ آنگر سين رهڙ رهڙان تہ ماڻهوءَ جو نڪ صاف هئڻ گهرجي. تڏهن، ساڙهين ڀهريل واٽياٽين جي دوار ڪان آيل هڪ پاريتڙي، اچي چڪني جي ساڙهي واري مائي ڪيئن نہ چهنبڙي هنئي هيم: ”ڀلو، هيڏڙو آڳوني جيڏڙو، ماريئي جي ٽيش تہ ڏس“. ٻئي هٿ چتڙن تي — آئون حيرت ۾ حيران تہ مان ڪو ڳهوٺ آهيان جو چهنبڙي هڻي وئي. مايون، حرامڙيون. . . بلي، ڪنهن سان ڪوئي واسطو نہ هوندي بہ هر هڪ سان ڪيڏو نہ واسطو! جهڙوڪر سپنن جيهي منڊليءَ جو ڏسندڙ وائسندڙ ٻي جان حصو. ٻار، ٻاڻ جهڙو سپنو. الا، ٻارڙا وڏا چو ٿا ٿي وڃن، وڏا وڏا راڪاس برڙ باڪاس.

۽ اڄ، ان ساڳئي ’فتح مبارڪ‘ اسٽيمر جي ساڳئي ڊيڪ مٿان بيٺو آهيان، جيئن چوٽيهن پنجٽيهن سالن ڪان روز اچي بيهندو آهيان درياهه ڪناري. ڪيڏي نہ ماٺ لڳي ويندي اٿم. ڪوٽڙي جي پل جيڏي مهاپاري پراسرار ماٺ! ڀلا ماٺ چو نہ لڳي؟ اڳي ڇا هو ۽ هينئر ڇا آهي؟ اڳي جتي رنگ ۽ راڳ هئا، هاڻ انهن پڊن تي ماڻهو پرهه ڪي سنجها ويل، گهرن ۾ ڪاڪوسن هوندي بہ درياهه ڪناري گندگي ڦهلائي ويندا آهن. درياهه جي ٻنهي ڪنارين ۽ ڪنڌئين درياهه شاهہ جي بچاءُ بند جي پهڻن تي، پنجنگ ڪان وٺي ٻاڏي ڪپرن تائين، جتي ڪٿي گندگي ڦهلي پيئي آهي. هاڻ تہ پنگين ڪي بہ الائي ڇا ٿي ويو آهي، شهر جي ڪاڪوسن ۽ نالن جي ساري گندگي درياهه ڪناري اڇلائي ويندا آهن. الائي ڇا ٿي ويو آهي ماڻهن ڪي؟ مهانڊن ۽ اناتامي مان تہ ساڳيا ماڻهو ٿا لڳن!

توبهن . . . ساري شهر جو گند لتاڙي دولهه درياهه تي ته پهچبو آهي. دولهه دورياهه شاهه، جيڪو جيون رس آهي! پلا جيون ۾ ڪو رس آهي؟ جيون ۾ رس رهيو ڪٿي آهي؟ جيون ۾ رڳو آهي ڪس ۽ ڪينو.

پلا اسين رس ۾ آهيون ڪي ڪس ۾؟ مان ته سمجهان ٿو اسين سڀ گندي ڪسيءَ ۾ پيا آهيون. گٽر جي نالي ۾ آهيون ۽ ڪا گهٽ به نه پيا محسوس ڪريون. بس رڳو ٽورڙا منجهاٽل آهيون ان لاءِ ته اسين سڀ ايجنٽ آهيون، گندگي ڦهلائڻ جا، جنهن جو پگهار ٿا وٺون. ۽ اسين سڀ جيمس بانڊ زيرو زيرو سيون جيان ڏاڍا طاقتور آهيون. اسين سڀ جهڙا سهراب موديءَ جي 'ڪندن' فلم وارا، گٽر جي نالي ۾، قاتل جي ڪوچ ۾ هلندڙ صوبيدار.

. . نه - منهنجو مقصد هرو ڀرو پنهنجو پاڻ يا ماڻهن کي لبڻ ڪينهي. مان لبيل شين کان پاسو ڪندو آهيان. ان لاءِ ته مان پاڻ لبيل يا پاروٿو ناهيان. ان کان ڀهرين جو آئون ڪنهن کي لبيان يا لتاڙيان، ڇو نه آئون پري پٽن ۾ وڃي، سومار فقير جي قبر تي، هڪ چرئي ڳائڻي کان 'پيرو' راڳ ٻڌان:

ساٿ سرن ڪا،

سهه رنگ،

پيرو . . .

ساٿ سرن ڪا،

پيرو راجا . . . ساٿ سرن ڪا . . .

پي . . . رو . . . پي . . . رو.

ساٿ سرن ڪا.

پيرو راجا . . . را . . . جا . . .

آ . . . پيرو . . .

ساٿ سرن ڪا.

پي . . . ئي . . . رو . . .

ها ها - سنگيت ٻڌڻ وڏي پرارٿنا آهي، وڏي شيوا، انسان ذات جي شيوا، ٻولارن ٻاتارن جي پئدا ڪيڻ جي شيوا. ڪير ٿو چوي راڳ جادو ناهي؟ سر ڪيرولز جو بادشاهه جڳ مشهور امريڪي راڳيندڙ ايلوس پريسلي جو جڏهن مرتيو ٿيو هو ته امريڪا کان

ساري پرٿويءَ تي، سندس راڳ، درد جي لهر ٻڌجي پکڙجي ويا هئا. فائن آرٽ جي ساري دنيا جادو ئي جادو آهي. ڪٿي امريڪا، ڪٿي ڪوئٽڙي! مارلن منرو جي موت تي هڪ ٽانگي واري به ريهه ڪئي هئي.

- الا - مارلن منرو مري وئي! هاءِ هاءِ، جادو لائي ويا جيءَ ۾! ساريءَ يونءَ جي ماڻهن ڪي هيمنگوي جي آپگهات تي ايڏو ئي ڏک ٿيو هو، جيڏو پيسترنڪ جي موت تي. ڀلا پرٿويءَ تي ڪهڙو ماڻهو آهي جيڪو حساس نه هجي. جنهن جي اندر جو انسان ٻنهه مري، سڙي، ڳري ويو هجي. شايد ئي ڪو اهڙو ماڻهو هجي! ڇا هيمنگوي سان ان لاءِ پيار نه ڪريان جو هو امريڪن آهي.

توبهن . . . مون سوسن هيورڊ جي موت تي ڪيڏو نه رنو هو. ڪهڙو سڳ سياڪوءِ؟ 'آءِ وانٽ ٽو لو'، 'آءِ ول ڪراءِ ٽومارو'. ٻئي فلمون هڪ ئي هفتي ۾، ساڳي سينما ۾! ٻئي فلمون ياد ڪري، ڪيئن نه ڳوڙها ٻئي لڪايم ماڻهن کان. الا . . . ايڏيون ليجينڊ عورتون به مري ويندڙيون آهن ڇا! موت جي ڪا موسم ئي ڪانهي، ڪائي رت نه! ڀلا مون کي ڪهڙي خبر هئي ته 'آءِ وانٽ ٽو لو' ڏسڻ کان پوءِ منهنجي جيون ۾ هڪ ڏينهن اهڙو به ايندو جو ٻئي ڏينهن آئون سوسن هيورڊ لاءِ روئي پوان ۽ ڪو به چوڻ وارو نه هجي: بواءِ، ڊونٽ ڪراءِ. ڇا منهنجي لاءِ سوسن هيورڊ ايڏي ئي وڏي فنڪار نه هئي، جيڏي جڳ مشهور ليکڪا جيڪولين سوسن آف لو اسٽوريز. جيون ڪهاڻيون ئي ڪهاڻيون آهي. هر پل کي پنهنجي انوکي اهميت آهي. سڄي دنيا آرٽ جي حسين، حساس، ڪنور يڳت جيهن ڪڏهن نه وسرندڙ ماڻهن سان پري پئي آهي. پوءِ به پرٿويءَ تي ايڏي گندگي، ايڏي ڪُهه، ڪهان، ايڏيون جنگيون، هيڏا هاڃا . . .! ڀلا پرٿويءَ جي ڪهڙي تڪري آهي، جتي گرم يا سرد جنگ ڪانهي؟ اسرائيل ۽ عرب ملڪن کي وٺون يا ايٿوپيا، سوماليا، موزمبيڪ، انگولا . . . جتي ڪٿي جنگ جو جنون آهي. ان کان مٿي ٻي ڪهڙي دکدائڪ ڳالهه ٿي سگهي ٿي. مارلن منرو ۽ هيمنگوي جيها حساس ماڻهو شايد انڪري ئي آپگهات ڪري هليا ويندا آهن. الا ڪيڏي نه ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي! ڏک . . . ڀلا ڏک ڇو نه ٿيندو؟ ويچار ڪريون ته امريڪا ويٽنام جي جنگ لڙي، ڪهڙا ڦاڙها ماريا؟ ڇا حاصل ڪيو؟ ڇا ايترو ئي جيترو اليگزينڊر دي گريٽ حملن ۾ پاتو هو. پر هن به ڇا پاتو! ڀلا ڪو ٻڌائي سگهي ٿو ته اهو خراساني ڳڌهه جو پٽ ڪهڙي هنڌ، ڪهڙي پٽ ۾ پوريل آهي؟

پرسنلٽي . . . گريگوري پيڪ، مارلن براندو، دليپ ڪمار، پيٽر اوٽول، برٽ لنڪاسٽر، رچرڊ وڊ مارڪ، بلراج ساهني، جيمس ڊين، راڪ هڊسن، سڊني پائٽر، همفري بوگارٽ — ائين ته پرسنلٽيءَ جي دنيا ۾ مٿلن جيئرن جي لائين لڳي ويندي. لز اج تائين منٽگمري ڪلفٽ کي وساري نه سگهي آهي، جيئن اسين پنهنجي پيارن کي وساري نه سگهندا آهيون.

صوفيا لارين . . . او مائي گاڊ — آئون ته صوفيا لارين جو عاشق آهيان. پهرين هن پرٿويءَ تي ڪهڙو گڏهه جو پٽ آهي، جنهن صوفيا لارين کي فلمن ۾ ڏٺو هجي ۽ پيار نه ڪندو هجي! آئون ته پاڻيان ٿو ته اهڙو ڪوئي ماڻهو ڪو نه هوندو. رڳو صوفيا ڇا، سڀ ماڻهو پنهنجي پسند جي آرٽسٽن سان پيار ڪندا آهن، جيئن مارلن منرو جي مرڻ کان پوءِ به ماڻهو ساڻس پيار ڪندا اچن. 'ريور آف نو رٽرن' هجي کي 'مس فٽس'، يا 'سيون ايئرز اچ'، هينئر به هوءَ اکين آڏو بيٺي آهي، ملين ڊالر چنگهن سان. واچوڙو سندس پڙو اڏاري، ڳاڙهي پٽني پيو ڏيکاري. ڪير چوندو ته مري ويئي آهي! ڪير چوندو؟ ڪنهن سوچيو به هو ته هوءَ آپگهات ڪندي. آئون جڏهن به چاهيندو آهيان — سندس ديهه، سارا ڳجهه ڳوهه، موهه منڊ ڏسي وٺندو آهيان.

آپگهات . . . ڪهڙي خبر ته ڪيٽرائن هيپبرن به آپگهات ڪري، ڪهڙي خبر! سندس چنگهون سنهڙيون، سنهن ۾ ڪڏا آهن ته ڇا ٿيو؟ سندس اکين ۾ ڪيڏي نه زندگي آهي، زندگيءَ جي سموري چمڪ! سج لهندو چڙهندو سندس نيرن نيڻن مٿان آهي. ڪير ڏو چوي ته پوڙهو ڏي وچڻ سان سونهن ختم ٿي ويندي آهي؟ الله نه ڪري جو هن کي ڪجهه ٿئي، سچ آئون روئي پوندس. سچ، آئون به عجيب عاشق آهيان.

عاشق! ها - انڌو عاشق ناهيان. جيڪڏهن جيڪولين ڪينيڊيءَ کي ڪجهه ٿئي ته شايد آئون ڪو ايڏو اثر نه وٺان. پاليٽڪس جي دنيا ۾ جيڪولين ڪيڏو به ڪٿي وڏو حادثو هجي! منهنجو ڪو ساڻس ايڏو سڱ ڪينهي.

هان - ڇا، هان جي جيڪولين ڪينيڊي مري پوي ته امريڪا ڇا جهنڊا سندس سوڳ ۾ نِوايا ويندا؟ مان سمجهان ٿو نه. صوفيا لارين جي موت تي به نه! جڏهن ته جهڪائڻ گهرجن. 'ٽو وومين' جي پرفارمر آهي . . . دل ڏاري وجهندڙ پرفارمر. سچ، آئون نٿو چاهيان ته مون کان اڳي مري.

موت . . . هڪ ڏينهن اسان سڀني کي مرڻو آهي. پر مان نه ٿو چاهيان ته ماڻهو مرن. مون کي موت کان نفرت آهي، چڙ آهي. موت مون کان الائي ڇا ڇا ڦري

ورتو آهي. موت . . . ڪيڏو نه ماربد لفظ آهي. هن سائنس جي دنيا ۾ اسان سيني جا هڪ ٻئي سان ڏاڍا سڱ سياڪا آهن . ڇا اوهان ڪي ايتري به ڪل ڪانهي ته تازو هڪ شاعر دوست وچائي وينو آهيان ۽ ان لاءِ ئي ايڏي پيڙا پيو پوڳيان . ڪهڙو سڱ سياڪو جيجان، تن جڻن سين! ها ها ، پئبلو نرودا سان منهنجو ڪهڙو سڱ ؟ ڪٿ چلي ۽ ڪٿي آئون . . .

۽ ها ها نيٺ ڪهڙو سڱ آهي؟ ڪهڙو جادو، جو اسين هزارين ميل هڪ ٻئي کان ڏور رهندي به هڪ ٻئي سان ايڏو پيار ڪريون ٿا . اسين سڀ ڄڻ هڪ آهيون . جتي ڪٿي هڪ . رڳو اسين بائونڊري لائنز امريڪا ، رشيا ، چين ، هندوستان لنڪا شائر، چلي ۽ جي ٽالن ۾ شيخ چلي ٿيو پيا هلون . شيم . . . شيم . . . شيم !

ها ها - ڇا اها شرم جوڳي ڳالهه ڪانهي ته ڌرتي جي گولي ، سمونڊ ، سوريه ، ٿرشٽي ، پولارن ، پاتارن ۾ ڪٿي به ڪا به بائونڊري لائن ڪانهي، پوءِ به اسان اهي جڙتو بائونڊري لائنز رکيو وينا آهيون؟ جي آئون ڪيٿرائن هيپبرن سان ملان ته زمين ۽ آسمان ڪي ڪهڙو ڏوڏو ايندو! ڇا رڳو ان ڪري ته مان سنڌي آهيان ۽ هوءَ امريڪن؟ ڪير ٿو چوي ته مون سان ملڻ کان پوءِ هوءَ مون ڪي ايپريشيئٽ نه ڪندي . آئون ته وڏين هيي چورين ڪي سڌو ڪري ڇڏيندو آهيان ، هوءَ ته آرٽسٽ عورت آهي. ڏاڍي فائن. هن جي مون ڪي نه ڏنو آهي ته ڇا ٿيو ؟ سچ، جي هوءَ مون ڪي ملي وڃي ته ايڏو ئي انسپائر ٿيندي جيڏو آئون ڪانئس انسپائر آهيان . جڏهن ته آرٽ جي دنيا ۾ ڪا به بائونڊري لائن ڪانهي. اسين سڀ هڪ ٻئي سان ڳنڍيا ۽ ڳتيا پيا آهيون . پوءِ اسان جي ملڻ تي ايڏيون پابنديون ڇو! ڇا زمين ڏوڏو کائيندي؟ فائن آرٽ جي ماڻهوءَ جو جيڪڏهن ڪو وطن هجي ها ته لتا، پيسي ۽ ام ڪلثوم جا آواز اسان جي گهرن ۾ ڪين پڌجن ها ۽ نه ئي لڪ چوريءَ وي - سي - آر تي هندستان جون فلمون ڏٺيون وڃن ها . پوءِ پلا ڇو اسان ڪي سنڌي، امريڪي ، روسي ، جاپاني ، هندستاني ڪري ماريو پيو وڃي .

پاڪستان جا الاهي ايڪٽر ۽ ايڪٽريسون آئون سڃاڻان. پر ڇو دل جو ڪادو انهن لاءِ ايڏيون سٽون نٿو پائي؟ . . . ڇو؟ ڇو بالاپڻ ۾ ڏٺل دليپ ۽ نرگس جي 'جوڳن' فلم اڪين آڏو ڦرندي تي رهي؟ دليپ، هندستان جو پيو وڏو ، نه، پهريون وڏو آهي . هر ماڻهو، هندوءَ توڙي مسلمان ، جواهر لعل نهرو کان اڳ ڪيس تي پڌڻ چاهيو . ۽ نرگس ، شريمتي نرگس ، آها ته آهي ئي مدر انڊيا .

ڇا. اها ڳالهه ڏک جي نه آهي ته عصمت چغتائي پاڪستان ۾ اچي سگهي ٿي، خواجه احمد عباس به . . . هونهن . . . اسپنسر ٽريسي ۽ رابرٽ ويگنر جي فلم ”مائونٽين“ ڪي چوري ڪري، ’سوني ڪي چار چوڙيان‘ لکندڙ! هيڏو وڏو اديب، دليپ جي اداڪاريءَ تي ٽيڪا ٽپڻي تو ڪري ۽ چورائي تو چار چوڙيون، پٽل جون، سون جو پاڻي چاڙهي، چور بازار ۾ وڪڻڻ لاءِ. پر موهن، شيام، پوپٽي، ڀڳونتي هتي نه ٿا اچي سگهن.

سوال هندستان پاڪستان جو ڪونهي، نه امريڪا ۽ روس گهمڻ جو. سوال عالمي قدرن جي موت جو آهي. ها ها - موت جو. ها - مان ڪميونسٽ آهيان، وڏو ڪٽر ڪيمونسٽ. مون کي ڪيپيٽلزم کان چڙ ۽ ڌڪار آهي، ايتري ئي جيتري نئيڙي لاڪي کان، حيدرآباد جي وچان وهندڙ سڀ کان وڏي اوپن ايئرگٽر جي نالي ڊومڻ واهه کان. توبهن . . . گٽر جو نالو، حيدرآباد جي ٻن وڏين سينيمائن ۽ ميمڻ اسپتال اڳيان. هڪ ڏينهن ڪيئن نه سينيما جون ٽڪيٽون بليڪ ڪندي، سينيما جي داداگيرن مون کي نوٽشن سان ڊومڻ واهه ۾ اڇلائي ڇڏيو هو. مون ڪيڏيون نه اٽيون ڪيون هيون. بنهه اهڙيءَ ريت مون کي ڪئپيٽلزم کان چڙ آهي، الٽيون آهن. پر ان جو مطلب اهو ته نه ٿيو ته آئون دنيا جي سڀ کان بهترين عوام کان نفرت ڪريان! امريڪي عوام به اهڙي ئي آهي، جهڙا اسين.

ماسز . . . ماسز . . . ڀلا اسين ماسز ڇا ڪي ٿا چئون . . . ؟ ڇا امريڪا ۾ عوام ڪينهي؟ رڳو روس، چين، ڪيوبا، هندستان ۾ آهي؟ جي ماسز مان اوهين امريڪا جي سدا سهڻي عوام کي ڪاٽيو ٿا ته پوءِ آئون اوهان مان ناهيان. پوءِ اوهان سڀ ڪوڙا، گيدي ۽ ننگ آهيو ۽ آئون وڏو ٻڌسٽ پروگريسو انقلابي آهيان. هاڻ انهيءَ چرس، گانجي ۽ مارفين جي رت جي الٽي جي ڀڃائي ٿيڻ گهرجي. . ان لاءِ جو ڏني نه ٿي ٿئي.

اوهه . . . هاڻي مون کي گهر وڃڻ گهرجي. منهنجي زال ۽ ٻار اوسيئڙي ۾ هوندا. هونئن به هر ڪنهن ماڻهوءَ کي گهرجي ته سنجها ويل گهر هليو وڃي، پنهنجي پنهنجي استان تي، جيئن امريڪي ويشنو هپي ڇورا ۽ ڇوريون، سڄي پرٿويءَ جا ڏک دلين تان ميسارڻ لاءِ، ساري پرٿويءَ جا مشاهدا ماڻيندا، ڪڪوريل اکين سان، ’موهن جي دڙي‘ تي رت جون الٽيون ڪندا، قرت العين حيدر جي هڪ ڪردار

'آوارهہ گرد' جيان، پنهنجي وطن پهچي، ڪتاب لکڻ کان اڳ، ويٽنام واريءَ واٽ ۾ مري ٿو وڃي.

مان... موت!... موت جي دائي جو آهي. مان مرڻ نہ ٿو چاهيان. مون وٽ رت جي الٽيءَ جو توڙ آهي. پرتويءَ تي الاهي رت وهي چڪو آهي. فوجون ٻاهرين ملڪن سان ڇو ٽيون ٽڪرايون وڃن. پلا ٻي مهاڀاري جنگ تي فلمايل فلمن، 'وار اينڊ پيس' يا 'ڊاڪٽر زواگو' ڪي ايڏا ايوارڊ ڇو؟ 'ٽو هيل اينڊ بئڪ' ۽ 'بيٽوين هيون اينڊ هيل' تي ايڏا خرچ ڇو؟ امن لاءِ، يا جنگ جا نمونا سيکارڻ لاءِ؟

توبهن... پاڪستاني فلمن اسان کي ڇا ڇا نہ سيکاريو آهي! ستن سالن جي ڇوڪريءَ کي ڪيئن ريپ ڪري گهٽا ڏئي مارجي ۽ پوءِ ڪيئن ڳوٺيءَ ۾ بند ڪري، ڪنهن يتيم خاني ۾ بند ڪري، آرام سان ماڻهو مرسڊيز ڊوڙائيندو گهر پهچي وڃي. پوليس کي بہ ٿارو تہ فوج سڳوريءَ کي بہ.

پلاٽ... ڇا ڪهاڻي لاءِ پلاٽ ضروري آهي؟ اسان اديب سڳورن ايترن تہ پلاٽن تي قبضو ڪيو آهي جو هاڻي سؤ ويهن والن جو پلاٽ بہ پنجاهہ هزارن ۾ نہ ٿو ملي!

هو مرڪي، 'فتح مبارڪ' جهاز جي ڊيڪ مٿان سگريٽ دکائي ٿو ۽ چوڪيدار کي سگريٽ ڏيندي، جهاز کي لاڪ ڪرڻ لاءِ چئي، ڊيڪ جي ڏاڪڻ تان لهندو، وڏي تختي تان هيٺ، سنڌوءَ جي ڪپ تي اچي ٿو ۽ شاهہ جي وائي جهونگاريندو، ايندڙ ويندڙ ماڻهن ۽ ٻارڙن جي مرڪن سان مرڪون ملائيندو گهر هليو ٿو وڃي.

ننڊ ڏي ننڊ هڄيم : ابدي - ازلي

● ثميره زرين

آها رات چاندوڪي هئي. چنڊ جي پندرهين. ڏرتيءَ ڪان. وٺي آسمان تائين سهائي هئي. ۽ ڌرتيءَ تي نه رڳو تنهنجو گهر، پر سڄو محلو، هر گهر روشن هيو. هيءَ موت جي آڃيان هئي، ههڙي روشن روشن! ڇا هي ابدي زندگي ۽ ڏکن ڪان آجي ٿيڻ جي خوشيءَ جي آڃيان هئي تنهنجي روح جي. تنهنجي گهر ۾ چهل پهل تي ڪنهن مجلس جو گمان. ڇڻ تون حج تي آسهڻ جون تياريون پيو ڪرين!

تنهنجي ڪمري ۾ ننڍا وڏا ٻار بي فڪر پئي گهميا. ڪنهن کي به موت جي دهشت محسوس ٿي نه ٿي هئي.

۽ سڄي رات، تنهنجي هن دنيا ۾ روح ڪان سواءِ جسم جي آخري رات! اسان سان گڏ ڪيترن ماڻهن جاڳي گذاري بنان ڪنهن ٿڪ جي احساس جي! شهر ۾ ڪرفيو. وڪ وڪ تي پابنديون. هر مرحلو ائين آسان، ائين اک ڇنڀ ۾ گذري ويو جو هڪ ڪن لاءِ به اسان کي سوچڻ جي ضرورت نه محسوس ٿي تنهنجي واقفڪارن برگيڊيئر ميجر جا ٽيلي فون نمبر ڊائل ڪرڻ جي ضرورت ئي نه ٿي! ڄڻ آسمان تان فرشتن جي ٽولي تنهنجي آخري سفر ۾ همراهي ڪرڻ لاءِ لهي آئي هئي.

سڄي رات، تنهنجي سيراندي‌ءَ ڪان نه رڳو اسان پر سڀني قرآن خواني ڪئي. اندر ۾ ڪا ڇپي ڇراتي رهي هئي. پر پوءِ به عجيب همت اچي وٺي هئي سڀني ۾!

دوست پاڻ! اڄ سوچيان ٿي ته حيران پئي ٿيان! اسان جيڪي تنهنجي موت جو تصور به ڪري نه سگهندا هئاسين، اسان جي دل هر بار ائين چوي ته

جانب جئين شال! تنهنجو ڪنين منڊو نه سڻان

اُنهن آسان جن تي تنهنجي موت جبل ڪيري وڌو هيو، ڪيئن نه احسن طريقي سان تنهنجي آخري سفر کي نباهيو هيو.

ڪن ڪن وڏندڙ موت جو پاڇو، نه رڳو توتي پر اسان سڀني تي هيو.

هن سفر ۾ تو سان گڏ ڪير نه هيو. سڀ هياسون. فرق رڳو هيءَ هيو ته تون زندگيءَ جي سرحد ٽپي پئي وئين ۽ اسين هن پار ششدر رهجي وياسون. دل ۾ اچيم ٿو ته هميشه وانگر توکان پڇان: بِدَاءِ ته هن ديس جو دستور ڪهڙو! هيءَ سوال ڪٿي مان تو تائين ڪيئن پهچان؟

تون هن گهر مان هميشه لاءِ نڪري شهر خموشان ۾ ويندي جن راهن کان گذرين، اهي سڀ راهون چانڊل سچانڊل. پوءِ به آئون تو تائين رسي نٿي سگهان.

وندر واٽون ويهه ٿيون- ڪهه چانڻان ڪهڙيءَ ويا

قبر جي سونڌي ۽ ٿڌيءَ مٽيءَ ۾ ستل منهنجا دوست پياءُ! تون جنهن کان مون ڪي ڪڏهن ڊپ نه ٿيو. گهر جو ماحول اسان جو ڪيترو نه مهربان هيو.

دنيا ۾ ائين ڪيترا انسان مرندا ڏنا اٿم. ڪيترن عزيزن تان ڇپر ڪڇندي ڏٺو اٿم پر هن اذيت جي اٿانگن واٽن تي هلندي اسين جيترو جهجهون ٿا، اهڙو عذاب پين وٽ نه ڏٺم. ته دوست، ڳالهه هڪ انسان جي مرڻ جي ناهي. هتي ته ڳالهه محبتن جي موت جي آ. محبت جڏهن مرندي آهي ته وجود ۾ پاتال تائين زلزلو اچي ويندو آهي.

دوست پياءُ، هينئر ڏس اسين هن پار زندگيءَ جو بار ڍوئي رهيا آهيون ۽ تون اسان کان پري شهر خموشان جو مسافر.

تنهنجي خلوص جي بار کان زندگيءَ ۾ سبڪدوشي ممڪن نه هئي. جيترو تو ڏنو هيو اوترو وسعت ڪنهن وٽ نه هئي. جڏهن ته تون شهر شهر ڳپي جي ڳولها کان آجو ٿي هت آيو هئين هميشه رهڻ لاءِ. هينئر ئي ته وقت آيو هيو توکي آرام ڏيڻ جو پر اها فرصت تنهنجي زندگي نه ڏني ۽ تون مون کي قرضدار ڪري هليو وئين.

ڪڏهن ڪڏهن ته جدا رهڻ جي ڪوشش به ڪئي سون پر ممڪن ٿي نه سگهيو. هڪ ڏيڻ هئي شايد جنهن ۾ قاتل هياسون. ڇڻ ڪو ميثاق ڪنهن ويل ڪيو هيوسين. هئيءَ ميثاق ۽ ڪٿي! شايد دور آسمانن ۾. هينئر تو ۽ اسان وچ ۾ هيءَ جدائيءَ جو اٿاهه سمنڊ جيڪو ڏينهون ڏينهن ويڪرو ٿيندو ٿو وڃي. حضرت عليءَ جي زندگي هميشه زير غور، سندس ڏکَ لاحاصلاتون پڙهي چوين مون وانگيان. تنهنجي زندگيءَ کي قلبند ڪندي جگر ۾ ايتري ته سوزش پرجيو وڃي جو

لکيو ٿئو ٿئي ۽ بيمار ٿيو پوان ۽ مان تو بهادر مرڪندڙ انسان جي زندگي لاءِ سوچيان ٿي ته لڙڪ اکيون ڏنڏليون ڪيو ڇڏين .

روئڻ توکي نہ وڻي. روئنا چهرا توکي نہ وڻن . ڏکن تي واويلا ڪندڙ ماڻهو توکي نہ وڻن . زندگيءَ توکي ڪاميابيون ڏنيون . زندگيءَ توکي ناڪاميون ڏنيون . پر هر ويلي تنهنجي مرڪ سلامت . آها مرڪ جيڪا تنهنجي مرڻ کان پوءِ بہ تنهنجي چپن تي هئي. خبر ناهي ڪٿيو ڪنهن هيو؟ تنهنجي ڏکن يا تنهنجيءَ مرڪ ؟ ماڻهو بيمار ٿي پوءِ چيڙاڪ ٿيو پون . تون اجا بہ وڌيڪ مٺو!

ان آخري سال جڏهن ٿڪل وجود سان تون هتي رکيو عدم ڏانهن وڃڻ جي تيارين ڪرڻ لاءِ اسان وٽ آيو هئين تڏهن تنهنجي من ۾ اکير جا درياهہ اٿلي پيا . دل چاهي تنهنجي : هميشه سڀ هر وقت تنهنجي اکين جي آڏو هجون. ڪنهن کي خبر هئي تہ وڃڻ وارا سپرين موڪلاڻيون ٿا ڪن !

جڏهن بہ ڪنهن ڪم سان هيڏي هوڏي ٿيون تہ چوين: مون وٽ اچي ويهو. اج جڏهن پنهنجيءَ جهول ۾ تنهنجي خلوص جي گلن جا ڍير سنڀالي سوچيان ٿي تہ تون چند ڏينهن اسان وٽ مهمان هئين تہ هڪ پل بہ توکان پري نہ ٿيان ها . حساب ڪتاب تہ پورو ڪرڻ ڏينم ها! تو هي رڳن سان جڙيل رشتن جون رڳون ڪيئن ايترو جلد ٽوڙي ڇڏيون, منهنجا بابلا؟

ٽوڙڻ تہ توکي وڻندو ئي ڪين هيو. تو جنهن سان ڳالهايو تنهن کي موهيو. تو چيو هيو تہ

جب هم نہ هونگي تو هماري باتين ياد آئينگي

اهي تنهنجا لفظ سارينڌي اندر ۾ ايترو تہ عذاب پرجيو اچي جنهن کي ڪا بہ چيز مٽائي نٿي سگهي. اي عاشق, تون نہ وڃين ها! سچ, تنهنجي نہ هجڻ کي ڪا بہ چيز پري نٿي سگهي. اسان جي گهر تي تنهنجي وڃڻ کان پوءِ ويراني چنبڙي وئي آ ۽ هڪ غير محسوس لٽ هر شيءِ تي. گهر صاف پوءِ بہ هڪ غير محسوس لٽ هر شيءِ تي. جڏهن ياد اچين تہ تون ڪو نہ آهين تہ نہ پڇ, ڪيئن نہ منهنجي هستي انڪار ۾ ويڙهجي ويندي آهي! لڳيم ٿو تہ وجود اندر ڪو شعلو ڀڙڪي ويو آهي, تن - من تونسوزش ۾ .

جيئن سج جي ڪرڻن کان چوٽين تي جميل برف رجي ويندي آهي اُنهن جي هوند هن درد جي آڙاهہ جي سوزش ۾ منهنجو وجود بوند بوند ٿي لڙڪن ۾ لڙهي وڃي ها تہ مان ايترو بہ رڻان ها پر جي تون سلامت هجين ها .

روئڻ سان رهن ها جي سپرين
مان نيٽين نير نه روڪيان ها

الائي ڪيترا دفعا تو چيو ته مون تي لک. مان هر وار مرڪي لنوائي ڇڏيان ۽ هڪوار نيٺ چوڻو پيو ته تو تي لکان، ايترو جگر مان ڪٿان آڻيان؟

پر اڄ تون جڏهن اڻ ڏٺي ڏيهه ڏانهن اسهي وئين ۽ يادن جا ڍير منهنجي ارد گرد پکڙيا پيا آهن ته اهي ڏينهن ياد پون ٿا جن ۾ تنهنجو وجود جتي ڪٿي چانڊاڻ ڦهلايو پيو آ. يادون. خلوص جي خوشبوءِ پريل گلن جون يادون — محبتن جي عذاب جون. سچ جي واٽ ڪيڏي نه اوکي ٿيندي آ، ادا! ۽ وري سچو پيار نسورو عذاب. اڄ سوچيان ٿي: تون جي رڳو هڪ عام انسان هجين ها ته مان اڄ ڏينهن ڏينهن سان جدائيءَ جي فاصلن کي وڌندو نه پر گهٽجندو محسوس ڪريان ها.

جي رڳو هڪوار خدا پڇيم ها ته چوان: ڏک منهنجي ڏک جو نه آهي. جي منهنجو وجود هن درد جي سوزش ۾ بوند بوند ٿي ختم ٿي وڃي ها ته به لک ڀورا سمجهان ها پر جي تون سلامت هجين ها.

ائين ته ڊاڪٽر اعواڻ هڪ نالو آهي. ائين ته ڊاڪٽر اعواڻ گذاري ويو. رڳو هڪ جملو آ ۽ رواجي. هر فرد سان واسطو رکندڙ جملو. هر گهر ۾ ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن پياري‌ءَ جي وفات سان روشناس. پر مان توکي ڪيئن ٻڌايان ته هن هڪ جملي ۾ باهه جو سمنڊ آهي. هڪ قيامت جو داستان آهي، جتي وجود رڳو سڙندو آ، مرندو نه آهي. جلندو آ، رک ٿيندو نه آهي.

ٽيهريءَ جي ويل. آها گهڙي جڏهن تنهنجو آسائتو روح — ڏکويل روح اڻ ڏٺي ڏيهه ڏي اڏامڻو هيو. ڪيترو نه ڊپيل پيرن سان موت آيو تو وٽ. ڪا آهٽ نه. نه تنهنجي جسم ۾ جنبش. ٻڌو هيم ۽ ڏٺو به هيم ته جڏهن پکيئڙا آکيري مان اڏامندا آهن ته آکيري ۾ اضطراب اچيو وڃي. پنهنجو متاع ڇڏيندي ڪير ماٺ رهندو ڀلا! پر موت هڪ معصوم يار وانگر مهربان هٿ ڌ گهيريو هو توڏانهن. تنهنجي سيرانديءَ وٽ مان... منهنجا هٿ تنهنجي مٿي تي ۽ موت.... منهنجي هٿن مان توکي کسي ورتو. سيني کي روئندو ڏسي چيو هيم: روئو ڇو ٿا؟ ادا ته شايد... ۽ هٿ تنهنجي دل جي ڌڙڪڻ کي ڳولهڻ لڳا. هڪ ڀه دفعو هلڪي ڌڪ.... ڌڪ ڪان پوءِ ماٺ ٿي وئي. تنهنجي ڏکويل دل.... آها دل جنهن ۾ دريا ڌريا محبتون هيون. صحرا صحرا حسرتون.

هيءَ ڪيتري نه درد انگيز حقيقت آ. تنهنجي وڃي هڪ قيامت گذري وئي، جيءَ اندرڪيتري نه ٽوڙ ڦوڙ ٿي. پر اسين سڀ جيئرا. ڪٿي تون وئين.

تو، جنهن هڪ دفعي اسان کي سيريس حالت ۾ ڏسي اوڇنگارون ڏئي رنو هيو. سڄو اسٽاف حيرت مان توکي ڏسندو رهيو هيو. هيءُ شير دل جوان همٿ انسان به ڪيئن روئي پيو؟ موت ته برحق آ. هرڪنهن جي چهري تي هيءَ سوال هيو: مائرون ته پٽن جي هٿن ۾ مرندي سونهنديون آهن.

تنهنجي ماءُ ڪيتري نه خوشنصيب هئي جنهن کي تو جهڙو پارس پٽ هيو ۽ ڪيتري نه بدنصيب جنهن کان موت اهو پارس کسي ورتو! سوچ ته سهي پيڙي ماءُ جو جوان پٽ، هڪ ڪٽنب جو پرجهلو، سو هليو وڃي! تنهنجيءَ ماءُ کي جڳ جي نظر کهائي وئي. جڳ جي اکين ۾ حيرتون سمايل هيون ته هن ڪوڙي ڏيهه ۾ سچ جو سوداگر ڪيئن؟ گل چنو گرنار جو! تون اسان جو ڪيچ ڌڻي ! تون اسان جو راءِ ڏياچ ! مان تنهنجي ڪمري جي در اڳيان سوچي رهي آهيان . . . . تون جيڪو مون کي يونيورسٽيءَ وڃڻ وقت چوندو هئين: الله نگهبان! اهو آواز ڪٿي آ . . . .؟ هيءَ پرت نه چنڻ جي ريت جڳ کان نياري توکي ڪيتري نه مهانگي پئي. ڏک اهو آ ته سچ توکي راس نه آيو. پر تون خوشنصيب هئين جو پنهنجي ماءُ ڪنهن جو موت نه ڏٺو جن جي ساهه جو ملهه تو پارس اڳيان پٿر سمان هيو. تون، جنهن ڪڏهن اسان جي اکين ۾ ڳوڙها اچڻ نه ڏنا، اڄ ڪيئن ستمگر ٿئين جو روئندو اڪيلو ڇڏي وئين؟

آها آخري رات، جڏهن تون ڪجهه گهڙيون اسان وٽ مهمان هئين، ايتري روشن ڪيئن هئي؟ تنهنجي محلي کان وٺي آسمان تائين روشني ئي روشني هئي.

وي- آءِ- پي روم ۾ تنهنجي ڇاتيءَ تي سر رکي روئي چيو هيم ته تون بيمار ته نه ٿيندو ڪر. اسان جا ته ڏيا ئي وسامي ٿا وڃن. اسان جو گهر ئي سنسان ٿي پوندو آ. اسان چئون ته تون بيمار به نه ٿئين. پر تو ته مري به ڏيکاريو. اسان مري به نه مئاسون. سال کان اسان آميد جو سفر ڪيو هيو. آسمان جي بلندين ڏانهن ڪيترا ئي هٿ دعا لاءِ ڪڄيل هيا جيڪي موت نا آميديءَ سان ڪيرائي وڌا.

تنهنجي ريت هميشه ٿڌي ٻهر سفر تي وڃڻ جي. اڄا سچ ڪنهن به نه ڪيندو، ان کان اڳ تون هليو ويندين ۽ آخري سفر به ائين ساڳئي پرهه ڦٽيءَ ويل. ٿڌڙي هير حيدرآباد جي

جيڪا ڪٿي به توکان نه وسرندي هئي. گيٽ جا پٺي دروازا کليا. تنهنجي ڏولي نڪري وئي ۽ تون هليو وئين، وري نه موٽڻ لاءِ. تون اهڙي اٿانگي ڏيهه هليو وئين جتي دعا سلام موڪلڻ جي ريت نه آهي. جتي ويندڙ پوين کي چوائي نه موڪليندو آهي ته خيريت سان پهتس. جتي رڳو ماٺ ئي ماٺ آ. جتي ازل جا اسرار آهن. اُن پراسرار ڏيهه مان تو وٽان نه خبر نه خواب. آءٌ ويٺي سوچيان: هفتي ۾ رڳو هڪ دفعو ئي ڪجهه وقت لاءِ ملاقات ميسر ٿئي ته به ڪجهه ڏڍ ملي وڃيم. تو، جنهن ڪٿي به وڃي هڪدم خيريت سان پهچڻ جو اطلاع ڏيڻ نه وساريو، اڄ اٺ ڏني ڏيهه جي رسم آڏو ڪيئن محسوس ڪيو هوندو؟ اڄ توکي اسان جي انتظار جي اون چو نه آهي؟ اسان جيڪا روئندي ڪا گهڙي ننڊ ڪري ٿي ته جهٽ اچي پڇي ٿي ته الائجي منهنجو بچڙو ڪيئن آ، ڪو مون کي ٻڌائي؟

ڏينهن- ڏينهن تو ۽ اسان وچ ۾ فاصلا وڌائي رهيو آهي جيڪي هن خون ۾ ٽپ ٽپ ٿيل زخمن جو مرهم نه ٿا ٿين ۽ هٿئون گهاءُ گهرو ڪيو وڃن. اڄ توکان جدا ٿئي هيترا ڏينهن! ۽ اڃا الائجي ڪيترا اڳتي!

گذريل رات آڌيءَ ويل اڪ ڪلي وئي چڻ ڪنهن جاڳايو هجيم. هال ۾ تنهنجي پيراهن جي خوشبوءِ- آخري ويل پيراهن جي. خوب. خوب سنگهي هيم خوشبوءِ. ڪٿي آسپاس تون هئين. ڇا ڏسڻ آيو هئين ته توکان پوءِ هن پنيور ۾ ڪيتري ٻاهه ٻريل هئي؟

تنهنجي ماءُ، جنهن جي جيءَ ۾ مچ پيا ٻرن، اها ٽلڪندي ٿي وتي. ڪڏهن اندر جي سوزش کان بخار ته ڪڏهن بيقرار. تنهنجو ڪمرو هن کان ڇڏيو نٿو ٿئي. جهڙو عبادتگاهه. سارو ڏينهن ويٺي قرآن پڙهي تنهنجي ڪمري ۾. اڄ 29 ڏينهن گذري ويا جنهن تنهنجي صورت نه ڏٺي آهي نه وري تنهنجو آواز ٻڌو. مرڻ کان ڪي ساعتون اڳ ڪيس تو چيو هيو ته تون منهنجي ننڍڙي امڙ آهين ني! تو جهڙي شير کي بستري تي ليٽندو ڏسي هوءَ پئي جهرندي هئي، پر تو آڏو لڙڪ اگهي سڀ بهادر ٿي ويهي رهندا هياسون. هڪوار تو ڪيس روئيندي دعا گهرندي ٻڌي ورتو هيو ۽ پُٺيءَ کي چيئه ته امان کي وڃي تسلي ڏي. ڏاڍو روئي ٿي. مان اڄ روئڻ ٻڌو اٿمانس اصل ٻاڪاري ٿي.

تسلي! تسلي ڪير ڪنهن کي ڏئي؟ ڪنهن وٽ هئي تسلي!

بار بار چوين: ليلي تون باغ جي پرواهه نٿي ڪرين. اڄ ڪالهه اجڙندو ٿو وڃي. ۽ مان تنهنجي اجڙڻ کان اداس.

تو ڪان پوءِ ڏيند س باھہ پيپور ڪبي.

منهنجو ارواح قلواڙيءَ ڏانهن وري ٿي ڪونہ. منهنجي بهار، جا سرءُ جي سٽن ۾ اچي ويئي هئي.

مشرق ۽ مغرب جي علم جو مطالعو. گهڙي گهڙي زندگيءَ تو سجائي ڪئي. ڪڏهن بہ پرئي منجهند تو ننڊ نہ ڪئي. تنهنجي ڪتابن جي شاندار ڪليڪشن تنهنجي اعليٰ ذوق جي آئينہ دار. ابن رشد، غزالي، جلال الدين رومي، شيخ سعدي. هوڏانهن والٽ وٽمن، بالزاڪ، چيخوف، پرل بڪ، رومين رولان تنهنجو مطالعو.

لباس تنهنجو معززانہ. هيئراسٽائيل، قلم سڀ. ڪڏهن تو هيرو ٿيڻ نہ چاهيو. سوبر شخصيت ۽ تنهنجي انفراديت، تنهنجي مزاج، توکي مڪمل هيرو بڻائي ڇڏيو.

تون چاہ هجين، توکي مرڻ نہ پيو جڳائي دوست! تون، جنهن ڪڏهن اسان جو نيڻن ۾ نير اچڻ نہ ڏنو، اڄ انهن کي ساونڻ جي برسات ڪيڻ ڏئي وئين؟ ڪٿان آندي تو ايتري سنگدلي؟

جوڳي پنهنجي جوءِ ويا، جهڙ جيان نيڻ ٿمن
سخن ساميئڙن جا، هينئڙي منجهہ هرن
سچو موت مکن، اڌ ڪٿا آرام لئہ

رات ٽي-ويءَ تي ڊرامو ڏٺم: "قرة العين". تيون دفعو ڏيکاريو اٿن. بہ دفعا اڳ ڏسندي بہ دل ڏک سان ڀري هئي. پر ٻين جيان رنو ڪونہ هيم. رات هن ڊائلاگ:

جاني والي جب جاتي هين تو يادون کي ڍير کيون ڇوڙ کر چلي جاتي هين.

روئاري وڌو هو ۽ ان کان پوءِ اختتام تي غلام فريد صابري جي قوالي:

مين پل گئي هان تيري نال نہ گئي آن
تيري عشق ني نچايا ٿيا ٿيا

ها، تہ اسان تنهنجي نال نہ وڃي سگهياسون. تون ڳائيندو هئين مٺي گنڀير آواز ۾، سڀ رناسون الاهي دير ۽ اوچنگاريون ڏئي رناسون. سڀ کان وڏي ڳالھہ. تہ تو جيئڻ چاهيو. تون مري وئين. توکي جيئڻ جي امنگ ۽ موت جا سرد قدم تو ڏانهن.

هڪ طرف موت جو يقين ٻئي طرف جيئڻ جي جدوجهد.

امنگون: ڪنهن ڪي لاءِ ٻيرو ٿهرائڻ.

موت ڏانهن ويندڙ واٽ تي هر قدم آ گهيءَ سان . جسم جيتري قوت ڇڏي ويو ، دماغ اوترو ئي طاقتور. سموري قوت ڇڻ اچي ذهن ۾ سمائجي وئي هئي .

دوا ڪريون . دوا نہ ڪرين .

منهنجي زندگيءَ جي پل پل تي تنهنجو پاڇو. تنهنجي قبر تي اچي منهنجي دل ۾ ڪيفيتن ۾ اچي وڃي. جگر ٽڪر ٽڪر ٿيم . منهنجو بيدار دماغ، ذهين ادا، هتي هيٺن مٽيءَ جي ڍير ۾! ۽ ڪڏهن آئت اچيم تہ هي تون آهين . تو سان ڳالهيون ڪريان . جواب نہ ڏين، پوءِ بہ تسلي .

سڪون ئي سلام ، پريان سندي پار جو .

هاسپيٽل ۾ هڪ دفعي توکي چيو هيم: ائين اڪيلو ڇو دل ۾ ڏکن کي پاليندا آهيو؟ اسان کي وراهي ڏيو نہ؟ هوئنن تہ وندي ڪائڻ بنان آرام نہ اچيوَ، باقي ڏک سو اڪيلا ـ چوندي آواز گلوگير ٿي ويو هيو. تو مرڪي منهنجي ڳلن تي ٿپڪي هنئي: ڪٿي؟ مان تہ خوش آهيان . توهان جهڙا وفادار دوست جو اٿم .

ڪيتري نہ خوشي هئي اسان کي تو جهڙي درياهہ دل وفادار ڀاءُ تي ۽ ڪيترو نہ فخر هوندو هيو توکي اسان جي سڪ ۽ قرب تي! محبتون راس نہ آيون اسان کي . ڪيئن نہ اسان گهائجي وياسون ! ڪيئن ڀڏايان تہ تون ڪٿي ڪٿي ياد ايندو آهين: ڪتابن جي شيلف وٽ . آهي تنهنجا ڪتاب جيڪي بار بار پڙهن ٿا تہ آهي هٿ ڪٿي؟ هن جهڙا انسان ڪٿي؟ آهو ذهين دماغ انسان ڪٿي؟ لائونج ۾ مخصوص جڳهہ جتي تون ويهندو هئين . ڪاڏي جي ٽيبل . گهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تنهنجا قدم . هر وک تي تون ياد اچين . منهنجو ذهن تنهنجي يادن جي وقف . ڪڏهن بہ تہ ذهن خالي ڪونہ اٿم . پلا يادن جا ڍير بہ ڪيترا آهن! منهنجيءَ زندگيءَ جي پل پل تي تنهنجو پاڇو. هر وقت جسم احساسات جي شدت کان پيو پري ۽ اُجهامي .

نيڻ ننڊون نہ ڪن ، پکو آرس اکين
اُجهاميو ٻرن ، توکي ساريو سپرين

اعتبار نٿو اچيم تہ ڪو تون مري ويو آهين. تون هيڏو همہ گير انسان!!! هلندي چلندي جڏهين ياد اچين تہ هن دنيا ۾ نہ آهين تہ منهنجي هستي اندو ڪار ۾ ويڙهجي ويندي آ . تون منهنجي روشني هئين ! تون منهنجو فخر ! منهنجي سر بلندي! منهنجي خوشي! هڪ ڏينهن رواجي بخار ٿيو . ٽيبل تي نہ ڏسي تو پڇيا ڪٿي . ۽ آنهيءَ وقت تون منهنجي ڪمري ۾ هليو آئين .

من ، ڇو ڇا ٿيو اٿئي ؟

ادا ، رواجي بخار آهي. توهان ڇو تڪليف ڪئي ؟ مان لهي پئي آيس.

پوءِ تو ويهي مون کي وندرايو ، جين آير ناول سان.

پور ته ٿئي ٿئين ؟ مون سوچيو ، اڪيلي بيمار تنگ نه ٿئي.

برسات پوي فڪر مان پڇين : ڪيئن ويندين يونيورسٽيءَ ؟

مان کلي چوان : بس آئي ته ويندس نه ته بس. ادا ، يا ته نه وسي ، وسي ته ايترو جو ڪو يونيورسٽيءَ وڃي نه سگهي.

سوچيندي هيس ته توتي لڪان. ايترو جگر ڪٿان آڻيان؟ هينئر جڏهن جگر ۾ آگ لڳي ويئي ، تڏهن تو لاءِ لڪڻ اجا وڏيڪ اسهڻ پئي پانيان. جيءَ اندر جيڪا جوالا آ ، ان جي ڇر ڇراٽي ڇڏيو اٿم. وجود پرزا پرزا ٿي ٽڙي پکڙجي ويو آ. جڏهن هستيءَ جا هيءُ ٽڙيل پکڙيل حصا سميٽي جائيتا ڪريان ، دل چوندي آ ته ڪا سڪون پري ماٿار واري ڪنڌ ملي وڃيم، جتي اڪيون پوتي ليٽي پوان. پوءِ ننڊ ٿي ننڊ هجيم ابدي - ازلي! □□□

سرد رات جو جادو

□ قاضي خادم

سيءُ اوچتو وڌي ويو هو. سائبيريا جون ٿڌيون برفيليون هوائون قندار ۽ ڪوئيٽا مان ٿينديون هتي به اچي پهتيون هيون. اجا ته موسم گرم نه ته به ڪا سرد ڪا نه هئي جو اوچتو اچي سيءَ ڪڙڪو ڪيو هو. ماڻهن ته في الحال سوئيٽر پائڻ ڪان به شرمايو پئي. سيءَ جي هن لهر اهڙو ته ڪم ڪيو جو ان ڪان اڳ جو سج لهي، شهر چڻ ته ويران ٿي ويو. بازارن جي رونق جو رنگ ڦڪو ٿي ويو ۽ رستا خالي خالي نظر اچڻ لڳا. پر سيءُ ايترو هو جو خالي رستا ڏسي ڪرڪيٽ ڪيڏندڙ ٻار به نظر ڪو نه ٿي آيا. جيڪي اڙيا ٽڙيا ماڻهو رستن تي نظر ٿي آيا سي به تيز تيز قدمن سان پنهنجن ماڳن ڏانهن ويندا پئي نظر آيا.

اهڙيءَ موسم ۾ شاپنگ سينٽر، جيڪو هر وقت رنگين ڪپڙن، مرڪندڙ چهرن ۽ خوشبوئن سان سٽيو پيو هوندو هو، اهو به چڻ ته ننڊا ڪڙو ٿي جهوٽا کائي رهيو هو. دڪان ته کليل هئا پر خريداري ڪا نه هئي. دڪاندار پنهنجن پنهنجن دڪانن ۾ ڪائونٽرن جي پويان اسٽولن تي ويهي يا دروازن جي اندران اسٽولن تي ويٺا اوٻاسيون ڏئي رهيا هئا. اهي، جن جا دوڪان ايئرڪنڊيشنڊ هئا ۽ اهي به، جن جا دوڪان عام طرح جا هئا پر هينئر هنن به در بند ڪري ڇڏيا هئا. بظاهر ته هو بلڪل چپ چاپ پئي نظر آيا پر ڪنهن ڪنهن مهل رستي تان لنگهندڙ ڪنهن ڪار، رڪشا يا ٽانگي جي آواز هنن جي مرده وجود ۾ چستي پيدا ڪري ٿي وڌي ۽ ڪنهن خريدار جي تصور منجهن گرميءَ جي لهر ٿي پيدا ڪئي. پر جڏهن اهي سواريون بنا رڪئي اتان لنگهي ٿي ويون ته وري هنن تي ساڳي خاموشي ۽ بيزاري ڇانئجي ٿي وئي. پيو ته نهيو پر اڄ اهي شوقين به نظر ڪو نه ٿي آيا جيڪي روزانو رڳو نظرون گرم ڪرڻ لاءِ پيا چڪر هڻندا هئا ۽ هو انهن کي ڏسي بيزار ٿي ويندا هئا.

اهڙيءَ موسم ۾، جڏهن هرڪو پنهنجي گهر وڃي سوڙ وجهي گرم ٽيڻ يا آتشدان ٻاري ان جي گرمي ڪائڻ جو سٽي رهيو هو، هو روزانو جيان شاپنگ سينٽر جي ٻاهرين فٽ پاٿ تي اچي پهتو. هن جو جسم غير ملڪي اوور ڪوٽ ۾ ويڙهيل هو، جيڪو پڪ ئي پڪ نيلامي هو، ڪنن تي مفلر ويڙهيل هئس ۽ هٿ اوور ڪوٽ جي کيسن ۾ وجهيو سيءَ کي جهڪو ڪرڻ لاءِ سيٽي وڄائيندو پسار ڪري رهيو هو. مفلرڪان ٻچيل ڇهري وارين حصي تي سيءَ جا ٿڌڙا ٿڦڙ هن جي من ۾ عجيب موج ۽ مستي پيدا ڪري رهيا هئا.

هن کي خالي رستا، خالي فوٽ پاٿ ۽ واندا دڪاندار ڏسي ڏاڍو مزو اچي رهيو هو. اڄ هن رستو به ڏاڍي آرام سان پار ڪيو هو. نه ته شاپنگ سينٽر جي سامهون واري سنيما کان هن فٽ پاٿ تائين پهچڻ لاءِ جيڪو ٽرئفڪ جو درياهه هن کي پار ڪرڻو پوندو هو، تنهن جو عذاب هن کي معلوم هو. هن کي هردم اهو ڊپ پيو لڳندو هو ته اجهو ٿو ڪنهن تيز رفتار اسڪوٽر يا ڪار جي هيٺان اچي. پوءِ هن کي موت جو خوف ڪو نه ٿيندو هو پر رڳو اهو سوچيندو هو ته جي ٽنگ ٻانهن يا ڪو ٻيو عضوو ڀڄي پيو پيس ته ان جو علاج ڪير ڪرائيندو. هو ته خدا کان دعا پيو گهرندو هو ته ڪيس يا سندس ڪنهن يار ٻچي کي تپ يا ڪنگهه به نه ٿئي. نه ته علاج لاءِ پئسو ڪٿان ايندو؟ هن کي پنهنجي ماءُ جو بنا علاج مرڻ به ياد هو. هن ڇا ڇا نه ڪيو هو؟ ڪنهن ڪنهن جي آڏو ايلاز ۽ آزيون نه ڪيون هئائين، پر وقت تي هرڪو اٽڪاڻ بڻجي بيهي رهيو. هن جي ماءُ هن جي سامهون بنا دوا دارونءَ جي گذاري وئي، هو ڏسندو رهيو. تڏهن هن کي محسوس ٿيو ته دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو دوست ۽ مائٽ پئسو آهي. بنا پئسي جي ماڻهو يتيم آهي، بي سهاري آهي. ماءُ جي موت وقت به هن ڏٺو هو ته سڄي دنيا جو ڪاروبار هليو پئي. چمڪندڙ ڪارون، رنگا رنگ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ روشن درين وارين عمارتون، روشنين ۾ جرڪندڙ سپر اسٽور، سنيمائون، پيٽرول پمپ، سڀ هليا پئي. بئنڪون پئسن سان ڀريل هيون، پر هن وٽ ڪجهه به ڪو نه هو. جي هن وٽ پئسا هجن ها ته شايد هو ماءُ کي بچائي سگهي ها.... اهو احساس هن جي روح ۾ گهاريون وجهندو رهندو هو. هاڻ هن ۾ وڏيڪ ڪنهن تڪليف سهڻ جي همت ڪا نه هئي. اهو ۽ ٻيا به اهڙائي ڊپ هوندا هئا جيڪي هن کي پنهنجي پاڻ کان به پيا ڇرڪائيندا هئا. پر هو ڪوشش ڪري پنهنجا ڊپ پنهنجي زال ۽ اولاد کان لڪائيندو هو. هن لاءِ اهوئي غم ڪافي هو ته هو هڪ ماستر جي گهر جا رهواسي

هئا جنهن جو سماجي رتبو صدين کان آسمان ۽ زمين وچم ٽنگيل رهيو آهي. داخلا ۽ امتحان جي وقت وڏا وڏا ڊينگ هن جي در جا چڪر ڪيندا هئا پر جڏهن هن کي ضرورت پئي هئي ته انهن مان ڪو به هن جي ويجهو ڪو نه آيو. تڏهن کان هن به پين کان پاسو ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ پنهنجي تفريح جا طريقا پاڻ ڳولي ڪڍيا هئائين؛ جن مان هڪ هو شام جو شاپنگ سينٽر تي اچي مختلف قسمن جا ماڻهو، ڪاروبار، دڪان ۽ فيشن ڏسڻ. هو انهيءَ هجوم ۾ پاڻ کي گم ڪري ڇڏيندو هو. پر هن ڪڏهن به ڪنهن دڪان تي چڙهڻ جي همت ڪو نه ڪئي هئي ڇو جو کيس خبر هئي ته هو شين جي ڳاٽي ٻڌين قيمتن سان ڇهي ڪو نه سگهندو ۽ ٻيو ته انهن دڪان تي چڙهندڙن جا قيمتي ڪپڙا ۽ چمڪندڙ بوٽ هن لاءِ احساس ڪمتري پيدا ڪري وجهندا هئا.

پر اڄ ٻي ڳالهه هئي. اڄ ته دڪان اصل خالي پيا هئا. ڪن ڪن دڪانن جا سيلزمين ته هن ڏانهن به اهڙين نگاهن سان ڏسي رهيا هئا ڄڻ چوندا هجن ته ڪجهه ته وٺو! اهو سوچي هن کي مزو اچي رهيو هو. هن کي ائين پئي لڳو ڄڻ اڇوڪو ڏينهن هن سڄو شاپنگ سينٽر مسواڙ تي ورتو هجي. هر دڪان رڳو هن جي لاءِ ئي کليل هجي. هو آهستي آهستي هر دڪان کي ڏسندو وڌندو ويو. هي بوٽن جو دڪان هو. تمام وڏو دڪان. ٻاهران شوڪيسن ۾ نظر ايندڙ زنانن ۽ مردانن بوٽن جا ڪئين چمڪندڙ جوڙا. هن پنهنجي بوٽ ڏانهن نهاريو جيڪو پالش نه ٿيڻ جي شڪايت ڪندو ٿي نظر آيو. ڪڙي پڻ پوئين پاسي کان گسي ويڪري ٿي ڄڻ ته بوٽ کان ٻاهر نڪري آئي هئي. هن ڏٺو ته شوڪيس جي پويان دڪاندار به هن جي بوٽ ۾ نهاري رهيو هو. هو هڪدم اڳتي وڌيو. جنرل اسٽور جا شوڪيس پرفيوم ۽ ڊيڪوريشن پيسن سان سٿيا پيا هئا... انهن جو هن کي شوق ئي ڪو نه هو. ان سان گڏ غاليچن جو دڪان هو. دڪان جي پٽ تي هڪ ايراني غاليچو وڇايل هو، بلڪل اهڙو جهڙو پرين جي آکاڻين ۾ هوندو آهي، جنهن تي شهزادو چڙهي اڪيوٽ ۾ ڪٿي کان ڪٿي، هڪ ولايت کان ٻي ولايت ۾ پهچي ويندو آهي. هن جي به پنهنجي پري هئي جيڪا هاڻ هن جي گهر ۾ هن جي ٻارن جي ماءُ هئي. هن سان گڏ پڙهندي هئي. آدرشي عورت هئي. هن جي خاطر وڏا وڏا دولتمند رشتا ٺڪرايائين. هاڻ به خوش هئي. عجيب سوچ هوس. چوندي هئي ته ڏک ۽ تڪليف انسان کي پنهنجي وجود جو احساس ٿا ڏيارين. انهن کان سواءِ انسان جي زندگيءَ بي معنيٰ آهي. هن جي چواڻي: خوشيون انسان کي پنهنجو

پاڻ مان ڪڍيو ڇڏين ۽ پيو ته خوشيون انهن اجاين ۽ غيرضرروري حاصلات مان ٿيون حاصل ٿين، جيڪي پين جي محنت ۽ رت ست جي قيمتن تي دارومدار رکن ٿيون.

هن پنهنجي خيالن تي مرڪي ڪنڌ کي جهٽڪو ڏنو ۽ اڳتي وڌي رانديڪن جي ان وڏي دڪان جي آڏو اچي بيٺو جيڪو هن کي هميشه مومل جي ڪاڪ محل وانگر پراسرار ۽ طلسماتي لڳندو هو. هن هميشه هن دڪان جي شوڪيسن جي آڏو بيهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گهاريا هئا. هو رانديڪن کي ڏسڻ ۾ ايترو ته گم ٿي ويندو هو جو کيس وقت جو احساس به ڪونه رهندو هو. هو چاهيندو هو ته هٿ وڌائي انهن رانديڪن کي ڇهي، جيڪي هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن به ڇهي ڪونه ڏٺا هئا. هو جڏهن ننڍو هو تڏهن سندس پيءُ هن لاءِ ٺڪر جا اٺ گهوڙا آڻيندو هو. يا وري ٺڪر جي پيالن تي گوشت جي مارڪيٽ مان وڪا آڻي، چاڙهي، نغارا ٺاهي ڏيندو هوس، جيڪي هو وڄائيندو وتندو هو. هن کي ڏاڍو شوق ٿيندو هو ته سندس پاڙي ۾ رهندڙ سڪر ماڻهن جي ٻارن وانگر هن وٽ به گهڻي سان هلندڙ موٽر ڪارون ۽ چابيءَ تي هلندڙ گڏيون هجن. پر هو ڪڏهن به ڪونه وٺي سگهيو ۽ نه ئي ڪڏهن پنهنجن ٻارن کي وٺي ڏئي سگهيو.

اڄ پهريون ڀيرو هن دڪان کي خالي ڏسي، هن ۾ همٿ پيدا ٿي ۽ هو دڪان جو دروازو هوريان کولي اندر گهڙيو. دروازو خودبخود هن جي پويان بند ٿي ويو. دڪان ۾ ڪو گراهڪ ته هوئي ڪونه. البت رانديڪن سان ڀريل شوڪيسن جي پويان ٻه نوجوان ڇوڪرا جينز ۽ جيڪٽ پايو بيزاريءَ مان هن ڏانهن ڏسي رهيا هئا. هو هنن ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ ئي مختلف شيلف ۾ رکيل رانديڪن ڏانهن وڌڻ لڳو. هن هڪ شيلف ۾ پيل اليڪٽرانڪ جيپ هٿ ۾ کنئي ۽ حيرانيءَ سان اٿل پٿل ڪري ان کي جانچڻ لڳو. هن کي خبر نه ٿي پئي ته ان جو ڇا ڪبو!

هن جيپ کي پٽ تي رکيو ۽ اوڪڙو ويهي ڏسڻ لڳو ته هن کي ڪبو ڇا؟ هن کي نه ڪو بٽڻ يا چابي نظر ڪانه ٿي آئي. هن مڙي شوڪيسن جي پويان وينل نوجوانن ڏانهن ڏٺو. هو به هن ڏانهن ڏسي رهيا هئا. هنن مان هڪڙو آهستي هلندو هن وٽ آيو ۽ جيپ جي ڀر ۾ اوڪڙو ويهي چپٽي وڄايائين ته جيپ هلڻ لڳي. وري چپٽي وڄايائين ته جيپ بيهي رهي. هو حيران ٿي ويو. ڏنائين سيلزمئن فخر سان ڏانهس ڏسي رهيو هو. هن پاڻ به چپٽي وڄائي ته جيپ هلڻ لڳي. وري چپٽي وڄايائين

تہ جيپ ويھي رھي. ھن کي مزو اچي ويو. ھن ھر ھر ڇپني وڄائي ٿي تہ ڪنھن مھل جيپ ھلي ٿي تہ وري ڪنھن مھل ويھي ٿي رھي.

ان مھل پيو جوان بہ ھلي اچي ھنن جي پر ۾ ويٺو. ڪافي دير کان اوپاسيون ڏيڻ کان پوءِ ھن کي ھيءَ مشغولي بہ غنيمت لڳي رھي ھئي. ھن اچي ھڪ جيٽ جھاز ڪنيو ۽ ان کي پٽ تي رکي وائرليس ريموٽ ڪنٽرول سان اسٽارٽ ڪيائين. جيٽ جون سپ بتيون ٻري ويون ۽ آن مان مختلف آواز نڪرڻ لڳا. ھو بہ جيپ کي ڇڏي جيٽ کي ڏسڻ لڳو. ڪيس ائين ٿي لڳو ڄڻ ھو پاڻ بہ ان جھاز جو سفر ڪندو ھجي ۽ ڪا سھڻي ڇھري واري نوجوان ھوسٽس ھٿن ۾ عجيب و غريب ڪاڌي سان پريل ڊش ڪنيو سندس آڏو بيٺي ھجي ۽ ھو ڪنھن ڏورانھين ڏيھہ ڏانھن سفر ڪري رھيو ھجي . . . اھڙي ديس ڏانھن جنھن جي روشن راتين، جھڙالن ڏينھن ۽ خوبصورت جوڙن سان پريل سمونڊي ڪنارن جون تصويرون ھو رسالن ۾ ڏسندو رھيو ھو.

ايستائين ھن ڇوڪري ھڪ محل ڪڍيو، جيڪو ھوبھو 14 يا 15 صديءَ جي انگلستان جي ڪنھن محل جو نقل ھو. ان جون بہ بتيون ٻري ويون. ھر دري ۽ روشندان روشن ٿي ويو. ڇمنين مان دونھان نڪرڻ لڳا ۽ وڏي دروازي مان مختلف رنگن جي روشنيءَ ۾ ھلڪا ھلڪا آواز بہ شامل ٿي ويا. ھن کي ائين لڳو ڄڻ ھو الف ليلا جو شھزادو ھجي ۽ سندس سامھون بہ جادوگر بيٺا ھجن جيڪي ڪيس جادوءَ جا ڪارناما ڏيکاريندا ھجن.

آھستي آھستي ھنن ريل گاڏي، اليڪٽرانڪ روبات جنھن جي قدمن سان گڏوگڏ ھٿ بہ ھليا ٿي ۽ اکين مان بہ روشني ٿي نڪتي، ٽپ ڏيندڙ باندر، دھل وڄائيندڙ باندر، ٻار کي لولي ڏيندڙ گڏي، ٻار کي لوڏيندڙ پري، نچندڙ گھوڙو . . . ھر طرف آواز ھئا. روشنين جي جھومر ھئي. ايئن پئي لڳو ڄڻ تہ ڪو دڪان ڪونہ ھو ڪائنات ھئي، جنھن جي ھر شيءِ ۾ جان پئجي چڪي ھئي. ھو جادوءَ ۾ گرفتار ڪنھن واڻھڙوءَ وانگر ھڪ ٽڪ ھن مانڊاڻ کي ڏسڻ ۾ ڄڻ تہ ٻڌو پيو ھو. پنڌ پھڻ ٿي ويو ھو ۽ ھو پئي نوجوان خود بہ ان ۾ ايترو محو ٿي ويا ھئا جو بنا ڪجھہ سوچڻ جي ھو ھر رانديڪو ھن جي اکيان آڻي ھلائي رھيا ھئا. سڄي دڪان جا شوڪيس خالي ٿي چڪا ھئا. ھن جي چوگرد موٽرون، ڪارون، ريلون، ٽئنڪون، ھوائي جھاز، راڪيٽ ماڻھو، جانور ۽ جيٽ ھلي رھيا ھئا. گڏيون ناچ ڪري رھيون ھيون، باندر موسيقي

وڄائي رهيو هو، هيليڪاپٽر چٽگون ڪيدي رهيو هو، ٽنڪون ڌماڪا ڪري رهيون هيون ۽ روبات غير انساني انداز ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين هل چل ڪري رهيا هئا.

هو ايلس واري ونڊرلينڊ ۾ پهچي چڪو هو. جت هُو هو ۽ سائنس گڏ سڄي ڪائنات، هت هو سڄي دنيا کي وساري ويٺو. بل نه پرڻ جي ڪري ڪٽجي ويل لائيٽ، ٻارن جي فِي جو انتظام، مهيني جو خرچ پورو ڪرڻ لاءِ قرض، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ بدلجندڙ حالتون، جنگيون ۽ جهيڙا، پهرين دنيا، ٻي دنيا ۽ ٽين دنيا، ڪجهه به ياد ڪونه هوس. بس مشيني دنيا هئي جنهن ۾ آواز هئا، رنگ هئا ۽ چرپر هئي. هو ٻٽ تي پٽل ماريو ويٺو هو ۽ سندس چوڌاري مشيني ڪائنات ناچ ڪري رهي هئي. جڻ سندس من کي ريجهائي رهي هئي. هن هلندڙ جيپ جي آڏو هٿ تي ڏنو جيڪا سندس هٿ تان ٽپي تي وئي. هن کي ڪوبه ڊپ ڪونه تي لڳو. هن ٽينڪ کي به هٿ ڏئي صرف هڪ آڱر جي زور سان ٻيهاري تي ڇڏيو ۽ وري هن جو رخ موڙي تي ڇڏيائين. ائين هن کي احساس تي ٿيو جڻ ته هو سڀڪجهه ڪري تي سگهيو. هن کي پهريون ڀيرو پنهنجي قوت جو احساس ٿيو هو. هو ڪن لائي انهن آوازن کي ٻڌي رهيو هو. پر آواز آهستي آهستي جهڪا ٿيندا ويا...

سڀ آواز بند تي ويا. سڀ روشنيون ختم تي ويون. هن ڪان چرڪ نڪري ويو. هن کي ائين لڳو جڻ ڪنهن ڪيس گهري سپني مان جاڳائي ڇڏيو هجي. هن پٽ تي ويٺي ويٺي انهن نوجوانن ڏانهن ڏٺو جيڪي ٽڪرا ٽڪرا رانديڪا چونڊي ڪاٺي شيلفن ۾ پنهنجي جڳهين تي رکي رهيا هئا. هن کي اوچتو سيءُ جو احساس ٿيو.

هن دروازي ڏانهن ڏٺو جيڪو کليو ۽ هڪ نوجوان جوڙو هٿ هٿ ۾ ڏيو مرڪندو اندر اچي رهيو هو. هنن سان گڏ گرم ڪپڙن ۾ ويڙهيل سيڙهيل گلاب جهڙو ٻارڙو به هو ۽ دڪان وارن ڇوڪرن جو سڄو ڌيان هنن ڏانهن هو.

هو مات ميٽ ۾ اٿيو ۽ شيلفن ڏانهن ڏسڻ بنا ئي آهستي هلندو در کولي ٻاهر نڪتو جت ٿڌ ۽ هوا جا زوزات سندس آجيان لاءِ موجود هئا. هن مفلر کي سولو ڪري ڪنن کي ويڙهيو ۽ ڪوٽ جي کيسن ۾ هٿ لڪائي رستو پار ڪرڻ لڳو جنهن جي ٻئي پر اهو رستو هو جيڪو سندس گهر ڏانهن تي ويو. □□□

وڇاڇِل ورثو

□ ممتاز مهر

مولچند کي بہ آخرڪار پنهنجي جنم ڀومي ڇڏڻي پيئي ۽ هو ٻين لکين شرنارٿين سان گڏ پنهنجي عيال سميت هندستان اچي پهتو ۽ ڪلياڻ ڪيمپ ۾ اچهو ملين. سکر پراڻي ۾ سندس پہ ماڙ پڪسري جاءِ هوندي هئي ۽ شاهي بازار ۾ ڪپڙن جو دڪان. ۽ هئي، آئيندي جي فڪر ڪيس وڏيڪ نهوڙي وڌو ۽ پنجاهين‌ءَ ۾ هوندي بہ پيرو نظر اچڻ لڳو. سندس سدا مرڪڻي زال لڪشمي جي مرڪ تہ هميشہ لاءِ موڪلائي ويئي. ڪين هڪڙو ئي پٽ رميش هو جيڪو ورهاڱي جي وقت صرف ڏهن سالن جو هو ۽ ستن سالن جي ڌيءَ شيلا. رميش کي بہ ٻاراڻا بيت ياد هئا: ”جو ڪير پيئي سو وير ٿئي“ ۽ ”ٻلڙي ڙي ٻلڙي، توسان اٽم دلڙي.“ رميش کي جڏهن بہ پنهنجي اسڪول جا ساٿي ياد ايندا هئا تڏهن اهي بيت جهونگارڻ لڳندو هو... آهستي آهستي سڀ ياديون ميسارجي ويون.

سنڌ ڇڏڻ وقت مولچند صرف هڪ شيءِ پاڻ سان گڏ کنئي هئي ۽ اهو هو ”شاهہ جو رسالو.“ صبح جو اڪثر هو ان جو مطالعو ڪندو هو ۽ ٻارڙن کي هيءُ بيت ياد ڪرايو هئائين: ”سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار... دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.“ ڪڏهن تہ اڪيلائپ ۾ ورلاپ ڪندو هو: ”وڍيل ٿبي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري... هن پڻ پنهنجا سارئيا، هيءُ هڏن لاءِ هنجون هاري.“

ٻارنهن سال گذري ويا. مولچند ورلاپ ڪندو پرلوڪ پڌاريو. لڪشمي گهڻي ڦرڻ کان عاجز، هڪ هنڌ ٽائينڪي ٿي سڄو ڏينهن پيئي رام رام ڪندي هئي. هاڻي رميش هڪ بئنڪ ڪلارڪ هو ۽ شيلا هڪ مڊل اسڪول ۾ ماستريائڻي.

پنهي شروع کان وٺي جيڪا سنڌي تعليم حاصل ڪئي هئي سا ديوناگري لپيءَ ۾ هئي. بعد ۾ سڄو زور هندي ڀاشا تي رهيو. شيلا هڪ ناٽڪ سڀا جي ميمبر پڻ هئي

جيڪا اڪثر هنديءَ ۾ ڊراما ڪرائيندي هئي ۽ انهن ڊرامن ۾ حصو به وٺندي هئي. بعد ۾ ته هن هنديءَ ۾ ڊراما لکڻ به شروع ڪيا جيڪي گهڻو پسند ٿيڻ لڳا. ڪيس هندي ڀاشا تي پورو عبور حاصل هو.

هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ڪنهن سندس تعريف ڪندي چيو: ”اوهان اهڙي ته سٺي هندي ڳالهايو ٿيون ۽ لکو ٿيون جو سنڌي ته اصل لڳو ئي نٿيون.“

شيلا مرڪي جواب ڏنو: ”ڪا ڀاشا سکڻ ۽ ڳالهائڻ ڏکي ته ڪانهي . . . آءٌ اصل ۾ آهيان ته سنڌي ۽ مون کي سنڌي سڏائڻ تي فخر آهي.“

”هائو، پر هاڻي اوهان ۾ ۽ اسان ۾ ڪهڙو فرق رهيو آهي . . . پيو ته هرجاتيءَ جي پنهنجي Identity هوندي آهي . . . اوهان جي ڪهڙي Identity آهي؟“

شيلا منجهي پيئي ۽ سوچ ۾ پئجي ويئي. من ۾ چيائين ته جواب ڏيان ته اسان جي سڃاڻپ اسان جي ٻوليءَ سان آهي، پر رائج هندي لپي ۽ گهڻي هندي ڳاڏڙ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده حالت ڏسي ڪجهه نه ڪڇيائين.

”اوهان منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو؟“

”اسان جي سڃاڻپ سوهن جي دڙي سان آهي . . . جيڪا پنج هزار سال جهوني سڀيتا آهي.“ شيلا جوش ۾ ورائيو.

”سوهن جو دڙو . . . اهو ته سنڌ ۾ آهي سو به هڪ کنڊر . . . هتي جي ڳالهه ڪريو . . . نئين جڳ جي Reality جي ڳالهه ڪريو.“

شيلا کو جواب ڏيئي نه سگهي ۽ شرم کان ڳاڙهي ٿي ويئي.

گهر ۾ هن پنهنجي پاءُ کان پڇيو: ”ادا! اسين سنڌي آهيون نه؟“

”ها . . . ڀلا ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي؟“

”پوءِ اسان جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي؟“

”چري، ڪهڙا ٿي سوال پڇين! بس اسين سنڌي آهيون . . . سنڌ کان آيا آهيون . . . اها ئي اسان جي سڃاڻپ آهي.“ رميش چيو.

پر شيلا کي پاءُ جو جواب مطمئن ڪري نه سگهيو.

ٻئي ڏينهن هن پنهنجي پوڙهي ماءُ کان پڇيو: ”امي، اسين سنڌي آهيون نه؟“

”هائو ڌيءَ، اسين سنڌي آهيون. پوتر سنڌو جو سنتان . . . اسين سنڌي، اسان جا ابا ڏاڏا سنڌي.“

”پوءِ اسي اسان جي سڃاڻپ ڪهڙي؟“

”شاهه سائينءَ جا بيت . . . . پٽ ڌڻيءَ جو رسالو.“ اهو چئي پوڙهي ميراڻديءَ ڪان ريشمي رومال ۾ ٻڌل شاهه جو رسالو ڪڍي پنهنجي ڌيءَ جي هٿن ۾ ڏنو. جڏهن کان سندس پتي مري ويو هو تڏهن کان هيءُ رسالو پتيءَ جي قيمتي نشاني سمجهي ڪري، هڪ مقدس ورثو سمجهي ڪري هن پاڻ وٽ سنڀالي رکيو هو. روزانو صبح جو جڏهن لڪشمي رسالي کي پنهنجن نيڻن سان لڳائيندي هئي تڏهن کيس قلبي راحت حاصل ٿيندي هئي. اڄ هيءَ امانت هن پنهنجي ڌيءَ جي حوالي ڪئي هئي.

شيلا کي گهڻي آٿت ملي ۽ دل تان بار لهي ويس. شاهه جو رسالو ڪڍي هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ ويئي ۽ ان کي کولي پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. پر ڪجهه به پڙهي نه سگهي ڇو ته رسالو ديوناگري لپيءَ ۾ ڪونه هو. کيس گهڻي گهُٽ محسوس ٿيڻ لڳي . . . سندس هانءُ ڳورو ٿيندو ويو . . . ڳورو ٿيندو ويو. □□□

ساهي

□ طارق عالم

ڪاٻي هٿ جي آڱرين سان ڄاڙين پروڻ ڪي مهٽيندو رهي ٿو. پوءِ ٽائيپ رائيٽر جي رول ۾ ڪورو ڪاڳر وجهي، ڪليل دريءَ مان نظر اينداڙ شام ڏانهن ڏسي ٽائيپ ڪرڻ لڳي ٿو: "دريون سدائين هوا ڪي اندر آڻڻ لاءِ ناهيون ويندون آهن. نه ساهه پوساڻڻ لاءِ. او خدا ... ڪيترن سالن کان شام هن ڪليل دريءَ مان رڪ ٻڌجي منهنجن ڦڦڙن ۾ پرجي رهي آهي. ڪٿي هيءَ شام سون ڪي دم جو مريض نه بڻائي ڇڏي ... ؟ ان ڪان اڳ جو هيءَ شام منهنجو ساهه پوساڻي ڇڏي، ڇو نه مان هن شام جو ساهه پوساڻي ڇڏيان ... ؟" ڪي گهڙيون هن جون آڱريون ٽائيپ رائيٽر جي چاٻين تي ڄمي وڃن ٿيون. ڪي ڪن دريءَ مان نظر اينداڙ گهري ٿيندڙ آسمان ڏانهن ڏسي پيهر ٽائيپ ڪرڻ لڳي ٿو:

"مون هن جي سختيءَ سان پيڪوڙيل مٺ ڏانهن ڏسي سوچيو ... ڪنهن ڪنجوس جو ڪيسو به ايڏو سوڙهو نه هوندو، جيڏي هُنَ جي مُٺ پيڪوڙيل آهي. ماڻهو به ڪيترن قسمن جا هوندا آهن. ڪي ماڻهو پيڪوڙيل مُٺين جهڙا هوندا آهن ته ڪي ڪُليل ترين جهڙا. ڪي ماڻهو آفيسن جي پٽين تي ڪُٽل ٽنگڻين جهڙا هوندا آهن ته ڪي ٽيبل تي رکيل ائش ٽري جهڙا. ڪي ماڻهو وڏن ڊرائنگ رومز جي چائنٽ تي پيل ڊور-مٽ جهڙا هوندا آهن. اسان وٽ گهٽائي ڊور-مٽ-ماڻهن جي آهي. ان ڪان پوءِ، ٽنگڻي-ماڻهن جي. منهنجي خيال ۾ ماڻهوءَ ڪي نه ڊور-مٽ ٿيڻ گهرجي، نه ٽنگڻي نه ائش ٽري ... ماڻهوءَ ڪي يا نم ٿيڻ گهرجي، يا ٿوهر. نم-ماڻهن جون ٽانهون سدائين پين جي ڏڪن لاءِ ڪليل رهنديون آهن، جن تي گهٽو ڪري ائش ٽري-ماڻهن جا ڏنگ زخمين پکين وانگر اچي ويهندا آهن.

"تون ڪهڙن ماڻهن مان آهين ؟"

”مان؟“ هڪ لحظي لاءِ سندس آڱريون ٽائيپ رائيٽر جي چاٻين تي وائڙيون بڻجي ٽيون وڃن. فقط هڪ لحظي لاءِ. پوءِ لحظي ۾ پاڻ ميڙي ٽائيپ ڪرڻ لڳي ٿو:

”مان، ڪڏهن اُش تريءِ رهيو آهيان، ڪڏهن تنگڻي، ڪڏهن ڪليل تريءِ، ڪڏهن بند مٺ، ڪڏهن نم، ڪڏهن ٿوهر... وڌيڪ وضاحت سان پڌڻ چاهين ٿو ته پڌ، گهڻي پاڳي اُش تري، پوءِ تنگڻي، ان کان پوءِ نم، تمام گهٽ ٿوهر.“

اپاهجن جي هڪ ڪانفرنس ۾ هڪ انڌيءَ ڇوڪريءَ اکين وارن سان مخاطب ٿيندي چيو: ”توهان اکين وارا ڪيڏا ڀاڳن وارا آهيو، ڇو ته توهان خواب ڏسي سگهو ٿا. اسان انڌا ته خواب به نٿا ڏسي سگهون. (هاڻ هن انڌيءَ ڇوڪريءَ کي ڪير سمجهائي ته هوءَ جن اکين وارن سان مخاطب آهي، سي اکين هوندي به خواب ناهن ڏسندا. ڇو ته هنن گهڻو اڳ پنهنجن خوابن کي قيمتي نيڪٽائين سان ڦاسي ڏئي، وائيٽ ڪالر جي ڪفن ۾ ويڙهي، سرڪاري قبرستان ۾ دفن ڪري ڇڏيو آهي. سرڪاري بس جي ڪنڊڪٽر آرام سان لهندڙ ڳوٺاڻي مائيءَ کي چيو: ”امڙ جلدي لهه، هيءَ بس انڌي آهي.“

بس ۾ ويٺل پيرمرد ڪنڊڪٽر کان پڇيو: ”هيءَ بس ڇا هي؟“

”هن بس جو لائيٽون خراب آهن ۽ مون کي رات ٽيڻ کان اڳ ۾ چار چڪر اچا ڏيڻا آهن.“ ڪنڊڪٽر پيرمرد کي جواب ڏنو.

ڪنڊڪٽر جي ڳالهه تي پيرمرد، جي گهنجيل چپن تي معني ڀريل مرڪ جرڪڻي پئي.

جرڪندڙ مرڪ سان پوڙهي ڪنڊڪٽر کي چيو: ”پوءِ ڇا هي! سرڪاري بس آهي، پئي چڪر ڏئي، ڪير روڪيندس؟“

ان کان اڳ جو ڪجهه وڌيڪ ٽائيپ ڪري، پئي ڪمري مان ٽي- وي جو آواز پڙڻ لڳي ٿو. خبرون پڙهندڙ پنهنجي مخصوص واهيات لهجي ۾، چپ جي وڇوڻيءَ سان لفظن کي ڏنگي رهيو آهي:

”اڄ.... ضلعي جو.... ڳوٺ زبردست سيلابي وهڪر هيٺ اچي ويو. ڪيترا ڪچا گهر ڍهي پيا ۽ بيٺل فصل پڻ ٻوڏ جي ور چڙهي ويو. ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر شهر جي ڀر پاسي رهندڙ ٻين ڳوٺاڻن کي چتاءُ ڏنو آهي ته پنهنجا ڳوٺ خالي ڪري جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي محفوظ مقامن تي پهچي وڃن.“ (جيڪي ماڻهو پنهنجن ڳوٺن، پنهنجين محبتن ۽ محنتن سان جوڙيل جهوپڙين ۾ محفوظ نٿا رهي سگهن، انهن

لاءِ پلا پيا کھڙا محفوظ ٿي سگھن ٿا؟)

”تون آوازن تي شڪليون سجائي ويندو آهين؟“

”ها، مان ان خبرون پڙهندڙ جي آواز مان سندس شڪل چٽيءَ پر سجائي سگھان ٿو. انڊا ماڻهو به ته آوازن تي ماڻهو سجائي ويندا آهن . . . اسان پنهنجي ٽي-وي جا سمورا پروگرام پڌي ۽ ڏسي سگھون ٿا . شايد اسان جي ٽي-وي انتظاميه کي اکين وارن جي پيٽ ۾ اندن سان وڌيڪ همدردي آهي . . . تڏهن ئي ته هو اکين وارن لاءِ ڪو پروگرام نٿا هلائين .“

” ۽ دور-مٽ ؟“

” دور-مٽ مان سدائين محبتن ۾ رهيو آهيان . پر ڪجهه مهينن کان مون تي ٽوهر ٻڌڻ جو ڀوت سوار آهي. جيڪڏهن اڃا ٽوهر نه ٻڌيس ته هي شام منهنجو ساهه ٻوساٽي ڇڏيندي .“

”تون وائڙو ۽ ڏيڍ ناهين ؟“

” ڪيئن ؟“

” جيڪو ڇوڙ چاهين ٿو، ڇئين نٿو.“

” حقيقت ۾ مون کي جانورن کان گھٽ ، ماڻهن کان وڌيڪ ڊپ لڳندو آهي.“

” تون پاڻ کي ڇا ٿو سمجھين ؟“

” مون کي ماڻهن کان وڌيڪ ڊپ لڳندو آهي. “

”ڇا مطلب ؟“

” مون کي محسوس ٿيندو آهي ، مان ڪيترن ڀُڪن کان ڪنهن ڪوس-گھر ۾ واڙيل آهيان جنهن جي دروازي کي مان ڊپ وچان اندران بند ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن به ڪو ٻاهران در کي کڙڪائيندو آهي، مان اندران سڄو ڏڪي ويندو آهيان . آهي ڏک دروازي تي نه ، مون کي پنهنجي دل تي لڳندي محسوس ٿيندا آهن . هر در کڙڪائيندڙ مون کي ڪاسائي لڳندو آهي .“

”تو کي ڪڏهن انهن درکڙڪائيندڙن تي ڪاوڙ نه آئي آهي ؟“

هو ٽائيپ رائيٽر جي رول مان پرچي ويل ڪاڳر ڪڍي ، نڪور ڪاڳر وجهي ٽائيپ رائيٽر جي چابين تي ڏک هڻڻ لڳي ٿو :

”ڪوڙ جي سرحد جي شروعات اتان ٿئي ٿي جتان لاڄ ساٿ ڇڏي ٿي . مان اڻ پڙهيل نشاني باز ڪڏهن ٻڌڻ ناهي چاهيو . نه پڙهيل لکيل واتوڙي ٻڌڻ چاهيو

اٿم . . . هوٿهن، ويهندا نم جي ڇانو ۾، تعريفون ڪندا پراون وڻن جون. پراوا ريفرنسز ۽ ڪوٽيشنز پڌائي هو ڏيندا سمجهن ٿا، ڄڻ هنن آسمان فتح ڪري ورتو هجي. نه سگريٽ پنهنجو، نه ماچيس ۽ نه سوچ. سڀ اڌارو.“ ڪاڳر تان نظرون هٽائي دريءَ مان نظر ايندڙ هوريان هوريان گم ٿيندڙ آسمان ڏانهن ڏسي ٿو. هن کي آسمان ڪنهن انڌي ماڻهوءَ جي اکين جهڙو لڳي ٿو. ڪيس اخبار ۾ پڙهيل هڪ خبر ياد اچي ٿي. ٽائيپ رائيٽر جي چاٻين تي ڏک هڻڻ لڳي ٿو:

”پر تون وساري رهيو آهين ته هڪ اکين وارن لاءِ به آهي.“

”ڪهڙو؟“

”گونگن وارو.“

”ها، واقعي . . . . .“ ٽائيپ رائيٽر جي چاٻين تان آڱريون هٽائي ٻنهي هٿ پيٽ تي رکي، ٿڪن سان ٻڪين پئجي ٿو وڃي. ڪلندي ڪلندي سندس نظر دريءَ مان ظاهر ٿيندڙ گهگهه اونداهي آسمان تي پئي ٿي. سندس ٿڪن جو پير ڄڻ ڪنهن ڪاريءَ ڏي اچي ٿو وڃي. دريءَ مان نظر ايندڙ رات کي پنهنجن ڦڦڙن ۾ پرجندي محسوس ڪري ٿو. ڄڻ ۽ توانائي مان اٿي، دريءَ جو تاڪ ڀيڪڙي ٿو ڇڏي. تاڪ جي ڀيڪڙجڻ سان هٿو پاڻ کي وڌيڪ ٽانيڪو، وڌيڪ محفوظ محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. ۽ تي اونها ساهه کڻي پيهر ٽائيپ ڪرڻ لڳي ٿو:

”سچ، هوا ۽ روشنيءَ کي اڄ تائين ڪو به بندي خاني ۾ قيد ناهي ڪري سگهيو، هو عقل جا انڌا مورن ڪان جهنڊ ڇڏائڻ لاءِ، هڪ اماوس جي رات جنو مورڻ کي ڪاتين سان ڪهي ڪائي ويا. صبح جو جڏهن سڏن اک کلي ته هنن ڏٺو، مورڻ جا کنڀ غائب هئا. هنن سڄي شهر جي ناڪا بندي ڪري، گهر گهر ڇاپا هڻيا، جتان ڪين لکن جي تعداد ۾ مورن جا کنڀ مليا. ٻي رات هنن عقل جي انڌن ساڳي سيدان تي مورن جي لکن کنڀن کي آگ لڳائي ته آڳ ڀيڙ ڪري ستارن کي ڇهڻ لڳي. ۽ هو عقل جا انڌا پنهنجا منهن لڪائي اونده. . . . . . .“

اوچتو ڪمري جي ڀيڪڙيل دري ڌماڪي سان کلي وڃي ٿي. کليل دريءَ مان نظر ايندڙ آسمان ڏانهن ڏسي حيران ٿي وڃي ٿو. روشن ڦوهارن ۾ وهنتل آسمان کي اجا ڏسي ئي رهيو هو ته سندس ڪنن ۾ آواز پرڻ لڳن ٿا. اتاولائي مان ڪرسيءَ کي پٺ تي ڏکي، ڪمري مان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. روشن آسمان هيٺان هزارين ماڻهو

خوشيءَ مان نعرا هڻي رهيا آهن: ”پيٽ پٽائي، ڪر ملڪ مٽائي.“ نوجوانن ڪان وڌيڪ ٻار خوش نظر اچن ٿا. ڪيس اهو سڀ ڪنهن انڌي ماڻهوءَ جي خواب ڏسڻ جي اعلان جيڏو ناممڪن لڳي ٿو. ويساهه ۽ اويساهه جي رليل مليل جذبن سان درڪي اڌ ڪليل چڱي موت ڪائي ٿو ته زال آڌو اچي وڃيس ٿي، جنهن جي چپن تي آزاد ڪبوترن جهڙي مرڪ ڦٽڪي رهي آهي. هو پنهنجي زال جي مرڪ کي ڏسي به سگهي ٿو ته ٻڌي به سگهي ٿو. هوريان هوريان سندس زال جي مرڪ پر ڦڪيڙي، آڳنڌ ۾ بيٺل چنبيليءَ جي گلن کي ڇهندي، هن جي چپن تي اچي ڦٽڪڻ لڳي ٿي. هو مرڪندو هلندو ڪمري ۾ اچي، ٽائيپ رائيٽر جي رول مان ڪاڳر ڪڍي، ٽيبل تي پيل پين ٽائيپ ٿيل ڪاڳرن سان ملائي، سمورا ڪاڳر پنهنجي اهم فائيل ۾ وجهي ڪرسيءَ تي آهلي ٿو پئي. اڪيون ٻوٽي ڊگها اونها ساهه ڪڻڻ لڳي ٿو. ۽ ڦڦڙن جي ڏوڻ ۾ تازي هوا پرينڊي سوچڻ لڳي ٿو... ڪجهه ڏينهن لاءِ ئي سهي، ساهي ته ملي؛ ڪا تازي هوا ته گهلي. □□□

رَدُ

□ محمود مغل

هن هٿ کي ٻانهن تي سيڪيو، پير کي تتل پانيائين ته ٻري ڪري ورتائين. ٻريان ويٺل سومر هن ڏي نهاري هلڪو مرڪيو. اٺ لڪي مرڪ سندس چپن تي ڪنهن وڄ جيان ڪا چمڪ هڻي ۽ پوءِ سندس منهن جو آسمان، ائين ئي ڪارو ٿي ويو. ٻريان مڪن ڪين ڏسي پنهنجي سلفيءَ ۾ تماڪ ڀريو.

"اڄ ڪيئن آ پارو؟"

هن تماڪ کي تيلي ڏئي، سوٽو هنيو ۽ مٿان ٻيل ڪمبل، جنهن ۾ هو ويڙهيل سيڙهيل هو، وري ور ڏئي ويڙهڻ لڳو.

"ٺاهوڪڙو آ".

نصيبان ڪجهه نه ڪڇي، ٻريان موٽ ڏي تڪڻ لڳي، موٽ سومر ڏي نهاري ورندي ڏني. نصيبان وري به ڪجهه ڪونه ڳالهايو، هٿ کي ٻانهن ڪان ٻري ڪري ڇڏيائين. سومر ڦاٽل رليءَ کي پيرن تي ٺاهي وڌو.

"هڪ ته هن موسم ڪان ٻه ڦاٽا آهيون، اوچڻ ليڀي ڪونه، سيءُ آ، جو ڪڙڪيو ٿو ڪڙڪي، ڪيڏي وڃون."

"هونئن وري ڪهڙو سک ۾ هونداهون، ڇو هن موسوم جو روئون!"

ٻريان سڪينه ڳالهايو، سندس ڳالهائڻ تي نصيبان جي منهن تي هلڪا نقش ابريا، ڪيس شايد سڪينه جو ڳالهائڻ نه وڻيو هو.

"ائين به ناهي."

نصيبان پٽڪيو، الائي ڇو هن سڪينا کي رد ڏيڻ، جڻ هن پنهنجو ايمان تي سمجهيو.

"هونئن آهي ته سهي. سچي آ سڪينه". مڪن پاسو ورايو "ڪهڙو وري اونهاري

۾ سگھيا هونداهون. وسي مينهن ته ڪنهن ڳوليندا وتون، اڃي طوفان ته سڀ تيئن ٽپڙ
مٿي ٿيو وڃن، جيئن ته هر منڊ ۾ جهڙو ورهه جو ڳنڍيو، هر گهڙيءَ ڪڙو."

هن سلفيءَ کي پاسي ڪان رکيو ۽ سڏو ليئي، چتين لڳل ڪمبل کي مٿان
وجهي، سمهڻ لاءِ تياري ڪئي، نصيبان کي جهڙي ٻاهه لڳي وئي، مڪن ڏي گهور
ڪري نهاريائين.

"هڪ ته مرن کي تنهنجو اهو رد ڏيڻ بنهه نه وڻندو آ. هميشه منهنجي ڳالهه
کي ڪوڙو ڪندين".

"تون ڳالهه ئي اهڙي ڪندين آن، نه ته مون کي ڪو شونقڙو ته ناهي توکي
رد ڏيڻ جو."

"الاءِ مٿان هجنئي."

نصيبان وري به پير ٻاهه ڏي ڪيو. جملو اڪليندي سندس منهن عجيب نقش
ناهڻ لڳو.

"۽ تو جي سڪينه کي ڪوڙو ڪرڻ گهريو، سو..."

مڪن دوڏا ڦوٽاريا، ڪيس شايد نصيبان جو هن طرح ڳالهائڻ نه وڻيو.

"تنهنجي ڏاڏي پوٽي آ چا، جو پار ٿي ڪٽينس."

نصيبان تپي وئي، مڪن کيءَ هن جملي جڻ پٺيءَ ۾ ٻاهه پڙڪائي ڇڏي. هو
هڪدم اٿيءَ ڪڙو ٿيو.

"تون وريءَ ڪا منهنجي ڏاڏي پوٽي آن چا."

نصيبان ڪجهه چوي چوي ته مولڻ وچ ۾ ٽپي پيو.

"ڇڏيو هاڻي، اهڙي کهڙي ڳالهه ٿي پئي آ جو پاڻ ۾ ائين ٿا منهن ماري ڪيو
... بس ڪر ڙي تون." هن مڪن کي دڙيو "۽ تون به ٺاپر ڪر مائي."

نصيبان بس نه ڪئي. سندس اکيون پرجي آيون.

"مان ناهيان نه هن جي ڏاڏي پوٽي، مٿاڻي ناهيانس نه، تڏهن تو دوڏا ڦوٽاري،
پرائيءَ رن جي ڪري ٿو مون مٿان اکيون ڪڍي."

"بس ڪر ته نڙيءَ ٿي ننهن نه ڏيانءِ."

مڪن وري گرم ٿي ويو. مولڻ وچ ۾ هليو آيو.

"مائي بس ڪر نه هاڻي، چيو مانءِ ته سهي مهاڏو نه ڏي، مڙس سان اٽڪبو آ

چا ؟" هن مکن ذي نهاريو. "۽ ميان تون بہ هاڻي سمجهي پؤ، جڏڙيءَ سان اُنهن تہ نہ اٽڪ."

ان وچ ۾ سڪينہ ڪجهہ نہ ٿي ڪڇيو، پريان ئي پنهنجي هنڌ ۾ ويڙهيل سيڙهيل ليٽي رهي، منهن ڪي مفلر ويڙهي چڏيو هئائين. مکن چپ ٿي، ڪمبل مٿان وجهي ڀنجي رهيو، نصيبان ٻڙ ٻڙ ڪري، اتي ئي پاهہ ۾ ڪائين ڪي سورڻ لڳي.

هو سڀئي فقير هئا ۽ هتي مسجد جي پرسان نهيل دالان ۾ رات گذاريندا هئا. مکن ۽ نصيبان زال مڙس هئا. نصيبان جي ڪاٻي ٽنگ ۽ ٻانهن سڪل هئي ۽ مکن هن جي ڪري سيڪجهہ وڃائڻ جو قائل هو. قسمت هن هنڌ تي پهچايو هئس. صبح ٿيڻ ساڻ فجر جي نماز تي ايندڙ جماعتين جي اچڻ ڪان اڳ ئي هو، سومر، مولڻ ۽ سڪينہ سان گڏ اتي ويهندا هئا ۽ پوءِ جيئن جيئن نمازي نماز پڙهندا ايندا هئا، سندن جهولين ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ پوندو رهندو هو.

مسجد جي پر وارو اهو دالان بہ عجيب هو. هڪ طرف ڪان اتي، مسجد جي ٻارنهن ئي مهينا هلندڙ مرمت لاءِ ريتي ۽ سيمنٽ جون ٻوريون پيل هونديون هيون ۽ ٻئي طرف پٽ ۾ لڳل، سيمنٽ جون نهيل نڪيل دڪيون هيون ۽ وچ واري گذرگاهہ تي انهن جو وسيرو هئو. سڄو ڏينهن ماڻهو هڪ طرف ڪان ٻئي طرف ويندي هنن وٽان لنگهندا هئا. پوءِ هڪ ڪنڊ ۾ سڪينہ منهن تي ڪپڙو ويڙهيو هٿ ڊگهيريو ويٺي هوندي هئي ۽ ٻئي طرف در وٽ سومر "مولا ڪي سچاڻ، ڪجهہ ڏئي وڃ" جو راڳ پيو آلاپيندو هو.

سڄو ڏينهن مولڻ جون اکيون، ماڻهن ڪي خالي خالي تڪينديون هيون ۽ نصيبان هڪ گاڏڙي ۾ پيل، مسجد جي ڏائي در وٽ ويٺي هوندي هئي، جتي ڏاڪا ختم ٿيندا هئا تہ اتي مکن سندس گاڏڙي جي پٺ تي هٿ رکيو، ڪنڌ جهڪايو ويٺو هوندو هئو، نصيبان زور زور سان ڪنجهندي هئي ۽ جيڪي ڪجهہ ملندو هو، سو گاڏڙي ۾ پيل قاتل رليءَ هيٺ رکندي ويندي هئي.

هوءَ پاسي ڪي ريڙهي ٿي، چڻ پاسو ٿي ورائي. سندس ساڄو پاسو چر پر تو ڪري، ڪاٻو ڪيس هميشہ جيان پنهنجو نٿو لڳي. ڪنڌ ڪٽي ڏسي ٿي، سڪينہ بہ ستي ناهي، هيءَ لڳل بلبن ۾ نهاري پئي ٿي. ٻاهر سڀ ڪجهہ وڏي ويو آ. نصيبان ڪنڌ ڪي ڪجهہ ورائي نهاري ٿي. مکن، سومر ۽ مولڻ ننڊ ۾ گهور پيا آهن. نصيبان وري سڪينہ ڏي نهاري ٿي.

وهيءَ به ڪنهن ڇوري آ، الائي ڪنهن جو اولاد آ نپٽي. الائي ڪٿان جي بلا آ ...
پر منهنجو ڇا هي! مان وڏي ڪهڙي هتي جي مالڪياڻي آن! اسين ته سڀ وڻ وڻ جي ڪاٺي هون ... پر هو مئو مڪن به ته چرياڻ آ، هميشه منهنجي ڳالهه ڪي رد ڏيندو. ان ڇوريءَ جي ڳالهه مڃانهين ڪندو ... هوءَ به هميشه منهنجي هر ڳالهه تي نهڪار ڪندي. مجال آ جو ڪٿي ’ها‘ ڪري ... مون سان پئيس ئي ڪانه. مون ڪي ڪجهه تي پئي ته مون لاءِ ڪجهه ڪندي، مون لاءِ رد ڏيندي ... پر مون ڪي وري ڪهڙي پروڙ لڳل آ، سندس پوڻ نه پوڻ جي ... آڪوئي وجي ڪڏهن پئي. پر هاڻي جي مڪن سندس پاسو ڪنيو ۽ رد ڏنائين نه، ته اهڙو ناهي ٿوڪي جهيڙو ڪندي مانس، جو مسجد جا در دروازا به اهڙا چيڪات نه ڪندا ۽ ...‘

هوءَ خيالن ۾ الائي ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي نڪتي هئي. سوچيندي سوچيندي جهوٽو اچي ويو هئس. الائي ڪيتري دير ائين گذري وئي هئي. اڪ ڪليس ته ڏٺائين ته ٻاهر پنيرڪو هو. صبح ۾ ڪجهه ئي دير هئي. نصيبان مسجد جي لوهي در ڏي نهاريو. چاڻ ٿوري دير ڪان پوءِ ملو اچي ڪڙڪي سان قفل کوليندو، وڏي آواز سان مسجد ۾ گهڙندي سلام واريندو ۽ پريان سومر رليءَ مان ڪنڌ ڪڍي ٻڙ ٻڙ ڪندو ... پر مان هي سوچيان ڇا ويٺي، ٿيو ڇا ٿم، اڄ ته مٿي ننڊ به الائي ڪيڏي وئي آ، هر اچي ٿي، هر نٿي اچي.‘

ڪيس ٿوري تپش محسوس ٿئي ٿي ۽ سوچي ٿي: ’اڄ ته هن مهل گرمي آ. ٻاهر به ته ٻاري ستا هئاسين، رات ان تي به ڪيئن نه گوڙ ٿيو. سڪينه ڇوي نه ٻاريو، مون ڇيو ٻاريو ... پر اسان جو اهو ڏند چڪ ڪيستائين هلندو. هوءَ نه ڇٽي مان ها، مان نه هوءَ ها. هاڻي ته دوڏا پٽيو ويٺي آ. پلي ويهه سائي، ويهي ڏس. ڪهڙو ٿو فرق پوي.‘

اوچتو ڪيس ڪا شيءِ محسوس ٿئي ٿي. هوءَ ڪنڌ ورائي ٿي. ڪنڌ مخصوص حد تائين قريس ٿو. هوءَ ڪاپي پاسي نٿي ڏسي سگهي. سندس ڪاپي پاسي گرمي وڌندي ٿي رهي. هوءَ سڄي جسم ڪي قيرڻ ٿي گهري ۽ ان مهل ئي الاءِ ڪيئن سڪينه ڪيس ڪٽي ٿي وئي. نصيبان الاهي ڳري آ. سڪينه وري به ڪيس ريڙهي پري ٿي ڪري. نصيبان ٻت ڪي قيري اوڏي نهاري ٿي. سندس هنڌ ۾ قاتل رليءَ ۾ ڪجهه تاندا هئن. ڏپ ڪان نصيبان جي رڙ ٿي نڪري.

مڪڻ هڪدم ٻُل ڪاٺي اٿي ٿو. سومر ۽ مُنهن ٽان رلي پري ڪئي. الاٺي ڪيئن هوا تي ٽاندا اڏامي اچي سند س ڪاٻي طرف ڪريا هئا ۽ هنڌ ڪي ساڙڻ لڳا هئا.
مڪڻ نصيبان ڏي نهاري ٿو.

”رات ڇيو هو ماڻهو نه تہ سڪينہ ڪي رد نہ ڏي. هن ڇيو هو تہ باهہ وسائي سمهون، تو ئي رد ڏئي باهہ ٻارائي هئي. هاڻي جي سڙي مرين هان تہ وڃهين هان اسان ڪي ۽ جنجال م. پاڻ تہ وڃين ها، اسان جو ٻہ سر ڪٽين ها.“

نصيبان وري ٻہ نہ مڙي. ”چو، سڙ چو ڪٽان ها. ٽاندو ٻہ پري نہ ٿئي ها ڇا مون ڪان.“

”توڪان پري ٿئي هان، هان ...“ مڪڻ توڪ طور مرڪيو، ”توڪي سڪينہ ۽ پنهنجو فرق ئي نظر نٿو اچي. توڪان تنهنجي ٻانهن پنهنجي مرضيءَ سان پري ٿئي ٿئي، سو ٽاندو ٿئي ها.“

نصيبان سڪينہ ڏي نهاري ٿـي. هوءَ وري ٻہ ڪجهہ نٿي ڪڇي. نصيبان جي نڙي پرجي ٿي اچي. ڪٿس سڄي ڳالهہ سمجهہ م اچي ٿي وڃي. ذهن م جملو ٿو گهڙجيس. هوءَ لمحن لاءِ سوچي ٿي، پوءِ چپ ٿي وڃي ٿي ۽ اتي ئي سڪينہ مڪڻ ڏي نهاري ٿي.

”جي هن ڪان پري نہ ٿئي ها، تہ مان ڇا لاءِ هئم. مون ئي هن ڪي پري ڪيو آ، مان ئي هن جي ٻانهن آن.“

نصيبان جي منهن تي رنگ ٽا اچن. مڪڻ ڪجهہ نٿو ڪڇي، سومر رلي ٿو لاهي.
”مائي، ذات پيدا ئي رد لاءِ ٿي آ، مڪڻ. هڪ چپ ٿيندي تہ ٻي ڏيندي. تون ڪنهن ڪي چپ ڪرائي، ڪنهن ڪي ڪندين.“

مڪڻ ڪجهہ نٿو ڪڇي، سومر ڪي رليءَ ڪي منهن تي وجهندو ڏسي مرڪي ٿو ۽ ٽاندا وسائڻ ٿو لڳي.□□□

رڻ ۾ تتي راڙو ٿيو

□ حفيظ ڪنڀر

نانو جهانگي ٻڪرين کي ڏهر ۾ ئي ڇڏي ٻنڌ پٽ تي چڙهي ڪنڊي کي ٽيڪ ڏيئي وهي رهيو. هڪڙي نهار وري ٻڪرين ڏانهن ڪيائين. هر ڪنهن ٻڪري هڪڙي ٻوهه ماں ٻوٽ ڪيدي پئي ۾ تي وڌو. نانيءَ جهانگي جي اندر مان ڏکهو ساهه نڪتو. ولر گهٽو گهٽجي ويو هو. 'هاڻ ته الائي ڪنهن جو وارو آهي؟' هن سوچيو.

اڄ صبح جو ٿاڻان جي ٻوٻري ته ڪلي تي مثل هئي. هو ٿاڻان کي گهر رئندو ڇڏي ئي ڏٺ ڀهرائي آيو هو.

'هاڻ ته پٽارين نلهي پاڻي تي پيون هلن سو به ترائي اڄ سياڻپي سڪڻ تي آهي. تڙ تان ته شاهن اڳي پاڻي بند ڪري ڇڏيو آهي. او ته ويچارا ڪيئن ته ڪن جو سرڪاري ماڻهن اڇي تڙ تي قوڪو ڪيو. پاهنجي لا ته پاڻي ڇڙون هو ته رکندا ڪه نه؟'

هن تصور ئي تصور ۾ پاڻي کي اٿلون هڻندي ڏنو پر هن جي سامهون فقط واري واريون اگهاڙيون پٽون ئي هيون. اهي ويران پٽون هن کي ڏنگي رهيون هيون. هن وري مٿي نهاريو. آپ ۾ ڪڪرن جي ڪاراس ئي ڪاراس هئي- ڪنهن ٽبهل گوڙ جو ڏڏڪو به ٿيو ٿي پر ناني جهانگي جو ويساهه ٽٽي چڪو هو. هو الائي ڪڏهن ڪان اهي خالي ڏڏڪا ٻڌندو آيو هو. هاڻي ڪيس ڪڪرن جي ڪاراڻ ۽ گوڙ سرڪاڻ بجاءِ منجهائي ڇڏيندا هئا. نه ئي هاڻي ماڻهو ڪانئس مينهن جي اچڻ يا نه اچڻ بابت اڳڪٿي ڪرائيندا هئا.

اڳي ته سڙال جو ڪٽي زبان ڳسي. ٻس ٽڪ جي قوتئي بند ڪري ناشڪو هٽي ٽاٿو ئي ڏسي ڇڏيندو هو.

"مارو! اها ڪڪري ڏسين پيو؟"

"ها"

بس ڪٽيو پئي اچي.“

” پيلي جهانگي، مون کي ته ڪوڙو ئي ڪو نه ٿو لڳي.“

”ٺهيو، ڏسجِ جي لٿي ڪان اڳ نه ڊريو ته هي زبان ڪاري ڪٺي جي.“

جهانگي جي زبان گسڻ جي ته هئي ئي ڪو نه. پوءِ سچپين لٿي ڪان اڳ ۾ هڙ ئي ترايون لٿ ٿي وينديون هيون. هر طرف ڪان هيڪار ۽ مهڪار وارو واءُ ورندو هو. هر ڪنهن مک تي وٺي جو واءُ مرڪون سجائي لوليون ڏيڻ لڳندو هو. هُر شيءِ هر منظر ۾ شفافي سونهن موتي ايندي هئي. ويل سونهن ورڻ سان هر طرف زندگي ڊوڙندي ڊڪندي نظر ايندي هئي. ناني جهانگي ۾ ۾ سير رت وڌي ويندي هو ۽ مينهن اوڪامڻ شرط وڃي مارو جي گهر رسندو هو.

”اڙي مارو ڪٿي اهئين؟“ هن جي ٿپندڙ ٽڇنيڙ من مان مارو جي اوٽي تي پهچڻ شرط سڏ ٻڪرندو هو. هن کي پڪ ۾ هوندي هئي ته مارو گهر آهي پر هن جي ڪٽ ۽ جيت هن کي جهل ڪوڻ ڏيندي هئي.

”اڙي ڏاڙهي پٽن ۽ ڏهرن ۾ اچي ٿي آهي ڪو چِلهه تي ڪونهي ٿي.“

”مچيوسين پيلي مچيوسين. هلي آ ويهه.“ مارو چونٽري مان ئي جواب ڏيندو هو.

دنيا جهان ڪان ٻي خبر ٿي جڏهن مارو ۽ جهانگي گڏ ويهندا هئا ته الائي زندگي جي ڪيترن ئي داستانن کي ورجائڻ لڳندا هئا ۽ انهن داستانن مٿان ڪيڏندي ڪيڏندي رات مٿانئن پرڙا سوري ڪٽي ويندي هئي. اِسر جي پانگ سان پئي چٽا رات جي اوجاڳي کي ڪنهن چادر وانگر چنبي اٿندا هئا. جهانگي اچي مسيت پيڙو ٿيندو هو ۽ مارو جي پنهنجي ڪرت ڪار هوندي هئي.

پر هاڻي-

هاڻي نه ئي مارو وٽ ڪچهري مچندي هئي نه ئي هو نماز لاءِ اسر ويل وڃي مسيت پيڙو ٿيندو هو، بس لٿي ڪان پوءِ سيني ٻڪرين کي واڙي گهٽي وٽ منجو رکي پونگري پيئندي ڪنگهندي ۽ لڙاٽيل تارا تڪيندي نڌڪي رات کي نيلهي چڙيندو هو. صبح جو ٻڪريون ڪيڍي وري شام جو اڌ-ڊايون اڌ اڃيون ٻکيون آڻي ساڳئي واڙي ۾ پوريندو هو.

”هاڻ ته مينهن ٻائي پاهنجو الله آهي.“ ڪالهه ناني جهانگي جوٽس کي چيو هو.

” ڪوهه؟ اکهئين پاهنجو ڪو نه هو ڪيئن؟“ هن ناني جهانگي جي پيراندءِ ڪان منجي تي ويهي ناس جي چپٽي نڪ ۾ ڏيندي چيو.

”آهي ته سهي . . . پر هاڻ ته مال ڀڻارو ڪوسي واري پيو ڦڪي.“ ناني جهانگي چيس.

” بس من انهن ٻي زبانن جي دانهن سڻي. آلائي ڪهڙو ٽاٽو وريو آهي! ڏوڪرو سومار چئي پيو ته چيني ۾ به اهڙو ويل ڪو نه هو. اڄ ٻي ٻي سڳوري وٽ به ڪٽا ڪٽي وئي هئس. ٻائي صاحب چيو اڃا ٽاٽو پيو آهي. ڪارڙو ڪونيارڙو ڪريو ته چنڊون پنهجي ويندي.“

” اي! وڻو ته پاڻهي وسندو. مينهن ٻائي صاحب جي پلاند ۾ ته ٻڌو ڪو نه پيو آهي جو گهر ۾ پيل ڪٽا ڪٽيو وجو ڏيو اڇين تي.“

” هان! هان! وليائيءَ کي ڳالهائين ڪيئن پيو! رب راضي ڪيئن ٿئي! ماڙهن جا قلب ئي ڪارا ٿي ويا آهن. تونڪل آهي ڪو نه، پوءِ ڏيهه ۾ ڏڪار نه ايندو ته پيو ٻيلا ڇا ٿيندو؟ مينهن ٻائي ناني جهانگي کي انهيءَ ڳالهه ته ڪن نه ڏيندي ڏسي اٿي لانڍي ۾ هلي وئي هئي ۽ نانو جهانگي ڪافي دير تائين ڪنهن سوچ ۾ ٻڏو رهيو هو.

هن ڪنڍي جي ٽلهن ڏارن ۽ ڇڊن پنن مان آسمان تي لٿل ڪاري رات کي ڏٺو.

”رنگ ته اهڙو ڪيو انئي جو بس اجهو ٿو سڄو ملڪ ٻوڙئين.“ پنهنجي منهن هنيل ٽوڪ هن جي جهور مڪ تي هلڪڙي مرڪ اڇلي ڇڏي. هن پيٽي مان پاوا ڪڍي ڇپن تي رکيا ۽ پاوڻ تي آڱريون ترتيب ۾ نچڻ لڳيون. هو اکيون پوري سرن جي حسين ۽ شاداب مست ڪنڌڙ پٽن تان اڏامڻ لڳو ۽ اڏامندي اڏامندي وڃي ملهار جي ڍهر ۾ لٿو. شايد اها ڪا ٻڪي دانهن هئي، ڪا اڄ هئي! پيڙا ۽ عذاب سر ۾ اوتجي وئي هئي. نه ڄاڻ ڪيترا ماڻهو اهو ٻڪئي پيٽ سان ٻڌي رهيا هئا ۽ سر جي انهي لئه ۾ چشما ۽ ترايون تلاش ڪري رهيا هئا. انهيءَ جي خبر ناني جهانگي کي ڪو نه هئي پر هن جو سر ۽ سر ۾ سمايل درد اُگهاڙين ۽ نانگين پٽن جا پير ۽ چوٽيون ڇهندو ڇهندو وڃي ڏهرن ۾ ٽي ڪريو. ولر سڄو سٽي چڙهي آيو هو ۽ ساز سينا چيريندو اُڀتي وڏندو ٿي ويو. هو وڄائيندو رهيو وڄائيندو رهيو. هن کي خبر نه پئجي پئي سگهي ته اڄ هو ڪيستائين وڄائيندو. جهانگي جون اکيون ٽمڻ لڳيون ۽ منهن جي گهنجن مان لڙڪ واٽ ٺاهيندا هيٺ ڪرڻ لڳا. زمين کي انهي پاڻي جي گهرج ته ڪو نه هئي. پر هڪ هڪ لڙڪ سان انساني پيار جي اوت فطرت کي زبردست ٽوڪ ٿي هنئي. هتي ته پاڪائي ۽ پوترتا لڙڪن جي ئي هئي جيڪا زمين جي نذر ٿي رهي هئي.

”هاڻ م وڄاءِ جهانگي!“

سر کي گھيڙ اچي وئي. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو. مارو جو ڍرو ۽ ڏڪندڙ هٿ هن جي ڪلهي تي هو. سر تتي پيو. ٻڪريون هيٺ لهڻ لڳيون. نانڻي جهانگي جي اکيان هر شيءِ جيئن اگ ۾ هئي تيئن بيٺل هئي.

"جهانگي، هاڻ ملهار جو زمانو ڪونهي." مارو جو اکيون پٿر تي ڪتل هيون.

"پوءِ؟" نانڻي جهانگي جو آواز ٻڏل هو.

"جڳ ڦري ويو آهي." مارو ورائيو.

"الله ته ساڳيو آهي ڪ؟"

"ماڙهو الله کي ڇا ڪندا؟ پيٽ ٻاپي ڪو ڇڏين ٿو؟"

"مارو، اچي وڃائي. وڃاءِ ته سٺان. ڪٿ پانڪي سر ماڳهين ڇڏي ته ڪو نه ويو آهي." نانڻي جهانگي مارو کي پاوا ڏيندي چيو.

"ڇيم ته سر اوٺي آهي پر ٽانڊو ٽري ويو آهي جهانگي! مينهن پاون تي وسڻ ڇڏي ڏنو آهي." ائين چئي مارو چپن تي پاوا رکيا. وري به ڌانهون سرن جا ويس پائي پٿن تان ترڻ لڳيون. مارو جو سر ته ذرو ڪو نه بدليو هو.

'پوءِ ڇا بتليو آ؟' جهانگي متي نهاريندي سوچيو.

سر هر شيءِ کي نچائڻ لڳا. سامهون نظر ايندڙ هر شيءِ ۾ ڪنهن مست ناچڻي جو روح نچندي نظر آيو. هر شيءِ ۾ حرڪت ڏسڻ ۾ آئي. هر منظر ساهه ڪڍندي نظر آيو. هر وڻ ۾ جهوم هئي. هر ٿوهر ۾ مستي هئي. ٽڙ کي ٽڪ ڏيئي ويٺل نانڻي جهانگي جو روح پٿن جي پاتال ۾ پهچي ويو ۽ واري جو ذرو ذرو هن جي روح جو حصو ٿي ويو. هو ٻڏندو رهيو ۽ مارو سرن جي وارن کي سمجهائيندو رهيو.

گوڙ جو نڪاءُ ٿيو.

مارو جا سر ٽٽي ويا ۽ نر پاوو هٿ مان وڇي هيٺ واريءَ تي ڪريو. جهانگي مارو کي ڏسي متي نهاريو. ڌهر کي ڏسي نظر کي واري سامهون پٿن تي ڪپائي ڇڏيائين. هر شيءِ پنهنجيءَ جاءِ تي وري آئي هئي. سارنگ سر اجيو رهجي ويو. ڪو به ڪکر ڪو نه ڦاٽو.

"وسائڻو انهي تہ وساءِ، سڪائين ڪو ٿو؟" جهانگي ٻئي پاوا هيٺ زور سان اڇلي ڇڏيا.

"هان، هان، اي ڪچاڙو ٿو ڪرئين جهانگي؟" مارو ٽپ ڏئي اٿيو ۽ پاوا وڃي چار هيٺ پيا. مارو جهڪي پاوا کنيا.

”مارو! اِنين کي پڇي ڇڏ.“ جهانگي مارو کي پنيرو ٿيندي ڇيو،

”ڇريو ٿيو اهئين ڪيئن جهانگي؟“

ڀهڙي رڃ ۾ اِهي ڇا ڪندا. اِهي ته تو مون جهڙا لاچار آهن. اِنين سان نڳو چنڊ پٽي نڪو اَڄ لهي. اِنين کي پڇي من اَڄ وساري ڇڏيون.“

”جهانگي، ڪڪر بي‌ساها آهن نه ته سُرن سان پلتجي پون ها.“

”پانيان ٿو ته هاڻي سُر ۾ ساهه ڪينهي. ائين جيئن تو ۾ ۽ مون ۾ ڪينهي. هن جي اَڄ ۽ ڀڪ نه پنهنجي ڀڪ ۽ اڄ جهڙي آهي.“

ناني جهانگي کي ياد آيو ته جڏهن سندس جواني جي هر طرف مست، ارڏي ۽ بي‌پرواهه چانڊوڪي پکڙيل هئي ته انهن ئي ڀاون مان اهڙا ته مست سُر نڪرندا هئا جو ورتون ڪوهن ۾ ورندي ورندي بيهي رهنديون هيون. هٿ موڪاڙ تي ٽڙجي ويندا هئا. ڏول ۽ ڪوس تڙن مان نڪرندي نڪرندي واپس وڃي تر وٺندا هئا. پيلهڙن جون هلندڙ قطارون خاموش ۽ بي‌ساهيون ٿي بيهي رهنديون هيون. چڙهيل ڪير نه هارجي ويندا هئا. دانگين تي مانيون نه سڙي وينديون هيون. جهيرڻن مان نڪرندڙ سر نه ،بي راهه ٿي ويندا هئا ۽ هٿ پيرون چونڊيندي بيهي رهندا هئا.

پر جوان جهانگي هر شيءِ کان بي خبر. ڪير خاموش آ، ڪهڙ حرڪت ۾ آ، ڪير سٽي پيو، ڪير نٽو سٽي — ان سان جهانگي ڀڏل ئي ڪونه هو. هن سُرن کي ڪنهن لاءِ ارپيو ئي ڪونه هو. سڀ سُر هن جا پنهنجا هوندا هئا. هڪ ڏينهن اوچتو کيس محسوس ٿيو ته انهن سرن ۾ پيو ڪير نه آهي. ۽ بي خبر جهانگي هوشيار ٿي پيو.

تڙ واريءَ وات تي لٿي مهل جڏهن مست ٿيو ماحول کي سُرن جا ويس پارائي سينگاري رهيو هو ته ڪانئس ان مهل ڇرڪ نڪري ويو، جڏهن ڪو آواز ڪنن مان لنگهندو وڃي هيئين ۾ پهتو.

”ڪنهن کي ماڙهو تي نه نظر ڪرڻي ٿي يان رڳو ڪنهن سکيو اهئين؟“

هن ڀاوا چپن تان لاهي ڪنڌ ورائي ڏٺو: ميينهن ڀائي بيٺي هئي. جوين ۽ جواني سان ڇڪار. سڄي جوان بدن تي سونهن ۽ حسن جو رنگ چڙهيل. ننهن کان چوٽيءَ تائين سونهن ئي سونهن. هوءَ جهانگي جي اکين مان چال ڏيندي، نڙڪ نڙڪ

ڪندي، اندر جوڻ چاڙهيوڻ لهندي، من جي پاتال تائين اتي پهچي وئي، جتي جهانگي سڙن کي سانڍي رکيو هو.

ساڳي سينهن ٻائي جنهن لاءِ چار وڏڙيون گڏيون هيون ته ائين چوندڙيون هيون:
”چوري گهٽڻ کي ماريندي. جي ماريندي نه ته ڪاريندي!“

سينهن ٻائي ڪنهن کي ڪاريو يا نه، ڪنهن کي ماريو يا نه، ڪنهن کي ڪٿو يا نه — پر جهانگيءَ جي دل کي ڇهڪ ڏئي، پيلهڙي سان تلڪندي تلڪندي هلي وئي ۽ جهانگي واري تان ويندڙ پير تڪيندو ئي رهيو. پٺ تان سور ٿهوڪيو. تڙ تان ٺهڪڙا اڏامندا ناريلي شام جي ڏهرن ۽ پٽن ۾ گم سم ٿي ويا. پاون مان وري سڙ نڪتا ۽ اهي سر پٽي ڪنهن جي امانت هئا. انهن سرن ۾ سينهن ٻائي جو پيار به هو ته جهانگي جي محبت به. انهيءَ ڏينهن کان سر بدلجي هوا جي لهرن تي سوار ٿي ڏهر ڏهر، ڪنڊ ڪنڊ، تڙ تڙ، ڊاٺي ڊاٺي ۽ وڻ وڻ ۾ پيهڻ لڳا.

سڙن جي ڏور ٻنهي کي ميڙهوڻ هٽي قابو ڪري ڇڏيو. پرڙي کان پوءِ ته سينهن ٻائي جي بدن ۽ جهانگي جي سرن ۾ وڌيڪ خوبصورتيءَ جا گونچ ڦٽي گل ٿي پيا. سچي تر ۾ ”واهه ڙي چورا تنهنجا ياڳ“ لڳي وئي هئي. پر جڏهن سينهن ٻائي جي چوڻ تي سندس پاون مان راڳو نڪرندو هو ته ڪائنات لهي سندس پيرن ۾ اچي پوندي هئي ۽ هو انهيءَ ڪائنات ۾ خود کي گم ڪري ڇڏيندو هو. الائي ڪيستائين هو ٻي خبري ۾ راڳو وڄائيندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن جهانگي جي سرن کي باهه لڳي ۽ سر ڀسم ٿي ويا. لهرا رڪ ٿي ويا. سندس جواڻ جماڻ پٽ خميسو مري ويو.

ڦوڪٽي ڦوڪي وئي هئس. ايرٺي کان اڳ انڌو ٿي ويو هو. ان حال ۾ جهانگي خميسي کي اٽ تي شهر ڏانهن ڪٽي ويو پر اڌ پنڌ کان ئي خميسي جو لاش ڪٽي واپس آڌي رات جو گهر پهتو ۽ خميسو مري ويو. سينهن ٻائي تنهن ڏينهن کان راڳو بڌڻ ڇڏي ڏنو ۽ جهانگي کان سڀ سر رسي ويا. سينهن ٻائي جي چوڻ تي پائيتي ملوڪ کان سندس ننيڙي ڌيءَ مٺان کي ڪوٺي آيو هو ۽ هاڻي اها هن گهر جي ياتي به هئي ته جهانگي ۽ سينهن ٻائي جي اکين جو تارو به.

وقت جي تيز مڪڙي ساڻن ۽ مهينن جون تاپون هٽي ٻنهي جي منهن تي نشان

ڇڏي ڏنا هئا. ٻنيءَ جي اوڙڻ ڄيان منهن تي گهنجَ ڇڻا ٿي پيا هئا ۽ هو ڪنهن لاءِ نانو نانيءَ تہ ڪنهن لاءِ ڏاڏو ڏاڏي ٿي چڪا هئا.

پنجن ورهين کان ڇنبڙ ڪونہ پئي هئي. بک ۽ بيماريءَ جو اڄ جو راڪاس هوڏانهن هوڏانهن رانپات ڪري لامارا ڏيندو وڃڻ لڳو هو. روز سوين سوڻ ٿيندا هئا. بي بي صاحبہ کان دعائون ڪرائڻ، رکڻ وليءَ تي پڙ باسڻ، ڪارڙا ڪونپارڙا ڪرڻ، اتر ڏانهن ان اڇلڻ - پر مڙئي خير. ڪا سائي ڪکري ڪونہ ورِي. هر رات وچ وٽ ڏينديءَ چڙون ڪندي چڙهندي ۽ سڪائي سڪائي لهندي هئي. وچ جي لهڻ سان سڀ مک لهي ويندا هئا ۽ سڄي پون اڃي بکي اميدن جون ڪچيون ديوارون ڊاهي سمهي رهندي هئي.

پوءِ تارن ۾ مينهن ڳولڻ شروع ڪيو ويو.

”مارو، هيل نہ ونو تہ هاٺوڪو ڪسر ڪيندو. او، اهو تارو ڏسين پيو نہ، ان ۾ پيلي لڙ اٿئي. هيلوڪو پٽ پرجي ويندا، رک مولا تي.“

پوءِ پئي سال ورڻي پئي تاري ڏانهن آگر کڄندي هئي. تارا بہ پنهنجي جاءِ مٽائيندا رهيا ۽ پنج سال لنگهي ويا. ڪو ورهيہ سٺائو ڪونہ ٿيو. هڪ ڏينهن اوچتو نانيءَ جهانگيءَ جي اندر جي آڄ وجي چاري چڙهيل پاون ۾ هٿ وڌو. وڄت وري نڪتي. آگرين ۾ وري حرڪت آئي. سالن جو سانڍيل سڙيل سر آپ کي چيريندو اڏامندو رهيو. جهانگيءَ جون اکيون ڪنڌي کي تيڪ ڏئل مينهن پائي ۾ ڪپي ويون. اکين مان ڳوڙهن جي لار ڳلون آليون ڪري هيٺ پئي ڪري. هن جو بہ هينئون پرجي آيو. پر هن سر جي رٽ جي گهوڙن مان هٿ ڪيڏي ڇڏيا هئا ۽ اڃا بہ هو تيز وڃائڻ لڳو. مراٺو پاون کي چيريندو ڦاڙيندو ٻاهر ٿي نڪتو. سرن مان ڪڏهن جوان جماڻ، هت پريو خميسو نڪريو اکيان ٿي اچي بيٺو تہ ڪڏهن آن جو خاموش ۽ پيلو لاش. جهانگيءَ جي اندر جي ڇر پاٺي بنجي اوتي کي پسائي ڇڏيو ۽ هو نيٺ ڪٽي پيو. تنل جهانگي وڏيڪ ٿني پئو. آها شام ۽ رات بہ ڪيترين شامن ۽ راتين جيئن ماٺ ميٺ ۾ ٻنان ڪائڻ پيئڻ ۽ ڪچڻ پچڻ جي لنگهي وئي.

پئي ڏينهان هو ٻڪرين ۾ بہ سالن کان پوءِ ساز ڪٽي ويو، جن ۾ هاڻي شڪايتون ۽ ميارون، ڪوڪون ۽ ڏک، دانهون ۽ فرياد وڌيڪ هوندا هئا. وڄائي جڏهن ڇيهہ ڪندو هو تہ پاڻ مرادو منهن مان نڪرندو هوس: ”آئين نہ هجو تہ جلي ڪامي مري وڃان، ڪنهن کي دانهن ڏيان؟“

سڄي اندر ٻاهر هو. هُو ٻڪرين وارڻ لاءِ هيٺ لٿو. چار ميون پيون هيون. سونل بري، ڀنيري ۽ ماڪي- چارئي چار هينان پيون هيون. هن نظر ڦيرائي ڏٺو شوڪارو پريو ۽ ٻين ٻڪرين کي گُنڪار ڪئي:

"آ- آ- آ- آمان - آمان -آ- آ-"

سڀ ٻڪريون آهستي آهستي ورڻ لڳيون ۽ هو ٻي ساهه ٽنگن سان گهر وريو. ٻڪرين کي واڙ ۾ وجهي لانيڊي ڏانهن لڙي پيو.

"منان! امان منان! ڏاڏا کي پاڻي ته ڏي." منان جواب ته ڪونه ڏنو پر مينهن ٻائي لانيڊي مان نڪتي. سندس منهن ڪجهه لٿل هو.

"جيئين! منان ته سونهاري وارن جي گهر . . . ."

"نهيو ڀلا، تون ئي پاڻي جو ڍڪ ڏئي." هن مينهن ٻائي جي ڳالهه کي ڪٽي ڇڏيو.

"پاڻي . . . پاڻي . . . پاڻي ته ڪـهرين ته آهي ئي ڪونه." مينهن ٻائي جي زندگيءَ جي جهانگي اڳيان اهاڙين مجبور ناڪار هئي.

"ڪوهه ڀلا؟"

"تڙ تي سرڪار وارا آيا آهن. سڄي ڳوٺ کي واري ڇڏيئون. باقي ٻيرانڍي وارن جو ڪوهه، ته سٺن ڏينهن کان سڪو پيو آهي."

جهانگي جو ٻي ساهه ٻت منجهي تي ڪري پيو.

"ڀلا شاهه ڇا ٿا چئون؟"

"اِنين کي سرڪار وارا پاڻي ڏين ٿا."

"اِنين لا پاڻي آهي باقي اسين جهڙو ڪر ماڻهو ئي ڪونه آهيون."

"بس او وڏا ماڻهو آهن." ائين چئي مينهن ٻائي جهانگي کي ماٺ ڪرائي ڇڏيو.

رات جي ڪاري چادر سڄي جڳ کي ويڙهي ڇڏيو. هرڪو اڌ ڊائو- اڌ بکيو ماڻهو ٻئي جي ليکي سمهي رهيو. چنڊ ٻه خاشو چڙهي آيو هو. مينهن ٻائي منهه مان نڪري اچي جهانگيءَ جي ٻيرانديءَ کان ويهي رهي. واڙ ويجهو رکيل کٽ تي جهانگي ٻه اٿلندي پٿلندي، ڪنگهندي ڪگهندي رات کي هيستائين آڪاري آيو هو.

"ڪوهه، ننڊ ڪونه ٿي اچني ڪيئن؟" جهانگي ڪجهه دير رکي پڇيو.

"نا، اک ڪونه ٿي لڳي."

ڪجهه دير تائين وري ماٺ.

”ڪجهه هجي پيٽ ۾ ته ننڊ به اچي.“ مينهن ٻائي چيو.

”سڄي ماني مون کي ڏني ڇڏي هنئين ڪيئن؟“ جهانگي پڇيو. پر مينهن ٻائي ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

خاموش ماحول کي رکي رکي ڪنهن مهل ڪنهن ٻڪئي ٻار جي ٻڪي دانهن ٽوڙي مهذب ۽ سدا ملوڪ لفظن جي منهن تي چماٽ وهائي ٿي ڪڍي. ڪجهه دير ڪان پوءِ وري مينهن ٻائي هڪ لفظ سان ماٺ کي ٽوڙيو:

”ٻڌ!“

”هون؟“ جهانگي سوچن جي جهنگ مان ٻاهر نڪري آيو.

”هاڻ ڪيئن ڪريون؟ ادا وسائي وارا به سڀاڻي سنيهيو ويٺا آهن.“

خاموشي... چپ... ماٺ... ڪابه ورندي ڪونه. هو الائي ڪٿي گم ٿي ويو هو.

”سڻين پيو؟“ سوال.

”ها، ها، سڻان پيو، سڻان.“ سندس جواب ۾ ڪڙائي هئي.

”سمران به چيو پئي ته هاڻوڪي ڏمي تي آهي ۽ روانا ٿيندا. ٻاهنجو حال ته توکي ساريو پيو آهي. ڪٽو ئي ڪونهي ٻچيو گهر ۾. ڪي ڪينهي. اڄ ٻاٽي ۾ ٻند. ان ڪٽو به ڪٽي ويو. ماڻهو پلا ڇاتي ته جيئندو؟ ڪڪ ڇڏڻ گهڻي آهنجا ٿا لڳن. آنڌا ٿا ويڃن پر مئو پيٽ ته ڪونه ڇڏيندو؟“

”ايڏهين جي نڪتاسين ته اڄ وگهي ڇڙيون هئي ته ڪونه مرنداسين. پيون مزوريون ۾ گهڻي آهن. جنهن ڇهنب ڏني آهي سو چوڻو به ڏيندو.“

”چوڻو جي آن جي هٿ ۾ هجي ها ته سڄي ملڪ کي بک ڪونه پيلي وڃي ها! هاڻ ٻانيان ٿو چوڻو ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ آهي.“ جهانگي چيو.

”تڏهن به آٽ هلياسين ته پيا ماڻهو به پورهيو ڪن پيا. ڪجهه نه ڪجهه ٿي پوندو. جيئن تيئن پيٽ جي ٻاهه اجهايو ويٺا هونداسين. پيو ڪيئن ڪريون پلا؟“ مينهن ٻائي ڳالهه کي سوال تي ڪٽايو.

”پورهيو! بس آئون ۽ تون هلي ڳوٺيون ڪٽنداسين. هه نه؟“ جهانگي ڪيسي مان تماڪ جي اڳڙي ڪڍي چيو.

”هرو پرو اهو ڪم ته ڪونهي زور سارو ڪم ڪبو. الله تي آسرو رک.“

”الله هتي ڪونه آهي ڪيئن؟“ جهانگيءَ سوال ڪيو.

”آ ته سهي پر... “ مينهن پاڻي ڳالهه مڪمل نه ڪري سگهي!

ٻئي ڏينهن مٿان گڏهڙيءَ تي رڪيل هڙ جي مٿان ويٺي هئي. نانيءَ جهانگيءَ ۽ مينهن پاڻيءَ ٻڪرين کي ڳنڍڪاريندا پويان پويان هنبڙ چونئرن ۽ لانڍين ڏانهن نهاريندا تڪيندا چرڻ لڳا هئا. ٻنهي جي نڙيءَ ۾ اڪر اٽڪيو پيا هئا پر زبان هلڻ کان ضد ڪريو ويٺي هئي. ٻنهي جون نظرون هڪٻئي ۾ اٽڪي هيٺ ٿيو ٿي ويون. اڻچاتي ڏوهه جي احساس ڪين نگاهه هڪ هنڌ ٽڪڻ نٿي ڏني. ڳوٺ مان نڪرندڙ سندن پيرن جا نشان پيڇو ڪندا رهيا ۽ ڳوٺ غائب ٿيندو رهيو. هر ڪنهن پٽ جي چوٽيءَ تي چڙهي ٻنهي چڻ واپس ٿي مڙي ٿي ڏنو. ٿوهرن ۽ ڄارين جي اوٽ مان جهاتي پائيندڙ ڳهرڻ کي ڏسندي ائين ٿي محسوس ٿيو ڄڻ آهي رئندڙ ٻار جيان ڪين سڏي رهيا هجن. اڌ لڏي ويل ڳوٺ تي سج گرم ڪرڻا اڇلي رهيو هو ۽ انهيءَ ئي گرمي سان هو سڄي واري جي ڏيهه کي تپائي رهيو هو. پنڌ چڱو خاصو ڪيئي چڙهيو هئن پر اڃا به اڌ پنڌ هو. جيڪا ٻڪري ويهو ٿي رهي انهيءَ کي اٿارڻ بيڪار هو ۽ هو رڙندڙ ٻڪري کي ڇيڇندڙ دل سان ڇڏي اڳتي نڪري ٿي ويا.

سندن نظر سانداريءَ تي کتل هئي جنهن ۾ اڌ پاڻي به مس بچيو هو ۽ پنڌ انهي پاڻيءَ کان گهڻو هو.

”هاڻ ڇا ٿيندو؟“ ٻن راتين ۽ ٻن ڏينهن جو لڪ اڳيان هو. ٻنهي جي نظرن ۾ سوال ۽ تجسس به هو ته ڪنهن سهل آميد جي جوت اکين ۾ روشن ٿي ٿي وئي ۽ هو تيز تيز هلڻ ٿي لڳا.

سائي پوري ڳاڙهي رنگ جو ڪيڪڙو ڪٿان کان پرزاٽ ڪندو دونهون اڇليندو اچي سامهون بيهي رهيو. ٻڪرين ۾ ڏاهه پيو. رهيون ڪهيون زور سان ٿهندڙ ۾ ٻڪريون هيئان اچي ويون.

”پاني هئه تمهاري پاس؟“ هڪ ٻگهيءَ ۽ پوري رنگ جيءَ همراهه پنهنجيءَ هٿ ۾ خاص قسم جي سونهي گهمائيندي هيٺ لهندي چيو.

خاموشي، ڏپ، ۽ ڏپ جي چپ ڪو جواب ڪونه ڏنو،

”پاني هئه؟“

"... سرڪار پاڻي... پاڻي... پ... ا... ڻي... تہ..." ناني جهانگي جي مس مس ڳالهايل جملي جي ڇيله ۾ تڪر ٿي پئي ۽ اکر اڌ پنڌ ۾ رڙندي وهي رهيا. مينهن پائيءَ جا ٻي ست هٿ بہ سانداريءَ تي مضبوط ٿي ويا.

"هان هان. هم نہ پاني. يہ هے نہ پاني. اِڌر دو. چاچا، هماري جوان بهت پياسي هين." سانداري تي ڊنل ۽ خوفناڪ اکيون ڪتل رهيون. سانداري پنهن هٿن ۾ هلي وئي، جيڪا جوانن واري واري سان ٻي خالي ڪري ڇڏي.

"ڪسي کو پاني پلانا بهت ثواب هم. مهرباني. يہ لو تمهارا ٿيلها."

جهانگي جو هٿ سانداري وٺڻ لاءِ ڪو نہ وڌيو ۽ سانداري اچي سندس پيرن ۾ ڪري پير چميا. ڪيڪڙو پرزات ڪندو ڊونهون اڏاريندو هليو ويو. پنهي جڻن مٺان ڏانهن نهاري، هڪبڪي ۾ عجب مان تڪي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

سج لڙڻ شروع ڪيو هو ۽ اج چڙهڻ شروع ڪيو.

"امان پاڻي!" پنهي تان وچ ڪري پئي. جنهن سوال ۽ ڳاله، جو ڏپ جڪڙيو پينو هئن سا ٿي.

"ترس امان، اڳيان هلي ٿا پيئون." اهو جواب پڌندي مٺان سج لهندي ۽ رات کي ايندو ڏٺو.

"ڪا ٻڪري ڪير واري آهي جو ماشوم جي نڙي سائي تہ ڪرايون." "مينهن پائي جهانگي کان آهستي پڇيو.

جهانگي مرندڙ ۽ رهندڙ تہ ڪو نہ ڳٽيون هيون پر اجا ڏه کن ٻچيل هيون. پر ڪيستائين، تنهنجي خبر ڪا نہ هئس. هن وچي پٺيءَ ۾ هٿ وڌو. باقي سيني جا اوهر سڪا پيا هئا.

"امان مٺان، اوزهن آ."

مٺان هيٺ لهي ٻڪري جي ويجهو اچي وهي رهي. ناني جهانگي ٽڻ جهلي مٺان جي وات ۾ وڌو ۽ زور ڏيندي پاڻ مرادو چوڻ لڳو، "بابا، پاڻي تہ توکان بہ اجيرا پيي ويا، الائي انهن جي اج ڪڏهن لهندي؟"

مٺان ڳٽڪو ڏنو. ٽڻ مان گوهو بہ نہ نڪتو. سڄو ٽڻ خالي هو. هن منهن ڪيئي ڇڏيو. ٻڪريءَ جي ٽڻ کي ڪنهن جيت ڏنگي سڄائي ڇڏيو هوءِ.

رات گهٽي لڙي آئي هئي. مٺان رئندي رئندي سمهي رهي ۽ خواب ۾ شايد

ٻاڻي جي تلاش ۾ نڪري پئي هئي. مينهن ٻاڻي ۽ جهانگي کي جهپ ڪونه آئي. هنن خاموش رات تارا تڪيندي ڪٽي ڇڏي ۽ موڪ جهڙي ماني رات سڄ ڏئي هلي وئي. سڄ جي گهمٽ چر پر پيدا ڪئي. ٻڪرين کي ڇڪي مٿي اٿاريائون. چار مس اٿيون. باقي رڙندي ڇڏي رڄ ۾ ڪاهي پيا. پند ڇو جهنگ اڳيئي ٻڪبي پيٽ ڪرڻو هئن. ناني جهانگي الائي هيئنر کهڙي خيال کان پيٽيءَ مان پاوا ڪڍيا ۽ وڄائڻ لڳو.

”امان مٺان، ڏس ڪيئن تا پاوا وڄن!“ هو هلندي هلندي پاوا وڄائڻ لڳو.

”ٻاڻي؟“ مٺان جو جواب.

”جام ٻاڻي منهنجي شهزاديءَ کي، بس او هو لڪ ٿيون. صبر ڪر. پڻ امان، منهنجي بابلي پٽ، ڏاڏا پاوا ڪيئن ٿو وڄائي!“

”ٻاڻي!“ مٺان جي اَج رڄ جيترو وڏي وئي هئي ۽ هو وري اڄ کي سرن سان ريجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

”کهڙو اڇي مٿو ڪاڏو انئي. ڇڏ اِنين موٺن کي. اهي پيٽ پريندا؟“

”سچي آهئين.“ ناني جهانگي پاوي کي گوڏي تي رکي رهيل سهيل زور ڏنو.

”ٺڙڪ!“ ناني جهانگي جي هيئين سان گڏ پاوو ٻه اڌ ٿي پيو. پيو پاوو اڇلي ٿوهر ۾ غائب ڪري ڇڏيائين.

هڪ دفعو وري آواز آيو: ”ٻاڻي!“

”نا!“ مٺان جي ڳل تي ڀريون پيرو مينهن ٻاڻي جي ٿڦڙ نڪاءُ ٿي ويئي.

”ماٺ نٿي ڪرئين نياڳي! ٻاڻي . . . ٻاڻي . . . ٻا . . . ڻي . . .“

اڪرن جو ڇانيو پيار جي ڪپهه جي ڳنڍڙي ۾ اٽڪي پيو. مينهن ٻاڻي پنهنجي هٿ ڏانهن نهاريو. ڪيس ٻاڻي ڦڙا هٿ تي نظر آيا. اهي برسات جا ڦڙا نه پر مٺان جا لڙڪ هئا. هن هٿ کي ڏسي آسمان ڏانهن نهاري. ٿڌو ساهه کڻي اوچنگار ڏئي وڏي.

”مينهن ٻاڻي کوهه تي ڪرئين؟ ڇو اڇي ڇتي ٿي اهئين؟ ماشوم کي . . .“

جهانگي مٺان کي ڪرندي ڏسي اوڏانهن ڊوڙڻ لڳو پر مٺان جو ننڍڙو ۽ معصوم بدن اڇي واريءَ تي ڪريو.

سڄ نريل واري کي تپائڻ لاءِ آماڙي ڪڏ اڀريو هو. مٺان سري چڪي هئي.

”جهانگي، مون کي گهٽو ڏيئي ساري ڦج.“ مٺان جي ٽريل ڳلن تي مينهن ٻائي هٿ لائيندي اوڇنگار ڏيندي چيو. چوطرف ٻي ساهيون پٽيون، سڪل وڻ ۽ ڪنڊن وارا ٿوهر مٺان جي لاش کي تڪي رهيا هئا. هيٺ تپندڙ ڌرتي مٿان ٻاهر اچليندڙ آسمان.

”حرام تي مرندئين ڪيئن؟“ جهانگي ٿوهر جي پاڙ ۾ واري گڏ ڪندي چيو.

”مرڻ ۾ به حرام حلال هجي ٿو ڪيئن؟“ جهانگي مينهن ٻائي ڏانهن نهاري نه سگهيو ۽ هو واري روڙيندو رهيو. رنندي رنندي مينهن ٻائي جي اکين جون ترايون به ٽر جيئن سڪي ويون هيون.

”مٺان اون لاهي ستي آهي. هاڻ ساشوم کي ڪٿان آئي آج؟“ هو ٻاڻ مينهن ٻائي کي تسلي ڏيندي جهري پيو.

”هاڻ ڏي ته امانت ڏيون.“ جهانگي رنندي اکين کي هيٺ ڪري پنهنجا ڏڪندڙ هٿ مٺان جي لاش وڻڻ لاءِ وڌايا. هي الائي ڪهڙي امانت هئي ۽ ڪنهن خيانت ڪئي هئي جو هو زمين تي اڄ بکه ڪان ڪڙيون رڳڙي مئي هئي. جهانگيءَ جون اکيون انهن نشانن تي کپي ويون جيڪي مٺان جي ڪڙين هٿڻ سان ٿيا هئا. هن ٻاڻ کي سوچڻ سان ڪيڏي ڪنڌ پٺي ٻاسي ڦيري ڇڏيو.

”امان، نياڳا ته اسين جو توکي هن رڻ پٽ ۾ . . .“

لفظن جو سڙون نڙيءَ ۾ اٽڪي پيون. مينهن ٻائي جا آخري لڙڪ اچي پنبڻن ۾ اٽڪي بيهي رهيا. جهڪي سان لڙڪ مٺان جي سڪل بند چپن تي ڪري ڳل تي وهي بيهي رهيو. مينهن ٻائي ڪنڌ مٿي ڪنيو، جتي اهو ئي آسمان خالي خالي هو، هن مٺان جو ٿڌو لاش جهانگيءَ جي ڏڪندڙ هٿن تي رکيو.

ٿوهر جي هن پاڙ ۾ نهيل تانگهي ۽ واريءَ جي قبر ۾ هڪ پار اچيو ۽ بکيو ستو هو. مٺان هميشه اڄي بکي ڄمندي ۽ اڄي بکي مرندي هئي. سندس منهن تي پهتل گرهه ۽ چپن تان پاڻي جو وٽو ڪنهن پٺي ڪسي تي ورتو. هميشه جيان هينئر به مٺان ڦرڄي مٿي هئي.

مينهن ٻائي کي رنندي جهانگيءَ کان ڏٺو نٿي ٿيو. پر هن اکين جا بند به پڇي پيا هئا نه! ڪير تسلي ڏئي؟

”توبهان ڪر، توبهان.“ جهانگي پنهنجي اوڇنگار روڪيندي چيو. ”اي رب! مون کي ڪوهه نٿي ماريئه؟“

”مينهن ٻائي، مرڻ سڀني جو آ. سو ٻاڻ وت سهڻي ڪيئن ايندا؟ بس هاڻ اٿ ته هلون. ورندي هتان ٿيو هلنداسين.“ جهانگي واريءَ هاڻ هٿن سان پنهنجا لڙڪ اگهندي چيو.

”ورنداسين وري!؟“ مينهن ٻائي عجب سان پڇيو.

”ها - ها، ڪوهه ڪونه ورنداسين؟ اٿ متي.“ جهانگي مينهن ٻائي کي ٻانهن مان جهلي آهستي آهستي متي اٿاريو.

سڄ آويءَ جيئن ڏٻي رهيو هو. پنڌ چڱو نڪري ويو هو. رات کان وسريل اڃ وري اڄي نڙي جهلي هئي ۽ ڳرن پيرن بڇيل پنڌ وڏيڪ ڪري ڇڏيو هو. هو ٻئي خاموش ۽ ويران وات تي خاموش ۽ ويران ٿيو پئي ويا ۽ پڻن جون پٽون لنگهڻ کان پوءِ به هڪ ٻئي سان ڪجهه ڪجي نه سگهيا. شايد کين زندگيءَ جي تلاش مان فرصت ۽ واندڪائي ڪونه هئي. هو ٻئي زندگيءَ ۾ شايد روئي کلي ۽ ڳالهائي چڪا هئا.

ڪنهن مهل مينهن ٻائي پڇيو: ”ريل ۾ سرڪار وارا پاڻي موڪلين ٿا ڪيئن؟“

”هائو، ڪوڪري وڃي ٿو پر اُت به پاڻي وڪٽيو ڇڏين.“ انهيءَ جواب هن کي حيران نه ڪيو.

”پاڻي جو ملهه گهڻو هجي ٿو؟“ وري مينهن ٻائي پڇيو.

”جي هيڪو وٺو هينئر ملندي ته گهڻو ڏيئين؟“ جهانگي جي هن جواب واري سوال مينهن ٻائي کي مات ڪرائي ڇڏيو ۽ هو خاموش خاموش هٿ ۾ جتي ڪندي پيرين اگهاڙي هلڻ لڳي. گجر ٻڪري هلندي هلندي بيهي رهي. جڏهن متان جي پوپري متان جيان ڏي مئي هئي ته هن هٿن سان مٿل پوپري جي ڪنڌ مان ڳاني ڪيدي گجر جي ڳچي ۾ ٻڌي هئي. جهانگي گجر کي موسل به سڏيندو هو.

”امان ... امان ... پناري ... پناري ... موسل ... موسل ... آ ... آ ... بابا جي موسل ...“ چئي هو اٺ ميون خوشيون پنهنجي جهوليءَ ۾ کڻي وٺندو هو. پر اڄ انهيءَ موسل کي الائي ڇا ٿيو هو جو سڏ تي ڏي نٿي آئي.

”ڪري ڪوهه ٿي، ڪهانس.“ هن جي منهن مان نڪتو ۽ هو ٻڪري کي پٺيان کان هڪلڻ لڳو. وري ڪن کان جهلي ڇڪڻ لڳو.

”شر ... ر ... ر ... شرر ... شر ...“ ٻڪري ٽنگون ٽيڙي مٽڻ لڳي ۽ واري پيشاب چوسڻ لڳي. جهانگي کي پاڻي ڏي پاڻي نظر آيو. سندس ذهن جي

رج ۾ يڪدم ڳوٺ ڪان الهندي ترائيءَ چڪار ٿيندي نظر آئي، جنهن مان هو ٻڪ ڀري پي رهيو هو. ترائي جو پاڻي. وسندي مينهن ۾ ٿانون ۾ گڏ ڪيل پلر جو پاڻي. ذهن ۾ هر پاڻي واري شيءِ ٽڪي ٽڪي ڊوڙڻ لڳي. مُلو طيو به ياد آيس جيڪو ڪڏهن ڪڏهن ائين به چوندو هو ته ”ستن ڏينهن جي بکئي کي ڪارو سوئر ڪائڻ جائز آهي ۽ ٽن ڏينهن جي اُڃئي کي حرام پيئڻ جائز آهي.“

سيٺ ڊِينڊُو ته ڳئون جو پيشاب مهيني ۾ هڪڙو دفعو شونق ڪري پيئي ٿو ۽ چوي ٿو ته ثباب آهي. هن سوچيو. شر... ر ر... ر... شر... شرر... هن جو ٻڪ يڪدم ڦهي چڪار ٿي ويو. ملون طيو سچو يا ڪوڙو، ننندو سچو يا ڪوڙو — هن پنهنجي اکين سان ساهہ ڪڻي بند ڪري ڇڏيو.

”جهانگي، اي ڪچاڙو ٿو ڪرئين؟“ مينهن ڀائيءَ ڪان رڙ نڪري ويئي ۽ هوءَ ويهي رهي.

”هيترو پاڻي هجي ته ڪر پاڻ ٻئي بچي پئون!“ شايد نا اميدي ۽ آس جي وچ تي اچي پهتو هو.

”حرام تي مرڻ ڪونه ٿو ڏيئين، حرام پي جيئين ٿو!؟“

”حلال آ... حلال... هائي حلال آ.“ هن زور سان چيو.

”حرام کي اُچل. ڀائي صاحب چوندي آ ته حرام پيئڻ وارو مسلمان نبي ڪينهي.“

”آن کي پاڻي ملي ٿو. هت اچي ڇئي ڏسي ته حرام ڪهڙو آ حلال ڪهڙو؟“

جهانگي جي ٻڪ مان پيشاب سمي رهيو هو.

”نه، ائين توکي ڪين پيئڻ ڏيندس. اِن وات مين ڪلمون پڙهئين ٿو، راتو ۽ ملهار وڄائين ٿو؛ جهانگي ائين مَ ڪر.“

”چري! مون پاوا ٿي پڇي ڇڏيا ۽ مون ڪان سڀ وسري ويو. ڪلمون به وسري ويو اٿم.“ جهانگي چيو.

”شُو...“ ڪو جهاز ڪونيٽ جي وڻ مٿان گهٽ هئي زوڪات ڪندي ڏڪٽين ڀاسي وري ويو ۽ جهانگي جو ٻڪ مضبوط ٿي ويو.

”جهانگي! هيڪلو جيئندين؟“ مينهن ڀائي ڇچي، ٿڪي، ڀري ذرا ذرا ٿي پئي.

جهانگيءَ جو ٻڪ ڪلي ويو ۽ هو پنهنجون آڱريون عجب مان ڏسندو رهيو. هيٺ پسيل واري تڪيءَ، مينهن ٻائي ڏانهن ڏسي وري ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين.

"شو..." ٻيو جهاز گهٽ هٺي وري مٿي چڙهڻ لڳو ۽ مينهن ٻائي ڪان ڇرڪ نڪري ويو. هوءَ جهانگيءَ ڪي چنبڙي پئي.

"پانيان تو امداد..." هن جي ڳالهه پوري ٿيڻ ڪان اڳ ئي "ڊز... ٺا..." بم اچي ڀرپان ڪريو. ٻه ملڪ هڪ چونڪي تان اٿڪي پيا هئا.

"سڄي سڳوري پناهه ڏج." مينهن ٻائي پلاند جي ڳنڍ ٻڌي ڇڏي.

"ڊز... ٺا..." بم وري ڪريو. هڪ ٻڪري ٺاهه ڪاڏو پر رڙ ڪري وٺهي رهي. جهانگي ڪن ۾ هٿ وڌو. وري ٺڪاءُ ٿيو. ٺڪاءُ سان گجر ٺاهه ڪائي پنهنجي پوري زور سان وڃي پرئين ٺوهر ۾ ڪري.

"ڊز... ڊز... ٺا... ڊز..." مسلسل بم وسڻ لڳا. جهانگي گڏهڙي جي لغام ۾ هٿ وجهي ٽتل هيٺئين سان ٽتل واريءَ تي وهي رهيو. جهاز آسمان ۾ لامارا ڏئي رهيا هئا ۽ تعداد ۾ ٻه وڌي ويا هئا.

هڪڙو بم ماڳهين ويجهو ڪريو: "ڊز..." ۽ ٽڪرا هيڏانهن هوڏانهن پکڙيا، واري ۽ دونهين جا ڪڪر هيٺيان ڪان اٿڻ لڳا، گڏهڙي ٺاهه ڪاڏو، مينهن ٻائي رڙ ڪري جهانگي جي جهولي ۾ ڪري پئي ۽ گڏهڙي جو لغام هٿ مان نڪري ويس. جهانگي پنهنجو سڄو ٻت مينهن ٻائي تي اڇلي ڇڏيو. هر لاماري سان ٺڪاءُ ٿي ٿيو. هن کي ٻڌي جا ٺڪاءُ ياد اچي ويا جيڪي هن سدائين ڪڪرن جي ڪارس ۾ ٻڌا هئا ۽ هلندي مينهن ۾ اهي ٺڪاءُ کيس مست ڪري ڇڏيندا هئا. هن کي ساونڻ به ياد آيو. پر هتي ڪلهه آسمان ۾ ٺڪائن مٿان ٺڪاءُ هئا ۽ پن ٽتل پڙن جي وچ ۾ گجگوڙ هئي ۽ انهيءَ گجگوڙ رڻ تپائي ڇڏيو هو. هي سڀ ڇا هي؟ ڇو آهي؟ ساونڻ جي ۽ ٻڌي جي ٺڪائن ۽ هنن ۾ ڪيڏو فرق هو.

"ڊز... ٺا... ڊز... ٺا..." يڪا ٻه بم اچي پرئين چار وٽ ڪريا.

"جهانگي، هي سڀ ڇا هي؟ هي ڪير پيو ڪري؟"

"الائي ڪير ٿو ڪري پر پنهنجي..." "ڊز..." هن جو جواب نه ٿي سگهيو. رت هاڻا گوشت جا پيرا واري ۽ دونهين جي غبار مان مٿي وڃي وري اچي هيٺ ڪريا. آلن

منجهان ۾ ٽي عضوا مٿي اڏامندي وري ۾ اچي هيٺ پيا. گوشت جا ذرا ٿوهر جي ڪنڊن وارين ٽارين تي لڳي ويا.

مينهن پائي پناهه گاهه سميت پرزا پرزا ٿي چڪي هئي. ۾ ٻني شڪليون رتهاڻيون ڪيپراٽيون وچي ڪونيٽ جي ٻاڙ ۾ ڪريون.

۾ جسم شيشي جيان پٿر تي ڪري پرزا پرزا ٿي چڪا هئا. موت زندگي ڪئي ٻي پنهنجي آج اجهائي ورتي. زندگي آچي جا آچي رهجي وئي ۽ ستان اجا ڏائين ۾ وسي رهيا هئا. □□□

وقت ڪاڻ اڳ..

عبدالرحمان سيال

گهران نڪتي ڪي ڪلاڪ ٿي ويا آهن . مان اسپتال جي گيٽ وٽان ٿي وري واپس موٽيو آهيان . گهران نڪتو هئس ته اسپتال ۾ ساجن جي طبيعت پڇي ٿو اچان پر اسپتال جي گيٽ وٽ پهچندي ئي هن پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو. اسپتال کان ٻاهر کليل ميدان آهن : ڏکيا ۽ ڪشادا وڻ ۽ رستا آهن . وڻندڙ هوا آهي . اسپتال جي الهندي پاسي جبل جون خوبصورت ٽڪريون آهن . مان اسپتال وڃڻ جي بجاءِ الهندي پاسي وارو روڊ وٺي نڪري ٿو پوان . ڪو ماڻهو ڪونهي . ڪيتري نه سانت ۽ سڪون وارو ماحول آهي! جبل آهن ، کليل ميدان آهن . ۽ وڻندڙ هوا آهي .

ساجن منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي - تمام پيارو دوست . اسپتال ۾ داخل ٿئي ڪيس ڪيترا ڏينهن ٿيا هئا . سندس پيٽ جو آپريشن ٿي ويو هئس . مون ڪافي ڏينهن کان سوچيو پئي ته آپريشن ٿيڻ کان پوءِ کيس پڇي ايندو سانس ۾ الائي ڇو اسپتال جي گيٽ وٽ پهچندي ئي مون پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو،

مان اسپتال جي روڊ رستن کي ڇڏي کليل ميدانن ڏانهن نڪري آيو آهيان . جبل جي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي ويهي ٿو رهان . ڪيڏي نه ٿڌي هوا پئي لڳي! ڪيڏي نه چپ چاپ آهي! ڪيڏو نه دل کي سڪون ۽ آرام پيو ملي! مان جبل جي ٽڪريءَ تي ويهي ٿو رهان . منهنجي ڏکڻ پاسي پري پري کان مزور نظر پيا اچن جيڪي جبل جو سينو چيري پٿر ڪيڍي رهيا آهن ۽ پيا مزور پٿرن کي ٽرڪن ۾ پيا وجهن . ماڻهن جون جهوپڙيون آهن ، پر هڪ جهوپڙي ٻي جهوپڙي کان پري آهي . ڪٿي ٻه يا ٽي جهوپڙيون پاڙ ۾ گڏ نه آهن . پري پري رڍن - ٻڪرين جو ڌڻ پيو نظر اچي . جبل تي مينهن وٺو آهي ۽ گاهه ڦٽو آهي . سڄو جبل سرسبز نظر پيو اچي . رڍون، ٻڪريون، جهوپڙيون ۽ مزور پري کان سيڪجهه ڪيڏو نه سهڻو پيو لڳي !

منهنجي سامهون پري پري کان اسپتال نظر پئي اچي . ان جي پرسان نرسنگ هاسٽل آهي، جنهن جي اڳيان سرنهن جا گهاٽا گهاٽا وڻ پيا ڏسجن. مان اسپتال کي ڏسندي وري

ساڄن کي ياد پيو ڪيان . سوچيان پيو: دل ۾ ڪندو ته مون کي آپريشن ٿيڻ کان پوءِ به ڏسڻ ڪونه آيو. سوچيندو هوندو: شايد ياڙيو نڪري پيو. شهر لڳو پيو آهي، متان ماني تڪي ڪارائٽي پوي، اويل سويل رهائٽو نه پوي يا متان وري ڏڪئي وقت ۾ پيسو ڏوڪڙ ڏيڻو پوي.

ها ٺيڪ آ، جيڪو وڻيس پيو سوچي . پر مان ڪيس اسپتال ۾ ڏسڻ ڪونه ويندوسانس. ڪيڏي نه نفرت آهي اسپتال کان! اڳ ته ائين نه هئس. پر هاڻي ايڏي نفرت! نفرت جنهن جو ڪو اندازو ئي ڪونهي . اڳ ماڻهن کي علاج ڪرائڻ لاءِ هن اسپتال جو ڏس ڏيندو هئس ۽ هاڻي سان وڃڻ لاءِ به نفرت پيو ڪيان .

پر سوچيان ٿو: نفرت ته اسپتال سان آهي، ساڄن ته منهنجو دوست آ. اسپتال مان نڪرڻ کان پوءِ هو ضرور ڏورايو ڏيندو ۽ مون کي ڪيڏو نه شرمسار ٿيڻو پوندو. پر وري سوچيان پيو: جيڪڏهن ساڄن گذاري ويو ته پوءِ ته هونئن به سيني ميارن کان ڇٽي پوندس. نه ساڄن هوندو نه ميار ملندي. جيڪڏهن بچي ويو ته پوءِ ڪونه ڪو وڏو ڪوڙ ٺاهي هڻندس. ڪوڙ به اهڙو هڻندس جو ساڄن به مون سان پيو همدردي ڪندو.

مان سوچيان پيو: ساڄن ان اسپتال مان زندهه ايندو يا مئل! پر هاڻي ته هو زندهه آ. مان هن جي مرڻ جو تصور ڪيئن ٿو ڪيان؟ سندس آپريشن به ٺيڪ ٿي ويو آ. هن کي اڄ ڏهن ڏينهن کان پوءِ گهر وڃڻ لاءِ موڪل ملندي . هو بلڪل خوش آ. پر اسپتال ۾ ٿيندڙ علاج کي ڏسي مون کي اعتبار ئي نه ٿو اچي ته ڪو هو اسپتال مان زندهه ايندو.

مان ڪيترين گهڙين تائين سوچن ۾ گم آهيان . سوچيان پيو: جڏهن مان پنهنجي ڏهن سالن جي ٻار کي ان اسپتال ۾ وڏي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويو هئس، تڏهن مان جيئن ئي آفيس ۾ گهڙيس ته هن اڳ ۾ ئي هٿ جي اشاري سان چيو: ”هلو هلو“ مان حيرت ۾ پئجي ويس ۽ آفيس مان ٻاهر نڪري ويس . مان سندس در تي ويهي رهيس. ڪافي دير ويٺو رهيس . مون سوچيو، هاڻي شايد واندو ٿي ويو هوندو. مان وري جيئن اندر گهڙيس ته چوڻ لڳو، ”توهان ماڻهن به بيزار ڪري ڇڏيو آهي. ٻه ٽي منٽ ٻاهر هل ته مان چانهه پي فارغ ٿيان.“ دل ۾ خيال آيو ته چوانس، رات جو ٻارهين وڳي تائين پرائيويٽ اسپتال ۾ اوپاسيون ڏيئي مريض ڏسو ٿا، باقي هتي ٻه ٽي مريض ڏسو ٿا ته بيزار ٿا ٿيو. پر الائي ڇو مان چپ ٿي ويس. نيڙو مون سان گڏ ويهي ويهي ٿڪجي پيو هو.

بخار ۽ پيٽ ۾ سور جيئن پوءِ تيئن تيز ٿيندو ويو. هو پنهنجي هٿ پيٽ ۾ ڏئي پٿ تي ويهي رهيو. هن ننڍڙي جي پٺي ٺپيندي چيو، ”جوان ٿي، پيٽ جو سور اجهو ٿو لهي وڃي.“

مان وري ڊاڪٽر ڏانهن ويس. ڊاڪٽر مون کي ڏسندي چيو، ”اوهان ماٺهو ڪونه مڙندؤ.“ هن گھنٽي وڄائي. گھنٽي تي پٽيوالو ڊوڙندو آيو. هن پٽيوالي کي چيو، ”رجسٽرار کي سڏي وٺ.“

رجسٽرار جيئن آيو، هن مون ڏانهن اشارو ڪندي چيس، ”هن جي ٻار کي وارڊ ۾ داخل ڪري ڇڏيو.“ مان تعجب مان ڊاڪٽر کي ڏسڻ لڳو هوس ته ڊاڪٽر بنان ڏسڻ جي مريض کي اسپتال ۾ ڪيئن داخل ڪيو. ان وقت مون کي ڏاڏي ڪاوڙ آئي هئي. دل چيو هو ته ڊاڪٽر کي ڪن ڪان وٺي زور سان ڳل تي چماٽ وهائي ڪڍانس، ڪيئن خبر پوي ته مريض کي بنان ڏسڻ جي ڪيئن داخل ڪبو آهي. پر الائي ڇو مان ائين نه ڪري سگهيو هوس. مان سوچيان پيو: ساڄن پاڻ کي الائي ڪيئن ڏيکاريو هوندو. جيڪڏهن هن پاڻ کي پرائيويٽ ڏيکاريو هوندو ته پوءِ ڊاڪٽر ڪيس مرڪي ڏٺو هوندو. آها مرڪ ساڄن جي اچڻ سان نه پر معائني جي في اچڻ سان آئي هوندي ۽ سندس علاج ۾ ڪجهه نه ڪجهه جڳو ٿيو هوندو. پر جي مون وانگر سرڪاري اسپتال ۾ سنئون سڌو ويو هوندو ته پوءِ خبر ناهي الائي ڪهڙن حالن ۾ هوندو؟

مان ننڍڙي کي داخل ڪرائي ويهي رهيس. اڌ ڏينهن گذري ويو هو. ڪو ڊاڪٽر ڏسڻ لاءِ ڪونه آيو. پيٽ جو سور، بخار، الٽيون جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ۽ علاج جو ڪٿان ڪو آسرو ئي نظر نه پئي آيو. مان ايتري قدر سوچڻ تي مجبور ٿي ويو هئس ته ننڍڙي کي هتان ڪيئي ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر کي ڏيکارجي. پر سوچيم: جيستائين ٻئي ڊاڪٽر تائين وڃان اوستائين ننڍڙي جا الائي ڪهڙا حال ٿين؟

هتان شام اچي ٿي هئي. وارڊ ۾ هائوس جاب وارا ڊاڪٽر ويٺا هئا پر انهن ڪو خاص ڌيان نه ڏنو. ننڍڙي کي پيٽ جو سور وڌندو ويو ۽ هو ٽپا ڏيڻ لڳو. مان ڊاڪٽر ڏانهن ڊوڙندو ويس. ان وقت رجسٽرار به آيو هو. هو ڪيس ڏسي ڪجهه دوائون لکي ويو ۽ نرس کي دوا ڏيڻ لاءِ چئي ويو. نرس گوريون ۽ سئي ڀري کڻي آئي. سئي جي چهنب اهڙي ته مڏي هئي جو چمڙي ۾ اندر وڃي ئي نه پئي. سئي ڪان پوءِ پاڻي ۾ پڌل ڪپهه جو ڦڙو ڏئي وئي. مون ڪپهه جي ڦڙي سان مالش ڪئي. ڏٺم ته ڦڙو سڄو رت سان پسي ويو هو.

سمهڻ لڳڻ کان پوءِ ننڊڙو آرام ۾ اچي ويو. رات گذري وئي، پيو صبح اچي ٿيو. ننڊڙي اک نه کولي. ڊاڪٽر کي وٺي آيس. پڇومانس: ”ڪالهه کان ڪجهه به نه کاڌو پيتو اٿس. جڏهن آ ٿيڻ پيو آ.“

ڊاڪٽر هن جي نبض ڏسڻ لڳو، پيشاني تي هٿ رکي ڏنائين ۽ پوءِ سيني کي ڏنائين. چوڻ لڳو: ”ننڊ اٿس، آرام ۾ پيو آهي. گهٻرائڻ جي ڪا ڳالهه ڪانهي.“
مان دل تي پٿر رکي چپ ڪري ويهي رهيس. وڏو ڊاڪٽر آيو ۽ سڌو پنهنجي آفيس اچي ويهي رهيو. هن جي اچڻ سان ننڍو ڊاڪٽر، نرسون، پٽيوالا، هائوس جاب ڊاڪٽر ٽرٽلي ۾ اچي ويا. ايتري ۾ نرس آها ساڳي سئي کڻي آئي. نسن مان رت جون ٻه ٽي سيون ڀري کڻي وئي. پڇيو مانس، ”ايترو رت ڇا ڪنديءَ؟“ چوڻ لڳي، ”هن مان بيماري بابت ٽيسٽون ڪندا!“

ڪجهه دير رکي وري آئي. چوڻ لڳي، ”اوهان ٻه عدد پنن جا دستا، هڪ عدد ٿرماميٽر، ٻه عدد سيون وٺي اچو ۽ ها، ڪالهه کان وٺي هڪ هفتي جي بستري جي في چار روپيه روز جي حساب سان اٺاويهه روپيا ڏئي ڇڏيو.“

مون ڪيس پنا، ٿرماميٽر ۽ سيون آڻي ڏنيون. پڇيو مانس: ”هي سڀ ڇا ڪندءُ؟“ چوڻ لڳي، ”پنن تي اوهان جي ٻار جي بيماري بابت لک پڙهه ٿيندي. ٿرماميٽر وارڊ ۾ هڪڙو هو سو ڀڄي پيو آهي. سو سوچيوسين ته اوهان کان ئي گهرائجي.“

مان سرڪاري اسپتال ۾ وڏن ڊاڪٽرن جو نالو ٻڌي اسپتال ۾ آيو هئس. اسپتال سان پهريون ڀيرو واسطو پيو هو. اسپتال جي اهڙي حالت ڏسي مان حيرت ۾ پئجي ويو هئس. ٻارهين وڳي وڏو ڊاڪٽر اسپتال ۾ مان هليو ويو. وارڊ ۾ ڪنهن به مريض کي ڪونه ڏٺائين. جيئن آفيس ۾ آيو اتان ئي واپس هليو ويو. مون ڀر سان هڪ ٻئي مريض کان پڇيو، ”ڏي خبر، وڏو ڊاڪٽر مريض کي ڏسندو به آهي يا آفيس جي رونق آهي؟“ هن وات تي هٿ رکندي چيو، ”ميان چپ ڪر متان ٻڌي نه وٺي ۽ مورڳو وارڊ مان ڪڍي نه ڇڏئي.“

”وارڊ مان ڇو ڪڍندو؟“

”اڙي بابا، ڳالهه ئي نه پڇ. صفا اڌ مغزي چريو اٿئي. ڏسين ڪونه پيو، ماڻهن کي ڪيئن گاريون ڏئي ڊوڙائي ٿو!“

ڪجهه دير کان پوءِ هائوس جاب وارو هڪ ڊاڪٽر آيو. بيماري بابت پڇي هليو ويو. نرس هٿان پني تي لکيل دوائن جي ڊگهي لسٽ ڏياري موڪليائين. نرس کان پڇيم، ”هي دوائون منهنجي ٻار لاءِ آهن يا منجهي وارڊ لاءِ!“

چوڻ لڳي، ”نہ نہ، اهي رڳو اوهان جي ٻار لاءِ آهن ۽ اهي هڪ ڏينهن جون دوائون آهن.“

مان دوائن جي ٿيلهي پري وٺي آيس. نرس بہ ٽي سيون هٽي وئي. باقي گوريون ۽ پيون دوائون ڇڏي وئي. چوڻ لڳي، ”جڏهن اٿي تہ کارائجوس.“

مون ننڍڙي ڏانهن ڏٺو: هو جيئن هو ائين ئي هو. اجا تائين اک نہ کولي هئائين. خبر ناهي پيٽ جو سور ختم ٿيو هئس يا نہ پر سندس بخار ساڳيو هو.

ٻئي ڏينهن جو سڄو بہ لهڻ وارو هو. رجسٽرار بہ آيو. هو بہ سڌو پنهنجي آفيس ۾ وڃي ويهي رهيو. مون نرس کان پڇيو، ”رت جي ٽيسٽ جون رپورٽون اڃا ڪو نہ پهتيون آهن ؟“

”اڄ ليبارٽري ۾ بجلي ڪونہ هئي. اڄوڪو رت خراب ٿي ويو. سڀاڻي ٻيهر رت ڪڍي موڪلينداسين.“

مان حيرت مان نرس کي ڏسڻ لڳو هوس.

سوچيان پيو: ساڄن بہ اهڙين نرسن جي هٿ ۾ هوندو. ساڄن جو رت تہ ڇا ۾ جيڪڏهن ڪير دل گهريس تہ بہ ڪڍي ڏيڻ وارو آهي. مڙس تہ هوئڻ ئي شوقين طبيعت وارو آهي. وارڊ جون نرسون ڏسيو پيو آرام ڪندو هوندو. زال تہ هوئڻ ئي ڪونہ اٿس. رک رکان بہ ڇاجي ڪري. پيو نہ تہ نرسن جا هٿڙا پيا نصيب ٿيندا هوندس. پر ڪي ڪي نرسون تہ هوئڻ ئي طبيعت جون چڱيون آهن. ساڄن بہ هٿ جو سخي مڙس آهي.

مون کي ننڍڙي جو ڏاڍو خيال ٿي پيو. سوچيم: خبر ناهي آرام مان الائي ڪڏهن اٿندو ۽ هي دوائون ڪڏهن کائيندو؟ مون ڏٺو، هن جي وات ۾ گجي اچي وئي هئي. ساهہ ۾ تڪليف ٿي پئي هئس. ساهہ رڪجي وري ٿي کنيائين. ائين ڏسي، منهنجو ساهہ ڇڻ نڪرندو ٿي ويو. مان ڊوڙ پائي رجسٽرار کي وٺي آيس. هن ننڍڙي کي ڏسي چيو، ”ٺيڪ آ. ان بيماري ۾ ائين ٿيندو آ.“ چيم، ”هن کان اڳ رڳو پيٽ جو سور، الٽي، ۽ بخار هئس.“ ڊاڪٽر چوڻ لڳو، ”توکي هرو ڀرو اچي وهم ٿيو آهي.“ ڊاڪٽر ايترو چئي هليو ويو. سامهون واري بسترې تي هڪ ٻار تمام نازڪ حالت ۾ هو. هن جو پيءُ ڊاڪٽر کي وٺڻ لاءِ ويو. ڊاڪٽر وارڊ ۾ ٽيپ رڪارڊر تمام وڏي آواز سان وڄائي رهيو هو. ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ ماڻهو ڪنهن روڊ واري هوٽل تي ويٺل آهي. هن جيئن ئي ڳالهائڻ لاءِ چپ کوليا تہ نرس تڙي ڏيندي چيس، ”ٻهراڙيءَ جا پاڳل، مٿو ئي

ڪاڻي ويو آهين. هل، ڊاڪٽر اچي ٿو.“ هو ويچارو واپس ٿيو. هو شايد هڻ ڪان اڳ ۾ ئي ٻيا ڊاڪٽر وٽ ويو هو تنهنڪري نرس کي اها ڳالهه نه وڻي. ڊاڪٽر ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳو ۽ نرس کي داد ڏيندي چيائين، ”چڱو ڪيئه. سدا ئي توهان سان آهن، اسان جي ڳالهه ته سمجهن ئي ڪونه ٿا.“

مان ڊاڪٽر جا لفظ ٻڌي عجب ۾ پئجي ويس. نرس تي ڏاڍي ڪاوڙ آيم. دل چيو ته اسپتال جي تماڙ بلڊنگ مان ڪهتو ڏئي هيٺ ڦٽو ڪيانس. پئي ڏينهن جو سج لٿو. رات ٿي. رات جو اوجاڳو، ٻن ڏينهن جو ٿڪ — منهنجا سنڌ سور ڪرڻ لڳا هئا. پر انهن ڳالهين جو مون کي ڪوبه فڪر نه هو. بس هڪ ئي فڪر هو: ننڊڙي جي طبيعت سڌرڻ جي بدران پوئتي هٽندي پئي وئي. رات گذرندي ٿي وئي. منهنجو وجود ڌرتي ۽ آسمان جي وچ تي ٽنگيل هو. وارڊ ۾ پٽيوالي ورانڊي جون بتيون وسائي ڇڏيون هيون. رڳو هڪ ٻه بتي ورانڊي ۾ پئي ٻري. ڊاڪٽر ۽ نرس پاڻ ۾ ويٺا هئا. سڄو وارڊ هڪ پاسي، هو ٻئي پاسي. صبح جو نرس سڄي ڏينهن جون دوائون مريضن کي ڪاڻ لاءِ ڏئي ڇڏيندي آهي. هونئن ته هر ڇئن ڪلاڪن کان پوءِ نرس کي دوا ڏيڻي آهي، پر ڊاڪٽرن جي پيار هنن کي مريضن کان لادعوا ڪري ڇڏيو آهي. پر جڏهن کان وارڊ ۾ ليڊي ڊاڪٽر آيون آهن ته هائوس جاب وارا ڊاڪٽر ته ڇا پر رجسٽرار به پنهنجي آفيس ڇڏي وڃي ڪائونٽر تي ويهندو آهي.

مان وينو رهيس. ساهه ننڊڙي ۾ اٽڪيو. رات جي پوئين پهر ۾ هن کي وري ساهه جي تڪليف ٿي پئي. بستري تي لڇڻ لڳو، هٿ پير هڻڻ لڳو. مان ڊاڪٽر ڏانهن ڊوڙندو ويس. ڊاڪٽر هلڪي روشنيءَ جو فائدو وٺندي هڪ هٿ نرس جي مٿر تي رکيو ويٺو هو. مون کي ڏسندي ئي ڇرڪجي پيو. وائڙن وانگر پڇڻ لڳو، ”هان! خير ته آهي!“

”سائين، ننڊڙي کي هلي ڏسو، الائي ڇا پيو ٿئيس.“

ڊاڪٽر مون سان گڏ ٽڪڙو ٽڪڙو آيو. هن ننڊڙي کي ڏٺو ۽ نشي جي سئي هڻي هليو ويو.

ٽئين ڏينهن وڏو ڊاڪٽر آفيس ۾ آيو. مون ڪيس نهايت عاجزي سان عرض ڪري چيو، ”سائين، منهنجي ننڊڙي کي ڏسو ۽ ڪو صحيح علاج ڪريو.“

وڏو ڊاڪٽر چڙي پيو. چڻ ڪنهن هيٺان تيلي ڏيئي ڇڏي هجيس. چوڻ لڳو، ”انهيءَ جي معنيٰ ته هتي غلط علاج پيو ٿئي؟ واهه ماڻهن جو عقل!“

”سائين، مان ايئن ڪئي پيو چوان ؟ توهان مهرباني ڪريو .“ وڏو ڊاڪٽر لڏندو لمندو نِنيڙي وٽ آيو. هن نِنيڙي جون اکيون کولي ڏٺيون. پيٽ تي هٿ لائي ڏٺائين؛ سيني تي دوربيني رکي ڦڦڙ به ڏٺائين ۽ آخر ۾ منهن ڏسي چوڻ لڳو، ”ٻار جڏهن ختم ٿي ويو آ تڏهن اسپتال ڪٺي آيا آهيو ؟“

”سائين، ماڻ ته هن کي ٽيڪ ناڪ وٺي آيو هئس. رڳو بخار اُٿي ۽ پيٽ جو سور هئس.“

”ها، پر آهي ڏاڍو مشڪل . پر وري به خدا کي وڏي طاقت آهي ؛ وٺيس ته بچائي، وٺيس. . .“ وڏي ڊاڪٽر مون کي ڏسندي چيو.

ڊاڪٽر پنهنجي مخصوص نموني سان ڪنڌ هيٺ ڪري لڏندو لمندو پنهنجي آفيس ڏانهن ويو. منهنجو وجود جيڪو ڌرتي ۽ آسمان جي وچ تي ٽنگيل هو، نِنيڙي جي ن بچڻ جو ٻڌي زمين تي ڪري پرزا پرزا ٿي ويو.

ڊاڪٽر هليو ويو. نِنيڙي کي وري تڪليف ٿي، اهڙي تڪليف ٿي جو هو هليو ويو تمام پري . مان ڏسندو رهيس . ڪيڏو نه معصوم ۽ مرڪندڙ چهرو هو، جيڪو گناهن کان پاڪ هوندي به اهڙي سزا ڪاٽي ويو. چاهڻ جي باوجود به هو بچي نه سگهيو. سڀ عجيب هو.

سڄو لهڻ ۾ ڪجهه وقت باقي وڃي رهيو آهي. مان جبل جي ٽڪري تي ويٺو آهيان. ڪيڏي نه دير ٿي وئي اٿم! مزور به هاڻ ڪم ڇڏي پنهنجي جهوپڙين ڏانهن هليا ويا آهن . ڌنار به پنهنجون رڍون ۽ ٻڪريون چاري هليو ويو آ. سوچان ٿو: هاڻي هلڻ گهرجيم . پر دل نه پئي چئي ته هتان اٿان. مان وري هيڏانهن هوڏانهن ڏسان ٿو. جبلن جون ننڍيون ننڍيون ٽڪريون هڪ ٻئي پويان ڪيڏيون نه خوبصورت پيون لڳن . هلڪو هلڪو ڌنڌ ڇانئجڻ لڳو آهي. سڄ لهڻ جي ڪناري تي وڃي رهي آهي. مان اٿي گهر ڏانهن هلڻ لڳو آهيان. سامهون اسپتال جون بتيون پري ويون آهن . هلندي هلندي مان بيهي ٿو رهان. مون کي وري نِنيڙي جو چهرو ياد ٿو پوي . ائين پيو محسوس ڪيان، ڄڻ هو مون سان گڏ هجي. منهنجي هٿ جي ڇيچ مان وٺي مون سان گڏ هلندو هجي، مون کان ڄڻ پڇندو هجي: ”هي ڌرتي ڪيڏي وڏي آهي؟ ڪيستائين پري آهي؟ هي آسمان هتان گهڻو پري آهي؟ ماڻهو چنڊ تي ڪيئن ويندا آهن؟ مان وڃي سگهان ٿو؟“ ائين پيو لڳيم ڄڻ هو هن دنيا مان ويو ئي ڪونهي ۽

ماڻ چڱو خواب پيو ڏسان. هن جي اوچتو وڃڻ تي مون کي اجا تائين اعتبار ئي نہ پيو اچي. مان اجا سوچي بہ نہ سگهيو آهيان تہ ائين بہ ٿيو آ. ھر جڏهن گھر ويندو آهيان تہ گھر جو چپ چاپ ماحول، سندس ساهہ جو رڙڻ، صبح جي وقت اسڪول۔ بس گذرندي هارن ڏيندي گذري ويندي آهي. گھر ۾ نہ گوڙ نہ هنگامو. مان اهو سڀڪجهہ محسوس ڪري سوچيندو آهيان: هو ڪٿي آهي؟ مان هيڏانهن هوڏانهن واجهائيندو آهيان پر ڪجهہ ڏسڻ ۾ ئي نہ ايندو اٿم. مان اسپتال جي پرسان گذري سوچيان پيو: ڪيئن نہ نرسن ۽ سيڪرٽري ڊاڪٽرن سڀني هٿي ننڍڙي جا هٿ پير سجائي ڇڏيا هئا. خبر ناهي ساڃن جا الائي ڪهڙا حال هوندا؟ وڏا ڊاڪٽر تہ هونئن ئي ذهني مريض لڳا پيا آهن. رڳو Personality پرسنلٽي تائين ۾ پورا آهن. نہ مريضن کي ڏسن نہ ڪن. ڪي ڪي ڊاڪٽر تہ مهينن جا مهينا سرڪاري اسپتال ۾ اچن ئي ڪونہ. رڳو خانگي اسپتالن ۾ پيا پئسا ڪمائين. پر هن وارڊ ۾ وڏي ڊاڪٽر جا تہ نمونا ئي پنهنجا آهن. هو مدائين ڪنڌ هيٺ ڪري هلندو آهي پوءِ چو نہ ڪٿي اين - ايل - سي جو ڏکو ٽريلر مٿان چڙهي وڃيس پر هلڻ جو طريقو اهو ئي رهندس.

مان اسپتال کي ڇڏي تمام پري اچي ويو آهيان. وقت گذرندو پيو وڃي ۽ ھر سوچون آهن جو هڪ جنم کان ٻئي جنم تائين ختم ئي نہ ٿيون ٿين. ڪيڏي نہ پيڙا ۽ درد آهي سوچن ۾! مان هلندو ٿو رهان پر وقت آهي جو مون کي پوئتي ڌڪيندو ٿو وڃي، تمام پري تمام پري. □□□

□ صفيہ نور

”اسلام عليڪم؟“ منهنجي ڪن تي آواز پيو. مون ڪنڌ مٿي ڪري نهاريو. هڪڙو پوري پني قد جو ماڻهو منهنجي ٽيبل جي پر ۾ بيٺل هو. مون پنهنجي عادت پٽاندر نہ سڃاڻيندي بہ مرڪي هن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ اڻ واقفيت مان هن ڏانهن ڏسندي رهيس. ان وقت مان ڪاليج جي ڪينٽين ۾ ويهي چانهہ پئي پيتي.

”توهان جي واقفيت؟“ مون هن کان خوشدليءَ سان پڇيو.

”منهنجو نالو زاهد علي آهي. شايد توهان لاءِ اهو نالو غير نہ هجي.“

”زاهد علي...“ مون ذهن تي زور ڏئي سوچيو. اوچتو ياد آيو تہ هن جون بہ ٽي ڪهاڻيون نظر مان گذريون هيون. ”اڇا تہ توهان ليکڪ آهيو. مون توهان جون لکيون پڙهيون آهن ۽ اهو نالو مون لاءِ غير ڪونهي.“ مون هن جي دل رکڻ لاءِ چيو.

”نہ نہ، اها تہ توهان جي مهرباني آهي جو ائين چئو ٿا. بس ٿورو گهڻو لکندا آهيون، سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ پرڻ خاطر ۽ ڪوشش ڪندا آهيون تہ اسان اهڙا ليکڪ پيدا ڪري سگهون جيڪي ٻوليءَ جي خدمت ڪن، ان لاءِ اسان پنهنجي هڪ ايسوسيئيشن قائم ڪئي آهي. مون اوهان جون ڪهاڻيون پڙهيون تہ ملڻ جو شوق جاڳيو، ۽ اڄ تہ هي بهانو بہ مليو.“ هن مون ڏانهن هڪ لفافو وڌايو.

”هي ڇا آهي“؟ مون لفافو وٺندي چيو.

”اسان هڪ نئين ٿهيءَ جي ليکڪ جي ڪتاب جو مهورت ڪرائي رهيا آهيون. توهان بہ اسان ليکڪن جي لڏي ۾ شامل آهيو، ان ڪري دعوت ڏيڻ فرض سمجهيم. مان اميد ڪندس تہ توهان ضرور ايندؤ.“

”ڪوشش ڪنديس.“ مون عادت موجب مرڪندي جواب ڏنو.

”بس، جيڪڏهن شريڪ ٿيو تہ اسان پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهنداسين.“

هو هليو ويو. مون تي پنهنجو سٺو امپريشن ڇڏي ويو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ وري آيو.

"معاف ڪجو توهان کي تڪليف ڏنم."

مان ان وقت پنهنجي وارڊ ۾ ڊيوٽي تي هيس. "نه نه، اهڙي ڪا ڳالهه ناهي توهان ڳالهه ڪريو؟" مون ميز تان چارٽ کڻي ڏسندي چيو.

"دراصل اسان پنهنجي ادبي سنگت پاران رسالو ڪڍي رهيا آهيون. جيڪڏهن توهان وٽ ڪا ڪهاڻي يا مضمون هجي ته ڏيو، اسان کي مواد جي سخت ضرورت آهي."

"مون کي اڄ ڪلهه لکڻ جي فرصت ناهي، پر هڪ ڪهاڻي آهي." مون ميز جي خاني مان لکيل ڪهاڻي ڪڍندي چيو، "هن ۾ ڪريڪشن جي ضرورت ته ناهي پر توهان وري ڏسي جانچي سگهو ٿا."

رسالي ۾ ڪهاڻي آئي. ٻن ٽن تعريف ڪئي، ڪن طنز ڪيا پر مان خاموشيءَ سان مرڪندي رهيس.

ادبي گڏجاڻيءَ جو ٻيو ڪارڊ مليو.

امان سان ڳالهه ڪيم. مان با اختيار هوندي به پاڻ کي امان جي هٿن ۾ ڇڏيو هو ۽ هر ڳالهه سانس ڪندي هيس. ڪاليج ۾ وڃڻ کان سواءِ، هرهنڌ هن جي موڪل سان ويندي هيس. منهنجي ماءُ منهنجي دوست جيان هئي. هر قدم وڌائڻ کان پهرين کانئس صلاح يا موڪل ضرور وٺندي هيس. نتيجي طور امان سمجهڻ لڳي ته هوءَ مڪمل طور مون تي قابض آهي، ۽ هن پنهنجيون مرضيون مون تي مڙهڻ شروع ڪيون ۽ مان ڪنڌ هيٺ ڪري نهٺائي ۽ نماڻائي سان هر فيصلو قبول ڪندي ويس. هن جي سامهون نهٺائي سان هلندي رهيس.

ٻئي ڪارڊ ملڻ تي سوچيم ته ليڪڪ ٿيڻ لاءِ مون کي اهي ادبي نشستون اٽينڊ ڪرڻ گهرجن، سو امان کان موڪل گهريم. سختيءَ سان جواب مليو. تي ڏينهن مانئي نه کاڌم.

"مانئي ڇو نه ٿي کائين؟" امان ڏاڍي رعب سان پڇيو.

"امان، توهان کي خبر ناهي، مون نئون نئون لکيو آهي. ادبي محفلن ۾ اٿڻ ويهڻ ڪري نئي ماڻهو سڃاڻيندا ۽ انهن جي صحبت مان به گهڻو ڪجهه پرائيندس." مون

ڏانهس پنهنجيون رڻندڙ اکيون سان ڏسندي چيو. رڙن به منهنجي پراڻي عادت هئي. ڪا ڳالهه شروع ٿيندي ئي نه، ته اکين ۾ ايندڙ پاڻي نلڪي جيان شروع ٿي ويندو.

”ڏس ذاريه، مان تنهنجي ماءُ آهيان.“ امان چڱي طرح سمجهائڻ لاءِ منهنجي پر ۾ ويهندي چيو. ”انهن ليکڪن کي چڱي طرح سڃاڻان. تون اڃان ٻار آهين. هينئر تنهنجي پڙهڻ جي عمر آهي، اهي فضول ڪم ڪرڻ جي ناهي.“

”ته ڇا اهي فضول ڪم آهن! ڇا پنهنجي ٻوليءَ ۽ ماڻهن جي خدمت فضول ڪم آهي!“ مان هن کي اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳس.

”تون نه ٿي سمجهين. اهي جيڪي ليکڪ هوندا آهن، اهي ڪڏهن به پنهنجي قلم سان سچا نه هوندا آهن. اهي سٺيون سٺيون ڳالهيون رڳو ڪتابن ۾ لکندا آهن. تون به سٺيون سٺيون ڳالهيون لک، پڙهه سڄي دنيا کي، پر گهر ۾ ويهي. مان انهن جي صحبت ۾ توکي رهڻ جي موڪل هرگز نه ڏينديس.“

”پر، امان سڀ ته اهڙا ناهن!“

”ها، سڀ اهڙا ناهن. ڪي ڪي آهن جيڪي رڳو پنهنجي مفاد لاءِ ٻين کي بيوقوف ناهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهي اهڙا نه هوندا آهن، جهڙو لکندا آهن. انهن جي قول ۽ فعل ۾ زمين آسمان جو فرق هوندو آهي.“

مون کي ڪاوڙ اچڻ لڳي. پنهنجي ماءُ کي ادب ۽ پنهنجو دشمن سمجهڻ لڳس. ان سان گڏوگڏ پنهنجي ليکڪن جي اهميت ۽ عظمت کي چيلنج ٿيندو محسوس ڪيم.

’مان هن نا انصافي جي خلاف ضرور ويڙهه ڪنديس.‘ مان دل ۾ سوچڻ لڳيس، ’جڏهن ناميارڙي ليکڪا ٿي اڀرنديس تڏهن امان کي احساس ٿيندو ته هوءَ غلطيءَ تي هئي. هوءَ ڪا ليکڪن ۾ ايترو اٿي ويٺي آهي جو سمجهائي ٿي؟ اها ته سراسر نا انصافي آهي.‘

امان جي وڃڻ کان پوءِ دير تائين هنڌ تي پاسا ورائيندي رهيس. ’زاهد علي به ته ليکڪ آهي. ڪيڏو نه سوبر ۽ سلجهيل ماڻهو!‘ منهنجون اکيون اهو سوچيندي پورجڻ لڳيون.

ٻن ٽن ڏهاڙن کان پوءِ زاهد علي وري آيو.

”مون سوچيو ته هاسٽل ۾ ڪم آهي سو توهان وٽان به ٿيندو وڃان.“

”نه نه، ڀلي آيؤ مون کي توهان جهڙن ليکڪن سان ڳالهائيندي خوشي محسوس ٿيندي آهي. توهان جون سچائي سان لکيل ڪهاڻيون پڙهي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. توهان جهڙا ليکڪ ئي ته اسان جي قوم جو سرمايو آهن.“

”منهنجي خيال ۾ توهان حد کان وڌيڪ تعريف ڪري ڇڏي.“ هن نهٺائي سان جواب ڏنو. ”توهان جون مهربانيون آهن نه ته اسان ڪهڙي لائق آهيون.“ ٿورو هٻڪندي چيائين، ”پلا ڪڏهن ٻاهر هلڻ جو پروگرام ٺاهيو، هت ته گهٽو ڳالهائڻ نه ٿو ٿئي.“

مون سوچيو ته شايد مون سان سنگ ڪري ادب جي موضوع تي گفتگو ڪرڻ چاهي ٿو. ان ڪري ته ايتري ٻي ٻاڪي سان اهو جملو چيو اٿائين، جنهن جون هزار معنائون ڪيڍي سگهجن ٿيون.

”ها ضرور، ڇو نه.“ مون وڏي خلوص سان جواب ڏنو، قدردان جو ٿيس. ”مون کي به توهان سان ادبي نشست ڪرڻ جو شوق آهي.“

منهنجي هڪڙي عادت آهي ته مان ڳالهائيندي اهو وساري ڇڏيندي آهيان ته ڪو ڇوڪري آهيان. اڄ تائين سمجهندي آهيان ته جيئن مان هڪ مرد سان ڳالهائي رهي آهيان ته شايد اهو به مون کي هڪ مرد سمجهندو هوندو يا هو به منهنجي ذهن جهڙي ذهنيت جو مالڪ هوندو.

هو هليو ويو ۽ مون کان به اها ڳالهه وسري وئي.

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ وري آيو. ٿورو ٿورو محسوس ڪيم ته مڙني ڪا ڳالهه ضرور آهي. پري کان هن کي ڏسي اکيون ڪٽي ٻئي پاسي ڪيم.

”هلو!“ هن ڏاڍي لاڏ مان چيو.

مون هن ڏانهن ڏٺو، ڪجهه حيرت مان ڪجهه اچرج مان. ”ڪو ڪم؟“ مون عادت پٽاندر مرڪندي چيو.

هن هٿ ۾ پيل لفافو وڌايو. ”دراصل مون کي هڪ ڪم هو. مون سوچيو ته توهان وٽان به ٿيندو وڃان ۽ هي به ڏيندو وڃان.“

”ڇا آهي؟“ مون لفافو وٺي ڏسندي چيو.

”اسان هر عيد تي پنهنجن ليکڪن کي عيد ڪارڊ ڏيندا آهيون. مون سوچيو ته توهان کي به عيد واڌايون ڏيان.“

مون ڪارڊ وٺندي ”مهرباني“ جو لفظ چيو. هن جي وڃڻ کان پوءِ لفافو کوليم: شاعري هئي. ٽائيٽل هو: ’تون ۽ مان‘

سوچيم، اها شاعري مون لاءِ تہ نہ هئي. هڪ ليڪ کي ليڪ ٺي ڪيئن اهڙي عيد مبارڪ ڏئي سگهي ٿو؟ هيءَ تہ ڪو وچوڙي جو گيت يا پيار جو ڪو پيغام هو. خير، لفافو هڪ طرف رکي ڇڏيم ۽ انهيءَ ڳالهہ کي وساري ڇڏيم.

ڪجهہ ڏينهن رکبي هو وري آيو..

"ڪمال آ، توهان تہ ڪنهن ڳالهہ جو جواب نہ ٿا ڏيو."

مون هن کي ٿورو گهوريو: بظاهر تہ نارمل لڳو.

"ڇو ادا ڪا ڳالهہ پڇي هئو ڇا؟" مون عادت موجب مرڪندي پڇيو.

"نہ، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪن جذبن جو احترام بہ ڪبو آهي. خير ڇڏيو، مان توهان کي هي لفافو ڏيڻ چاهيان ٿو. هن ۾ ڪجهہ آهي، جنهن جو توهان کي جواب ڏيڻو آهي. برو لڳي تہ معاف ڪندا، سنو لڳي جواب ڏيندا." ايترو چئي هو هليو ويو. هن جي وڃڻ کان پوءِ مون کي ڪل آئي. طنزيہ نموني مرڪندي لفافو کوليم. ڇا هوندو؟ اندران خط نڪتو، لکيل هو:

"سوچيان ٿو تہ ڪٿان شروع ڪيان؟ ڪيئن مخاطب ٿيان؟ اوهان سان مخاطب ٿيڻ لاءِ ڪهڙا لفظ استعمال ڪريان؟ منهنجي سامهون لفظ رات جو آڪاش ۾ چمڪندڙ تارن جيان اچي بيٺا آهن. هجان ها شاهہ لطيف تہ هڪ هڪ تارو ٽوڙي مالها پوئي تنهنجي سامهون پيش ڪريان ها. پر جانان! مان شاهہ لطيف ناهيان. اهو ضرور آهي تہ شاهہ جو آئون سنو پاٺڪ آهيان. دل جي رشتن کي مون ڪڏهن بہ ڏوراپا نہ ڏنا آهن، البت معيار ڏيڻ جو حق پاڻ وٽ رکان ٿو. ڇو تہ ميارون هميشہ پنهنجن کي ڏبيون آهن. تہ پوءِ توکي هڪ ميار ڏيڻ جي جرئت ڪريان ٿو شاهہ لطيف جي لفظن ۾:

سر لوهيڙا ڳيڀا ڪنسر نسريا
تو ڪيئن وسريا، ڍولا ڏينهن اچڻ جا.

خط ڏاڍو ڏکو هو ۽ ڪجهہ اهڙا جذبا ڏاڍن سهڻن لفظن ۾ پوتل هئا. پر اهي سهڻا لفظ مون کي توهہ جيان سهڻا لڳبي رهيا هئا ۽ جيئن جيئن خط پڙهندي ويس تيئن تيئن تنگن مان ساهہ ڇڏائي رهيو هو. خط پورو ڪري پاڻ کي ڪرسيءَ تي ڇڏي ڏنم ڇو تہ وڏيڪ تنگن ساٿ نہ ڏنو. منهنجي اندر ۾ هڪ عجيب قسم جي چپ لڳبي وئي. امان جا اکر ياد اچڻ لڳا — لفظ نہ هئا، جن مان بيان تہ ڇا پر سوچي بہ سگهان. اکين مان لڙڪ موتين جيان وهي هڪ هڪ ڪري زمين تي ڪرڻ لڳا. ۽ پوءِ لڙڪ اکهيم تہ چپن تي ساڳي مرڪ اچي وئي ۽ پنهنجي منهن مرڪندي رهيس. پاڻ تي الائي انهن تي، الائي ڪنين تهيءَ تي. ۽ سوچيندي رهيس ۽ سوچيندي ٿي رهيس. □□□

اڄ ڌم ڀيهر ملون

□ شازيا رسول

ٽرين تيز رفتاريءَ سان فاصلي کي گھٽائي رهي آهي ۽ مان تو ڏانهن اچي رهي آهيان جانان! وقت پنهنجي وچ ۾ جيڪا وڇوڙي جي ڏکھي ديوار اڏي هئي سا اڄ هميشه لاءِ ڊهڻ واري آهي. هاڻي جي ملنداسين ته وري ڪڏهن به جدا نه ٿينداسين. نه وقت پنهنجي وچ ۾ فاصلو وجهندو، نه ئي ڪا مجبوري آڏي ايندي. هي ساٿ اٽل ۽ اٽوٽ هوندو سانول!

آئون ٽرين جي دريءَ مان ٻاهر ڏسان ٿي: ائين ٿو لڳي ڄڻ گھاٽن وڻن جون شاخون منهنجي استقبال لاءِ خوشيءَ ۾ جھومي رهيون هجن ۽ انهن جا پن پنهنجي ملڻ تي خوشيءَ مان تاڙيون وڄائي رهيا هجن ۽ هوا جي جھوڪي پنهنجا پر پکيڙي مون کي اها خوشخبري ٻڌائي رهي آهي ته هاڻ منزل اچڻ واري آهي جتي آئون توسان ملنديس، وري ڪڏهن به جدا نه ٿيڻ لاءِ.

ڦريون ڀيرو جڏهن آئون توسان گڏ هتي آئي هيس ته تو هنن سرسبز وادين ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو: ”هن ساوڪ ۽ گاهه جي ٻوٽن جي هن پار هڪڙي ننڍڙي اسٽيشن ايندي جيڪا تنهنجي ۽ منهنجي منزل آهي.“

مون کي تنهنجي هر ڳالهه ياد آهي سانول. آئون تنهنجي چيل هڪ هڪ لفظ کي پنهنجي دل جي ڪتاب تي لکندي رهي آهيان. مون توسان گڏ گذاريل هڪ هڪ پل جي ياد ذهن جي محافظ خاني ۾ سجائي سنواري رکي آهي. جڏهن کان تون مون کان جدا ٿيو آهين تڏهن کان آهي يادون تنهنجي پيار جو پاڇو بڻجي مون سان قدم قدم تي ساڻ هليون آهن ۽ هاڻي به آهي يادون منهنجي دل جي اڱڻ تي گلاب جيان ٽڙي رهيون آهن.

جيئن جيئن تنهنجو پسنديده شهر ويجهو ايندو ٿو وڃي تيئن تيئن منهنجي دل جي ڌڙڪن ۾ اضافو ٿيندو وڃي. هن شهر جي چرچ جي پٺيان ننڍڙي هوٽل آهي جتي ٻاڻ رات گذاري هئي. توکي به اها رات ۽ انهيءَ جي تاريخ ياد هوندي. آئون انهيءَ رات ۽ تاريخ جو انتظار ڪري رهي هيس... مان نه ته ڀهرين اچي وڃان ها...

... آئون چاهيان ٿي ته جنهن تاريخ تي پنهنجو ملڻ ٿيو هو انهيءَ سا ڳي تاريخ تي پيو پيرو به ملان ۽ ائين ملان جو سڀ فاصلا ميٽجي وڃن ۽ پنهنجي مقدر جي ريکائن ۾ جدائيءَ جي لڪير جو وجود نه رهي. بس اِهو سوچي آئون انهيءَ تاريخ جو انتظار ڪري رهي هيس ۽ اڄ اِهو انتظار ختم ٿيڻ وارو آهي جان!

آئون ٿوري دير کان پوءِ توسان ملنديس، وري ڪڏهن به نه وڇڙڻ لاءِ!

ٽرين جي رفتار مڌم ٿي رهي آهي. اسٽيشن ويجهو اچي وئي آهي. آئون سيٽ جي هيٺان رکيل پنهنجي بيگ ٻاهر ڪسڪايان ٿي ته منهنجي نگاهه سامهون ويٺل هڪ پوڙهي عورت تي پوي ٿي، جيڪا مون ڪي ڏسي مسڪرائي رهي آهي. شايد هن منهنجون سوچون منهنجي چهري تان پڙهي ورتيون آهن. عورت هڻڻ جي ناتي سان هوءَ سمجهي وئي آهي ته جڏهن ڪا به ڇوڪري پنهنجي محبوب سان ملڻ واري هوندي آهي ته هوءَ ائين ئي جاڳندي ۾ خواب ڏسڻ لڳندي آهي.

جيئن آئون ڏسي رهي هيس ته منهنجي دل چاهيو ته آئون هن کي چئي ڏيان ته ها، آئون پنهنجي محبوب سان ملڻ واري آهيان، تڏهن ته اندلٺ جا ٿت ئي رنگ، منهنجي چهري ۾ جرڪن پيا. منهنجي چوڻ کان اڳ ئي پوڙهيءَ پڇيو: ”موڪلون گذارڻ آئي آهين؟“

”ها، هڪڙي طرح سان ته اصل ۾ منهنجو منگيندو منهنجي راهه تڪيندو هوندو. آئون ان وٽ پئي وڃان.“

”اهڙي خوشگوار موسم ۾ ته ملاقات جو لطف گهرو ٿي ويندو آهي...“

هن سچ چيو آهي سانول، ته ٻاهر جي موسم وانگر اڄ تنهنجي جانان جي اندر جي موسم به بيحد خوبصورت آهي، ان ڪري ٻاهر جي موسم جي دلڪشيءَ ۾ اضافو ٿي ويو آهي. سڀ ڪجهه زيادهه ٿي پيو آهي. آسمان جهڙ سان ڍڪيل آهي. سرد هوا منهنجي جسم جي ذري ذري ۾ لهندي پئي وڃي.

توکي ته خبر آهي ته مون کي اهڙي موسم سان بيحد پيار آهي. تون تصور به نٿو ڪري سگهين ته ڪيتري رومينٽڪ موسم آهي. تو کان جدا ٿيڻ کان پوءِ هي ڀهريون

ڏينهن آهي جو پنهنجي اندر ۾ ايترو حسن سميٽيو آهي. توسان ملڻ جي خوشيءَ منهنجي احساس کي حسن عطا ڪيو آهي. ٽرين اسٽيشن ۾ داخل ٿيڻ واري آهي. آئون پوري ڪوشش پئي ڪريان ته منهنجي ڪنهن به حرڪت مان بيتابي نه ظاهر ٿئي، نه ته هيءَ خاتون سمجهندي ته ڏاڍي ڪا بي صبر ڇوڪري آهي. پر آئون ڇا ڪريان، توسان ملڻ جي اشتياق مون کي ديوانو ڪري ڇڏيو آهي! ٽرين اجا پوري طرح سان بيٺي به نه آهي ته آئون اڳ ئي پنهنجو بيگ کڻي ٻاهر اچي وئي آهيان. تيز تيز وکون کڻي آئون گيٽ تي آئي آهيان ۽ ڏڪندڙ هٿن سان پنهنجو ٽڪيٽ ٽڪيٽ-چيڪر کي ڏنو اٿم. هُن مرڪندي، خبر ناهي ڇا چيو. مون کي هن جي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. آئون تيزيءَ سان ٻاهر نڪري آئي آهيان. شهر وڃڻ واري بس تيار بيٺي آهي. آئون هن جي سڀ کان پهرين مسافر آهيان. خبر ناهي ڇو ٻيا مسافر ايتري دير ٿا لڳائين؟ مون کي توسان ملڻ جي جلدي آهي ۽ هي سڀ دير پيا لڳائين.

۽ پوءِ جڏهن بس هلي ته ائين لڳو ڄڻ رڙهندي هجي. آئون بس جي دريءَ کان ٻاهر ڏسان ٿي: هي سڀ نظارا منهنجيءَ لاءِ اجنبي ڪونه آهن. آئون تنهنجي هٿ ۾ هٿ ڏئي انيڪ ڀيرا هتان لنگهي آهيان. مون کي هڪڙي هڪڙي ڳالهه ياد آهي سانول. هاڻي اها هوٽل اچڻ واري آهي جتي پاڻ زندگيءَ جي عزيز ترين رات گذاري هئي. مون کي اهو سوچي کل پئي اچي ته هوٽل جي مالڪ پاڻ کي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو هو پر جڏهن تو رجسٽر ۾ مسٽر اينڊ مسز جا لفظ لکيا ته هن اطمينان جو ساهه کنيو ۽ پوءِ پاڻ جڏهن ڪمري ۾ آياسين ته بي اختيار مون کان ٽهڪ نڪري ويو ۽ تنهنجي چپن تي هلڪي مرڪ تري آئي هئي.

اهو هفتو ڪيترو پر مسرت گذريو هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ سڄي ڪائنات رڳو پاڻ لاءِ تخليق ٿي هجي، گل به پاڻ لاءِ ٽڙندا هجن، هوائون به پاڻ لاءِ لڳنديون هجن ۽ سمونڊ جون لهرون به رڳو پنهنجا قدم چمڻ لاءِ ڪناري تي اينديون هجن. پاڻ ٿڌي ريت تي ويهي ننڍڙن ٻارن جيان ٽهڪ ڏيندا، سپيون گڏ ڪندا ڪيڏا نه خوش ٿيندا هئاسين. توکي هو پوڙهو ته ياد هوندو جيڪو هر شام سمونڊ جي ڪناري ماڻهن کي وائلن تي انهن جي پسنديده ڌن ٻڌائيندو هو ۽ تون هميشه اها ئي ڌن ٻڌندو هئين. پاڻ جڏا ٿي وياسين ته ڇا ٿيو، هنن لهرن جو قسم وري ضرور ملنداسين. آئون تڏهن ناراض ٿي پوندي هيس ته تون اهڙن گيتن جون ڌنون ڇو ٿو ٻڌين جنهن ۾ جدا ٿيڻ ۽ وڇڙي وڃڻ

جو ذڪر هجي ۽ تون چوندو هوئين تہ ”جانان ، فاصلا ۽ جدايون تہ محبت جو امتحان وٺنديون آهن. جيڪي دليون سچ پچ هڪ ٻئي لاءِ ڌڙڪنديون آهن، فاصلو ۽ جدائي انهن ۾ محبت وڌائي ڇڏينديون آهن ۽ وڇڙيل هڪ ڏينهن ضرور ملندا آهن .“ تون سچ چوندو هوئين سانول . . . پاڻ بہ وڇڙي ويا هئاسين ۽ اڄ ورهي بہ ملڻ وارا آهيون . . .

بس بيهي رهي آهي . ماڻهو کلندا مسڪرائيندا لهي رهيا آهن . پر انهن مان ڪو بہ ايترو خوش نہ هوندو جيترو آئون خوش آهيان . . . آئون هوٽل جي طرف وڃي رهي آهيان جتي اڳئين سال پاڻ رهيا هئاسين . مون کي ائين ٿو لڳي ڄڻ اها ڪلهہ جي ڳالهہ هجي . هوٽل جي دروازي وٽ اهي ئي بہ اچن گلن جون ڪونڊيون رکيل آهن. هوٽل بہ اها ساڳي آهي ، ڪجهہ بہ تہ نہ بدليو آهي ۽ ها سانول، مون اهو تہ توکي ٻڌايو ئي ڪو نہ تہ ڪمرو بہ مون اهو ساڳيوئي بڪ ڪرايو آهي ، جنهن ۾ اڳئين سال پاڻ رهيا هئاسين . آئون انهي کي پاڻ لاءِ سٺو سؤڻ ٿي سمجهان . آئون هوٽل جي در وٽ بيهي سمونڊ ڏانهن نظر ڪريان ٿي: گهڻا ماڻهو وهنجي رهيا آهن ، ٻار ريت تي ڊوڙي رهيا آهن ۽ ڪجهہ جوڙا ريت تي ليٽيا سرباٽ ۾ مصروف آهن . انهن کي ڏسي مون کي بہ هڪڙي ڳالهہ ياد اچي وئي آهي جيڪا مون توکي سرباٽ ۾ چئي هئي . مون توکي چيو هو ”قدرت جيڪو منهنجي حصي جو مرد تخليق ڪيو آهي سو تون آهين . دنيا ۾ تو جهڙو ٻيو ڪو بہ ڪونهي .“ توکي ياد آهي نہ منهنجي ڳالهہ . . .

آئون دروازو کولي هوٽل ۾ داخل ٿي ٿيان تہ دروازي سان ٻڌل گهنٽيون هڪدم وڄن ٿيون . آئون آس پاس نظر ڪريان ٿي. اتي ڪير بہ موجود ڪونهي. لائونج خالي آهي. ڪائونٽر تي اهوئي ساڳيو فون رکيو آهي . هتي جي هر شيءِ اها ساڳي آهي ، ڪجهہ بہ نہ بدليو آهي . . . ڪچن جو دروازو کولي ، هوٽل جو مالڪ ٻاهر اچي ٿو . هو مون کي ڪو نہ ٿو سڃاڻي ۽ سڃاڻي بہ ڪيئن؟ هن هڪڙي سال جي دوران هزارين آيا هوندا . هو رجسٽر منهنجي اڳيان رکي ٿو . آئون پنهنجو نالو لکڻ بدران مسز سانول لکان ٿي . هوٽل جو مالڪ مون کي چئي ٿو: ”رات جي ماني ستين بجي تيار ٿي ويندي آهي “آئون رات جي ماني ڪو نہ کائيندس“، آئون هن کي جواب ٿي ڏيان ڇو جو مون کي توسان ملڻ جي جلدي آهي. . . هو مون کي وٺي انهي ڪمري ۾ اچي ٿو ، جنهن سان منهنجي زندگيءَ جون حسين ۽ خوبصورت يادون وابستہ آهن . . . آئون هن کي چوان ٿي ، ”ڪمرو تمام خوبصورت آهي ، مهرباني .“ هو ڪمري کان نڪري وڃي ٿو . . .

آئون بئگ بستري تي چڙهي دريءَ ۾ اچي ويهان ٿي. سامهون نيرو گهرو سمونڊ ڦهليل آهي. اوچتو منهنجي اک وائلن وڄائڻ واري پوڙهي تي پوي ٿي. هو هڪ ڀيرو جوڙي کي تنهنجي پسنديده ڌن ”پاڻ جدا ٿي ويا سين ته ڇا ٿيو“ وڄائي رهيو آهي... پاڻ به ته مليا هئاسين، وري وڇڙي وياسين ۽ هاڻ وري به ملڻ وارا آهيون هميشه هميشه لاءِ. هاڻي نه تون مون کي ڇڏي ويندين ۽ نه آئون توکي. هاڻي پاڻ ٻنهي لاءِ جدائي جي لفظ جي ڪا به اهميت ڪا نه رهي آهي. آئون دريءَ مان هٽي آئيني اڳيان آئي آهيان ته اهوئي هلڪو سينگار ڪريان ٿي جيڪو توکي پسند هو. پهرين جڏهن تون منهنجي اکين ۾ جهاتي پائيندو هئين ته منهنجون اکيون شرم کان جهڪي وينديون هيون، پر اڄ آئون تنهنجي اکين سان اکيون ملائي مسڪرائينديس. انهيءَ جو اهو مطلب ڪونهي ته ڪو بي شرم ٿي ويئي آهيان. در اصل هن اجايل اکين جي اڄ اڄهاڻ ٿي چاهيان. ڏس نه، تو کان جدا ٿئي ڪيترا مهينا ٿي ويا آهن ۽ توکي خبر نه آهي ته اهو عرصو مون ڪهڙي عذاب ۽ اذيت ۾ گذاريو آهي.

مون سينگار ڪري ورتو آهي ۽ هاڻ بيڊ تي ويهي بئگ کوليان ٿي ته جيئن توسان ملڻ جي فيصلي تي عمل ڪري سگهان. مون بئگ مان هڪڙي شيشي ڪڍي آهي جيڪا زهر سان ڀريل آهي. جڏهن ماڻهن مون کي ڪار جي حادثي ۾ تنهنجي موت جي خبر ٻڌائي هئي ته ڪجهه عرصي لاءِ آئون پنهنجو هوش حواس وڃائي ويٺي هيس. پر هينئر آئون پنهنجي پوري هوش ۽ حواس ۾ آهيان. مون توسان ملڻ ۽ وري ڪڏهن به نه وڇڙڻ جو طريقو سوچي ورتو آهي ۽ انهيءَ تي عمل به ڪريان پئي. زهر ڪڙو ته ضرور آهي پر انهي ڪڙاڻ کي تنهنجي محبت جي مٺاڻ سمجهي نڙي کان هيٺ لاهي ڇڏيو اٿم. هوريان هوريان اکيون بند ٿي رهيون آهن. توسان ملڻ جو ڪيترو آسان طريقو آهي. هي اهوئي ڪمرو آهي جتي تو مون کي اڻڇاڻ منزلن سان آشنا ڪيو هو. جتي پاڻ زندگي جا بهترين ڏينهن گذاريا هئا. مون کي خبر آهي ته تون به مون وانگر بيهر ملڻ جو انتظار ڪندو هوندين. مون کي ننڊ اچي رهي آهي. اکيون پاڻيهي بند ٿيڻ لڳيون آهن. ساهه ۾ آند ماند مٿل آهي پر آئون تو ڏانهن اچي رهي آهيان. سانول، تنهنجي جان تو ڏانهن اچي رهي آهي. □□□

ننڊ جي ديوار ڍيري

□ نانڊيا ٽيپو

هينئر مان ڪمري ۾ اڪيلو آهيان ، ان ڪري مان ڪجهه به ڪري سگهان ٿو ، جيڪو چاهيان ۽ هينئر مان واندو به آهيان . ٿوري دير کان پوءِ مون کي ڪنهن نه ڪنهن ڪم لاءِ ٻاهر سڏيو ويندو .

پر هڪ ڳالهه ٻي به آهي : ڪجهه به ڪرڻ لاءِ اڪيلو هجڻ ۽ واندو هجڻ شرط ڪونهي ، سو ان ڪري مان هينئر سوچڻ کان سواءِ ڪجهه به نه ڪري رهيو آهيان . هي جيڪو منهنجو ڪمرو آهي نه ، اهو تمام ننڍو آهي ۽ پيو ته ميرو به آهي . جيتوڻيڪ مان ان کي صاف ته ڪري سگهان ٿو پر ڪونه ٿو ڪيان ! نيڪ آهي صاف ڪرڻ مان فائدو به ڪهڙو؟ هي ڪباڙخانو ، نالي ۾ منهنجو ڪمرو آهي ، نه ته سڄي گهر جون unwanted شيون هن ڪمري ۾ ئي رکيون وينديون آهن .

مون کي ٻاهر وڃڻ کان ڊپ ٿيندو آ !

ٽرسو ! شايد ٻاهر ورانڊي ۾ منهنجي ڪنهن نالو ورتو ، پر آهستي . ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته منهنجي خلاف ڳالهائي رهيا آهن . عجيب عورتاڻي طبيعت آ منهنجي . اجهو ڪٿ تان ٽپ ڏئي اٿيو آهيان ۽ پٽ جي ويڇهو تي ويهي رهيو آهيان ته جيئن ٻڌي سگهان ته منهنجي خلاف ڇا ڇئي رهيا آهن ! ! ! ؟

ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي .

ڪڏهن ڇا جي آ ! ؟ ڪهڙو مون کان ڊڄن ٿا؟ ڪڏهن نه ڪڏهن منهنجي آڏو به چئي ڏيندا .

ها ته مون کي ٻاهر وڃڻ کان ڊپ ٿيندو آ ، پر تنهن هوندي به مون کي ٿوري ٿوري ڳالهه لاءِ ٻاهر موڪليو ويندو آ .

”پڪوڙا وٺي اچ .“

"عيد ڏئي اچ."

"هي ڪري اچ، هو ڪري اچ."

ڪڏهن وچي پون، ڪڏهن جي تري ۾ وڃي پون. مون سان ته صفا ڪونه ٿي پوين. پاڻ ۾ وري ڪهڙو ڪير ڪنهن لڳا پيا آهن؟. پيٽن جي ته پاڻ ۾ صفا نه ٿي پوي. هر وقت هڪ ٻئي جا چنبا پٽڻ لاءِ تيار ويٺيون آهن. ٿوري ٿوري ڳالهه تي ڪِر ڪِر. ٿوري ٿوري ڪم ۾ ڏيکي.

شايد ٻاهر ڪنهن سڏيو. ها، ٻاهر وراندي مان.

ڪاش مان ڇوڪري هجان ها! پر ڇوڪري هجان ها ته گهر جو ڪم ڪرڻو پوي ها. پيو ته ڇوڪري هجڻ جا ته پيا به ڪيترائي نقصان آهن، جيڪي هينئر مون کي ياد ڪونه ٿا اچن. پر گهڻو ڪري توهان کي به خبر هوندي، ڇو ته هر گهر ۾ ڇوڪري ته هوندي ئي آهي. توهان ان جي حرڪتن جو ضرور جائزو وٺي چڪا هوندؤ. بيحد عجيب غريب مخلوق لڳنديون آهن مون کي. انهن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون عجيب ڳالهيون هونديون آهن، اهو به هينئر وسري ويو آ. مون کي ويسر جو مرض تمام گهڻو آ.

پنهنجي دوست جي گهر مون هڪ فلم ڏٺي هئي. Kiss of the Spider Woman مان پاڻ کي ان جي هڪ ڪردار جهڙو لڳندو آهيان جيڪو William Hurt ادا ڪيو هو ۽ ان ڪري ئي William Hurt مون کي وڻندو آ. مون جهڙو آ سو منهنجو يار آ. ۽ هن جي ٻي فلم Children of the Lesser God ڏسڻ کان پوءِ مان ڪنهن گونگي جهڙاڪار ڇوڪريءَ جي ڳولها ۾ آهيان ۽ اڪيلائيءَ ۾ پنهنجا اڻ ڏٺل سارا لاءِ ڳائيندو وتندو آهيان، ڪال ڪوٺڙي ۾

"Ooh my love can't catch her
Booma rang rang"

۽ پنهنجي يار جي هڪ ٻي فلم Gorky Park جي ڳولها ۾ آهيان. منهنجي دل چوندي آ، مون کي مستقل طور تي هن ڪمري ۾ بند ڪيو وڃي. جيئن Kiss of the Spider Woman ۾. ۽ جيئن ڪال ڪرڙي ۾ قيدين کي ماني پهچائي ويندي آ، مون کي به پهچائي وڃي ۽ اڪيون پوتي مان پاڻ کي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ويٺل ڏسان ٿو.

بيحد سڪون ۽ خاموشي سان بنان ڪنهن ڪم ڪار جي ويٺو آهيان. ڪنڊ ۾ هڪ مگو ۽ پليٽ پيل آهن. ننڍڙي چؤڪور دري کلي ٿي ۽ مان ٻانهن ڊگهي ڪري

پليٽ ۾ مڱو وڌايان ٿو. پليٽ ۾ ڪجهه عجيب قسم جا جانور پيل آهن . پاسي مان چمچو کڻان ٿو ۽ ڪانٽو ٿو لڳان ۽ مڱي ۾ پيل واهيات سوپ پي ٿو ڇڏيان ۽ پوءِ پليٽ، چمچو ۽ مڱو اڳتي وڌائي ٿو ڇڏيان. ڪجهه دير ۾ مون کي اهي ڏوهي ٿا ملن . مون کي موٽي چو ٿا ملن، انهن وٽ ئي هجن. ۾ مان ڏاڍو چيڙاڪ قسم جو شخص آهيان . ٿي سگهي ٿو ته گهرَ وارا ان کي کنهن ڪنڊ ۾ اڇلي ڇڏين ۽ پٺي ڏينهن انهن کي ملن ئي نه . پوءِ مون کي هنن جي ٽانون ۾ ڪانٽو پوندو. تام چينيءَ جا بيڪار ٽانو. باوجود ان جي ته so called communist آهيون پر دوستن کي انهن تام چيني جي ٽانون ۾ ڪارائيندي شرم ايندو آ. منهنجا ٽيئي ٽانو جست جا آهن .

ڪال ڪوٺڙيءَ جي چئني ديوارن تي تصويرون لڳل آهن جيڪي صرف تڏهن نظر اينديون آهن جڏهن اها چؤڪور دري کلندي آ. اخبارن ۽ رسالن مان ڪٽيل تصويرون ننڍيون وڏيون انچ - ٽيپ سان چنبڙيل - اديبن جون ، ڳائڻن جون ، سياستدانن جون ، رانديگرن جون . مون کي رانديون تمام گهٽ وڻنديون آهن- خاص ڪري فٽ بال راند . پر دنيا جي پين سيني ڪمن سان گڏ راندين ۾ به چٽ آهيان . ان ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ڪا ڪٽ ڪونهي . صرف هڪ وهاڻو ۽ رلي پيل آهن . پهرين شروع ۾ ته مون کي پٽ تي ويهڻ ۽ پٽ تي سمهڻ عجيب لڳو پر هاڻي جيڪر کٽ تي ويهان ته عجيب لڳي . ۽ مان ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پيو دنيا جون سڀ خرافاتون سوچيندو ٿو رهان . انهن خوبصورتين ۽ هنگامن جي باري ۾ سوچيندو ٿو رهان جيڪي مون کي ڪڏهن نصيب ناهن ٿيون . هڪ ڪنڊ ۾ ڪتاب سٿيا پيا آهن ۽ مان جڏهن اهي ڪتاب پڙهي ٿو وٺان ته مون کي پيا ڪتاب ملي ٿا وڃن . پر ۾ هڪ ننڍڙو ٽيپ رڪارڊر پيو آهي ۽ ڪيٽريون ئي ڪيسٽون. ۽ مون وٽ پروجيڪٽر به آهي، ڪيٽريون ئي فلمون آهن جيڪي مان ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ڏسندو ٿو رهان ۽ جڏهن ڏسي ٿو وٺان ته پيون ملنديون ٿيون رهن . ان ڪمري ۾ نه ئي ڪو اچي ٿو ۽ نه ئي مون کي ٻاهر اچڻ لاءِ چيو ٿو وڃي، ۽ مون سوچيندي سوچيندي اکيون پٽي ڇڏيون . منهنجي سوچن جي دائري سان گڏ ڪال ڪوٺڙي وڏي ٿيندي رهي هئي- وڏي هڪ ڪشادو ڪمرو بڻجي وئي ، جتي دنيا جي هر آسائش هئي ۽ هڪ ڇوڪري منهنجي پر ۾ ويٺي هئي. ۽ مان ان مهل نڪري رستي تي هليو آيس . پهاڙن تي ندين جي ڪناري وٽ ۽ منهنجيون اکيون نيچر کي بکين نظرن سان ڏسي رهيون آهن . چڻ منهنجي اڳيان منهنجي وجود کي ويڙهي ويندڙ اها نيچر ڪا ڇوڪري هجي- نرم و نازڪ ، جنهن

ڳي ڳاڻي وڃڻ تي دل چوڻي :

۽ منهنجو سپنو ائين بدلجي رهيو هو. منهنجيون Fantacies پڳل ڊرامينٽر مان
سنڀالي ڪيڏيل ٻاري جيان منهنجي هٿ تي هيون ۽ مان ان سان کيڏي رهيو هوس .
اهي حصن ۾ ورهائجي وري وري جڙي، تي رويون جڻ ڏار ئي نه ٿيون هجن .

مون تڪڙ ۾ پاڻ کي چيو: ”مان ڪوڙ ٿو ڳالهايان ته مان اهڙي ئي ڪال
ڪوٺڙي چاهيان ٿو. غلط بالڪل غلط.“

۽ پوءِ گهڙي انچ ٽيپ سان لڳل خوبصورت فريمن ۾ قيد ٿيل تصويرون ديوارن تي
لڳل هيون ۽ اهو ننڍڙو پڳل ٽيپ رڪارڊر ڊيڪ ۾ تبديل ٿي ويو.

مان ڪوڙو آهيان . پاڻ سان به ڪوڙ ٿو ڳالهايان . ڊراما بازي ٿو ڪيان . دنيا جي
سمورين آسائشن جي خواهش ۽ خواب منهنجي ان ننڍڙي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ گهڙي آيا ۽
اهي ايترا هئا جو ان ۾ ماپن ئي نه پيا .

ڪمري جو در کڙڪيو .

مان رستي تي هلي رهيو هئس ۽ منهنجي هٿ ۾ ڇتري هئي ۽ رستي تي هلندي
چوڪرين جيان ڊپ ۽ اِن سيڪيورٽي محسوس ڪري رهيو هئس ، جڻ مون کي به رستي
جي ٻنهي طرفن کان اڳيان ايندڙ هلندڙ چلندڙ ماڻهن جي اشارن جو ڊپ هجي . ٽريفڪ
جو ڊپ .

مون رستي جي هڪ طرف ڏٺو :
گاڏيون
رش
۽ ٻئي طرف به ساڳيو نه کٽندڙ سلسلو ،

ڪيترائي ماڻهو رستو پار ڪري وڃڻ لاءِ مان بيٺو رهيس . ڊپ ۽ سوچن ۾ ورتل ،

ڪيتري ئي دير کان پوءِ مون هڪ ٻئي ماڻهوءَ جي وک سان وک ملائي رستو
پار ڪرڻ شروع ڪيو. تنهن هوندي به مان اڌ ۾ رهجي ويس . هڪ گاڏي ايندي ڏسي
مان اڳيان ڊوڙڻ بدران پٺيان موٽي ويس . سامهون اسٽور ۾ بيٺل ماڻهو شايد مون تي
کلي رهيا هئا . اسٽور جي ٿورو پريان Rose وٽ هڪ ڪار بيٺي آهي ۽ ڪار ۾ پٺيان
هڪ ڇوڪري ويٺي آهي . اڇي ۽ ڪجهه ڪجهه گلابي . ظاهر آهي امير ماڻهو ته جتي

ڪٿي انگريز لڳو پيو آ. نرم وارن ۽ برف جهڙن ڳلن واري ڇوڪري چمڪي رهي هئي، مان هن کي ڏسندو اڳيان وڌي ويس ۽ مون پويان ڏسڻ چاهيو پر منهنجو ڪنڌ باوجود ڪوشش جي پويان مڙي نه سگهيو.

مصيبت اها آهي ته مان ڇوڪري ناهيان. ماڻهو ڇوڪرين جي نازڪ مزاجيءَ کي ڏاڍي روميٽنڪ انداز ۾ وٺندا آهن پر ڇوڪريءَ جي نازڪ مزاجيءَ کي ڪڏهن معاف ناهن ڪندا. هنن جي چهرن تي حقارت اچي ويندي آ. ڇڻ مون کو ڏوهه ڪيو هجي. ڪاش مان ڇوڪري هجان ها! ڏينهن ۾ ڏهه دفعا ائين بازار ۾ رلڻو ته نه پوي ها ۽ مون کي ويسر جو مرض به آهي. دڪاندار کان ڏهه ڏهه دفعا پڇڻ کان پوءِ به مون کي حساب ياد ناهي رهندو.

کهڙي شيءِ ڪيتري ملي؟

هيءَ شيءِ خراب هئي ته ڇو ورتئي؟

هيءَ شيءِ سٺي آ، ٿوري گهٽي وٺي اچين ها.

ڇڻ مون کي الهام ٿيندو آ ته اڄ جا پڪوڙا گهر وارن کي هرو ڀرو به گهٽا وٺندا. جڏهن گهر پهچندو آهيان ته ڏاڍي دير ٿي چڪي هوندي آ.

"ايتري دير؟"

"ڇوڪرين وانگر ته هلندو آن!"

"ٻليءَ پير!"

"مان ته ايتري دير ۾ الائي ڪٿي جو ڪٿي پهچي وڃان!"

"هاڻي پلا حساب ڏي؟"

"انگور گهٽي جا مليا؟"

"اهو به ياد ڪونه ائي!"

"ايتري به غير حاضر دماغي چڱي ڪونهي."

"تنهنجو دماغ شايد مفلوج ٿي ويو آ."

"ويچاري کي ننڍي هوندي مغز جو ڏک لڳو هو ان جو اثر اٿس." پوڙهي ناني چوندي آ ۽ ان مسئلي تي به ڪلاڪ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي رهندي آ

"ايتري دير؟"

"مون کي خبر هجي ها ته مان پاڻ وڃان ها."

”حساب ۾ پورو ڪونہ تو ڏئيءَ سگهي.“

” هليو آ انجنيئر ٿيڻ.“

” سٽس ڪٿي اٿئي؟ هينئر سان ئي گروپ چينج ڪرائي وٺ نہ تہ هيڏانهن ڪان بہ ويندين هوڏانهن ڪان بہ.“

” آرٽس ڪٺي، آرٽس جي بہ ڪافي ويليو آ.“

” اڪنامڪس يا انگلش ۾ ايم اي ڪري.“

سڀ سنجيدگيءَ سان رايا ڏيڻ لڳندا ۽ مون جهڙي شخص لاءِ تہ آرٽس بہ ڏکي آ ۽ مان دل ۾ سوچيندو آهيان. شڪست جو احساس ڪجهہ وڌي ويندو آ.

پاڇي زندگي ۾ رکي ڪمري مان هليو آيس.

منهنجو ڪردار سنڌي جي جديد ليکڪن جي جديد لکڻين جي مرڪزي ڪردار سان نہ ٿو ملي؟ مان پاڻ کي پلي Crime and Punishment وارو رسڪولونيڪوف سمجهان پر مان ڪنهن ٿرڊ ڪلاس ڪهاڻيڪار جي ڪنهن ٿرڊ ڪلاس لکڻي جو ڪو ٿرڊ ڪلاس ڪردار آهيان. ڪيتري نامعقوليت آهي منهنجي ڪردار ۾. پر تنهن هوندي بہ مان White Night وارو اڪيلو اداس شخص هرگز ناهيان. جيڪڏهن آهيان تہ ڪٿي آهي منهنجيءَ ناستتڪا؟ ڪنهن ڪني ڪهاڻيڪار جي ڪنهن ڪهاڻي جو ڪنو هيرو. ڪٻٽ ڪولي ڪٻٽ جي هيٺين خاني مان اڇا پنا ڪڍي پينسل هٿ ۾ ڪٺي اچي حجاميءَ ڪرسي تي ويٺس - وڏيڪ بي آرامَ ڪندڙ.- اڇا ناهيان؟ مان ڪجهہ ناهڻ تہ چاهيان ٿو پر ڪجهہ ٿهي نہ ٿو. مون آڏا ابتا ليڪا ڪڍيا ۽ هڪ بيڪار، ڪرخت عورت جي تصوير ٿهي پئي. ڪجهہ بہ ٺاهڻ کان اڳ منهنجو خيال هوندو آ تہ خوبصورت سوچ ڪنهن خوبصورت تخليق کي ضرور جنم ڏيندي آ. پر ائين ڪونهي. خوبصورت تصوير جو تصور ڪري مون اڪثر واهيات meaning less artless تصويرون ٺاهيون آهن، سو بہ پينسل سان سواءِ ڪنهن مهارت جي. مون پنهنجي فن جي شروعات ستن سالن جي عمر کان ڪئي ۽ اٺويهن سالن جي عمر تي پڄاڻي تي رهي آ، بنا ڪنهن شاهڪار تخليق ڪرڻ جي. پر جيڪڏهن شاهڪار تخليق ڪيان ها تہ پڄاڻي چو ٿئي ها؟ منهنجي سوچ ۾ مهارت ڪونهي، فن ڪونهي، سو انهن ليکڪن ۾ چو هجي، جيڪي ان ذهن جي پيداوار آهن.

منهنجي سوچ ۾ پختگي ڪانهي. بس خوبصورتي آ، پر ان سان ڇا ٿو ٿئي؟ نئيڙي ڪني ڪمري ۾ ويهي، ڪن اپا ڪري، نڪ چبو ڪري، هٿ ميز تي رکي with pride ۽ proudness توهان ڪاٻه دعويٰ ڪري سگهو ٿا. توهان ڪي ڪو روڪيندو ٿورو ئي، پر مڃيندو به ڪونه.

پنا رکي ٿو ڇڏيان ۽ ناهيل تصويرون ڦاڙي ٿو ڇڏيان. رافيل جي سيلف پورٽريٽ جو نقل سنڀالي رکي ٿو ڇڏيان. دل تي چوي، فريم ڪري ڪوريڊور جي وچاييل چار ڪي صاف ڪرڻ بنان پر ۾ ٽنگي ڇڏيان ۽ وينو خوش ٿيان. پر نه سپنا آهن نه همت. باقي سڀ پنا ڦاڙي ٿو ڇڏيان. مڪروهه شڪليون، يقين نٿو اچي ته مون ناهيون آهن. پنا سڀ چيا ڪري، ڦٽا ٿو ڪري ڇڏيان. رکي به ڇا ڪيان، شڪست ۽ ناڪامي جو اهو ثبوت؟ اهو دستاويز سنڀالي رکان ته جيئن سڀاڻي ڪو چوي ته تصويرون ناهڻ جو ڇڏي ڏنيون اٿئي ته ان ڪي پنهنجي شڪست جو ڪارنامو ڏيکاريان؟

ڪاپي ڪڍي لکڻ ويٺس.

ڇا لکان:

ڪهاڻي؟

شاعري ڪيان؟

نظم لکان؟

اڏوري ڪهاڻي، بيڪار نظم لکي، ڪتاب ٿو کوليان: Modern European Poetry زور زور سان هڪ نظم جون آخري سٽون پڙهڻ ٿو لڳان:

I walk through this ancient village
Alone like a ghost .

اونداهي ڪمري ۾ ڪن ڪڍيو وينو آهيان. مان ڪنهن گهوسٽ کان گهٽ آهيان ڇا؟ مون پنا ورائي شاعر جو نالو پيهر پڙهيو: Antonio Machado ۽ تي نظم پيا ۽ پڙهيم اسپينش حصي سان، پر انگلش ڪمزور هجڻ جي ڪري مزو نه آيو. هڪڙو مان اڪيلو ٿي سست، وري رهنديون اهڙيون مصيبتون جو ڪڙيون ٿين ته ماڻهو ڪجهه ڪهڻ ڪري؟ ڇا لکي؟ ڇا پڙهي؟ هند تي ٽڙيل پکڙيل ڪتاب، پنهنجي ڪاپي، ڊائري، پين کڻي ٽيبل تي رکيم ۽ اتان کڻي ڪبٽ ۾ رکيم. ٽيپ رڪارڊ هلايان ٿو: Blue Bayonne

سڪون ۽ خاموشي، اميد ۽ خوبصورتي - سڀ تاثر منهنجي چهري تي اپري ٿا اچن ۽ منهنجي سوچن جو رنگ مٽجي ٿو وڃي. پر اصل ۾ ته سڀ ڪجهه ساڳيو آهي.

ٻي رنگ ۽ سست. ٽيپ بند ڪري ۽ پيٽ ڀر سمهي ٿو پوان. پر وري پاسيرو ٿي ٿو سمهان. پير شايد ميرا آهن. پير ڌوئي ٿو اچان. ننهن وڏا آهن، رلي ويڙهڻ ۾ تڪليف ٿيندي. نيل - ڪٽر ڪڍي ننهن ڪٽڻ ٿو لڳان. نيل - ڪٽر رکي، ڪير ٻي ڳرڙي ڪري اچي ليٽي پيس. پر پٺي ايتري اڪڙيل آهي جو لڳي ٿو چڻ وچ وارو ڪنڊو پچي پوندو. سچو پلنگ ڪان مٿي ڪچيل آهيان. پنهنجي پٺيءَ کي پلنگ سان ملايان ٿو. سمهڻ جي ڪوشش ڪيم. جيئن ننڊڙا ٻار پنهنجي نانين ڪان ڪهاڻي ٻڌڻ ڪان سواءِ نہ سمهندا آهن تيئن مان بہ نہ ٿو سمهي سگهان پاڻ ڪان ڪهاڻي ٻڌڻ ڪان سواءِ. پاسو ورائي سوچڻ شروع ڪيم. ڪاش مون کي اڄ دير تائين سمهڻ ڏين. پر مون کي اٿڻو پيو. وراندي ۾ اڪيلو چانهہ پيئندي پنهنجي خيالن ۾ مگن هوس تہ سنهنجي ماسات گذري. پنيان هن جي قميص خراب هئي شايد. هن کي احساس ٿي چڪو هو سو تڪڙو تڪڙو ڪمري ۾ هلي وئي. مان مشڪڻ لڳيس. ڇوڪريون بہ عجيب مخلوق آهن. اسان ڇوڪرن وٽ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪونهي جنهن جي ڪري اسان ڳاڙها پيلا ٿي وڃون.

ڪمري ۾ رڙيون ڪندڙ Sherley Bassey جو وات بند ڪري ٻاهر نڪتس. رستن تي رڙهندو رڙهندو چرندو چرندو اچي ماڊل اسڪول جي ڏاڪڻين تي ويٺس. ماڊل اسڪول. پـريان هڪ چريـو ويٺو هـو. ڏاڍي aggressive mood ۾ پنهنجي منهن ويٺو ڳالهائي رهيو هو. شايد ڪنهن کي دڙڪا ڏيئي رهيو آ. پنهنجي منهن چاڙهي هٿي رهيو آ. مان مٿي منهن ڪري هن ڏانهن ڏسان ٿو ۽ اتان لنگهندڙ گاڏين ۾ ويٺل ڇوڪرين ڏانهن بہ ڏسندو ٿو رهان. پاپ ڪارنس ۽ ڪوڪاڪولا جهڙيون ڇوڪريون. انهن کي ڏسڻ سان بلڪل ائين ٿو محسوس ٿئي چڻ توهان مريءَ جي برساتن ۾ مال روڊ ڪان چيٽي ڪٽي گهمندي اچي ڪنهن ڪارنر ۾ بيهي. پاپ ڪارنس ۽ ڪوڪاڪولا سان دل وندرائيندا هجو. But I love all these pop-corns and coca cola girls. چريو هاڻي پرسان لنگهندڙ ماڻهو ڏانهن ائين ٿو ڏسي چڻ انهن جي اتان لنگهڻ تي اعتراض هجيس.

”اڙي-هتان ڇو ٿو لنگهين ؟ پڙهين جي فٽ پاٿ آ ؟ ڏسين نہ ٿو مان ويٺو آهيان؟“ چريو چيڙاڪ نظرن سان ڇٽي ٿو ۽ مون کي ڪجهہ سال اڳ ڏٺل خواب ياد آيو، جنهن ۾ مون ڏٺو هو تہ وينس سنيما جي جاءِ تي هڪ پاڳل خانو آهي پر جنهن کي

ڪا بائونڊري وال ڪونهي. چريا هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري رهيا آهن. پاڳل خاني جي چوڌاري سيري پاڻيءَ سان ڀريل ناليون آهن. پاڳل خانو بلڪل ائين ئي آهي جيئن سنيما هائوس هوندو آ. ائين ئي ڏاڪڻيون آهن. پر انهن ڏاڪڻين تي ڪرسيون ڪونهن جن تي تماشائي ويهندا آهن. سڀ چريا انهن ڏاڪڻين تي ويٺا آهن. سنيما هائوس جا ٻه پورشن آهن: هيٺين ۾ عورتون رهن ٿيون ۽ مٿين ۾ مرد ۽ اهي چريا مرد ڏنڊا کڻي ويٺا آهن ۽ هيٺ چريون عورتون زرق برق لباس پائي ويٺيون آهن يا اچ وڃ ڪري رهيون آهن. مون سان گڏ منهنجي ماسي ۽ هن جي ڌيءَ آهن. اسان مٿان جڏهن هيٺ لهون ٿا ته ماسيءَ جي ڌيءَ اتي ئي رهجي ٿي وڃي ۽ مان هڪ چرئي کي چوان ٿو: ”جيڪڏهن منهنجي ماسات کي ڏسين ته هيٺ موڪلجانس.“ پر اسان جڏهن هيٺ اچون ٿا ته منهنجي ماسات اتي اڳي ئي ويٺي آ. هيٺ هڪ بيڪري آهي. ماسي اتان ڊبل روٽي ٿي وٺي ۽ دوڪاندار کي سؤ رپيا ٿي ڏي. مان سوچيان ٿو ته، ڪٿي اهو دڪاندار ماسيءَ سان ٺڳي نه ڪري ۽ باقي پيسا موٽائي نه ڏي. دڪاندار وڃي ٿو ۽ اوسي پاسي جي ماڻهن کان پڇي ٿو، ”توهان وٽ سؤ رپئي جو نوٽ کليل آهي؟“ پر ڪنهن وٽ به سؤ رپين جو نوٽ کليل ڪونهي. مون کي ٺيڪ طرح ياد نه ٿو اچي ته منهنجي ماسي کي باقي پيسا واپس مليا هئا يا نه. اسان سڀ ماڊل اسڪول وٽ اچون ٿا. اتي در تي هڪ ڇوڪري ويٺي آهي. ان جي پر ۾ هڪ ٻي ڇوڪري ويٺي آهي ۽ اهي ٻئي پاڻ ۾ وڙهي ٿيون پون. انهن مان هڪڙي پل ۾ منهنجي ماسات کي ڪالر وٽان پڪڙي ٿي وٺي. مان هن کي چوان ٿو: ”تو کي پل ٿي آهي، هيءَ اها ڪونهي جنهن سان توهان وڙهي رهيا هئا ۽ آءٌ او هوڏانهن ويٺي اٿو.“ ۽ اها ڇوڪري منهنجي ماسات جي پچر ڇڏي پنهنجي وحشي اکين واري ساٿياڻي ڏانهن هلي ٿي وڃي. مون کي لڳو، خواب جو اهو سين، مان هتي ڏاڪڻين تي ويٺو ڏسي رهيو آهيان. مون کي ان خواب کي ياد ڪري هڪ فلم ياد آئي. One flew over the Cuckoo's nest پر منهنجي خواب واري پاڳل خاني ۾ ڪوبه ڪونه هو جيڪو ڪُڪُوءَ جي نيسٽ مٿان اڏامي ڪاڏي دور هليو وڃڻ چاهي. خواب واري پاڳل خاني ۾ ڪابه ديوار نه هئي، در نه هو، دري نه هئي، پر سڀ چريا اتي ئي ويٺا هئا پنهنجي چريائپ ۾ مگن. ڪنهن کي به اتان وڃڻ جي ڪا خواهش نه هئي ۽ ڪاڏي وڃن، شهر جون گهٽيون اڳي ئي

چرين سان پريل آهن. هن چرئي شهر جا چريا، رستن کي پنهنجو گهر ڪيو ويٺا آهن ۽ انهن کي پاڳل خاني جي ڪاريڊورس جهڙيون ئي گهٽيون ڇڏڻ جي ڪا خواهش ڪونهي.

۽ سان ساڊل اسڪول جي انهن مختصر ڏاڪڻين تان اٿيس David Diop جو Africa tell me Africa دل ئي دل ۾ ڳائيندو، جنهن جي سان رڳو اها پهرين سٽ ڪمپوز ڪري سگهيو آهيان، باقي اڳتي ته شاعري ۾ ڪو روح هيو ئي ڪونه، ڇو ته آخر ٻي ٻولي سان ترجمو ٿيل آ. ان ڪري ان سٽ کان اڳتي ڪمپوز ڪري سگهيو ناهيان. اڪثر اڳتي به ڪمپوز ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان پر وري وري وسري ويندو آ. سو بس ايتروئي ڪافي آهي. Africa my Africa کان اڳتي وچ ۾ هيو: Africa tell me Africa سولي سٽ هئي سو پاڻ ئي پاڻ ساڳئي ردم تي ڪمپوز ٿي ويئي.

سائين منهنجا، هاڻي ڇا ڪجي؟ ڪو دوست ڏڙو ته آهي ڪونه. دوست ته سڀ ابتا سبتا بحث ڪري پڇائي ڇڏياسين ۽ ڪجهه وري پنهنجي احساس ڪمتري ۾ وڃائي ويٺاسين. باقي ڇوڪريون، سي انڊين فلمون ڏسيو الله ڪيو ويهي رهن. اهي ڇو ٿيون ڪنهن جي ڪاڻ ڪين؟ اهي ته ڪاليجن ۾ به سڙي سان هڪ ٻئي جي هٿ ۾ هٿ ڏئي گهمنديون وتنديون آهن، ٺيڪ اسان ڇوڪرن وانگر. سو ان سان ثابت ٿيو ته اسان کي هاڻي هڪ ٻئي جي ضرورت ڪانهي. سائين منهنجا، ڪهڙو ٿو فرق پوي؟ اسان لاءِ به انهن ڇهين ڇوڪرين کان بروڪ شيلڊ ۽ ميڊونائون چڱيون آهن. ڪيم بيسنگر جهڙيون حسين عورتون جيڪڏهن خوابن ۾ اچن ته باقي ٻيو ڇا کپي؟ اهي ڇپريون ڇڇيءَ جهڙيون ڪٿي ٿيون پڇن فلمي حسينائن سان!

سوچيندي، ڪجهه نه ڪندي، ڏينهن گذري ويو. رات ٿي. سوچيندو سمهي پيس. صبح جو پکيئڙن جي چون چون چر چر ۾ ڏي جاڳ ٿي.

اٿي ڪو ڪم ڪر. سئل ماڪوڙي وانگر پيو آهين هنڌ ۾. اٿئي ڪو ڪم ڪار يا نه؟ پاڻ کي به ٿي چڙبون ڏيندي اٿي ڪڙو ٿيس.

اڙي مٺي جا سور، سگهو ٿي، ايڏي دير ڇو لاتي ٿئي؟ نڪر پلا غسل خاني سان ڪنهن ٻئي کي گهڙڻ ڏي. پٺهين خريد ڪري ڏنو اٿئي ڇا ته سڄي عمر ان ۾ ويٺو هج. منهن کي ويٺو ليپو لاءِ.

ڪتاب هٿ ۾ ڪنيو اٿئي؟ اڙي بابا پاڇي وٺي اچٽي اٿئي. رک اهو ڪتاب اتي. هاها، پلي وهاڻي هيٺان لڪائي رکينس. هينئر هينئر انگلينڊ سان تو لاءِ خاص طور تي آيو آ، سو پيو ڪو ڇو پڙهي؟ پيو ڪو ان سان فيض ڇو پرائي؟ اڙي تون ته هونئن ئي

پڙهي ڪونه ٿو سگهين ڪنهن ٻئي ڪي وجي ڏي ته ويهي پڙهي. پاڻ ڪي چڙٻون ڏيندو اٿان ٿو. ڇڙي ڪٿي بازار ويس.

ياد ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪيان.

ڪجهه رهجي ويو آ.

ياد رکڻ جي ڪوشش ٿو ڪيان.

گهر آيس. ڪا انڊين فلم هلي رهي هئي.

وقت جو زيان. دل ۾ سوچيان ٿو.

پلا پيو ڪيان ٻه ڇا؟ ڪجهه ڪندس ته هونئن ئي ڪونه. ويهي فلم ٿو ڏسان.

شام ٿي چڪي گهر جون سڀ دريون کليل چڪيون. هڪ دريءَ منجهان عقيق جو ڍ ڳهن پنن ۽ نارنگي- گل وارو ٻوٽو رات جي ڪارنهن ۾ ڪارو ٿيڻ تي آ. سمورا پکي چون چان ڪندا وڃي پنن پويان لڪا آهن. اڄهو آسمان ۾ چنڊ ٻه ڪڙيو ڪٽنهار ٿيو بيٺو آ. رات ٻه ٿي وئي ڇا؟

ڪو ڪتاب کڻي ويهي ٿو پڙهان اڄ رات جو ٻين ٻجي تائين پڙهندس. سوچيندو سمهي پيس □□□

□ گوري ولپ

مان جيئن ئي پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيس ته ٽيليفون جي گھنٽي وڄڻ شروع ٿي. دل ۾ چيم ته ٽيليفون واقعي هن دور جي اهم ضرورت آهي. ماڻهو هڪ ملڪ جي ڪنڊ کان ٻئي ملڪ جي ڪنڊ واري ماڻهوءَ سان اتان ويٺي ڳالهائي سگهي ٿو. انهيءَ سوچ ۾ ٽيليفون جو رسيور کنيم.

"هيلو!" ٻئي طرف کان آواز آيو.

"ڪير ٿا ڳالهايو؟" آواز سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيم.

"مان ماهوار 'آئيني' جو ايڊيٽر آهيان."

"سائين، ڪهڙي تڪليف ڪئي اٿوَ؟"

"ڳالهه دراصل اها آهي جو پرچو آهي پريس ۾. سو جيڪڏهن توهان سرور (انڪساريءَ سان) جلدي ليک ڏيندو ته اسان کي آساني ٿيندي."

"سائين، توهان کي ادب جي باري ۾ ته خبر آهي ته اها ڪا اهڙي شيءِ ناهي جو جيڪو جنهن وقت طلبي، ان وقت ئي ان جي آڏو حاضر ڪجي. اها ته اندر جي هڪ ڪيفيت آهي. جڏهن ليکڪ سماج ۾ ٿيندڙ ڪا نا انصافي يا نابرابري ٿيندي ڏسندو آهي يا ويزولائيز ڪندو آهي ۽ جيستائين ان ڪيفيت مان نه گذرندو ۽ محسوس نه ڪندو تيستائين هو پنهنجي تخليق سان انصاف نه ڪري سگهندو. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ته اها سوچ آهي."

"توهان بلڪل درست ٿا چئو. پوءِ جڏهن به لکي وٺو ته مون کي فون ڪجو ته مان گهرائي وٺندس."

"چڱو،" چئي مان ٽيليفون جو رسيور ڪريڊل تي رکي ڇڏيان. هي ايڊيٽر به عجيب آهن! تڪڙ ۾ رسالو ڪڍندا، نه اندر مواد صحيح هوندو ۽ نه تصويرون. ادبي

رسالو هوندو پر ٻاهران ائين لڳندو ڄڻ فلمي رسالو. اهو حال آهي اسان جي سنڌي رسالن جو، مون ٻاڻ ڪي ڇيو.

اڄ ڪجهه لکيو هئم، سوچيم ته ايڊيٽرڪي فون ڪري چوانس ته ليڪ گهرائي وٺي. سو هٽي بيٺس، پر هر ڀيري نمبر انگيج. دل ۾ چيم: توبهه! اسان وٽ ته ماڻهن ڪي فون جو صحيح استعمال به نٿو اچي. فون تي ڳالهائيندا ته يڪو پيئي ڳالهه ٽيندي. واقعي هتي جي ماڻهن ڪي فرصت ئي فرصت آهي. نتيجو اسان جي سامهون آهي.

آخري ڀيرو ڪوشش ڪرڻ لڳيس: منهنجي آڱر وڏيڪ نمبر ملائڻ لاءِ ڊائل ۾ ئي رهجي ويئي:

"افضل جي ٽنگ ڀڄي پيئي آهي." ڪنهن مجبور ماءُ جو آواز هو شايد. هڪ ڪن لاءِ مون ڪان وسري ويو ته مون ڪٿي فون ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ پرايو فون ٻڌڻ نه کپي.

"پوءِ؟" هڪ کهرو ڇپندڙ آواز، جنهن ڪي ٻڌڻ سان جسم ۾ ڪنڊا ڇپڻ لڳن.

"ايڪسري ڪرائي ڏيو." وري اهو ئي بي وس آواز، جيڪو شايد نه چاهيندي به ڳالهائي رهيو هو.

"سپائي موڪلجانس." بيزاري مان.

"اڄ ڪرائي ڏين ها ته سٺو هو. سپائي جمعو آهي." عورت جو هٻڪندڙ آواز.

"نه، اڄ نه. جمعي ڏينهن به ايڪسري ڪليل هوندو آهي." مردانو آواز نتائڻ واري نوع ۾.

"هونئن ٺيڪ ته آهين؟" عورت مرد جو موڊ ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي شايد.

"مون ڪي ڇڏ، تون ته ٺيڪ آهين نه؟" هو ضرور معني واري مرڪ مرڪيو هوندو.

"ها، مان ته ٺيڪ آهيان." عورت هڪ ڏکيو ٿڌو ساهه کنيو. سندس آواز مان لڳي رهيو هو ته هن پاڻ تي ڏاڍو ضبط ڪيو هو ۽ پرسڪون ٿين جي ڪوشش ۾ هئي.

"ڏاڍو ڪنٽرول ڪيو ويٺي آهين پاڻ تي. اڃا به ڪندي اڄ." مرد جي لهجي ۾ طنز هئي. ٻئي طرف کان ڪو جواب نه آيو.

هڪ ڪن لاءِ مون ان عورت لاءِ سوچيو ته ڪيڏي نه پيڙا مان گذرندي هوندي.

ڪجهه ڪن لاءِ ماٺ رهي. پوءِ وري اهو ئي مظلوم آواز، جيڪو شايد پنهنجي مجبوري جي ڪري نه چاهيندي به رت جا ڍڪ پيئندي ڳالهائي رهيو هو: "ڇٽين ته اچان؟" سندس لهجو سانتيڪو هو.

”اچي ڇا ڪندئينءَ؟“ وري اهو ئي نشتر ٿنبيندڙ آواز.

”ڇئين ته اچان؟“ هن راضي ڪرڻ واري نوع ۾ چيو.

”اچين ته تنهنجي مرضي.“ لاپرواهي سان، ڄڻ سندس ڪا غرض نه هئي. ”ڪئو ڪمرو وغيره ڏسڻو پوندو.“ پوءِ شايد ڪمري بابت ڪنهن سان ڳالهائيندي: ”ٺيڪ آهي، پوءِ ڪيڏي مهل ٿي اچين؟“ هو مٿس احسانن جي پري رکي رهيو هو.

”سادي ائين ڪان نوين تائين.“ آواز ۾ بي ڪسي هئي. زخمي هرڻي شڪاريءَ جي چار ۾ ڦاسي ويئي هئي. سندس لاءِ ڪو رستو نه رهيو هو سواءِ ان جي، جو هوءَ پاڻ کي شڪاري جي حوالي ڪري ڇڏي.

”ٺيڪ آهي. نوين تائين اچي وڃجانءِ. مون کي هوٽل ڪنهن ۾ هئي هنڌ وٺڻو هو پر تنهنجي ڪري نٿو وڃان.“ هو احسان ڪري رهيو هو.

”ڏيءَ نمبر مليو؟“ امان جي آواز مون کي ڇرڪائي وڌو ۽ لائين ڪٽجي ويئي. □□□

حادثو

□ سنتوش ڪاماڻي

”هتان رش هٽايو. ٻوسٽ ڪري ڇو بيٺا آهيو؟“ پوليس واري پنهنجي ناراض ۽ تکي انداز ۾ پنهنجي لٺ سان سيني کي پنٽي هٽائيندي چيو.

”۽ هاڻ توهان مان ۾ ڇٽا اسان سان هلندا — شاهدن طور.“ هڪ آفيسر پنهنجي ڪرڙين نظرن سان ڏسندي چيو ۽ پوءِ سندس نظرون اچي مون تي بيٺيون: ”اي مسٽر، توهان ڇو هن ڇوڪريءَ کي جهليو بيٺا آهيو؟ . . . توهان جي هيءَ ڇا ٿئي؟“ هن کهري آواز ۾ مون کان پڇيو ۽ وري لاش ڏانهن ائين ڏٺائين ڄڻ سڄو قصور هوئي سرڻ واري جو، جنهن ڪيس هيڏي ساري تڪليف ڏني هئي.

”سائين، هيءَ منهنجي ته ڪجهه به ڪو نه ٿئي پر هيڏن سارن ماڻهن ۾ ڪنفيوز ٿي ويندي. سو توهان کي گذارش آهي ته هن کي مون وٽ ئي رهڻ ڏيو. آئون شاهدي به ڏيندس پر هن کي ٿورو هن ماحول کان الڳ رکو ته مهرباني، جو ان جو هن تي نفسياتي اثر خراب پئجي سگهي ٿو.“ مون پنهنجو ڪارڊ آفيسر کي پيش ڪندي گذارش ڪئي.

هن منهنجي ڳالهائڻ جي انداز ۽ پوءِ ڪارڊ کي ڏسندي شايد ماحول جي گنڀيرتا کي محسوس ڪري ورتو ۽ هڪ سپاهي کي اسان کي آفيس ۾ وٺي وڃڻ جو اشارو ڪيائين.

بيبي ساريا ڪجهه حيران ۽ پريشان پئي لڳي پر اجا تائين شايد ماحول جي گنڀيرتا محسوس ڪري نه سگهي هئي. هڪ ڇهن يا پنجن سالن جو معصوم ٻار ايڏي اوچتي حادثي کي ڪيئن پئي محسوس ڪري سگهيو، جڏهن ته ٿوري دير ئي اڳ هوءَ پنهنجي پيءُ سان نيڪ ٺاڪ ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي هئي. ان وقت گاڏيءَ ۾ ڏاڍي رش هئي ۽ ويهڻ جي ته بلڪل جاءِ ڪا نه هئي. ٻئي ڄڻا اچي منهنجي پرسان بيٺا. آئون هڪ ڇڙي واري سيٽ تي ويٺو هوس ۽ مون ڪٿي ننڍڙي ساريا کي پاڻ سان گڏ ويهاريو.

ننيڙي معصوم پر ڪافي ذهين پئي لڳي. دريءَ ڪان ٻاهر ڏسندي پنهنجي ٻاٽي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندي به پئي وئي: ”انڪل، توهان ڪيڏانهن ويندا؟ . . . اسان ته سکر پيا وڃون. اتي منهنجي ممي به وئي آهي نه . . . ماما حيدر بيمار ٿي پيو هو، انهيءَ ڪري ممي اڳ هلي ويئي ۽ آئون هاڻي پاپا سان ٿي وڃان.“ ٻاڻ ئي سوال ڪري وري پنهنجي باري ۾ به ٻڌائي ڇڏيائين.

مون به کيس پيار ڪندي ٻڌايو تہ آئون به سکر پيو وڃان. اتي ئي پنهنجو نالو ٻڌايائين ۽ پوءِ پنهنجي پيءُ کي ٿافيون وٺي ڏيڻ لاءِ چيائين. مون ان وقت ئي سندس پيءُ ڏانهن پهريون ڀيرو غور سان ڏٺو ۽ محسوس ڪيم ته هو ڪجهه بيچين هو ۽ سڄو پيلو ٿي ويو هو. مون اخلاقي ۽ انساني همدردي طور تي اٿي ڪانئس پڇيو ته چيائين، ”ٿوري طبيعت خراب آهي سائين پر ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي.“

”سائين، شايد آئون توهان جي ڪجهه مدد ڪري سگهان جو آئون ڊاڪٽر آهيان. توهان مون کي ٻڌايو ته توهان ڇا ٿا محسوس ڪريو؟“ مون کيس آٿت ڏيندي ڪانئس پڇيو ته مون کي لڳو ڄڻ سندس اکين ۾ هڪ نئون روشني جو ڪرڻ ڦٽو هجي.

”ڊاڪٽر صاحب، آئون دراصل دل جو مريض آهيان . . . اڄ صبح جو به گاڏي تي چڙهڻ کان اڳ مون ٿورو کاٻي پاسي سور محسوس ڪيو هو ۽ پنهنجي ڊاڪٽر جي اهڙن موقعن لاءِ تجويز ڪيل گوري به وٺي ڇڏي هيم پر سمجهان ٿو ته ان ڪو خاص اثر ڪونہ ڪيو آهي.“ هن مون کي پنهنجو همدرد ڄاڻي ٻڌايو ۽ خيال پيش ڪيائين ته شايد ڪجهه آرام ڪرڻ سان آرام محسوس ڪري.

مون به سندس خيال جي تائيد ڪئي ۽ مٿي سمهيل هڪ ماڻهو کي عرض ڪيم ته هو هيٺ لهي سيٽ تي ويهي ۽ کيس مٿي آرام ڪرڻ جي تاڪيد ڪيم ۽ وري اچي ماريا سان ويهي رهيس. مون ڪوشش پئي ڪئي ته پنهنجي پريشان ذهن کي ننيڙين ننيڙين ۽ دلچسپ ڳالهين سان ڪنهن نموني وندرايو ويٺو هجان.

”ها ڊاڪٽر صاحب، هاڻي ٿورو تفصيل سان ٻڌايو ته هي اوچتو حادثو ٿيو ڪيئن؟“ پوليس آفيسر پنهنجي ننيڙي آفيس ۾ پنهنجي ڪرسي تي ويهندي مون کان پڇيو ۽ مون کي اها سڄي تفصيل ٻڌائڻي پئي جيڪا نہ رڳو ڏکوئيندڙ پر ناخوش گوار پڻ هئي.

مون هڪ نظر ٻيبي ماريا تي وڌي ۽ دل ٻڌي آفيسر کي ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪيم. پر مون کي لڳو ته فقط منهنجي نڙيءَ ۾ اٽڪي ٿي پيا ۽ منهنجو وات ايئن ڪڙو ٿي ويو هو ڄڻ مون کي ڪنهن لفظ اوڳاڇڻ لاءِ نہ پر زهر قطرو قطرو ڪري پيئڻ تي مجبور ڪيو هجي.

"...... ۽ پوءِ آفيسر، ايئن ڪافي دير گذري وئي. ريل گاڏيءَ منزل جي ڳولا ۾ مينهن واچ ڪندي اڳتي ڊوڪندي پئي وئي پر ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته ڪو موت به زندگي جي پٺيان ڊوڙندو پيو اچي. ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته روح جو پکيئڙو به جسم جي پڃري مان فرار ٿيڻ تي آهي. خبر ته تڏهن پئي جڏهن موت جي ملائڪن خدا تعاليٰ جي دربار مان فرار ٿي ويل روح کي وڃي جسم جي قلعي مان گرفتار ڪيو ۽ اهو شخص اوچتو اچي هيٺ ويٺلن جي قدمن ۾ ڪريو. اوچتي رڙين مون کي به ٿوري دير لاءِ ته ڪجهه به سوچڻ جي مهلت نه ڏني ۽ پوءِ جڏهن آئون ڪجهه سوچڻ سمجهڻ جي لائق ٿيس ته ڏٺم ته اڃا تائين ماڻهن کي پنهنجا پير پري ڪرڻ جو هوش به ڪونه آيو هو. آئون فوراً اٿيس ۽ وڃي نبض تي هٿ رکيو مانس ته اها به مون کي وقت وانگر بيٺل محسوس ٿي. دل تي هٿ رکيو مانس ته اها به احساس جي جذبن کان رٺل لڳي. البت سندس اکيون کليل هيون جن ۾ اڃا به شايد ڪي حسرتون، ڪي اميدون ۽ ڪي سوال هئا..." مون بيبي ماريا ڏانهن وري ڏٺو جيڪا هاڻي شايد وقت جي بي رحم لمحن کان ڪجهه ڪجهه آشنا ٿيڻ لڳي هئي. "پر آفيسر، توهان کي ماريا جي سکر جي گهر جو ڪجهه اتو پتو پيو؟" هڪ اوچتي سوچ جڻ مون کي بي چين ڪري ڇڏيو ۽ آئون پڇڻ کان سواءِ رهي ڪونه سگهيس "...۽ جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو ته آئون ڪيس سندس گهر پهچايان جو مون کي به اوڏانهن ئي وڃڻو آهي."

"ها... اسان کي سندس گهر جي ائڊريس ته مرحوم جي کيسي مان ملي وئي آهي، پر اسان بيبيءَ کي ايئن ڇڏي نٿا سگهون جيسين ته سندس اصل مائٽ ڪونه ايندا... اسان توهان جو بيان به وٺي ڇڏيو آهي. توهان پنهنجي گهر وڃي سگهو ٿا. البت وري جيڪڏهن اسان کي توهان جي ضرورت پئي ته توهان کي تڪليف ڏينداسون."

آفيسر پنهنجون مجبوريون ٻڌائي مون کان معذرت گهري ۽ آئون پنهنجي ڪرسي تان وڃڻ لاءِ اٿيس. وڃڻ مهل مون بيبي ماريا جي اکين ۾ ڏٺو: اتي مون کي ايئن لڳو جڻ ڪو بي قرار سمنڊ سڪون جي تلاش ۾ ڪناري سان سر ٽڪرائي رهيو هجي، مون کي هن جي اکين ۾ ڪجهه موتي چمڪندا ۽ تارا ٽمٽمائيندا نظر آيا. پر آئون اهو ڄاڻي نه سگهيس ته اهي موتي واقعي هن جي اکين ۾ هئا يا انهن ۾ منهنجي اکين جو عڪس هو. □□□

ڪهاڻي هڪ درويش جي • • •

□ بيدل مسرور

اسٽيج تي لڳل پردي جي پويان ، ماڻهن جي ڪنگهڻ ، روئڻ ، رڙين ڪرڻ ۽ ڊوڙڻ جا آواز اچي رهيا آهن . ايتري ۾ ڪجهه ماڻهو اچي اسٽيج جو پردو کولين ٿا ته اسٽيج تي تمام گهڻو دونهون ڦهليل نظر اچي ٿو. ڪجهه ٻارڙا اسٽيج جي پاسن کان نمودار ٿين ٿا، جن جي هٿن ۾ بينر آهن . هو اسٽيج تي اچي بينر اهڙيءَ طرح لوڏائن ٿا ڄڻ هو دونهين کي هڪالي ڪيڻ ٿا چاهين . دونهون آهستي آهستي جهڪو ٿئي ٿو ته ٻارن جي هٿن ۾ جهليل بينرن تي لکيل تحرير پڙهڻ ۾ اچي ٿي.

هڪ بينر تي لکيل آهي : ٽائيٽل : ناٽڪهاڻي

ٻئي بينر تي لکيل آهي: سب ٽائيٽل : ڪهاڻي هڪ درويش جي

ٽين بينر تي لکيل آهي: تحرير ۽ هدايات : بيدل مسرور

دونهون بلڪل ختم ٿي وڃي ٿو ته اسٽيج تي ماڻهن جي اچ وڃ شروع ٿئي ٿي. ڪمن ڪارين سان ايندڙ ويندڙ ماڻهن کان سواءِ ڪجهه واندا ماڻهو به اسٽيج تي ڦري گهري رهيا آهن . ڪجهه ماڻهن جي هٿن ۾ ڪتاب ، رسالا ۽ اخبارون آهن ، جيڪي جڏهن ٻارن جي اڳيان گذرن ٿا ته پنهنجي منهن تي رسالا ۽ ڪتاب رکيو منهن لڪايو ٿا گذرن . پس منظر ۾ هڪ گيت پيو هلي:

تون لنوائيندين ته ٻون کان ڪيستائين
آئون تنهنجي ئي دانهن آهيان . . .

گيت جڏهن پورو ٿئي ٿو ته هڪ قداور شخص اسٽيج تي اچي ٿو. هلندڙ ڦرندڙ ماڻهو ساڳيءَ طرح نظر اچن ٿا . پر ٻار پنهنجا بينر کنيو اسٽيج جي پاسن کان وڃي بيهن ٿا . قداور شخص هال ۾ ويٺل ماڻهن سان مخاطب ٿئي ٿو:

قداور شخص : اسان جي اچوڪي پيشڪش، هڪ انوکي پيشڪش آهي، جنهن ڪي اسان جي هدايتڪار ۽ تحرير ڪار ناٽڪهاڻيءَ جو نالو ڏنو آهي. هيءَ پيشڪش، ناٽڪهاڻي ان ڪري آهي جو هي اهڙو ناٽڪ به نه آهي جنهن کي اسٽيج ڪري سگهجي ۽ نه ئي هيءَ ڪهاڻي آهي جنهن کي ڪنهن رسالي ۾ شايع ڪرائي ٿو سگهجي. توهان پڪ ئي پڪ سمجهي ويا هوندا ته ناٽڪهاڻي اصل ۾ ٻن صنفن ؛ ناٽڪ ۽ ڪهاڻيءَ مان هڪڙو 'ڪاف ڪتو' ڪيڏي جوڙيو ويو آهي. ٻر جيڪڏهن ڪو شخص تنقيد ڪندي منجهي پوي ته ان کي گهرجي ته هڪدم پنهي ڪاف ڪتن کي پاڻ ۾ ڳنيڍي وٺي.

اهڙي اجازت ڏسندڙن کان سواءِ پڙهندڙن کي به آهي. انگريز پڙهندڙن لاءِ هي ناٽڪهاڻي Not Story آهي. اسان خاص طور انگريز پڙهندڙن جي جذبات جو خيال رکندي ناٽ (Not) لفظ انگريزن کان گهرايو آهي ۽ چاڪاڻ ته اسان جي هيءَ پيشڪش نه ڪهاڻي آهي ئي ڪانه، تنهن ڪري انگريز پڙهندڙن کي ڪنهن به قسم جو الڪو نه ڪري گهرجي. ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته سنڌي ماڻهن لاءِ اسان جي هيءَ پيشڪش، ناٽ-ڪهاڻي آهي يعني ناٽ نخري واري ڪهاڻي، انگريزي ۽ سنڌي Mix ڪري ڳالهائڻ/پڙهڻ ۽ ڏسڻ وارن لاءِ اسان پنهنجي پيشڪش کي پاپ-ڪهاڻي (Pop Story) به سڏي ٿي سگهياسين پر اسان ڏسون ٿا ته موسيقيءَ ۾ اڳي ئي ڏاڍو پاپ (Pop) ٿي رهيو آهي. تنهنڪري اسان انهيءَ پاپ کان پاسو ڪيو آهي.

اوهان هال ۾ ويٺل سڀني معزز ڏسندڙن کي هڪ اپيل ٿو ڪريان ته اسان جي هن پيشڪش کي اهي معزز مهمان ڏسڻ جي جسارت نه ڪن جيڪي ادب پڙهڻ کان سواءِ ئي تنقيد نگار ٿي ويا آهن ۽ اهي به جيڪي ڳالهه نه ڳالهه تي هر ڪنهن جي پيشڪش جي پويان پس منظر موسيقي ڏيندا رهندا آهن.

ته اچو ته ڏسون - ناٽڪهاڻي :

"ڪهاڻي هڪ درويش جي"

(قداور شخص اسٽيج تان وڃڻ لڳي ٿو تہ هنس نالي هڪ ٻار ڊوڙندو اسٽيج تي داخل ٿئي ٿو، جنهن جي هڪ هٿ ۾ زخمي ڪبوتر آهي تہ ٻئي هٿ ۾ هڪ بينر جهليل آهي ..)

بينر تي لکيل آهي: منظر پهريون .

هنس : بابا - بابا - هي ڪبوتر اسان جي گهر جي اڱڻ ۾ اچي ڪريو آهي .

قداور شخص : ڏاڍو زخمي آهي ويچارو. ڪنهن ظالم کيس گوليءَ جو نشانو بنايو آهي.

هنس : بابا، هن جي پيرن ۾ ڪو ڪاغذ ٻڌل ٿو ڏسجي .

قداور شخص : مون کي ڏي، ڏسان.

(قداور شخص ٻار کان ڪبوتر وٺي ٿو ۽ سندس ٽنگ ۾ ٻڌل ڪاغذ کولي پڙهي ٿو تہ ٻار کانئس پڇي ٿو:)

هنس : ڇا لکيل آهي بابا انهيءَ ۾ ؟

قداور شخص : هڪ اهڙي درويش جي ڪهاڻي جنهن کي الف ليليٰ جي قصي ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي.

(اوچتو ان وقت کي باز اسٽيج تي اڏامندا اچن ٿا ۽ لامارو ڏئي قداور شخص جي هٿ ۾ جهليل ڪاغذ کسڻ لڳن ٿا، اسٽيج تي گهمنڊڙ ڦرنڊڙ ماڻهو پڇڻ لڳن ٿا، هنس اهو لقاءُ ڏسي پٿر کڻي بازن کي هڻڻ لڳي ٿو پر اڏرنڊڙ باز انهن پٿرن کان پاڻ بچائي پڇڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا . تڏهن هنس هنن جي ڪڍ ڊوڙي ٿو. ڊوڙندي هو هڪ پردي ۾ وڃڙي پوي ٿو. قداور شخص پنهنجي اکين تان هٿ هٽائي ٿو تہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ باز سندس اکيون ڪڍي ويا آهن . اهڙي حالت ۾ هو هنس کي آواز ڏئي ٿو جو هن کي ڪجهہ بہ نظر ڪين ٿو اچي.)

قداور شخص : . . . او. . . هنسا - هنسا - او. . .

(هنس هڪ پردي ۾ وچڙيل نظر اچي رهيو آهي، جڻ پردي کيس پاڻ سان جڪڙي ڇڏيو آهي. هو پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. آخرڪار پردن مان جان ڇڏائي ٿو تہ هڪ ٻيو پردو کيس وڪوڙي ٿو وٺي. اهڙيءَ طرح قداور شخص هنس کي آواز ڏيندو ٿو رهي ۽ اسٽيج جي پاسن کان بيٺل پردا اڏي لڏي هنس توڙي ٻين بيٺل ٻارن کي وڪوڙي

ٿا وڃن. انهيءَ سان گڏ ڪيٽرائي پردا ڪرڻ لڳن ٿا، جنهن جي ڪري منظر بدلجندي نظر اچي ٿو.)

(هاڻي اسٽيج تي، شهر جي هڪ رونق وارو چوواٽو ٿو نظر اچي. ڪجهه دير پڇي ويل ماڻهو وري اسٽيج تي نروار ٿين ٿا ۽ گهمندي ڦرندي نظر اچن ٿا. ڪمن ڪارين وارا ماڻهو ڊوڙندي ڊڪندي ٿا نظر اچن. رستي تي ڪارون موٽرون به گذرندي نظر ٿيون اچن. چوراهي تي ٽريفڪ سگنل لڳل آهي ۽ ان جي ڳاڙهي بتي ٻري رهي آهي، جنهن ڪي ڏسي ڪي غريب مزدور فيڪٽريءَ سان نڪري گهر ڏانهن وڃڻ وارا پنهنجيون سائيڪلون روڪي لائين ۾ بيٺل آهن پر ڪارون ۽ موٽرون سگنل جو خيال نه رکندي اچي وڃي رهيون آهن. انهيءَ دوران هڪ ڪار تي ويندڙ شخص سائيڪل تي بيٺل هڪ شخص کي هارن ڏئي ٿو.)

ڪار وارو شخص: اڙي اٺ جا پٽ، هٽ اتان.

(ساڻي بتيءَ جي ٻرڻ جي انتظار ۾ بيٺل مزدور سائيڪل تان لهندي ڪار واري شخص ڏانهن ڏسي ٿو ۽ ڪيس سجاڻي، مرڪي، سائيڪل کي رستي تان هٽائي ٿو پر پوءِ به ڪار موڙيندي سندس ڪار هن جي سائيڪل سان ٽڪرائجي وڃي ٿي، جنهن تي ڪار وارو، ڪار کي رستي تي روڪي، ڪار مان لهي اچي سائيڪل واري کي ٺڪ هڻي چوي ٿو:)

ڪار وارو شخص: ڪتي جا پٽ... گڏهه...

(سائيڪل وارو شخص پنهنجي ڳچي تي هٿ رکي ڪار واري شخص ڏانهن نهاري ويچارائپ سان چئي ٿو)

سائيڪل وارو شخص: مون کي تنهنجي هن ٺڪ جو ڏک نه آهي سمون. ننڍي هوندي به تون مون کي اجايو ٺڦون هڻندو هئين ۽ سدائين ٺڪ هڻي مون کي رستي تان هٽائي اڳتي ويندو هئين.

ڪار وارو شخص : اڙي ته تون مون کي رستي تي نظر ڇو ايندو آهين؟

سائيڪل وارو شخص: مون کي کهڙي خبر ته جنهن رستي تان مان لنگهان پيو، انهيءَ تي تو کي نظر اچي ويندس.

كار وارو شخص : پنهنجي منحوس شڪل وڃي ڪٿي گم ڪري ڇڏ، گڏهه!

(ائين چئي ڪار وارو شخص ڪاوڙ مان وڃي پنهنجي ڪار ۾ ويهي ٿو. گاڏيءَ ۾ سندس محبوبا ويٺي آهي، جا وڏي نخري سان سندس ڳچيءَ ۾ ٻانهن وجهي چوي ٿي:)

محبوبا : ڊارلنگ، ڇو اهڙن رستي ويندڙ غريبن سان وڙهندو آهين؟

كار وارو شخص : رستي تي هلندڙ سيئي ماڻهو مون کي زهر لڳندا آهن. ۽ هي.... هن کي ڏسي ته دل چوندي آهي هن کي پنهنجي ڪار جي ڦيٿن هيٺان چچري چيپاٽي ڇڏيان.

محبوبا : ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي تنهنجو، ڊارلنگ.

كار وارو شخص : توکي خبر ڪانهي، هي وڏو گڏهه جو پٽ، هي توڙي هن جو پيءُ ماڻهن کي چوندا وتندا آهن ته اسان سندن ملڪيت ڦٻائي آهي.

محبوبا : ته توهان هنن جي ملڪيت ڦٻائي آهي ڇا!

كار وارو شخص : ڪوڙو ڪوڙي جو پٽ!

محبوبا : ته پوءِ توکي مٿس ڪاوڙ ڇو ٿي اچي؟

(ان وقت ڪار وارو شخص گاڏي گيئر ۾ وجهي گاڏيءَ کي ريس ڏئي وڃڻ لڳي ٿو. محبوبا سندس منهن ۾ نهاري ٿي. ان سان گڏ پردو ڪرڻ بدران هٽندي نظر اچي ٿو. جنهن تي محبوبا مرڪي پنهنجي منهن چوي ٿي: ”تنهن ۾ پنهنجو ڇا؟“

پردو جڏهن صفا هٽي وڃي ٿو ته رستي وارو سمورو نظارو گم ٿي وڃي ٿو. جنهن جي جاءِ تي نظر اچي ٿي هڪ آفيس، جنهن تي هڪ ٿلهو متارو شخص ٽيبل تي ڪنڌ جهڪايو ڪجهه لکڻ ۾ مصروف آهي ۽ هڪ نوجوان سندس سامهون ويٺو آهي.

خلا مان قداور شخص جو آواز گونجي ٿو.)

آواز : هيءَ هڪ اهڙي درويش جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي الف ليليٰ جي قصي ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي.

(آواز ختم ٿيندي ئي ٿلهو متارو شخص ڪنڌ کڻي نوجوان مراد کي چوي ٿو:)

ٿلهو شخص : جي- حڪم سرڪار مراد خان .

مراد : سر، مان مئگزين لاءِ ڪهاڻي کڻي آيو هان.

ٿلهو شخص : هن ڀيري ٻه يار مئگزين ۾ جاءِ ڪانه آهي. خير آ، وري ايندڙ سال ڏجان.

مراد : سر، ايندڙ سال ته مان ڪاليج ڇڏي چڪو هوندس .

ٿلهو شخص : اهو ٻڻ چڱو ڪم. ابا، اها ته ٻڻ خوشيءَ جي ڳالهه آ .

مراد : پر سر، منهنجي دلي خواهش هئي ته مان ڪاليج جي ائڪٽوتيز ۾ حصو وٺندس ۽ . . .

ٿلهو شخص : پر ابا، ائين ڪٿي ٿيندو آ ته ماڻهو جيڪو سوچي، اهو ڪري ٻه سگهي يا ان جي سوچ جيان ٿي ٻه سگهي .

مراد : ٿيندو آهي سر.

ٿلهو شخص : ڀوءِ تون ڀهرين ڪٿي هئين ابا؟

مراد : مان هر سال توهان وٽ ڪهاڻي کڻي ايندو آهيان .

ٿلهو شخص : ته تون ٻه ٿورو جلدي ايندو ڪر نه. لٿي لاباري. . .

مراد : سر، هن ڀيري ٻه مان اِن ٽائيم آهيان .

ٿلهو شخص : خير، اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪانهي. بهرحال مون کي افسوس رهندو جو تون ڪاليج جو ٽئلينٽيڊ اسٽوڊنٽ هوندي ٻه نالو نه ڪڍي سگهين.

مراد : ها سر. . بس مان نالو نه ڪڍي سگهيس. . . (هو مرڪي پوي ٿو)

ٿلهو شخص : مراد، باءِ دي وي، تون ڪاليج ۾ نالو ڇو ٿي ڪڍڻ چاهيو ؟

مراد : هر ٽئلينٽيڊ ماڻهوءَ جي اهائي خواهش هوندي آ ته هو پنهنجي فن جي وسيلي ماڻهن تائين پهچي .

ٿلهو شخص : بهرحال، خدا توکي تنهنجي خيالن ۾ ويئل ماڻهن تائين رسڻ ۾ مدد ڪري ۽ تنهنجي ٽئلينٽ کي ترقي ڏي .

(انهيءَ وقت ٿي هڪ پردو مٿي کڄندو نظر اچي ٿو. جنهن ۾ مراد مرڪندو گم ٿي وڃي ٿو. آفيس ۽ ان ۾ ويئل ٿلهو شخص سرن جو هڪ ڍير ۾ بدلجي وڃي ٿو. جنهن تي ماٽڪ ۽ سيما ويٺل نظر اچي رهيا آهن .)

سيما : ماڻهو توکان زور آهن ماڻڪ .

ماڻڪ : ۽ مان حيران انهيءَ ڳالهه تي آهيان ته هي ماڻهو مون سان ائين ڪن ڇو ٿا !

سيما : ان ڪري جو نه تون ڪڏهن پنهنجي ڪنهن سچ تي اٽل ٿيو آهين ، نه ان لاءِ ڪو ضد ڪيو اٿئي ، نه ئي ڪڏهن بغاوت ڪئي اٿئي . تون ڪانئر آهين ، ۽ دل ٻئي دل ۾ پيو جلندو آهين .

(ماڻڪ پولار ۾ نهارڻ لڳي ٿو پولار ۾ ڏسندي سندس نگاهه آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ هڪ اپارٽمينٽ جي گئلريءَ ۾ بيٺل هڪ جوڙي تي پوي ٿي ، جيڪي پاڻ ۾ پيار ونڊي رهيا آهن ۽ ماڻڪ ۽ سيما ڏانهن نهاري ڪاٺي رهيا آهن . تڏهن نظر نه ايندڙ هڪ پردو ، هڪ لمحي لاءِ نظر اچي ٿو ۽ هڪدم وري گم ٿي وڃي ٿو .

انهيءَ سان گڏ ڪن پل ۾ اهو منظر بدلجي هڪ بس اسٽاپ تي پوي ٿو . ماڻهن سان ڀريل هڪ بس مان هڪ خوبصورت ڇوڪري لهي اسٽاپ کان ٿوري پر پرو لڳل وڻ جي ڇانوَ ۾ وڃي بيهي ٿي .

ٿوريءَ دير کان پوءِ ٻي بس اچي ٿي ، جنهن مان هڪ خوبرو نوجوان لهي وڻ جي ڇانوَ ۾ منتظر ڇوڪريءَ سان اچي ملي ٿو . ان ئي وقت هڪڙو فليٽ وڏندو وتن اچي ٿو ۽ هو ٻئي ان ۾ گهڙي وڃن ٿا . تڏهن ڪو اهڙو پردو آهي ئي ڪونه جو سندن پيار ونڊڻ واري منظر کي لڪائي سگهي . گهڻي گهڻي دير کان پوءِ ، هو ٻئي جڏهن فليٽ مان نڪرن ٿا ته منظر هڪ ڪورٽ ۽ ان جي آسپاس ايندڙ ويندڙ ماڻهن ، رڪشائن ، ٽئڪسين ۾ بدلجي وڃي ٿو .

هي اهو منظر آهي جنهن تان پردو هٽائڻ لاءِ ڏهن سالن جو انتظار ڪرڻ ضروري آهي ، جو ڏهن سالن کان پوءِ پردا خود بخود هٽي ويندا آهن ۽ هيڙا منظر پيش ٿيندا آهن .)

ٽائيپ تي ويٺل هڪ شخص : ڪٿي هوندا آهيو سائين؟

(امير شخص کي هن ٽائيپ ڪندڙ هڪ غريب جو ان طرح حجت مان پاڪر وجهڻ ٻنهه نه ٿو وڻي ، ان ڪري ڪيس پاڻ جدا ڪندي چوي ٿو :)

امير شخص : تنهنجو ڪهڙو حال آ ٻيلو ؟

(امير ماڻهوءَ جي پاڪر مان نڪري، هو سندس هٿن کي جهليندي ڏاڍي پيار ڀرئي لهجي ۾ چوي ٿو:)

ٽائيپ تي ويٺل شخص: آخري ڀيرو ٻه پاڻ هتي ئي مليا هئاسين. ان ڏينهن ٻه تون ڪونه ويٺو هئين. اڄ، اڄ تہ ٻہ گهڙيون ويهہ.

(امير شخص، غريب شخص کان سگريٽ ڪيڻ جي بهاني هٿ ڇڏائي ٿو. غريب شخص، امير شخص جي ولائتي سگريٽ ڏانهن ڏسي خوشيءَ جو اظهار ڪيڻ لاءِ سندس چهري ۾ نهاري ٿو. امير شخص، هن جي خوشيءَ جي اظهار کي سگريٽ گهرڻ جو طريقو سمجهي، هن ڏانهن سگريٽ وڌائي ٿو.)

ٽائيپ تي ويٺل شخص: نہ، مان نہ پيئندو آهيان. آئون تہ بس خوش پيو ٿيان توکي اهڙن سٺن حالن ۾ ڏسي.

امير شخص: پر تون اڃا تائين اهين ميرن ڪپڙن ۾ ڇو آهين؟

ٽائيپ تي ويٺل شخص: منهنجي ڳالهہ ڇڏ، توکي ياد ناهي، تون ئي تہ چوندو هئين تہ يار تون زماني ساڻ هلڻ جهڙو ناهين ۽ پوءِ اهڙن حالن ۾ ئي نہ هوندس تہ ڪهڙن ۾ هوندس.

امير شخص: ۽ تون ٻه اڃا تائين انهن خيالن تي ڳنڍ ٻڌيو ويٺو آهين.

ٽائيپ تي ويٺل شخص: سون کي ڪوبہ افسوس ڪونهي. شڪر آهي. گهٽ ۾ گهٽ سون کي پنهنجي ائين هجڻ جو ڏک ڪونهي. ٻہ خير، ڇڏ انهن ڳالهين کي ۽ منٽ تہ ويهہ.

امير شخص: نہ يار، مان تڪڙو آهيان.

ٽائيپ تي ويٺل شخص: ڏهہ سال اڳ مليو هئين تہ ٻہ ائين تڪڙو هئين.

امير شخص: بس يار ڇا ڪجي! دنيا سان منهن ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ميان. تون ويٺو آهين هن فوٽ پاٿ تي تہ سمجهين ٿو، بس دنيا اڃا ايتري ئي آهي.

(امير شخص، غريب شخص جي پٺيءَ تي هٿ هڻي ٿو)

ٽائيپ تي ويٺل شخص: منهنجي ڳالهہ کي هڻ ڪٽي ڪڏ ۾، تون ٻڌاءِ تہ اڄ ڪورٽ ڪيئن آيو آهين؟

امير شخص: دنيا جي ڪاروبار ۾ ماڻهوءَ کي ڪٿي ڪٿي نہ ٿو وڃڻو پوي. پر تون نہ سمجهندين، ڇڏ.

(اٿين ڇٽي امير شخص هليو وڃي ٿو ۽ وڃي هڪ ڪار ۾ ويهي ٿو، جتي اڌڙوٽ عمر جي هڪ عورت سندس منتظر هوندي آهي.)

اڌڙوٽ عمر جي عورت: ڇا ٿيو ؟

امير شخص: وري ايندڙ هفتي حاضري رکي اٿئون.

اڌڙوٽ عمر جي عورت: آخر انهيءَ معمولي ماڻهو ۾ تنهنجو ڪهڙو ڪم هو جو ڀڻ ڪلاڪن کان وٽس ويٺو هئين.

امير شخص: (ٿڌو ساهه کڻندي چوي ٿو) محترمه نازيه بيگم توهان کي اها خبر ئي نه آهي ته هو ڪير آهي.

اڌڙوٽ عمر جي عورت: ڪير آهي ؟

امير شخص جي گول متاري منهن تي ڪاراڻ ڇانئجي وڃي ٿي جنهن ۾ مڪس ٿئي ٿو رات ۾ ڪڙيل چنڊ ۽ هڪ لوهي پڃري ۾ قيد ٿيل هڪ چڪور. چڪور چنڊ کي ڏسي ڦٿڪي رهيو آهي. امير ماڻهو پنهنجي ماضيءَ جي اهڙن ڏينهن ۾ موجود آهي، جتي نه رڳو هو پر سندس والدين به پريشان آهن. آخرڪار سندس والده کيس چوي ٿي:)

والده: پٽ، پاڻ تان هيءَ مصيبت ٽارڻ لاءِ، انهي چڪور جي پڃري جو در کولي ڇڏ، هو چنڊ جي چاهت ۾ پاڻ پنهنجي جان کان ويندو ۽ توتان مصيبت ٽري ويندي.

(امير شخص سوچن ۾ گم هو ته نازيه بيگم کيس ٻانهن کان وٺي لوڏائي چوي ٿي:)

اڌڙوٽ عمر جي عورت: تو ٻڌايو ته ڪونه، ته اهو ڪير هو؟

(امير شخص جي ماضيءَ ۾ پڃري ۾ قيد ٿيل چڪور ڦٿڪي رهيو هو امير شخص هن جي پڃري جو دروازو کولي ڇڏيو. چڪور چنڊ ڏانهن اڏرڻ لڳو. اڌڙوٽ عمر جي عورت وري به کيس چيو:)

اڌڙوٽ عمر جي عورت: ٻڌائين ڇو ڪو نه ٿو ته اهو ڪير آهي ؟

(چنڊ ڏانهن اڏامي اڏامي، چڪور نيٺ ٿڪجي پوي ٿو ۽ پنواتي کائي زمين تي ڪرڻ لڳي ٿو. تڏهن خلائن ۾ هڪ آواز گونجڻ لڳي ٿو:)

آواز: اِهو آهو درويش آهي جنهن کي الف ليليٰ جي قصي ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي.

(انهيءَ سان گڏ ڪيترائي پردا کجندي نظر اچن ٿا. ٿوري دير ۾ اسٽيج هڪ اوپن ايئر ٿيئٽر ۾ بدلجي وڃي ٿو، جنهن جي سيمينٽ جي ٺهيل سيٽن تي ڪيترائي وڏا وڏا پڙهيل لکيل ماڻهو ويٺل آهن، جن جون نظرون اسٽيج تي ويٺل ڀاڻ ڪان وڏن وڏن ليکڪن ۽ دانشورن ۾ کتل آهن. اسٽيج تي هڪ معزز شخص بيٺو آهي ۽ ٻيو معزز شخص ڪجهہ ڳالهائي رهيو آهي.:)

ٻيو معزز شخص: اڄ وري ٻگهن جا ٻيلي ٻگهہ طرفان تقسيم - انعامات و اسناد جو جشن منعقد ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هر سال وانگر هن سال بہ منصفين جي فيصلن جي روشنيءَ ۾ اسان انهن اهل - قلم ، اهل - دانش ۽ اهل - علم و هنر کي سندن محنتن تي انعام ڏينداسين.

(ٻگهن جا ٻيلي ٻگهہ طرفان هن سال جي بهترين شاگرد... کي سونو پلو ... (تاڙين جي گونج ۾ شاگرد جو نالو ٻڌجڻ ۾ ڪين ٿو اچي.)

(سيمينٽ جي سيٽن تي پوئيان ويٺل ڪجهہ نوجوان بہ تاڙيون وڄائي رهيا آهن ۽ هڪٻئي سان ڳالهائي رهيا آهن.)

هڪڙو: ٻڌ تہ هن سال... ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيترا شاگرد هئا...

ٻيو: اهوئي هڪڙو...

(ايتري ۾ ٻئي معزز شخص جو آواز گونجي ٿو.)

ٻيو معزز شخص: هن سان جي بهترين ڪهاڻيڪار... کي... سونو پلو..

هن سال جي بهترين فنڪار... کي

هن سال جي بهترين شاعر...

هن سال جي بهترين...

هن سال جي

هن سال...

هن...

(ٻيو معزز شخص اعلان ڪندو رهي ٿو ۽ ٻهريون معزز شخص انعام حاصل ڪندڙن کي سندن انعام ڏيندو ٿو رهي. تاڙيون وڄنديون ٿيون رهن.

أنهن تاڙين جي گونج ۾ عام ماڻهن کي ٻڌڻ ۾ نہ ايندڙ آوازگونجي ٿو:)

آواز: هي... اهي درويش آهن ، جن کي سدائين الف‌ليليٰ جي قصي ۾ شامل ڪيو ويندو آهي.

انهيءَ آواز سان گڏ تاڙين جو آواز جهڪو ٿيندو وڃي ٿو ۽ اعلان جو آواز ٻہ دور ٿيندو وڃي ٿو ۽ هال ۾ ويٺل ماڻهو اٿي پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ لڳن ٿا تہ هڪ پردي مان هڪ ٻار نروار ٿئي ٿو، جنهن جي هٿ ۾ بينر آهي، جنهن تي لکيل آهي:

هلندڙ... □□□

سنڌي شاعريءَ جو مطالعو
(شروع کان 1947ع تائين جو مختصر اڀياس)

□ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

عظيم ۽ اعليٰ خيالات ادب جو بنيادي سرمايو هوندا آهن. اعليٰ خيالات جو اظهار به اعليٰ ۽ عظيم هستين جي ذهنن مان ٿيندو آهي. اهڙيون اعليٰ ۽ ارفع هستيون بيشڪ هڪ مخصوص خطي سان منسلڪ هونديون آهن، پر انهن کي بني نوع انسان جو گڏيل سرمايو چائڻ کپي. دنيا جي عظيم هستين جو ادب ۾ جيڪو مقام آهي، سو به انسان ذات جو سرمايو آهي. هنن جي عظمت کين پنهنجي شعبي ۾ عالمگير حيثيت ڏياري آهي.

ادب جو شعبو هڪ اهڙو شعبو آهي، جنهن ۾ سياسي سرحدون ڪو نه ٿيون ٿين. ادب هڪ وسيع موضوع آهي. اهو صحيح آهي ته اڄ مغرب ۽ مشرق جي ادب ۾ ڪي بنيادي ڳالهيون قدري مختلف نظر اينديون پر ته به جذبات جي زنجير جون ڪڙيون جڙيل ملنديون. سياسي سرحدن وانگر ٻولي به ڪو اختلاف ۽ دوري پيدا نٿي ڪري. اسين بيشڪ سنڌي ادب کي وڌيڪ سمجهي ۽ پروڙي سگهون ٿا، پر ٻين ٻولين جي ادب ۾ پڙهندڙن توڙي اديبن کي گهڻو ڪجهه ڏنو آهي.

شاعريءَ ۾ فڪر هڪ مسلسل عمل آهي، جنهن جو سفر هڪ تمام ڏورانهين هنڌ کان پئي طرف ڏورانهين مقام تائين ٿيندو آهي. ورڊ سورٿ جي Solitary Reaper سنڌيءَ شاعريءَ ۾ نظر اچي سگهي ٿي. حافظ، رومي ۽ سعدي جا خيالات اولهه پار کان ۽ ڪبير، دادو ۽ سهجو وغيره جا افڪار اوڀر پار کان سنڌي شاعريءَ تي اولڙا وجهندا نظر اچن ٿا.

شاعري پنهنجي پر ۾ هڪ خوبصورت ٻولي به آهي. اوهان ٻولي سمجهي ته خيال چاتو. رومي چوي ٿو:

باز شیرے با شکر آمیختند،
عاشقان را بایک دگر آمیختند.

روميءَ جي مثنوي ته سنڌي ۾ باضابطه طور ترجمو ٿي. شاهه ڀٽائيءَ جهڙن شاعرن ان کان اڳ ان جو اثر ورتو. سٿيون ته غزل جو مطلع آهي. غزل ۾ وري حافظ جو رنگ پنهنجو آهي. سنڌ ۾ حافظ ۽ سعدي به پڙهيا ويا. حافظ جي غزل جي هن شعر ۾ کهڙي ڏکيائي آهي، جيڪا هڪ سنڌي قاري محسوس ڪندو:

در کوئے نیک نامی مارا گذر نہ داردند،
گر تو نمی پسندی تغیر کن قضارا.

منهنجي خيال ۾ فارسيءَ جي تعليم فارسي شاعريءَ کي سنڌ ۾ آسان ڪري وڌو هو. هنديءَ کي ان کان به وڌيڪ اثر جو حلقو مليو. ڇو جو اها فارسيءَ جي مقابلي ۾ هڪ قريبي ۽ مقامي زبان هئي. هتي ڪبير، دادو، سمن، رحيمن، ميران ۽ سهجو توڙي ڪيترن ٻين شاعرن جي ڪلام جو اثر رهيو. سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو ميٺڻ گهڻو رهيو ۽ اثر نفوذ به. ڪبير جي هڪ دوهي ۽ سچل جي بيت کي ڀيٽي ڏسبو ته حقيقت معلوم ٿئي ٿي:

حدين جائے هرڪو، بيحد نه جائے ڪوءِ،
بيحد کي ميدان ۾، ڪڙا ڪبيرا روءِ.
(ڪبير)

حدين وڃي هرڪو، بيحد وڃي پير،
سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.
(سچل)

۽ ڪبير ۽ شاهه کي ڏسون:

نينا انتر آئيو، پلڪ ڍانپ توهي لون،
نا مين ديکون اور ڪو، نا تو هي ديکن دون.
(ڪبير)

اکين ۾ ٿي ويهه ته، آءٌ واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آءٌ نه پسان ڪي پيو.
(شاهه)

اثر ڪري ڇڏي فقط تاثر ۽ قبوليت ڪري ڏسجي ته سهجو جو ڪلام ڏيان ڇڪائي ٿو ۽ هين جي ذات جا ڇتا ڇتا پاڇا سنڌي شاعريءَ ۾ ملن ٿا:

چلنا هي رهنا نهين، چلنا بيسو بيس،
سهجو تنڪ سهاگ پر، ڪيون گندوائي ڪيس.

بانهن ڇڙائي جات هو، نربل جان ڪي موهي،
هردي ميں سي جاؤگي، تو مرد بندون گي توهي.

نينهن سگا سوني سگا، هڊ سگا نا ڪوئي
مان بيٺي ڙريا جري، آچرج جگ ڪو هوئي.

فارسي ۽ هندي، توڙي ٻين پاڙيسري ٻولين مان سنڌيءَ جي چڱي لهوچڙ رهي آهي. آن جو اِهو اثر ٿيو جو سنڌيءَ فڪر ۽ فن ۾ آنهن ٻولين جي شاعريءَ جو اثر ورتو. پر هڪ خاص ورثو جنهن سنڌي شاعريءَ کي مالا مال ڪيو سو تصوف آهي. صوفي بزرگن اسلام جي ورثي مان مالامال ٿي انسان ذات جي جهڪا خدمت ڪئي تنهن جو اثر به دنيا اڳيان آهي. سنڌ جي صوفين ته خاص طور پنهنجي مخصوص انداز سان تبليغ ۽ اتحاد جو جيڪو ڪم ڪيو سو منفرد آهي.

سنڌ جي قديم ترين شاعري رزميہ آهي، جنهن ۾ دودي چنيسر جو داستان آهي ۽ ٻين لنڍن معرڪن جو به بيان سگهڙن، پِتن ۽ ڀانن جي ڪلام ۾ اچي ٿو ته پير صدرالدين (1290-1409ع) ۽ ٻين اسماعيلي پيرن جو تبليغي ڪلام به آهي. ان ۾ تصوف جو انگ به آهي. سنڌي شاعريءَ جي اِن قديم دور ۾ ڪيترائي شاعر آهن. ڪيترو ئي اهڙو ڪلام آهي، جيڪو عوامي داستانن سان واسطو رکي ٿو. سنڌ جا گهڻا اهڙا داستان سومرن جي دور (1050-1350ع) سان لاڳاپيل آهن.

قديم شاعرن ۾ جيڪي نشانبر ٿيا، سي آهن قاضي قادن (1463-1551ع) ۽ شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (1536-1623ع). قاضي قادن جنهن جا ست بيت سنڌس تعارف جو باعث بنيا، تنهن جو پيو ڪلام به دهليءَ مان هيري ٽڪر شايع ڪيو ۽ ايئن قاضي قادن به هڪ اهڙو شاعر ليکجڻ ۾ آيو، جنهن جو ڪلام به سوً کن بيتن تي مشتمل آهي. هو پهريون اهڙو شاعر آهي، جنهن تصوف جا صاف اشارا پنهنجن بيتن ۾ ڏنا. ٻين لفظن ۾ سنڌس ڪلام متاثرين لاءِ ذخيرهٔ الفاظ جي سلسلي ۾ به رهبري ڪندڙ ڏسبو.

هونئن ته ڪيترا نالا پراڻي شاعريءَ ۾ هئا، جهڙوڪ شيخ حماد، نوح هوٿياڻي، اسحاق لوهار، درويش راجو ۽ ٻيا شاعر آهن، پر قاضي قادن فڪر توڙي فن ۾ پختگي پيدا ڪئي، مثال طور:

ڪنز قدوري قافيه، ڪو ڪو نه پڙهيوم،
سو پارڻي پيو، جتان پرين لڌوم.

قاضي قادن وانگر شاهه ڪريم جي زماني ۾ به سنڌس ننڍا وڏا همعصر پير محمد لڪوي، عثمان احساني، لطف الله قادري ۽ ٻيا آهن پر قافلي لاءِ اڳتي جو ڏڳ شاهه ڪريم ئي گهڙيو، فرمائي ٿو:

هنيون ڏجي حبيب کي، لڳ ڳڌجن لوڪ،
ڪڏيون ۽ ڪروتون، ايءَ پڻ سگر ٿوڪ.

شاهه ڪريم جي رسالي صحيح معنيٰ ۾ سنڌيءَ ۾ رسالي جي تاثر کي قائم ڪيو. جيتوڻيڪ سنڌس رسالي ۾ علحدا سُر متعين ڪيل ۽ وراهيل نه هئا. نه ڪنهن مرتب ئي ائين ڪيو. شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ خلق خدا جي خدمت ڪرڻ ۽ عبادت ڪرڻ جي تعليم ملي ٿي. هُو پاڻ ان تعليم جو عملي نمونو بڻيو. ان سان گڏ سندس ڪلام ۾، انداز ۾ آساني ۽ ڳالهه چوڻ جو هڪ وڻندڙ طريقو به آهي. ڪٿي به ڪو ڏکيو لفظ نٿو ڪم آڻي. سمجهائڻ واري انداز سان ڳالهه ڪري ٿو. هوڏانهن هندي دوهي ۾ به اِها خوبي ملي ٿي جيڪا سنڌي بيت ۾ آهي. سلاست ۽ وزندار ڳالهه چوڻ ۾ شاهه ڪريم يگانو آهي. مون کي انهيءَ سلسلي ۾ سندس هيٺيان بيت وڌيڪ پُر اثر لڳن ٿا:

پاڻيهاري سر ڀڙو، جر تي هڪي جئن،
اسان سڄڻ تئن، رهيو آهي روح ۾.

سٽ پيڙهائي پلي، جي اپڻي ته واءُ،
جي پدر وڌءِ ڳالهڙي، ته ڇڏي وڃي ساءُ.

جيري اٿي جن، داغ تنهنجو داسڙا،
تون ڪئن مٿان تن، چنيسر چت ڪئي.

اسين تتا آئيسون، جتي ڪنهبو ناهه،
جي وڃون ڪنهن وهانءَ ، ته به متهون لوئيون.

ڀڄڻا سي نه منجهڻا، جي ڀڄڻ سي وير،
جو لکڻ منجهه ماٿهين، سو مکڻ منجهه ڪير.

شاهه ڪريم جي لهجي جي نرمي جيڪڏهن ڪنهن جي حصي ۾ آئي ته اهو شاعريءَ جو سرواڻ، سندس ئي تڙهوتو شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1689-1752ع) هو. شاهه عنايت رضوي ۽ ٻيا وڏا همعصر موجود هئا، پر جا مقبوليت شاهه عبداللطيف کي حاصل ٿي، تنهن جو مثال سنڌ جي شاعريءَ ۾ ته خير پر گهڻن خطن ۾ شايد لڀي! سندس دؤر سياسي اٿل پٿل جو دور هو. اهڙا اشارا سندس ڪلام ۾ ملن ٿا. شاهه جو رسالو، سنڌ جي ثقافت ۽ سوچ جو هڪ بي بها خزانو آهي! نه رڳو ايترو پر رسالو زندگيءَ جي گوناگون حقيقتن جو هڪ منشور آهي. هڪ طرف صوفيانه شعر جو هڪ مرقعو آهي ته ٻئي طرف سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ مڪمل جيوت جو آئينو آهي. سنڌ جي قديم نيم تاريخي داستانن جي تاڃي پيٽي ۾ اُڻيل شاهه جو ڪلام ڪو سڪٽيون سٽون نه آهن. انهن ۾ انساني نفسيات جا به بي مثال زاويا بيان ڪيل آهن. ڪٿي سومل ته ڪٿ سسئي ٿي پسجي پر حقيقت ۾ جيڪي شاعر جا نازڪ جذبات آهن، انهن جي ئي اُپٽار آهي. هو هڪ جدوجهد جو به سبق ڏئي ٿو:

نه ڪو جن جهان ۾، نه ڪو سڄي نانگ،
جي سسئيءَ ڇڏيو سانگ، ته ڇپر مڙوئي ڇاڙڪي.

سسئي ته شاهه صاحب اڻين ڳائي آهي، جو جيڪڏهن اهو هڪ افسانوي ۽ خود ساخته ڪردار هجي ها ته به شاهه صاحب جي توجهه ڪان پوءِ زنده جاويد لڳي ها. گهاتوءَ جو هيرو/سورمو موزڙو ڏسون ته سراپا جدوجهد، عزم، آدم، بي ڊپائيءَ، همت ۽ سعيءَ جو هڪ عظيم تر نمونو آهي.

توحيد، رسالت ۽ تصوف، فنا ۽ بقا، مجاز ۽ محبت ۾ شاهه صاحب جو ڪو ثاني ڪونهي. لهجو ايترو نرم جو چڻ ته ماکيءَ جي لار. ڪيترن عالمن، اسڪالرن، دانشورن ۽ طالبن هر هر ڳالهه جا مثال رسالي مان ورتا آهن ۽ پنهنجي بيان کي مدلل بڻايو اٿن. هر ڪنهن پنهنجي پسند آهر رسالي جي بيتن کي چونڊيو، پرکيو، پڙهيو

۽ پرجهيو آهي. شاهه صاحب معنيٰ مطلب، فڪر، ۽ فن، تشبيهه ۽ استعاري ٺوڙي علم بديع جي تارازيءَ ۾ بي مثال آهي. چند شاستر جي اصول موجب ۾ سندس بيت وزن تي پورا آهن. اهڙي بقول گربخشاڻيءَ جي 'هر وجهه ڪامل'، شاعر جا ڪهڙا بيت مثال ۾ وٺي ڪهڙا وٺجن. منهنجي پنهنجي ڏيان ۾ سردست هيٺان چند املهه مائڪ اچن ٿا جيڪي ڪنهن معنيٰ، ڪنهن سمجهاڻيءَ، ڪنهن تشريح ۽ ڪنهن شان نزول جا محتاج نه آهن:

پيريون پيري پيچ، هو جي منجهان پوريون،
ٿي در ڪنهين م وڃ، ري هاشمي هيڪڙي.

ور سين پايو ڪاڻ، ڪر سين ڪلون ڀائيين،
ڀوري منڊ اچاڻ، ڪڻ چڙيو تهه چونڊئين.

قريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نه چڪيو،
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا.

جبل ماري جڪ، جو آڏو عجبين ڪيي،
ٽوٽي لڪن لڪ، سڀ لنگهنديس سڪ سين.

ليلان چڙ لهور، وچ پنهنجين مانڻين،
ابو ڏاڏو گهور، چنيسر جي چاڳ تان.

لڙ م لاڙائو ٿيو، گهتون گهويون چڙ،
لاهه م لڏو لڏ، ته ڀاڙهي سڀ ڀالهه مڙين.

پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، پلائي جا پير،
اڳڻ آڪنڊين جي، ڏي پاپوهيو پير،
قمر پاڙي ڪير، شمس سپرين سين.

پاچاهي نه پاڙيان، سرتيون سسئي ساڻ،
ڏڪي اگهاڙن ڪيي، ڪين ڏڪيائين پاڻ،
ڀيهر چاپي چاڻ، ابر جي اوصاف ڪيي.

جيڪڏهن سهڻين سٽن جو انتخاب ڪبو ته انهن جي ڪا ڪوٽ نه آهي. چند سٽون نموني طور ڏجن ٿيون:

(1) آئي سنڌ ملهار، آءُ ڪنهيا ڪنديس ڪپڙا،
(2) جڏهن صرافن لڌيو، ته تون پڻ لڌج سون.
(3) ويا سي وينجهار، هيرو لعل ونڊين جي.
(4) هيري هٽ وڌائين، ويهي ساٿين وچ ۾.
(5) نهائين ڪان نينهن، سڪ منهنجا سپرين،
(6) ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو.
(7) مون تان مهر نظر، پرين لاهه ۾ پانهنجي.
(8) سومل ڪي مجاز جا، اکين ۾ الماس.
(9) ۽ رنگو لوڪ پيو، چنيسر چورنگ.
(10) تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي.
(11) پتنگن پهه ڪيو، مڙيا مٿي مچ.
(12) سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون.
(13) سهسين سائر پوڙيون، منڌ پوڙيو مهراڻ.
(14) جکرو جس کرو، پيا مڙيئي مل.
(15) نرتي تند نياز سين، پيچل پرائي.

شاهه صاحب جو انداز، سندس لفظ، تشبيهون غرض ته هرهر سٽ جو عڪس متاخرين شاعرن جي ڪلام ۾ ملي ٿو. انهن عڪسن کي سندس حلقي وارن ۽ ويجهن شاعرن به سنڀاليو. پر آن ۾ هو پنهنجو رنگ ته بلڪل نه ملائي سگهيا. آهو سچل سرمست ڪيو. سچل سرمست (1739-1829ع) به شاهه صاحب وانگر هڪ مڪمل شخص، مڪمل شاعر، مڪمل دانشور ۽ مڪمل فنڪار هو. جڏهن شاهه صاحب پنهنجي خيال ۽ گفتي ۾ چتو رهيو ته سچل به اظهار ۾ چٽو رهيو. نه خود منجهيو نه ڪنهن کي منجهايائين. پٽي برهه جي باغ جا بلبل هئا. هڪڙي پنهنجي بولي پنهنجي رمز ۾ بولي پر پيو (سچل) جو آيو ته هن محسوس ڪيو ته تورو بلند آواز ڪيجي. هن پنهنجي عشق جو اظهار بلند آواز سان ڪيو. سنڌي، سرائڪي ۽ فارسيءَ ۾ پنهنجي فڪر جا واهڙ وهايائين ته پين پولين ۾ به پوليائين. بيت، وايون، ڪافيون، غزل، مثنويون، جهولڻا سچل جي طبع جي جولانيءَ کي ظاهر ڪرڻ لڳا. هن کي گهوٽ سڏائڻ ۽ شاهيءَ جو شملو پڌڻ جو حوصلو هو. گدائيءَ جو ته گمان نه هوس. چئي ٿو:

گھوٽ سڏائي پاڻ کي، پنيان ڇهه م ڇل

يا

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو،
وهم سچل ڪڍ پانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

سچل سرمست وٽ بيشڪ شاهه عبداللطيف وارا مضمون، انداز بيان، مواد ۽ تشبيهون به آهن، پر هن وٽ بيباڪيءَ وارو رويو اهڙو آهي، جيڪو هن جو منفرد انداز بڻيو:

ايجهو ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٿيجي.

يا

پاڻ پنهون مان آهيان، ڙي پينر پلي ناهيان.

سنڌس بيباڪانه رنگ ڪيترن ئي همعصرن، طالبن ۽ متاثر ٿيندڙ شاعرن اختيار ڪيو. نانڪ يوسف، بيدل ۽ بيڪس انهن شاعرن ۾ اهم آهن، جن وٽ سچل جو رنگ آهي. شاهه ۽ سچل کان پوءِ ارڙهين ۽ اوڻهين صدي عيسويءَ جا ٻيا ڪيترائي شاعر آهن، جن تصوف جي راهه ورتي ۽ عشقيه شاعريءَ ۾ خاص طور پاڻ ملهايائون. انهن ۾ تمر فقير، شاهه عنايت جهوڪ وارو، شاهه نصير، صوفي خير محمد، روحل ۽ ڪنڊڙيءَ وارا ٻيا شاعر، لنواري، جهوڪ، جهانيان ۽ هالا درگاهن جا صوفي درويش اچي وڃن ٿا. ڪيترائي ٻيا عام شاعر آهن، جن ۾ ڪبير شاهه، شيخ ابراهيم، حمل فقير، صديق فقير ۽ ساوڻ فقير وغيره اچي وڃن ٿا. ڪافي گو شاعرن جو به هڪ وڏو گروهه آهي، جن ۾ مصري شاهه، رڪيل شاهه، اميد علي شاهه، محمد فقير، محمود فقير ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا، جن محفلن ۾ پنهنجو رنگ ڄمايو. اهڙي طرح هڪڙا اهڙا شاعر ٿيا، جن مولودن، منقبتن، معجزن، مداحن ۽ مناجاتن توڙي ٻين مذهبي نوعيت جي شعري صنفن سان اڄايل روحن کي سيراب ڪيو. مخدوم عبدالرئوف ڀٽي، غلام محمد بگائي ۽ ٻين سوين شاعرن هن سلسلي ۾ پاڻ موکيو. هوڏانهن ويدانتي ڪلام ۾ سامي ۽ دلپت پڻ وڏا شاعر ٿيا. ڪجهه روحل به انهيءَ فهرست ۾ اچي ٿو. ٻين انهن ٽن شاعرن جي پيروي ڪئي.

سنڌي شاعريءَ ۾ پيو نشان جيڪو مقرر شاعرانه نهج کان ڪجهه پيوئي ظاهر ڪرڻ لڳو، سو آهي عروضي شاعريءَ جي ارتقا ۽ ابتدا. اها هوندي ته ارڙهين صديءَ جي ابتدا ۾ ظهور پذير ٿي. پر باقاعدي اهڙا شاعر اوڻهين صديءَ ۾ ملن ٿا، جن جو ڪلام پختو آهي ۽ صاحب ديوان شاعر آهن. ايران جي اثر سنڌي شاعريءَ ۾ هي رجحان آندو.

فن ۽ فڪر جي لحاظ کان سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ جدت آئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هي شاعر اڀري اڀري آسمان سان وڃي لڳا ۾ شاهه ۽ سچل جي معيار کان گهٽو گهٽ رهيا. عروضي شاعرن ۾ ابتدائي صاحب - ديوان، آخوند گل محمد هالائي (1808-1855ع) ٿيو. آخوند قاسم، فاضل شاهه، غلام محمد شاهه گدا، فضل محمد ماتم، مرزا قليچ بيگ، حافظ حامد ۽ ٻيا ڪيترا شاعر غزل جي آبياري ڪندا رهيا. مير عبدالحسين سانگي، محمد بخش واصف (1892-1954ع) ۽ حافظ حيات شاهه (1870-1900ع) جذباتي ڪيفيت جو موثر انداز اختيار ڪرڻ ۾ يگانا ۽ منفرد رهيا. غزل ايراني شاعريءَ جي اثر جو نمونو ۾ بنيو ته ان ۾ مقامي رنگ به نظر اچڻ لڳو. ڀرئين صاحب ديوان شاعر گل ۾ زماني جي شڪايت ڪندي چيو:

پنون آهن ايزائن ۾ دنيا جا مڙيئي مائٽ،
توڙي پائر سڀڳا چاچا توڙي ڪي سوٽ ۽ سالا.

ته سانگي (1852-1924ع) وٽ به اهڙي تنوار آهي:

جو اڪين سان نه ڏٺو ڪنهن سو ڏسون ٿا يارو،
جو ڪنن سان نه ٻڌو ڪنهن سو ٻڌون ٿا يارو.

سانگيءَ جي زندگيءَ ۾ اهڙو دور آيو جنهن هن کي درد آشنا ڪيو. هو واچوڙي وانگي ڦرندو ٿي رهيو ۽ سڪون تباهه ٿي ويس. هن جي دل تي دردن جي ڏام ڏوم ٿي. بقول سنڌس هزار صدما سٺائين. سنڌس ڪلام ۾ اها سڄي داخليت موجود آهي. هذاب جو نمونو يعني ياد ماضي لاءِ چوي ٿو:

گذري جي ويا سي زمانا ياد پيا،
وسري جي ويا، سي ترانا ياد پيا.

هن هڪ طرف عاشق مزاجيءَ جو نعرو ٿي هنيو ته ٻئي طرف درد جو بيان ٿي ڪيو. فني لحاظ کان سانگيءَ جو بيان برجستو آهي، ڪا سڪٽي آهه و فغان نه آهي:

آهي سنگ سخت کان انسان سنگدل،
جن ري نه دم سريو تي سو سانگي سريو سريو.

ٽالپرن جي جلا وطنيءَ جي دور ۾ سانگي ڪلڪتي ۾ جائو. هن پنهنجي ڪلام ۾ بنگال کي پنهنجو ملڪ به سڏيو ۽ اصل وطن کان وڇڙڻ ڪا راند ته نه هئي:

تڏهن ترڪ وطن ڪيوسين جڏهن اهل وطن بگڙيا،
جي بگڙڻ جا نہ هئا هرگز، اهڙا بہ ياران کهن بگڙيا.

هوڏانهن هو حضرت عشق جي نوڪريءَ ۾ آهي:

ادا حضرت عشق جي نوڪريءَ ۾،
ڏنا سون ڏکيا امتحان کهڙا کهڙا.

سانگي عشق ۾ بيباڪ آهي. هو حسن جي جلوي کي پسي ٿو تہ پسائي بہ ٿو. انهيءَ ۾ بہ هن جو انداز انوکو ۽ بيباڪانہ آهي:

اهي محبوب نوخزا سڄو عالم نچائيندا،
پرت مان نينهن جا نورا، جڏهن پيرن ۾ پائيندا.

چيو مشاط زلف نازنين آهن نئيا آخر،
بلاي جان تڏهن ٿيندا جڏهن هي پيچ پائيندا.

سانگي هڪڙو ٻي سنڌي شاعر آهي، جنهن جا ٻہ ديوان شايع ٿيا آهن. هن جي عشقيہ شاعريءَ ۾ حسن و عشق، درد و غم جا ڪيئي دفتر پريل آهن. منهنجي راءِ ۾ هي هڪ غزل سندس ڪلام جو مڪمل تاثر ڏي ٿو:

برهہ ۾ يار بيقرار آهيون،
درد تنهنجي کان داغدار آهيون.

شاد آهيون ڪڏهن ناشاد،
ڪڏهن پيادا ڪڏهن سوار آهيون.

عمر خوبن جي خدمت ۾ وئي،
تہ بہ شوخن کان شرمسار آهيون.

برهہ جي بحر جا آهيون تارو،
تار تانگهي مان آرپار آهيون.

ٿا ڏسون آهہ دل گران هرڪو،
دوست دشمن جي دل تي بار آهيون.

آهيون سانگي يا آهيون ديسي،
پر اي سهڻا سچڻ سچار آهيون.

سچ پڇ ته سانگيءَ جو ديوان ڪو عام ديوان ڪونهي، جنهن کي ڪو پڙهي وساري ڇڏي. دو ته اجهو هيءَ تمنا ڪري ٿو:

هٿڙن ۾ حسينن جي مه و سال مقرر،
سانگيءَ سندو ديوان هجي بس پيو نه هجي ڪو.

سانگيءَ جيتري بيباڪيءَ ۽ حسن بياني واصف جي ڪلام ۾ ملي ٿي، جڏهن هو محبوب جي حسن جو بيان ڪري ٿو، ته مجوب نه آهي. بلڪل برملا چوي ٿو:

دستِ رنگين تي جو ميندي کي لڳائي نڪتين،
خونِ عاشق جو عجب رنگ رچائي نڪتين.
ڪلهه غير سان گهمئين ته رقيبن سان اڄ وئين،
ڪوڙا اٿن نه روز ٿا طوفان نوان نوان.

تشبيه استعاري ۾ به واصف پنهنجي همعصر دور ۾ هڪ استاد شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ انهيءَ سلسلي ۾ فارسيءَ جو نمايان اثر ظاهر ٿئي ٿو. تر (خال) جي تشبيه هيئن ڏي ٿو:

خال سياهه جي چهري تي ڪهڙي ڪريان صفت،
سرڪار حسن ۾ ٿيو هندو مشير آهي.

درد جي شدت ۽ ياد ماضيءَ جي ذڪر ۾ حافظ حيات شاهه به هڪ اهم شاعر آهي. جيتوڻيڪ هو وڏن غزل گو شاعرن مان هڪ نه آهي، پر ته به ڳالهه چوڻ جو ڏانءُ اٿس. ننڊ کي هيئن ياد ڪري ٿو:

هاءِ مٺڙا ڏينهن سي جن ۾ ڪا بيماري نه هئي،
ڪاڻ هئي ڪنهن جي نه ڪنهن سان دشمني ياري نه هئي.
حسن جي گرمي اڃان دل تي نه ڪيڙو هو اثر،
سوز ۽ سڪ جي بدن تي باهه ڪنهن ٻاري نه هئي.
رات سڄي ننڊ لئه ۽ ڏينهن کل چرچي لئه هو،
ڪنهن ڏي دل مائل نه هئي ۽ ڪنهن کنان عاري نه هئي.

سنڌي شاعريءَ جي عروضي دور ۾ غزل جي خاص ترقي ٿي ۽ هڪ ماحول پيدا ٿيو، جنهن ۾ مشاعرن ۽ محفلن جو رواج ۾ ڪارگر ثابت ٿيو. غزل سان گڏ ٻيون عروضي صنفون قصيدا، مرثيا، مسدس، رباعيون ۽ نظم انهيءَ سلسلي ۾ ملن ٿا. عروضي شاعريءَ جو ايراني اثر وارو هي دور پنهنجي انتها ڪي پهتو ته اندازاً ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ نون لاڙن جي آمد ٿي، جنهن ۾ خاص طور ڏارين اثرن کان آجائي پهريون عنصر هو. مقامي اثر ۽ ترقي پسند رجحان آيا.

ڪشنچند بيوس (1885 - 1947ع) انهيءَ سلسلي جو پهريون اهم شاعر آهي، جنهن جي ٻولي آسان ۽ موضوع مقامي آهن. هن غير وطني ۽ دقيق تشبيهن ۽ سڪٽي فارسي نوازيءَ کان پاڻ کي آجو ڪيو. هن سوسن و سنبل، ياسمين و نسترن ۽ لاله و نرگس جا نالا ڪڍي بجاءِ فقط ”گل“ چئي پنهنجو مقصد بيان ڪيو:

گلن اندر سرهاڻ ڏرين ٿو،
موتين سان مهراڻ پرين ٿو،
هيرا لال هزارا - قدرت وارا.

فارسيءَ جو آڌارو آندل ماحول دشت و صحرا، مقتل و جلاد توڙي بيو سڄو وايو منڊل بدلجي سنڌ جو فطري وايو منڊل رائج ٿيو. بيوس جو نظم ”جهوپڙي“ گهڻو مقبول ٿيو، بلڪ مادل بنجي ويو. هونئن شاهه جي ڪلام ۾ مارئي، سارنگ ۽ ڪاهوڙيءَ ۾ به غريبن جو ذڪر آيو آهي، پر جڏهن جديد شاعرن ويهين صديءَ جي مقبول لاڙن جي زير اثر اها ڳالهه ڪئي ته اڪثر غير ادبي ۽ مفاد پرست ٽولن سنڌي شاعريءَ تي اشتراڪيت بلڪ لادينيت جا الزام هنيا.

شيخ اياز جديد شاعريءَ ۾ هڪ وڏو شاعر ٿي اڀريو. هن پنهنجي دؤر تي اثر ڪيو. شيخ اياز، تنوير عباسي، نياز همايوني، امداد حسيني، شمشيرالحيدري ۽ ڪيترا ٻيا شاعر جديد رجحانات، انسان دوستي ۽ ادب براءِ زندگيءَ جا شاعر موجود دؤر جي جديد شاعريءَ جا نمائندا آهن. سندن مجموعا به شايع ٿيا آهن. شيخ اياز جا سيني کان وڌيڪ مجموعا شايع ٿيا.

موجود شاعر به سنڌي شاعريءَ جي قديم ورثي جا امين آهن ۽ ارتقا جي هڪ ڪڙي آهن. جيڪڏهن موضوعن، هيئت ۽ عام نهج موجب سنڌي شاعريءَ جا دؤر متعين ڪبا ته ٽي دور ٿيندا. پهريون دور اهو جنهن ۾ سموري قديم شاعري ايندي جنهن ۾ تصوف جو دؤر ايندو جيڪو شاهه ڪريم، شاهه لطيف کان ٿيندو بيدل بيڪس تائين پهچندو.

ٻيو دؤر ايراني اثر ۽ عروضي شاعريءَ وارو آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو. ٽيون دؤر جديد شاعريءَ جو آهي جنهن ۾ شيخ اياز سرواڻ شاعر آهي. هن دؤر جو هر شاعر جديد شاعر نہ آهي. هن دؤر ۾ ڪو غالب جو نقال، غالب جو نقال ڀلي هجي؛ پر هو جديد شاعر جديد دؤر ۾ فقط رهڻ ڪري نہ سڏبو.

سنڌي شاعري پنهنجي دؤر کان وٺي اڄ تائين هڪ رنگا رنگ گلشن وانگر آهي. هن مضمون ۾ آن جي اهم رجحانن جو مختصر جائزو ورتو ويو آهي. □□□

ببليوگرافي

هن ليک جي تياريءَ ۾ هيٺين چند ڪتابن تان خاص طور مدد ورتل آهي:

(1) تذڪره لطفي (1-2-3): پروفيسر لطف الله بدوي.

(2) سنڌ جي ادبي تاريخ (1 ۽ 2): خانبهادر محمد صديق ميمڻ.

(3) سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

(4) شاهہ جو رسالو: ڪلياڻ آڏواڻي.

(5) سچل جو رسالو: عثمان علي انصاري.

(6) رسالہ ڪريمي: مرزا قليچ بيگ.

(7) ڪليات سانگي: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

(8) سنڌي ادب جي مختصر تاريخ: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو.

شاهہ لطيف جي سوانح ۽ عيسوي ڪئلينڊر

□ غلام محمد لاکو

مختلف قومون پنهنجن مشاهيرن، شاعرن، وطن دوست بادشاهن، سياستدانن توڙي ڏاهن جا يادگار ڏينهن، جنم جون تاريخون توڙي ورسيون باقائدگيءَ سان ملهائي، پنهنجي زنده هجڻ جو ثبوت ڏينديون آهن. ايران ۾ فردوسي يا رومي، هند ۾ امير خسرو بابت تازي دور ۾، سندن پيدائش جي جشن يا وفات جي نسبت سان وڏا وڏا اتهاسڪ ادبي ۽ تاريخي ميڙ ڪوٺايا ويا آهن. اهڙا عظيم سپوت قومن جي سڃاڻ ۽ شناخت ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا، ان ڪري اهڙين هستين کي وسارڻ خود پنهنجو پاڻ کي وسارڻ برابر آهي. اهڙن بزرگن جي جنم يا وفات جي تاريخن ۾ اختلاف جي صورت ۾، واسطيدار ملڪن حڪومتي سطح ڪان وٺي عالمن جي سطح تائين، مذاڪرن ۽ مباحثن جو بندوبست ڪري، واسطيدار مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان قسم جي تڪراري اسمن جي حل ٿيڻ بعد، هر سطح تي انهن کي عمل ۾ آڻڻ ۽ قبول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. خود اسان جي پنهنجي ملڪ ۾ ڪجهه سال اڳي پاڪستان جي باني جناح صاحب ۽ اردو زبان جي مشهور شاعر ڊاڪٽر اقبال مرحوم جي پيدائش توڙي وفات جي تاريخن جي تعين ۽ مقرريءَ لاءِ، سرڪاري سطح تي ڪوشش ورتي وئي ۽ مسئلن جي چنڊ ڇاڻ لاءِ عالمن ۽ اديبن جون ڪميٽيون جوڙي فيصلا ڪيا ويا. ارمان فقط هي آهي جو سنڌي مشاهيرن بابت، ان ڏس ۾ پکڙيل غلط ڄاڻ جي درستگيءَ لاءِ هيل تائين ڪا به ڪوشش نه ورتي وئي آهي. هت اسين پنهنجي سدا ملوڪ شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح سان لاڳاپيل ڪجهه نڪتن تي بحث ڪري، انهن جي درست هجري ۽ عيسوي سالن يا تاريخن ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

شاهہ عبداللطيف جو جنم

اڪثر تذڪره نگار متفق آهن ته شاهہ صاحب سن 1102هہ ۾ ڄائو هو. ان وقت اتر سنڌ ۾ ميان نصير محمد جو حڪم هلي رهيو هو، جڏهن ته ٺٽي ۾ ابو نصر خان،

شايسته خان (1103-1101هه) گورنر هو. شاهه لطيف هڪ سال جو هو جو ميان نصير محمد فوت ٿيو ۽ ميان دين محمد مسند نشين ٿيو. ننگر ٺٽي ۾ وري نواب حفظ الله خان (1112-1103هه) مقرر ٿي آيو.

هت سوال آهي ته سن 1102هه ۾ عيسوي سال ڪهڙو هو؟ لطيف جي پهرئين انگريز سوانح نگار رچرڊ برٽن پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ۾ شاهه جو پيدائشي سال 1680ع لکيو آهي (1). ڊاڪٽر ٽرمپ پڻ سندس پيروي ڪئي آهي (2). ڏيارام گدومل "سگما" ڏگهي بحث بعد لطيف جي ڄم جو سال 1097هه ڏيکاريو (3). مرزا قليچ بيگ جنهن هڪ ئي سال ۾ شاهه لطيف بابت ٻه ڪتاب لکيا، سو هڪ ۾ 1688ع (4)، ۽ ٻئي ۾ 1689ع (5)، کي سندس ڄمڻ جو سال قرار ڏئي ٿو. ان بعد مير عبدالحسين سانگيءَ پنهنجي تحقيق ڪئي ۽ هن واقعي جو سال 1690ع ٻڌايو (6). ليلارام وطڻ مل 1688ع ڄاڻايو (7). الجهاڻ ۽ مونجهاري واري هي ڪيفيت ويهين صديءَ تائين جاري رهي، جڏهن جيٺمل پرسرام لکيو ته اهو 1680ع کان وٺي 1690ع جي وچ واري عرصي ۾ ٿي سگهي ٿو (8). اڳتي هلي جڏهن لطيفيات جو اڀياس تيز ٿيو ۽ ان ۾ وسعت آئي، تڏهن 1689ع کي يا وري 1690ع کي ٽئائي صاحب جي ڄم جو سال ڪري لکيو ويو. هجري ۽ عيسوي تقويم جي تقابلي اڀياس ڪندڙن ڏيکاريو آهي ته، سن 1102هه کي عيسوي 1688ع يا وري 1689ع ۾ ڳولڻ درست ڪونهي. البت هي سال 1690ع ۾ ملي ٿو. ان جو مطلب ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي 1102هه/1690ع ۾ ڄائو هو.

مرزا مغل بيگ ارغون

هي صاحب پنهنجي وقت جو بااثر ماڻهو هو. سندس رهائش ڪوٽڙي- مغل ۾ هئي. مرزا مغل بيگ ۽ لطيف جي باهمي چپقلش به عالم آشڪار آهي. ڀٽائي صاحب جو مرزا جي نياڻيءَ سان مجازي موهه ٿيو، جنهن تي ٻنهي خاندانن ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي. روايتن موجب ان بعد شاهه لطيف جلاوطن ٿيو ۽ شاهه حبيب ڪوٽڙيءَ مان ڪوچ ڪيو. اڳتي هلي مرزا ڇورن هٿان مارجي ويو، جنهن لاءِ لطيف جي پٽ پاراتن کي جوابدار سڏيو وڃي ٿو. هي واقعو 1124 هه ۾ ٿيو. ان ريت مغلن جو سڄو ويڙهو برباد ٿي ويو ۽ پوءِ شاهه صاحب جي شادي مرزا جي نياڻيءَ سان ٿي(9).

هن واقعي کي سڀ کان اول علي شير قانع قلمبند ڪيو. سندس لکت تي غور ڪرڻ سان، اصل صورت حال کي سمجهڻ ۾ ڪافي مدد ملي ٿي. قانع جي لکت آهي

تہ ابتدا ۾ مرزا جي لطيف سان دشمني هئي، سو جڏهن فوت ٿيو تہ ڪنهن مريد "بود خبيث" مان تاريخ ڪڍي. پٽائي صاحب ان کي ناپسند ڪيو ۽ "يک مغل به بوده" يعني هڪ مغل پلو هو، مان سندس موت جي تاريخ ڪڍي جا 1124هہ بيهي ٿي (10).
قانع جي هن مختصر لکت مان ائين ٿو معلوم ٿئي تہ، ابتدا ۾ برابر ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي هئي، پر اڳتي هلي اها دور ٿي وئي، ۽ اهو بہ گمان ڪري سگهجي ٿو تہ شاهہ جي شادي مرزا جي نياڻيءَ سان، ٻنهي ڌرين ۾ صلح ۽ صفائي توڙي باهمي رضامندي سان ٿي هوندي. ياد رهي تہ شاهہ لطيف ڀٽ تي مستقل رهڻ لاءِ، ڪوٽڙي. مغل مان ئي لڏو ڪنيو هو (10 - الف). مطلب تہ اڳ پيدا ٿيل غلط فهمي دور ٿيڻ ذريعي ئي شاهہ حبيب جو ڪٽنب واپس ڪوٽڙي - مغل ۾ اچي رهيو. مرزا جو موت چورن هٿان مقابلي بجاءِ طبعي طرح ٿيو ٿو ڏسجي. اتفاق سان مرزا جي قبر تو رکي لڳ ٿندي آدم ۾ موجود آهي. ان تي لڳل ڪتبو ٻن ڇڻن مسئلن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، جو هن ريت آهي:
"بتاريخ روز جمعہ بيست و چهارم صفر مرزا بيگ مرحوم ابن مرزا جان بيگ ارغون وفات يافت سن 1124 هہ" (11). ان دور جي رسم موجب مرزا جو ڌاڙيلن هٿان مرڻ جي صورت ۾ شهيد اکر ضرور لکيو وڃي ها. سندس والد جو نالو مرزا جان بيگ ارغون آهي. هن ڪتبي ذريعي خبر پوي ٿي تہ مرزا 24 صفر، جمعي ڏينهن فوت ٿيو. ڏسجي ٿو تہ شاهہ جي سوانح ۾ صفر مهيني کي وڏو دخل حاصل آهي، عيسوي ڪئلينڊر موجب هي واقعو 22 مارچ 1712ع تي بيهي ٿو، پر ان صورت ۾ جمعي بجاءِ ڏينهن ڇنڇر جو ملي ٿو.

ڀٽ جو بنياد

شاهہ لطيف پاڻ هڪ شهر جو بنياد رکيو جو اڳتي هلي "ڀٽ شاهہ" مشهور ٿيو، مرزا قليچ بيگ ان ڏس ۾ لکي ٿو:
"شاهہ صاحب جي بہ جڏهن ڪوٽڙيءَ ۾ (اٻيٽ) ٿي، تڏهن اتان لڏي ٻئي هنڌ جي تياري ڪرڻ لڳو. گشت ڪندي هڪڙو ٽڪر زمين جو ڏٺو هٿائين، جيڪو سندس دل کي وڻيل هو. اتي واريءَ جون ڀٽون هيون ۽ چوڌاري گهاٽو جهنگ هو. آسپاس ڍنڍون ۽ پاڻيءَ جا ڍبا بہ هئا. بلڪل فقيراڻي ڍول جي زمين هئي. انهي مڪان جو نالو "ڀٽ" هو". مرزا صاحب وڌيڪ لکي ٿو:

"انهي هنڌ جي ٻي هيءَ ڳالهه، ڪن ٿا ته جڏهن مخدوم نوح هالن وارو ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو حيات هوندا هئا، تڏهن ٻنهي جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريت هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن شاهه ڪريم، مخدوم جي ملاقات لاءِ ٿي ويو. جڏهن انهي هنڌ ڌاري آيو، تڏهن "ساگرو" واهه جي ڪناري وٽ لهي ڊاپو ڪيائين. ماڻهن کي حڪم ڏنائين ته هڪڙي هنڌان جهنگ ۾ گاهه ڪپي زمين صاف ڪريو. پوءِ سڀني کي سڏي، جماعت ڪري، اتي نماز پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ ظاهر ڪيائين ته منهنجي اولاد مان هڪڙو وڏو ۽ مشهور مرد خدا جو پيدا ٿيندو، جو ڏاڍو چڱو ڪلام ڪندو ۽ شعر چوندو ۽ هن هنڌ تي سندس درگاهه ٿيندي" (12).

پٽ شاهه نالي هن نئين بستيءَ جي اڏاوت، تعمير ۽ رٿابنديءَ ۾، جتي فقيرن ۽ خادمن ڪم ڪار ڪيو، اتي خود شاهه لطيف به پورهيو ڪيو. حويلين جي اڏاوت، مسجد جي تعمير، اوطاق ۽ درگاهه جي رٿابندي ۽ مريدن لاءِ گهرن جي جوڙ جڪ ۾ شاهه صاحب ذاتي طرح شامل رهيو ۽ دلچسپي ورتائين. اڳتي هلي هن بستيءَ کي سنڌ جي ثقافت ۽ صوفيائي روايت ۾ وڏو رتبو حاصل ٿيو. هيءُ شهر 1144ھ برابر 1731ع ۾ وجود ۾ آيو (13)، جنهن سال شاهه حبيب جي وفات ٿي.

شاهه حبيب جو لاڏاڻو

لطيف سائينءَ جي والد بزرگوار شاهه حبيب جي وفات ۽ تاريخي مادي بابت، سڀ کان اول ٿتي جي مير علي شير لکت ڇڏي. ان هوندي به هن متعلق محققن ۾ سخت اختلاف ڏسجي ٿو، جنهن لاءِ پڻ خود قانع جي ڪتابن راهه هموار ڪئي. ڪتاب "مقالات الشعراءَ" ۾ لکيائين ته شاهه صاحب جي مريد ميان محمدصادق نقشبندي، سندن والد شاهه حبيب جي وفات تي تاريخ ڪئي: "الموت جسريو جدل الحبيب للقاءِ الحبيب 1144ھ" (14). ٻئي طرف "تحفة الڪرام" ۾ ساڳي عربي عبارت هن ريت ملي ٿي: "الموت جسريو جدل الحبيب الي لقاءِ الحبيب 1155ھ" (15). ان ريت پوءِ شاهه لطيف جي سوانح نگارن ۾ به رايا پيدا ٿيا. مرزا قليچ بيگ (16)، مير عبدالحسين سانگي (17)، ۽ دين محمد وفائي (18)، قانع جي پهرين لکت جي پيروي ڪئي، جڏهن ته ليلا رام وطڻ مل (19)، ڊاڪٽر گربخشاڻي (20)، ۽ مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي (21) جي راءِ ۾ تحفة الڪرام واري عبارت درست هئي. ان ڏس ۾ بحث ۽ اختلاف اڄ سوڌو جاري آهي (22). ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هن مسئلي تي مفصل بحث ڪري قابل قبول نتيجو

ڪيو آهي (23)، جنهن موجب قانع جي "مقالاڌ" واري تحرير قبوليت جوڳي ٿي پئي آهي. ان جو مطلب ته شاهه حبيب سن 1144 هه برابر 1731ع ۾ وفات ڪئي. ڪنهن به ليکڪ هن واقعي جي تاريخ يا مهينو نه لکيو آهي.

شاهه عبداللطيف جي وفات

واقعه نگارن جو خيال آهي ته شاهه صاحب ڀٽ تي برابر ويهه سال گذاريا ۽ هت رهندي ايڪيهين سال ۾ سندس وفات ٿي. مير علي شير قانع بن 1165هه ڪي شاهه جي وفات جو سال لکيو آهي (24). برٽن انگريزي سَن بجاءِ 1161هه ڪي لطيف جي فوت ٿيڻ جو سال (25)، ۽ شايد ذوالحج مهيني ڪي هن واقعي لاءِ نوٽ ڪيو آهي. ٽرمپ پڻ سندس پوئلڳي ڪئي (26). ڏيارام گدو مل سگما هڪ سال ڪٽائي سن 1160هه ڪي هن درد ناڪ حادثي جو سن ڄاڻايو (27). مرزا قليچ بيگ ڀريون عالم آهي، جنهن ڀٽائي صاحب جي وفات جي مڪمل تاريخ 14 صفر 1165هه ظاهر ڪئي (28). پوءِ جي سڀني لکندڙن هي تاريخ قبول ڪئي آهي.

سوال آهي ته جنهن تاريخ تي شاهه صاحب فوت ٿيو، تڏهن عيسوي تاريخ، مهينو ۽ سال ڪهڙا هئا؟ مرزا صاحب هڪ هنڌ سال 1751ع (29)، ۽ ٻي جاءِ تي 1752ع (30)، لطيف جي وفات جو سال ڏيکاريو. ان ڏس ۾ مرحوم سانگي پڻ 1751ع جو يقين ڪيو (31)، جنهن کي ليلا رام وطن مل به قبول ڪيو (32). گهڻو پوءِ چيتمل پرسرام شاهه صاحب جي وفات جو سن 1747ع (33) ٻڌايو. ويهين صديءَ جي محقق ۽ عالمن يا ته 1751ع کي يا وري 1752ع کي ڀٽائي صاحب جي وفات جي سال طور لکيو آهي. بهرحال ڪنهن به مصنف 14 صفر تي، انگريزي مهيني ۽ تاريخ جي نشاندهي نه ڪئي آهي. راقم جي تحقيق موجب شاهه لطيف جي وفات جي هجري تاريخ تي 22 ڊسمبر 1751ع ۽ آچر جو ڏينهن هو.

هڪ ادبي اپيل

هتي شاهه صاحب جي حياتيءَ سان لاڳاپيل ڪجهه نڪتن جي اُهڃاڻ ڪندي، هجري ۽ عيسوي ڪئلينڊر ۾ هڪ درست، مطابقت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. چار سال اڳ راقم لطيف جي جنم ۽ وفات جي صحيح عيسوي سالن ۽ تاريخن جو اپياس پيش ڪيو هو (34). سنڌ اندر لطيفيات تي ڪم ڪندڙن نه ته

ان ڪي رد ڏنو ۽ نہ وري سنڌ جي هن سروڻ شاعر جي حياتيءَ جي رڪارڊ ڪي درست ڪرڻ طرف ڪو ڌيان ڏنو. منهنجي هن اپياس ڇپجڻ کان جلد پوءِ، دهليءَ جي سنڌي اديب ڊاڪٽر ايس- ايم جهانگياڻي، تماهي مهراڻ جي ايڊيٽر محترم نفيس احمد شاد کي هڪ خط لکيو. هت ان خط جا ضروري حصا ڏجن ٿا:

”جناب غلام محمد لاکي جي مقالي، ’شاهہ جي سوانح جا بہ اهم پهلو‘، منهنجو خاص ڌيان ڇڪايو ..... مون کي ڏک آهي تہ جناب لاکي صاحب کي شاهہ سائينءَ جي جنم ۽ وفات جا صحيح عيسوي سن ڳولهڻ لاءِ هيڏي جفاڪشي ڪرڻي پيئي آهي. اهو ڪم مان 15 سال اڳ پنهنجي ڊاڪٽوريٽ ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوج Shah and His Times جي دوران ڪري چڪو آهيان. ارمان. ٻي درسان ملڪ جي ورهاڱي ڪري، هند ۽ سنڌ ۾ ڪهڙو ڪم ٿي رهيو آهي تنهن جي خبر نہ ٿي پوي، جنهن ڪري ساڳئي مضمون ۽ موضوع تي پنهي منڌن تي ڪوجنا ٿي رهي آهي ۽ وقت ۽ پيسو ضايع پيو ٿئي. منهنجي ٿيسز ۾، جا دهلي يونيورسٽيءَ طرفان ڇپيس ۾ ڇپجي رهي آهي، شاهہ صاحب جي حياتيءَ ۽ سندس دور جي سياسي، اجتماعي ۽ اقتصادي حالتن جو جائزو ورتو ويو آهي. منجهس نہ فقط شاهہ جي جنم ۽ موت جي سنن (1690 ۽ 1751) تي روشني وڌي وئي آهي، پر اهو بہ واضح ڪيو ويو آهي تہ سندس عمر 61 سال هئي ۽ نہ 63 سال، جيڪا اڪثر اديبن، تاريخ- نويسن ۽ محققن لکي آهي. اها غلطي ان ڪري ٿي آهي جو هُنن اها هجري سالن (جي ننڍا ٿا ٿين) موجب عيسوي سن سان جوڙي آهي.“

هي خط 18 نومبر1985ع تي لکيو ويو. سال 1986ع ۾ جهانگياڻي صاحب جي ٿيسز ڇپجي وئي، پر سنڌي ۾ اها ورندي سال 1987ع ۾ پهتي، جنهن تي راقم پرپور علمي تبصرو ڪيو (تماهي مهراڻ، 1987/3ع). شايد اهو تبصرو اڃا ڇپيو ئي نہ هو جو ڊاڪٽر جهانگياڻي بہ خدا کي پيارو ٿي ويو. بهرحال ڪتاب کي پڙهيو ويو تہ ڏٺو ويو تہ هن صاحب، شاهہ عبداللطيف جي وفات جي تاريخ 22 ڊسمبر 1751ع، ۽ جنم جو سال 1690ع ثابت ڪيو آهي (35)، جو منهنجي ڪڍيل نتيجي سان بالڪل ٺهڪندڙ هو. منهنجي لطيف تي ڪم ڪندڙن کي گذارش آهي تہ پنهنجي تحقيق دوران عيسوي ۽ هجري ڪئلينڊر جي درست مطالعي طرف توجهہ ڏين، جو بهرحال ايترو ڏکيو ڪم بہ ڪونهي! □□□

REFERENCES AND NOTES

(1) رچرڊبرٽن "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ رهندڙ قومون"، انگريزي ، ص 83، آڪسفورڊ پريس ڪراچي ، 1975ع . ساڳيو ڪتاب 1976ع ۾ خان پبلشرز لاهور پڻ ڇاپيو آهي. لطيف بابت مواد ڪي سنڌي ترجمي ۾ درست منتقل نہ ڪيو ويو آهي (ص ص 80 - 81، سنڌي ادبي بورڊ ، 1971ع) . راقم متعلق مواد جي درست ترجمي جي هڪ ڪوشش ڪئي ، پر پريس جي عدم توجه سبب سود مند نہ ٿي سگهي (لطيف ڊائجسٽ ، آگسٽ 1985ع) .

(2) "ديوان شاه عبداللطيف"، انگريزي مهاڳ، ص vii، ليپزگ، جرمني ، 1866ع. ٽرمپ جو ترتيب ڏنل رسالو وري 1985ع ۾ شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز حيدرآباد ڇپيو آهي .

(3) "ڪجھ سنڌ جو ذڪر"، انگريزي، ص ص 8 ۽ 9، بليونسڪي پريس حيدرآباد، 1882ع .

(4) "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي ،" انگريزي، ص 2، شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز حيدرآباد ، ڇاپو پهريون 1980ع .

(5) "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي" ، سنڌي ، ص 9 ، 1978ع .

(6) "لطائف لطيفي " ، فارسي ، ص 204 ، 1967ع .

(7) " شاه لطيف جي حياتي ، مذهب ۽ شعر"، انگريزي، ص 3، سنگ ميل پبليڪيشنز لاهور ، 1978ع. هي ڪتاب 1985ع ۾ انڊس پبلشرز ڪراچي پڻ ڇپيو آهي .

(8) " سنڌ ۽ ان جا صوفي ،" انگريزي، ص 148، سنگ ميل پبليڪيشنز لاهور ، 1979ع.

(9) "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي"، سنڌي، ص ص 22-26، 1987ع.

(10) سيد حسام الدين راشدي "مقالات الشعراء" ، فارسي ، ص 429 ، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع.

(10 - الف) "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي"، سنڌي، ص 37، 1987ع .

(11) ڊاڪٽر حامد علي قريشيءَ جو آرٽيڪل، ٽماهي مهراڻ، 3-4/1982ع.

(12) "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي"، سنڌي، ص ص 34-35، 1987ع.

(13) ليکڪ جو مضمون "ڀٽ شاه"، ماهوار پيغام ڪراچي ، جنوري 1980ع.

(14) "مقالات الشعراء"، ص 357.

(15) "تحفة الڪرام"، سنڌي، ص ص 388 ۽ 435، سنڌي ادبي بورڊ، 1976ع.

(16) مرزا صاحب جو سنڌي ڪتاب، ص 38.
— مرزا صاحب مرحوم پنهنجي انگريزي ڪتاب (ص 22) ۾ به ساڳي لکت ڇڏي آهي، تڏهن به حاشيي ۾ (ص 22) سن 1155هه ڏني ٿو، جيتوڻيڪ عربي عبارت 1144هه واري ڏني اٿس.
(17) ”لطائف لطيفي“، فارسي، ص ص 19 ۽ 204.
— مير عبدالحسين خود هن مسئلي تي صاف هوندي به، هڪ هنڌ تي عربي عبارت جي قيرقار سان، سن 1155هه (ص 163) نقل ڪيو آهي.
(18) ”تذڪرة مشاهير سنڌ“، جلد 3، ص 90، سنڌي ادبي بورڊ، 1986ع.
— مولوي صاحب ”لطف اللطيف“ ۾ هن واقعي جو سال تہ 1144هه ڏنو آهي، پر عربي عبارت 1155هه واري ڏني اٿس (ص 118، 1978ع).
(19) ”شاهه لطيف جي حياتي، شعر ۽ مذهب“، انگريزي، ص 10، 1978ع.
(20) ”مقدمه لطيفي“، ص 48، ڪراچي يونيورسٽي، 1977ع.
(21) ”مضمون ۽ مقالا“، ص ص 229-230، حاشيو، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، 1978ع.
(22) حڪيم محمد يوسف ڪتري، مضمون، لطيف ڊائجسٽ، آڪٽوبر 1985ع.
(23) ماهي مهراڻ، 1987/4ع.
(24) ”مقالاة الشعراء“، ص 429.
(25) رچرڊ برٽن جو ڪتاب، انگريزي، ص 83.
(26) ”ديوان عبداللطيف شاهه“، انگريزي، ص vii، 1966ع.
(27) ”ڪڇهه سنڌ جو ذڪر“، انگريزي، ص 9.
(28) ”احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي“، انگريزي، ص 25.
— مرزا صاحب لکيو آهي تہ شاهه جو ساليانو ميلو 9 ذي الحج تي ۽ ورسي (14) صفر تي ملهائبي آهي (ص 27، انگريزي).
(29) مرزا صاحب جو انگريزي ڪتاب، ص 25.
(30) مرزا صاحب جو سنڌي ڪتاب، ص 41.
— مرزا مرحوم حاشيي (ص 42، سنڌي) تي ترمب جي ڏنل سال تي ڀرپور تنقيد ڪئي آهي.

(31) "لطائف لطيفي"، فارسي، ص 204 .

— هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو مولوي عبدالرسول قادري صاحب ڪيو، جو ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، 1986ع ۾ ڇپرايو آهي .

(32) ليلا رام جو ڪتاب، انگريزي، ص 2 .

(33) "سنڌ ۽ ان جا صوفي"، انگريزي، ص 189 .

— ڄيٺمل پرسرام هن جاءِ تي سچل سرمست جي ڄم جي سال تي بحث ڪيو آهي ۽ لکيو آهي ته اهو سن 1739 کان سن 1757 جي وچ ۾ هجڻ گهرجي .

(34) ٽماهي مهراڻ، 1985/3ع .

(35) ڊاڪٽر ايس . ايم. جهانگياڻي، "شاهه عبداللطيف اينڊ هز ٽائمز" ص ص 1 ۽ 18، دهلي يونيورسٽي 1986ع .

سهڻيءَ جو سماجي ڪردار

□ ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

سنڌي سماج ۾ سهڻيءَ جو ڪردار هڪ اهڙو منفرد ڪردار آهي، جنهن جهڙو ٻين ملڪن جي سماجن ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. سندس بي ڊپائي ۽ آزاد خيالي بي مثال آهي. سهڻيءَ جي همت، استقلال ۽ ايثار مان اهو اندازو ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي، ته عورت جڏهن پنهنجو عزم ڪندي آهي، ته منجهانئس ضعيفائي نڪري ويندي آهي، ۽ هوءَ پهاڙ کان به مضبوط ٿي پوندي آهي. ان ڪري سنڌ جي سماجي زندگيءَ ۾ سهڻي بهادري، جرئت ۽ قربانيءَ جي هڪ ناقابل شڪست علامت آهي.

سَهسين سانئرَ پوڙيون، سَنڌ پوڙيو ميهراڻ

اسان جي بدقسمتي اها آهي، ته سهڻيءَ جي انهيءَ جرئت منداڻي ڪردار کي؛ سواءِ صوفي بزرگن جي، ٻئي ڪنهن به عالم سڳوري اڄ تائين ڪا مناسب وضاحت ڪانه بخشي آهي. يقيناً ان لاءِ به ڪو مناسب سبب هوندو! ان کان سواءِ اهڙا به ٿي سگهي ٿو ته سنڌي سماج ۾ سهڻيءَ جهڙيون ڪيئي بهادر ۽ اڏول وهون ٿي گذريون هجن، ۽ شاهه صاحب جهڙي عظيم مفڪر جي نظر کان اوجهل رهيون هجن، جنهن ڪري هو هميشه زماني جي ڦهري ڪُنن ۾ لڙهي لهواريون ٿيون هجن، ۽ انهن جي پڪارن جو پڙاڏو ڪنهن ساهڙ سڻيو ئي نه هجي! يا سيئي ساهڙ درياهه جي لهرن کان خوفزده هجن!

ڪَنڌيءَ آيون ڪيتريون، "ساهَڙ ساهَڙ" ڪَن،

ڪُنين سانگو ساهه جو، ڪي "گهوريس" ڪِنو ڳِهڙن (سهڻي: 1-9)

سر سهڻيءَ جو مطالعو ڪندي، قدرتي طور ڪي ذهن ۾ سوال به ايرن ٿا. مثال طور: اسلامي معاشري ۾ زال جو مڙس کي ڇڏي رات جو غيرمرد وٽ وڃڻ نه رڳو معيوب

آهي، پر شريعت جي خلاف به آهي. جيڪڏهن اهو سچ آهي، ته پوءِ سنڌ جي عظيم شاعرن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، جيڪو صوفي درويش هجڻ سان گڏ باشريعت بزرگ انسان به هو، سهڻيءَ جي اهڙي ڪردار کي پنهنجي ڪلام جي زينت ڇو بڻايو؟ ان ڪان سواءِ اهو به ڏسڻ لازمي آهي ته پڙا اهي ڪهڙا سماجي عوامل هئا، جن جي ڪري سهڻيءَ معاشرتي اصولن جي ڀڃڪڙي ڪئي ۽ ان ۾ هوءَ حق بجانب به هئي يا اها بيڌين ارهه زوزائي هئي؟

انهن سوالن جا جواب، اسان کي شاهه صاحب جي سر سهڻيءَ ۽ عام آکاڻيءَ جي سٽاءَ مان آسانيءَ سان ملي سگهندا، پر ان لاءِ لازمي آهي، ته اسان تصوف جي باريڪ نڪتن جي تاويلن سان گڏ، معاشرتي مطالعو به شامل ڪيون، جنهن تي انساني شرافت جي معيار کي پرکيو ويندو آهي.

سڀ ڪان پهريائين اهو قبول ڪرڻو ٿو پوي ته سهڻيءَ جي پختي ارادي، عزم ۽ ايثار کي سامهون رکي، شاهه صاحب تصوف جي رندانه اصولن جي تبليغ ڪئي آهي ۽ انسان جي همت ۽ عظمت جو پرچار ڪيو آهي. شاهه صاحب کي سهڻيءَ جي صرف ايثار ۽ مضبوط ڪردار ئي صوفيانه تعليم لاءِ هڪ بهترين مواد پيدا ڪري ڏنو، جنهن ڪان هن عظيم شاعر بزرگ وڏو استفادو حاصل ڪيو. جنهن ڪري اسان جي عالمن مڪمل طرح صوفيانه ڪتابن ۽ تمثيلن جي آڌار تي سر سهڻيءَ ۾ آيل هر ڪردار کي تصوف جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ ئي پيش ڪيو ۽ سماجي سببن جي ڪابه اهميت ڪانه ڏني آهي.

انهن عالمن سڳورن ۾ پهريون عالم بزرگ، جنهن کي سنڌي ادب ۾ تصوف جي باريڪ نڪتن سمجهائڻ ۾ وڏي اهميت حاصل آهي ۽ تقريباً بعد جا مڙوئي عالم سڳورا سندس ئي تاويلن جي نقش قدم تي پئي هليا آهن، آهي مولوي غلام محمد ولد خان محمد خانزئي، جنهن "منهاج العاشقين" ۾ سر سهڻيءَ ۾ آيل سڀني ڪردارن کي صوفيانه تمثيلون ڏنيون. سندس سمجهاڻي موجب: ساهڙ مان مراد آهي: مطلوب؛ سهڻيءَ مان: طالب؛ ڏم مان: نفس امارو ۽ درياهه مان مراد آهي، شريعت جي واٽ ۾ پند ۽ متابعت محمدي (1).

---

(1) سر سهڻيءَ لاءِ وڏيڪ ڪردارن جي تمثلين لاءِ ڏسجي ڪتاب "منهاج العاشقين" (سنڌي) مترجم: شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو.

هنن مثين مختصر صوفيانه تمثيلن کان سواءِ هيءَ ڳالهه به وسارڻ جهڙي نه آهي، ته سهڻي سراپا تصوف جي پانڊيٽڙي ڪانه هئي. معاشري ۾ سندس حيثيت هڪ سماجي انصاف جي حصول واري فريادي جي به هئي، جنهن کي جيڪڏهن ملامت جي انداز ۾ ڏسجي ته پوءِ ان کي بلا جواز باغيانه ڪردار به چئي سگهجي ٿو. پر اسان جي مفڪرن ۽ دانشورن، خبر نه آهي ته ڇو ان کي نظرانداز پئي ڪيو آهي. درحقيقت اسان جي اديبن ۽ شارحن سهڻيءَ جي فطري ۽ سماجي جذبن کي معرفت ۽ حقيقت ڏانهن منسوب ڪري، تنقيد جي راهن کي به روڪي ڇڏيو، جنهن جي ڪري سر سهڻيءَ ۾ آيل مڙني ڪردارن جا اهي ڪارناما، جيڪي سماجي رخ جا متقاضي هئا، گهڻو ڪري اڄ تائين اوجهل رهيا آهن.

منهنجي هڪ ناچيز راءِ آهي، ۽ لازمي ڪونهي ته پڙهندڙ به ان سان متفق ٿين، اها هيءَ ته جيڪڏهن فراخدليءَ سان ۽ بنان ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي انهن اسبابن تي سوچجي ها، جن سهڻيءَ کي درياهه ۾ ٻڏڻ تي مجبور ڪيو ته هوند سنڌي معاشرو دنيا جي ٻين معاشرن کان گهڻو اڳ انساني حقوق جي حاصلات جو مثالي معاشرو بڻجي پوي ها. پر ٿيو ايئن آهي ته سر سهڻيءَ جي هر ڪردار ۽ عمل کي، چاهي اهو پلو هو يا ٻرو، تصوف جي تمثيل جو رنگ ڏئي ۽ ان کي تحفظ فراهم ڪيو ويو ۽ اهو تحفظ به رڳو سهڻي جي ذات تائين محدود رهيو. بعد جي ڪنهن سورن جي ستايل عورت ۽ سماجي رسمن جي رسن ۾ جڪڙيل عورت درياهه ته ڪُجا، پر جيڪڏهن ڪو واهڙ به پار ڪيو هوندو ته ان جو ڪردار واجب القتل سمجهيو ويو. ڇو ته سماج ۾ باغيانه ڪردار جو حق به رڳو (جيڪڏهن ان کي اسان باغيانه ڪردار چئون ته) سهڻيءَ جي ميراث هو، ۽ ٻين عورتن جيڪڏهن سهڻيءَ جو نقل ڪيو به پئي ته اهو به معاشري ۾ نه رڳو ڌڪار ۽ ڦٽڪار جي لائق ڄاتو ويو، پر ان جو انت موت سان منسوب ڪيو ويو.

سماجي لحاظ کان ڏٺو وڃي ته سهڻيءَ مردن جي مختلف ٽن ڪردارن کي چئلينج ڪيو آهي. انهن ۾ پهريون آهي: 'جابر پيءُ' جيڪو نيائيءَ جي زوريءَ شادي، سندس مرضيءَ بنا ڪان سواءِ ڪرائيندو آهي. سهڻي به ان سڱ کي قبول نه ڪيو، جيڪو سندس والدين سندس مرضيءَ کان سواءِ ڏم سان ڪيو هو. سهڻيءَ جي انهيءَ سماجي اصولن جي باغيانه ڪردار تي شاهه صاحب بحيثيت هڪ مسلم مفڪر ۽ صوفي بزرگ جي، ڪڙي تنقيد به ڪئي آهي، ڇو ته مسلم معاشري ۾ عورت جو مڙس کي

ڇڏي رات جو لڪي ۽ غير مرد سان ملڻ جو عمل يقيناً شريعت جي خلاف هو (1).
ان ڪري شاهه صاحب سهڻيءَ کي تنبيهه ڪندي چيو:

ساري سيک سبق "شريعت" سندو سوهڻي،
طريقتا تکو وهي حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن کي. (سهڻي: 3 - 10)

هن بيت جي آخري سٽ ۾ شاهه صاحب سهڻيءَ کي اصلي عاشق نٿو تصور ڪري، پر عام انسان جي حيثيت ۾ کيس شريعت محمدي ياد ڏياري ٿو، جيڪا هر مسلم مرد خواهه عورت تي لازم آهي. پر ڏنو وڃي ته اڄ تائين اسان جي عالمن سهڻيءَ کي سچو سالڪ ۽ ميهار کي مطلوب يا 'حق' جي نالن سان پڻ منسوب ڪيو آهي. صوفيانه تاويلن ۾ صوفي طريقي موجب سالڪ کي اهو اختيار آهي ته هو معرفت جون منزلون طئه ڪري، وڃي حق کي حاصل ڪري. پر شاهه صاحب جي مٿين بيت موجب سهڻيءَ جي اها معرفت واري منزل ڪانه هئي، پر هڪ عام انسان جي حيثيت ۾ سماج کان پنهنجي حق حاصل ڪرڻ جي صرف جدوجهد هئي ۽ اُن جدوجهد ۾ سندس فطري جذبا ۽ ايثار واري خاصيت ئي ساٿي هئا، جڏهن ته شريعت جا قوانين ۽ سماجي رسم رواج هن جي راهن جي اڳيان پهاڙ جيئن حائل هئا.

هتي هڪڙي اهم ڳالهه، جنهن اسان سڀني جو وڌيڪ توجه لهڻو، ته شريعت جي قوانين جي پابندي رڳو عورت لاءِ لازم ڪانهي، ان جي پابندي مرد توڙي عورت تي يڪسان حائل ٿئي ٿي. پر رڳو شريعت جي مڙني اصولن جي پابندي عورت هجي، ۽ مرد پاڻ کي انهن سڀني سان آزاد ڇورائي، ته اهو عمل خود شرعي قانونن کان انحراف جي مترادف آهي. ان لحاظ کان ڏسندا سون ته سهڻيءَ جي ٻيءَ تي به شريعت محمدي جو حق هو ته هو پنهنجي نيائيءَ کان ڏم سان شاديءَ متعلق رضامندي حاصل ڪري ها، پر هن ايئن نه ڪيو.

عام ڪهاڻيءَ جي سٽاءَ ۾ آيل آهي ته سهڻيءَ جو مڱڻو ڏم سان ننڍي لاڪر

(1) پنجاب توڙي سنڌ جي عام ڪهاڻين جي سٽاءَ موجب سهڻي ۽ ميهار مسلمان هئا. ان کان سواءِ شاهه عبداللطيف توڙي سنڌ جي ٻين صوفي شاعرن جي سر سهڻيءَ جي نظمي سٽاءَ ۾ خطاب به انهن شخصيتن تي ٿيل آهي، جن جو تعلق پڻ مذهب اسلام سان هو. جنهن ڪري يقين آهي ته سهڻي ۽ ميهار مسلمان هئا.

ٿيل هو. ڏٺو وڃي ته اهو عمل به شريعت جي مطابق ڪونهي (1). البت اهڙي رسم چاهي اها پلي هجي يا بري، هڪ پيرو ڪنهن سماج ۾ مروج ٿي ويندي آهي ته ان کي ٽوڙڻ نه رڳو ڪٺن هوندو آهي، پر ٽوڙڻ وارو عمل به بغاوت سان تعبير ڪيو ويندو آهي. شاهه صاحب سهڻيءَ کي اهڙن سماجي خوف خطرن کان به واقف ڪيو آهي:

متان گهڙين، سوهڻي! اڄ درياهه ۾ دم،
ڪاري رات ڪنن ۾، کهڙو اٿئي ڪم؟
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي وارين. (سهڻي: متفرق - 6)

پر جيڪو انسان سماج کان پنهنجي فطري حقن جي پائمالي اڪين سان ڏسندو آهي ۽ ان آڳ ۾ پڇرندي خود قربانيءَ جي جذبي سان سرشار ٿي ويندو آهي ته اهڙي انسان جي عزم کي ڪوبه خوف ۽ خطرو مايوس نه ڪري سگهندو آهي.

پڇي پاڙي واريون، ڪوهه ڪريندو ڏم؟
ڪاري رات ڪنن ۾، آهم ڪاڻيارن ڪم،
هي هڏو ۽ چم، گهورئو محب مهار تان. (سهڻي: متفرق - 7)

شاهه صاحب هڪ عارف انسان هو. هو مرد توڙي عورت جي فطري خوبين خواهه خامين کان واقف هو. هن صوفي بزرگ کي انساني سياڻ ۽ معاشرتي علم خواهه شرعي علم جي مڪمل ڄاڻ هئي. جتي هو سهڻيءَ کي شريعت جي اصولن ۽ سماج جي رسمن جي پابندي ياد ڏياري ٿو، اتي ساري انسان ذات کي، بنان ڪنهن مذهبي امتياز جي، سندن اهو وچن به ياد ڏياري ٿو، جيڪو انسان ذات عالم - ارواح ۾ خالق - ڪائنات سان ڪيو هو:

'الست' ارواحن کي، جڏهن چيائين جي،
'قالوابليٰ' قلب ۾ ٿئو تفاعل تي،
مڃتي مهار جي، آئون نهوڙي نيهه،
سرتيون! ساهڙ سي، هلڻ مون حق ٿئو. (سهڻي: 6-5)

---

(1) سان شريعت محمدي جو عالم ته ڪونه آهيان پر عام مسلمان جي حيثيت ۾ انهيءَ اندازي ڪرڻ لاءِ مجبور آهيان ته پنهي نمونن ۾ سهڻيءَ جي شادي ڏم سان شرعي اصولن موجب مناسب نٿي لڳي. وڌيڪ لاءِ عالم سڳورن کي التجا آهي ته هن ڏس ۾ اسان جي رهبري ڪن ته جيئن اسان جهڙن عام انسانن لاءِ به راهه روشن ٿي سگهي.

هن بيت جي مفهوم خواهہ قرآن شريف جي تاويل موجب: ”قالوا بليٰ“ جو اطلاق اجتماعي آهي، ۽ نہ انفرادي. اهو وچن عالم - ارواح ۾ سڀني روحن ڪيو هو، رڳو عورتن جي روحن ڪونہ ڪيو هو. ان ڪان سواءِ انهيءَ وعدي جو تعلق نہ رڳو حقوق الله سان آهي، پر حقوق العباد سان پڻ آهي. جيڪڏهن مرد جي ذات پاڻ کي اتم سمجهي، ۽ حقوق - نسوان کي پنهنجي انا خاطر پائمال ڪندو رهي تہ چڻ هو خدا وند تعاليٰ سان ڪيل وعدي جي خلاف ورزيءَ جو مرتڪب ٿئي ٿو.

ان کان سواءِ جيڪڏهن اسان (مرد) آڏوڏائي ۽ ڏاڍ کي پاسيرو رکي ۽ پنهنجي ضمير کي گواهہ بنائينداسون تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ جڏهن هڪڙو طبقو مسلسل خدا سان وعدي خلافي ۾ ڪندو رهي ۽ ٻئي طبقي جي حقن جو استحصال ۾ ڪندو رهي تہ پوءِ لازمي آهي تہ ٻيو انساني طبقو بہ بغاوت تي اڀرندو ۽ جنهن جي ذميواري رڳو هڪ طبقي (عورتن) تي مڙهڻ مناسب نہ آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهہ صاحب سهڻيءَ جي حجت کي پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ هوءَ چوي ٿي:

سرتيون! ساهڙ سين هلڻ مون حق ٿيو.

شاهہ صاحب سهڻيءَ جي انهيءَ سماجي ڪردار کي بغاوت نہ پر حق جي تلاش سان منسوب ٿو ڪري:

هئي طالب حق جي، توڏي لاڪون توڙ. (سهڻي: 3-6)

سهڻيءَ مرد جي ٻئي جنهن ڪردار سان بغاوت ڪئي، اهو آهي، زوريءَ مڙهيل مڙس، جيڪو مرداني خاصيتن کان خالي هوندو آهي. اهڙو مڙس جيڪو زال کي اٿندي ويهندي مهڻا ڏيندو رهي ۽ سندس زندگي بہ زهر ڪري ڇڏي، اهڙو مرد عورت کي زندگيءَ سان هم آهنگ ٿيڻ جي بجاءِ بغاوت تي مجبور ڪندو آهي:

ڏم ڏيهائي ڏي، سندا ميهر ميهڻا،
جهليم ٿي جهولي ۾، ٻل‍ءَ پائيو سي،
مرُ جان چاليه- جي، سڱا سيرين جي. (سهڻي: 5-13)

سر سهڻيءَ ۾ مرد جو ٽيون اهڙو ڪردار آهي، جيڪو سهڻيءَ جي ڪردار اڳيان تہ جي برابر آهي — ۽ اهو آهي، ٻي همت محبوب، جنهن سان سهڻيءَ لنؤ لاتي هئي. مرد جي حواليءَ سان ميهار کي درياهہ کان ڊڄڻ نہ گهربو هو، پر هن سر ۾ اسان ڏسون ٿا تہ (سماجي طور) ميهار انتهائي بزدل آهي. جڏهن سهڻي درياهہ ۾ ٻڏي پئي تہ هو مهاڻن کي مدد لاءِ پڪاري ٿو:

ميهار ملاحن کي، آيو ڪري سڏ،
ادا! انهين پار جا، موڙي اچو مڏ،
وڻا جي وهه گڏ، هلو ته ڏوريون ان کي. (سهڻي: 7-6)

بلاشبہ سر سهڻيءَ ۾ اسان ڏسون ٿا ته سهڻي اهڙي عورت نظر نٿي اچي، جنهن لاءِ معاشري ڪيس ڪمزور ۽ هيڻي سڏيو آهي. پر هوءَ پنهنجن ارادن ۽ اصولن ۾ اڏول نظر ٿي اچي ۽ اهائي سندس عظمت آهي، جو سنڌ جي عظيم شاعرن ۽ شاهه عبداللطيف هن جي ڪردار کي پنهنجي ڪلام جي زينت بنايو آهي. سنڌ جي صوفي بزرگ شاهه صاحب جي نظر ۾ سهڻي قصوروار ڪونه هئي، پر مرد جي جبر ۽ ڏاڍ ڪيس اهڙي قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو هو ۽ اهو سندس فطري حق به هو، جيڪو شاهه صاحب کليءَ دل سان قبول ڪيو.

سهڻي ڪي سنگار، اڻ لکئا اڳي هئا،
ڪَيْن فيڪونءَ کان هئي نڪا پي پچار،
مرڪي ساڻ مهار، لايائين لنءَ لطيف چي. (سهڻي: 6-2)

دراصل سهڻيءَ سماج ۾ اهو ڏيکارڻ گهريو آهي ته عورت سان سماج ۾ برابريءَ جو ورتاءُ ڪيو وڃي. جيڪڏهن مرد پنهنجي ضدي طبيعت کان باز نٿو اچي ۽ عورت جي فطري حقن کان انحراف ٿو ڪري ته پوءِ عورت به پنهنجي حق حاصل ڪرڻ لاءِ پوئتي موٽڻ واري نه آهي.

سهڻي پنهنجي فطري حقوق جي تڪميل خاطر نه رڳو سماج جي ڪٽڻ ڪرتوتن ۽ برين رسمن سان ٽڪر کاڌو آهي، پر هوءَ درياهه جي دهشت ۽ وحشي جانورن جي هيبت کان به خوفزده ڪانهي. تنهنڪري سهڻيءَ جو ڪردار سنڌي سماج ۾ نه رڳو آزاديءَ جو اهڃاڻ آهي، پر سورهيائي، سچائي، ايثار، ۽ بردباريءَ جي علامت پڻ آهي.

ڪاري رات ڪچو گهڙو، مٿاءِ وسي ميهُ،
هڪو ڀؤ ميهار جو، ٻئو سانيارا سيهُ،
شال م ڇڄي نيهُ، گهڙان گهورئو چنڊڙو! (سهڻي: 6-15)

آخر ۾ هڪڙي ڳالهه جنهن کي ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي، ته سهڻيءَ جي اها سماجي بغاوت اهڙي دور ۾ منظر تي آيل آهي، جنهن دور ۾ پاڙي واري ملڪ (هندستان) جي سماج ۾ زندهه عورت کي سندس مڙس جي لاش سان گڏ ساڙڻ تي نه رڳو مجبور ڪيو ويندو هو پر مجبور به ڪيو ويندو هو. سهڻيءَ جي ڪردار مان اهو

ثبوت ملي ٿو ته اهو سنڌي سماج ٺلي هو (1). جٿي عورت پنهنجي فطري حق حاصل

(1) عام طرح سهڻي ۽ ميهار لاءِ به مختلف رايا آهن: ڪن جو خيال آهي ته سهڻي ۽ ميهار جو تعلق پنجاب سان هو ۽ ڪن جو دليل آهي ته سندن تعلق سنڌ سان هو. ان لاءِ اسان جي سنڌي عالمن وٽ به متضاد رايا آهن، جن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سهڻي ۽ ميهار جي قصي کي پنجاب جي شهر گجرات سان منسوب ڪيو آهي (شاهه جو رسالو- جلد 2، ص: 386)، جڏهن ته شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ (سر سهڻي، ص: 13) ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (سهڻي ميهار ۽ نوري ڄام تماچي، ص: 2) سهڻي جي قصي کي خالص سنڌ جو قصو سڏيو آهي. انهن عالمن جيڪي دليل ڏنا آهن، آهي پنهنجي جاءِ تي اهم آهن. پر هڪڙو دليل هيءُ به ڏئي سگهجي ٿو، جنهن مطابق سهڻي ۽ ميهار جي قصي جو تعلق پنجاب سان نٿو ٿي سگهي. پنجاب جي شاعرن وٽ نظمي سٽاءَ موجب چيل آهي ته سهڻي 'تلا' نالي ڪنڀار جي ڌيءُ هئي. هتي سوچڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته جيڪڏهن سهڻي ڪنڀار جي ڌيءُ هئي، ته يقيناً ڪنڀارڪي هر وٿ کان واقف به هوندي. ڇو ته اهو سندس ورثو هو. پر اسان ڏسون ٿا ته سهڻيءَ جو موت 'ڪچي گهڙي' جي ڪري واقع ٿيو هو. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڪنڀار جي ڌيءَ کي هٿ وجهڻ سان اهو ڇو نه معلوم ٿيو ته 'گهڙو پيلو' هو، جيڪو سندس نشان رکي وئي هئي؟ اسان کي اها خبر آهي ته 'ذڪر جي سڻي ٽانون ۾ پڪي ۽ پيلي جي سڃاڻپ هٿ جي آڱر جي ڌڪ هڻڻ يا ڇهاءَ واري آواز سان ڪئي ويندي آهي، ۽ نه ڏسڻ سان. جڏهن سهڻي ڪانهه جي ٻوڙي مان گهڙو کنيو هوندو ته پيلي جو ٻاڙو آواز ضرور ٻڌڻ ۾ آيو هوندس! ان کان سواءِ جنهن ذلي سان روزانو درياهه پار تري ويندي هئي، اهو ته پاڻيءَ ۾ رچي ويو هوندو. انهيءَ رچيل گهڙي ۽ ڪوري گهڙي جي آواز ۾ سهڻيءَ کي ڪوبه فرق محسوس نه ٿيو؟ ۽ جي نه، ته پوءِ يقيناً سهڻي ڪنڀار جي ڌيءُ نه هئي، پر ڪنهن ٻي ذات سان تعلق هوس. ان کان سواءِ هيءُ به سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي، ته گهڙي تي درياهه ۾ ترڻ خاصو ڪٺن ڪم به آهي. ڪنڀار ۽ موهن درياهه جو ڇڱو متضاد معاملو به آهي. دراصل درياهه ۾ گهڙي تي ترڻ لاءِ چڱي پلي تجربي جي ضرورت آهي ۽ اهوئي ماڻهو تري سگهندو، جنهن جو درياهه سان ننڍپڻ کان واسطو هوندو. اسان ڏسون ٿا ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪٿي به سهڻيءَ کي ڪنڀار جي ڌيءُ نه ڏيکاريو آهي، پر ڪٿس 'ڪلال' کان گهڙو خريد ڪرايو آهي:

(ڏسو صفحو 168)

ڪرڻ جي جدوجهد ڪري رهي هئي. بلاشبه عورت جي اهڙي جرئتمنداڻي عمل جي تخليق جو سهرو وري به سنڌي معاشرت جو مرهون منت آهي، جنهن سهڻيءَ جي جرئتمنداڻي قدم کي توهين جي نظر سان نه، پر ايثار جي مفهوم ۾ منظر تي آندو.

سرج وٽ مهار، متان موٽين، سوهڻي!
ساهڙ جا سنگار، متان ڏم ڏيکارين. (سهڻي: 9-4)□□□

(آنديل صفحي 167 تان)

ڪچو ڪيان ڪنيار، اوڪي؟ ڪنئون آئيين،
ڪ تو ڪنين نه سُئي؟ پيلي تي پلڪار،
لوڙهيا لک لطيف چئي، ڪوڙين ڪارنيار،
اڪارين، آذار! آرا آڪي واريين. (سهڻي: 8-6)

هن مان واضح ٿو ٿئي ته سهڻيءَ جو تعلق سنڌ سان هو ۽ نه پنجاب سان. پنجاب جي شاعرن انهيءَ قصي کي پنڌ سنڌ جي بنياد تي منظوم ڪيو آهي، جن ڪبي معاشري جي صحيح معلومات کان هئي.

موضوع جي مناسبت سان هيٺيون تصور به ملاحظ فرمايو:

پڪو ڪڇ پاڻ سين، چڱو چتائي،
ڪچو ڏيج ڪبلال کي، مٿه تي ميونائي،
سوسڻ هيين سين، سوهڻي! جيڪين فائق فرمائي،
موجون منجهائي، مارينئي مهراڻ جيون. (سهڻي: 8-19)

سماجي علوم ۾ تحقيق جي ٽيڪنڪ (ڀاڱو پهريون)

□ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو

1 - مقاصد - تحقيق

اسان علم - تحقيق* جي سوال تي لکيو آهي ته سماجي علوم يا علوم عمرانيءَ ۾ به تحقيق جو علم سائنس جي بنياد تي ڪم ڪري ٿو ۽ هن طرح سائنس جي هيٺ ڏيکاريل خصوصيتن کي عمل ۾ آڻي ٿو:

(i) مقصد اهو ٿو رهي ته عقلي جستجو ۽ تلاش جي وسيلي نيون حقيقتون معلوم ڪيون وڃن.

(ii) تحقيق ڪي انسان جي ارادتي ڪوشش ٿي سمجهيو ٿو وڃي جنهن ۾ طريقي، عقل ۽ استدلال کي ڪم آندو ٿو وڃي.

(iii) حاصل ڪيل حقيقتن جي معرفت وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جو ڪم سائنسي اصولن تحت ڪيو ٿو وڃي.

هن طرح سماجياتي يا سماجي علوم جي ڪنهن به سوال تي محقق جي لاءِ علم - تحقيق جي بنياد سان لاڳاپو رکڻ ضروري ٿو ٿئي؛ جيڪو مٿي ڏيکاريل ٽن ڳالهين سان ٻڌل آهي. اهي ٽيئي اصول لهجي ۽ حياتياتي علوم ۾ تحقيق ڪرڻ جي لاءِ ايترو ئي ضروري آهن.

2 - سماجي علوم ۽ تحقيق جو دائرو

هن دائري کي ٽورن لفظن ۾ بيان ڪجي ته به ايترو ته چئي سگهبو ته سماجي علوم جي حالت ۾ به تحقيق جو تعلق انهيءَ عقلي ۽ عملي "حاصلات" سان آهي جنهن جي مدد سان (i) انسان جي سماجي سوالن جا جواب حاصل ڪري سگهجن، (ii) ان ۾

* علم - تحقيق جو نسخو قلمي آهي ۽ ڪتابي صورت ۾ شايع نه ٿيو آهي.

سائنسي طريقن جو استعمال ڪيو وڃي ۽ (iii) ان جو دائرو ايترو وڏو هجي جو اهو امڪاني حقيقتن يا امڪاني دنيا تائين مقرر ڪري سگهجي.

هن طرح سان سماجي علوم جي دائري اندر رهي به تحقيق تي ويچار ڪبو ته معلوم ٿيندو ته هيٺ آيل ڳالهيون ضروري آهن:

(i) حاصلات (Discovery)

(ii) مسئلا (Problems)

(iii) عملي جواب (Practical Answers or Solutions)

(iv) سائنسي طريقو (Scientific Method)

(v) اسباب جي دنيا (Knowable World)

"حاصلات" جو مطلب آهي، اها نئين معلومات جيڪا عقلي جستجو جي مدد سان حاصل ڪئي وئي هجي. حاصلات ۾ وڏيڪ شين جي معلومات به شامل آهي ۽ هڪ نئي شيء جي وڌيڪ معلومات به شامل آهي.

سائنسي طريقي جو دائرو ٽن ڳالهين تائين ته گهٽ ۾ گهٽ رکيو آهي: (i) مسئلو ii) مفروضو (پڙانيون) ۽ (iii) مسئلي جو عملي حل.

3- سماجي علوم ۽ طبي حياتياتي علوم

"سماجي علوم تي به سائنس جو اطلاق بلڪل ٺي اهڙيءَ ريت ٿئي ٿو جهڙيءَ ريت علوم طبعي تي ٿئي ٿو. هن طرح سماجي علوم ۾ به سائنس خيالي دنيا ۽ مادي دنيا جي وچ ۾ هڪ لاڳاپو پيدا ڪري ٿي. هڪ شيء اها آهي جنهن کي "حق محض" يا "سچ محض" ٿو چئجي ۽ ٻي شيء اها آهي جنهن کي اهو سچ ٿو چئجي جيڪو اسان عام طور تي ڪنهن شيء ڏانهن منسوب ڪريون ٿا. هنن ٻن حقيقتن جي نمونن جي وچ ۾ اوچتوئي اوچتو ۽ معجزاتي طور تي هڪ تصادم تي ٿو پوي. هي تصادم اصل ۾ انسان جي انهيءَ جستجو جو نتيجو آهي جيڪا بي قراري ۾ انسان بهتر کان بهتر تائين پهچڻ لاءِ اختيار ڪري ٿو." (1). (ترجمو آزاد آهي).

"سائنس جيڪو طريقو اختيار ڪري ٿي، اهو عينيت تي ٻڌل آهي، ڪنهن نه ڪنهن ترتيب سان تعلق رکي ٿو ۽ عقلي ۽ منطقي اصولن ۽ قاعدن تي ٻڌل ٿئي ٿو. ان جو پهريون حرف اهو آهي ته پروسي جهڙي معلومات گڏ ڪري. هن طرح سائنس ترتيب ۽ نظام (System) جو هڪ نمونو آهي جيڪو معلومات سان تعلق رکي ٿو پر سائنس

ڪنهن به علم جي ذخيري جو نالو نه آهي. " هيءَ ڳالهه سماجي علوم تي تحقيق جي حالت ۾ به درست آهي.

"سائنس ان نڪتي وٽان شروع ٿي ٿي جتي مشاهدن مان حاصل ڪيل معلومات جو ذخيرو گڏ ٿو ٿئي ۽ پوءِ ان مان ساڳي نوعيت جي معلومات کي جدا ڪري ان ۽ انهيءَ معلومات جا حوالا ۽ بنياد معلوم ڪجن ٿا ۽ انهن جو هڪ جدا طبقو (Class) مقرر ڪجي ٿو." (2)

سماجي علوم جي باري ۾ ڪنهن به سوال تي تحقيق ڪرڻ جي لاءِ به سائنس جي عقيدي جا بنياد ئي اختيار ڪرڻا پوندا آهن. هن طرح تحقيق يا علم تحقيق جو به هڪ نصاب يا ڪوڊ مقرر هجي ٿو. مثال:

(i) عقلي شهادت تي پورو ڀروسو. (Reliance)

(ii) تعلق رکڻ وارن تصورن جو استعمال.

(iii) عينيت جي باري ۾ اهو ايمان ته اهوئي سچ آهي ۽ ان سان ئي وفادار رهڻو آهي. (Commitment)

(iv) اخلاقي طور تي اهو ڀروسو رکڻ ته تحقيق جي حالت ۾ محقق کي غير جانبدار رهڻو آهي ۽ ڪنهن به تعصب، جذبي، يا دلچسپيءَ توڙي پسند کي دخل انداز ڪرڻو ناهي.

(v) اهو ڀروسو هر هڪ حالت ۾ رکڻو آهي ته هٿ آيل سڄي مواد مان رڳو ايترو ڪم آئي ٿو سگهجي جنهن مان "هڪ جهڙائي" (Generality) ظاهر ٿئي.

(vi) اڳڪٿي صرف "هڪ جهڙائيءَ" جي دريافت کان پوءِ ئي ممڪن آهي.

(vii) نتيجا جيڪي به نڪرن تن کي ٻيهر آزمائڻ ضروري آهي ۽ ان حالت ۾ هڪ دفعو سڄو "سلسلو" (Process) وري دهرائڻو آهي.

ڏسجي ٿو ته تحقيق جي حالت ۾ اهي ڳالهيون جيڪي طبي سائنس سان تعلق رکن ٿيون تن جو اطلاق سماجي علوم تي به جنهن حد تائين ممڪن هجي، ڪيو وڃي ۽ ڪرڻو آهي.

4- ٻه وڏا اصول (ڪلي ۽ جزي حقيقتون)

هڪ تصور کان گهڻن تصورن تائين پهچڻ (Inductionism) ۽ گهڻن تصورن کان هڪ تصور تائين پهچڻ (Deductionism) جا ٻه منطقي طريقا سماجي علوم ۾ به اختيار ڪرڻا آهن. هن ڳالهه کي هيئن سمجهي سگهجي ٿو ته:

ڪي حقيقتون زماني، تاريخ، حالتن ۽ واقعن جي روشنيءَ ۾ آزمايل، دهرايل ۽ مڃيل ٿين ٿيون. اهڙين حقيقتن مان جيڪڏهن هڪڙيءَ ڪي بنياد بنائي مطالعو ۽ جائزو اختيار ڪبو ته ان جهڙيون ٻيون ڪي حقيقتون به معلوم ٿي سگهن ٿيون. انهيءَ اصول ڪي ”انڊڪشن“ (Induction) چيو ٿو وڃي. هي به منطق جو هڪ اصول يا قانون آهي.

هن طرح گهڻيون لاڳاپيدار ۽ هڪجهڙائي رکندڙ حقيقتون معلوم ڪري پوءِ انهن جي روشنيءَ ۾ مستقل هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي واحد حقيقت معلوم ڪجي ته اهو به منطق جو هڪ اصول آهي جنهن ڪي ”ڊڊڪشن“ (Deduction) ٿو چئجي. واحد حقيقت ڪي ”ڪُل“ (Universal) ٿو چئجي ۽ گهڻن هڪ جهڙن تصورن تي ٻڌل حقيقتن مان هر هڪ ڪي ”جُزُ“ (Particular) ٿو چئجي. هن طرح ”جُزَ“ کان ”ڪُل“ تائين وڃبو ته اهو ”جُزي“ طريقو چئبو پر جي ”ڪل“ کان ”جُزَ“ تائين وڃبو ته اهو ”ڪلي“ طريقو چئبو. هيءَ ڳالهه به طبعي حياتياتي توڙي سماجي علوم سڀني تي هڪ جهڙي لاڳو آهي.

استدلال ۾ به هي ٻئي طريقا ڪم اچن ٿا. هن قسم جي استدلال ڪي منطقي يا عقلي استدلال چيو ٿو وڃي. ”علم ڪلام“ جو بنياد هنن ٻن اصولن تي رکيو ويو هو. اصل ۾ هي طريقا يونان جي منطق تي ٻڌل آهن ۽ ارسطو هنن طريقن جو ماهر ليکيو ويندو هو پر مسلمانن هنن طريقن جي سائنسي ”طرز عمل“ ڪي سمجهائڻ ۽ اختيار ڪرڻ ۾ تمام وڏو ڪم ڪيو.

هن طرح جو منطق گهڻن تصورن ڪي ڇنڊي ڇاڻي يا انهن تي استدلال ڪري ڪنهن به هڪ قانون يا نتيجي تي پهچڻ جي لاءِ ڪم آندو ويندو آهي. هن حالت ۾ ”تصور“ ڪي ”ايگزيم“ (axium) ٿو چئجي.

5- مسلم تصور

هن حالت ۾ مسلم تصور (axium) جي باري ۾ ياد ڪرڻ گهرجي ته:

(i) مسلم تصور اهي اهڃاڻ آهن جن سان سائنس پنهنجو ڪم ڪري ٿي.

هن جو مطلب ته مسلم تصور سائنس جا آهي اوزار آهن جن ڪي لسانياتي اوزار چيو ٿو وڃي. اهي اوزار جهڙا طبعي حياتياتي تحقيقاتي ڪم ڪن ٿا تهڙائي سماجي علوم ۾.

(ii) هن قسم جا تصور تڏهن تا حاصل ٿين جڏهن انسان محقق پنهنجن انفرادي اميدن تي لت ٿو ڏئي، پنهنجين خواهشن کي لتاڙي ٿو ڇڏي ۽ پنهنجي وجدان جي دنيا جا دروازا به هميشه لاءِ بند ڪري ٿو ڇڏي. انهيءَ ڪري سائنسي طريقي جا نتيجا ڏڪوئيندڙ به ٿين ٿا جو هن حالت ۾ ”ڪوڙن بتن“ (False Idols) کي قتل ڪرڻو ٿو پوي. اِها ڳالهه تصوراتي ادب ۽ شاعريءَ ۾ ممڪن ئي نه آهي. جيئن اسان سمجهون ٿا ته هن طرح هڪ محقق به ”بت شڪن“ ۽ سچو مؤمن آهي. انهيءَ ڪري تحقيق ڪرڻ ۽ فڪر ڪرڻ جو تاڪيد دنيا جا سڀئي مذهب به ڪن ٿا. ڪن حالتن ۾، جيئن سمجهه ۾ اچي ٿو، دور جاهليت جي بتن جي موجودگيءَ ۾ خدا واحد جي تصور تائين پهچڻ جو ڪم به هڪ استدلال ۽ منطق جو ڪم آهي جنهن جي مدد سان انسان ”توحيد“ جيڪو تحقيق ۾ ڪُلي (Universal) آهي، تائين پهتو هو. هر مذهبي عقيدي مطابق هيءَ دريافت عقلي نه هئي پر وحي الاهيءَ جي مدد سان حاصل ٿي هئي. *

علم تحقيق ۾ اجتهاد جي لاءِ چيو ويندو آهي ته ”ڪوڙا بُت سڀئي پڇ“. (Kill the false idols) اهوئي ڪم حضرت ابراهيم به ڪيو هو. حضرت ابراهيم هڪڙو استدلال به ڪيو هو جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ آيو آهي. هن باري ۾ هڪڙو سونهري نقطو اِهو آهي ته ”پُڌ پلي هر هڪ جي، پر فيصلي جي لاءِ پنهنجو عقل ڪم آڻ.“ سنڌيءَ ۾ ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي جو چيو ٿو وڃي ته ”ڳالهه ڪجهي الله لڳ، پر سوڻو ڪنجهي پاڻ لڳ.“ آءٌ پايان ٿو، هت تحقيق ڪرڻ معنيٰ ”الله لڳ ڳالهه ڪرڻ“ يا غيرجانبداريءَ سان هلڻ.

هن باري ۾ ماهرن ڪي نقطا بيان به ڪيا آهن جيڪي سڀ مسلم تصور آهن. مثال طور:

(i) ظاهر تي نه لڳ. (ظاهر: Appearance)

(ii) مفروضو اهو نه آهي جيڪو تنهنجي دل کي وڻي. (Personal Interest)

---

* ”ترقي پسند ادب“، مضمون، ليکڪ: ”ادب دوست“، روزنامه هلال پاڪستان ڪراچي جو ادبي صفحو، 1975ع.

(iii) تحقيق ڪان اڳ ۾ ٻي ڪنهن کي پنهنجو رهبر نه سمجهه. ڪنهن جي به خيال کي سَنَد ڪري نه وٺ. (Blind faith in personality.)

(iv) اُئين نه ڄاڻ ته نظرين ۾ ڪو به استدلال ڪان اتم ۽ بالا هوندو آهي. (Nothing is above logic.)

(v) ڪنهن جي ڊر نه ٿيءُ. ڪنهن به قدر يا وٽ سان پرچي ويهي نه رهه جو ٻي ڪا قدر تو وٽ جاءِ ئي وٺي نه سگهي. (Be impartial and have place for more.) هن عيب جي ڪري نظرين جا پوئلڳ متعصب ٿين ٿا جو اهي محقق نه آهن.

سائنسي تحقيق جي سوال کي علوم عمرانيءَ تي لاڳو ڪرڻ لاءِ اسان کي معلوم هجي ته "سائنس رڳو هڪ حقيقت کي سمجهڻ جي لاءِ اڳيان آئي ٿي. سائنس ڪنهن شيءِ يا تصور کي آخري سمجهي ان کي قبول ڪرڻ جي لاءِ مجبور نه ٿي ڪري"(3).

معلوم هجي ته سائنس جي معيار جو فيصلو انهيءَ بنياد تي ئي ڪري ٿو سگهجي ته ڪنهن به "حقيقت" کي هٿ ڪرڻ لاءِ "هڪجهڙائي" جو معيار ڪيترو بهتر حاصل ڪيو ويو هو. هت نه رڳو "هڪجهڙائي" پر "هڪجهڙائيءَ جو معيار" به گهربل آهي.

هن بنياد تي علوم عمرانيءَ جي ڪنهن به سوال تي تحقيق هڪ مشڪل معاملو آهي. اها ڳالهه طبعي سائنس يا علوم طبعيءَ جي حالت ۾ آسان آهي جو مادي شين جي طرز عمل ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ اصولن ڪان ٻاهر رهڻ جو امڪان گهٽ آهي. اهي شيون انسان جي مرضيءَ تي هلڻ واريون نه آهن.

6 - تحقيق ۾ هڪجهڙائي (Generality)

تحقيق ۾ هڪجهڙائيءَ جي معنيٰ آهي شين، جسمن، تصورن، قدرن ۽ معيارن جي هر هڪ "گروهه" (group) ۾ انفرادي طور تي هڪجهڙي عمل ۽ هڪجهڙي رد عمل جو هڪ "سلسلو" (thread) جدا جدا حالتن ۾ هميشه "هڪجهڙو" ۽ "موجود" رهي.

هاڻي ظاهر آهي ته سماجي علوم جي حالت ۾ هڪجهڙائيءَ جو معيار مادي شين جي گروهن جي مقابلي ۾ هڪجهڙائيءَ جي خيال ڪان گهٽ آهي، ان ڪري سماجي تحقيق جو معيار به مادي شين تي تحقيق جي مقابلي ۾ مختلف ۽ گهٽ معيار واريءَ سائنسي تحقيق جهڙو هوندو آهي. هر سماجي علوم تي تحقيق جو ڪو به طريقو

غيرسائنسي پوءِ بہ تي نہ ٿو سگهي جو جيئن سچ رکيو هڪ آهي تيئن ان جي باري ۾ تحقيق جو نمونو بہ هڪ آهي ۽ هن تحقيق جي لاءِ سائنس جا اصول بہ مختلف نہ آهن ۽ اهي پنهنجي جاءِ تي قائم ۽ اٽل آهن.

پوءِ پهلا سوال ٿو پيدا ٿئي تہ سماجي علوم جي ڪنهن سوال کي يا پاڻ انهن علمن مان ڪنهن بہ هڪ کي سائنس ڪيئن ۽ ڇو ٿو سڏيو وڃي؟ جواب جي لاءِ حوالو ۽ حجت موجود آهي:

”سماجي علوم ۾ اڳڪٿي ڪرڻ جو امڪان گهٽو گهٽ آهي پر تہ بہ سماجي علوم علمن (Sciences) جهڙا علم آهن. البت آهي سماجي علوم جي مقابلي ۾ گهٽ پختا (Inexact) آهن. سائنسي علم اهو علم آهي جيڪو سدائين هڪڙي معيار ۽ برابر معيار جي حقيقتن جو علم ڪونہ ٿو ڏئي پر آهو هڪ اهڙو معلوماتي مواد ڏئي ٿو جنهن جي پختائي ڪڏهن گهٽ تہ ڪڏهن وڌ هوندي آهي. اهڙي معلوماتي مواد جي ”يقين“ (Certainty) جي حالت بہ هميشه جهڙي نہ هوندي آهي. هن حالت ۾ اهڙي مواد جا چار درجا ٿين ٿا:

(i) انتهائي غيريقيني (Unsure)

(ii) يقين ڪرڻ جي ويجهو (Nearly Sure)

(iii) غيريقيني (Non Sure)

(iv) اٽل ۽ پختو (Certain) (4)

انهيءَ ڳالهہ کي محقق هميشه خيال ۾ رکن ٿا تہ سماجي علوم هوريان هوريان پنهنجي اها صلاحيت وڌائيندا ٿا هلن جنهن کي ”پوٽينشل“ (Potential) ٿو چئجي. انهيءَ قسم جي هڪ ”سلوڪ“ (Trend) کي بار بار معلوم ڪيو ويو آهي ۽ هن طرح سماجي علوم ۾ هي مشاهدو هڪ گمان ڪئي جنم ڏئي ٿو. البت ”گمان“ (Probability) جو ”درجو“ (Degree) ڪن حالتن ۾ وڌيڪ ۽ ڪن ۾ گهٽ ٿئي ٿو.

7- سماجي علوم ۾ تحقيق جو خاص سوال

پر اهو بہ ضروري نہ آهي تہ سماجي علوم جي تحقيق ۾ صرف گمانن تي ئي ڀروسو ڪرڻو پوندو. ڪي حقيقتون سماجي علوم ۾ بہ مادي ۽ طبعي حقيقتن جيان اٽريون پختيون آهن جو انهن جي بنياد تي نظريا ٺاهيا ويا آهن ۽ نظريا مقرر ڪري سگهجن ٿا.

اهڙن سماجي علمن ۾ نفسيات، معاشيات، تاريخ، جاگرافي، علم شهريت، سياسيات، رٿابندي، فلسفو، منطق ۽ ٻيا ڪيترائي علم شامل آهن.

ڪن ملڪن ۾ لسانيات ۽ ادب تي تحقيق ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن ماڊل ۽ سائنسي طريقن جي تلاش ڪئي پئي وڃي. پاڪستان جي يونيورسٽين ۾ به اهو مسئلو موجود آهي ته ٻولي ۽ ادب تي تحقيق جي لاءِ ماڊل ڪيئن هٿ ڪجي ۽ ان تحقيق جو بنياد سائنس ڪيءَ ڪيئن رکجي. البت هن باري ۾ ڪنهن مضمون وسيلي معلومات نه ملي آهي.

مان هي مضمون انهيءَ سوال کي خيال ۾ رکي لکي رهيو آهيان، جيئن مون مٿي ڏنو آهي. سائنس ڪو علم جي ڪنهن ڊيريا پندار جو نالو نه آهي. ان ڪري سائنسي تحقيق جو مقصد آهي اهڙو رويو اختيار ڪرڻ جنهن ۾ سائنسي اخلاقيات، سائنسي طريقي ۽ سائنسي سوچ جي لوازمات (Implications) جي پيچڪڙي نه ٿئي.

هن طرح ادب توڙي لسانيات جي تحقيق ۾ به اسان کي سائنسي اخلاقيات کي خيال ۾ رکڻو پوندو. جيڪڏهن اسان سائنس جي مقرر شده اصولن جي پابندي ڪنداسون ته اسان لاءِ عقلي ۽ منطقي طور تي تسليم شده سوال قانون جي حيثيت رکندا. هن طرح مفروضي جي چونڊ، ان جي باري ۾ ”ڪچي مواد“ (Data) گڏ ڪرڻ جا طريقا، وري ان ڊيٽا مان ”نمونن“ (Samples) جي چونڊ، وري انهن نمونن مان پنهنجي مفروضي سان تعلق رکندڙ نمونن جي چونڊ، وري انهيءَ طرح هڪ گهربل نموني جي مقرري ۽ ان کان پوءِ ان خاص ۽ گهربل نموني (Sample ۽ Trend) مان هڪ جهڙا تصور (Concepts) ڳولي لهڻ ۽ انهن جي بنياد تي هڪ جهڙائيءَ (generalization) کي تحريري صورت ڏيڻ سان هن قسم جي تحقيق کي سائنسي تحقيق چئي سگهبو.

لسانيات ۽ ادب ۾ سماجي علوم تي سائنسي تحقيق جو بنياد اسان تنقيد ۽ علم تنقيد جي اصولن تي به رکي سگهون ٿا. تنقيد هاڻي مڪمل طور تي عقلي اسلوب (Rational approach) جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي. هن اسلوب ۾ نفسيات اڳ مداخلت ڪري ان جي سائنسي نوعيت کي جنم ڏنو هو، پر اڄ ڪلهه اها تنقيد سماجيات ۽ سماجي نفسيات جي علمن جي ڪري وڌيڪ پختي ۽ وڌيڪ ويڪري ٿي وئي آهي. هن طرح ادب ڇا آهي؟ انهيءَ سوال جو جواب به مختلف طريقن جي بجاءِ

سماجيات ۽ سماجي نفسيات جي اصولن کي خيال ۾ رکي ڏنو ٿو وڃي. هن طرح هنن لفظن لکڻ وارن ادب جي وصف کي هيئن بيان ڪيو آهي:

ادب سماج جو اهو اپياس آهي جنهن جي بنياد تي سماج جي بهتريءَ جي لاءِ وڏي مدي واري رٿابندي تيار ڪرڻ وارا اصول مقرر ڪري ٿا سگهجن ۽ پڻ سماج کي هڪ بندوبست وسيلي هلائي ٿو سگهجي. *

ادب کي سماجي رٿابنديءَ سان ملائڻ ۾ معاشيات، سماجياتي لسانيات، نفسيات ۽ سماجي نفسيات جي چئن علمن جي گڏيل هڪ اپياس جي ضرورت پوي ٿي. انهيءَ ٿي اپياس کي اسان تنقيد يا ادبي تنقيد لاءِ ضروري ٿا سمجهون.

برابر اچوڪي ادبي دنيا ۾ هنن خيالن کي اوپرو، اجنبي ۽ ناقابل عمل سڏيو ويندو پر ڪوبه عالم اڄ به انهيءَ ڪردار کان انڪار ڪرڻ جي لائق نه آهي ته ادب سماجي عمل آهي ۽ ان جو عالم سماجي علوم جو ماهر آهي. مهارت ۽ علم جي هنن بنيادن تي مون پنهنجي ڪتاب ”تنقيدون“ ۾ تنقيد کي وقت وڃائڻ جي هڪ نموني مان ڪڍي ان کي سماج جي انتهائي اهم علم جي درجي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هن طرح مون تنقيد جي هڪ وصف مقرر ڪرڻ جي بدران ان ۾ ادب تي تنقيد جي اصولن کي لاڳو ڪرڻ جي لاءِ تنقيد جا ڪيترائي طريقا بيان ڪيا ته جيئن تنقيد جو دائرو به وڌو ٿئي ۽ ان کي هڪ خاص قسم جي لغت به ملي وڃي جو هر علم جي ”هڪجهڙائيءَ“ وارو نمونو آها تقاضا ڪري ٿو ته علم ۾ اصول کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ تحريري نمونو گهرجي ۽ اهو ناهڻ گهرجي. مون انهيءَ ڪتاب ۾ ادبي تنقيد جي لاءِ ادب تي تحقيق ڪرڻ جي خاطر ڪيترائي اهڙا تحريري نمونا ڏنا ته جيئن لغت جي کوٽ ۽ سائنسي استدلال ڪرڻ جي دشواري ادب جي سوال تي به ختم ٿي وڃي ۽ تنقيدي طريقن کي پاڻ ۾ پيٽي هڪجهڙائي لهي سگهجي.

پر تنهن به مان ضروري ٿو سمجهان ته سماجي علوم تي سائنسي تحقيق جي باري ۾ عرض ڪندو هلان. مان متي تنقيد جي باري ۾ ۽ ان جي ڪردار تي خاص ڪري بحث ڪري رهيو هئس جو ادب جي ميدان تي جيڪا به تحقيق ٿيڻي آهي تنهن کي ”علم تنقيد“ جي اصولن کي اختيار ڪرڻو پوندو. پر جي هن مان به ڪا ڳالهه ناهجي ته ٿي سگهي ٿي. تنقيد يا عقلي تجزيو سائنس جي لاءِ زندگي ڏيندڙ خون

* ”مسترد شاعري،“ مضمون، ليکڪ ساگيو، روزنامه هلال پاڪستان ڪراچي.

جي برابر آهي، ان ڪري ڪنهن به سائنسي ۽ تحقيقي ڪم ڪي راز ۾ رکڻ وڏو ڏوهه آهي. محقق جو اهو فرض آهي ته هو جو ڪجهه به تحقيق جي ميدان تي پيدا ڪري اهو کولي ظاهر ڪري ته جيئن هر باشعور انسان ان جو اڀياس ڪري. اهڙو فرض عالم ۽ محقق جو فرض منصبي آهي. ان ۾ هن کي اهو به ڇاڻائڻو آهي ته هن طريقو ڪهڙو اختيار ڪيو، ان جا مقصد ڪهڙا هئا ۽ انهن مقصدن حاصل ڪرڻ ۾ هو ڪيترو ڪامياب ٿيو ۽ ڪيترو ناڪام.

8. سماجي تحقيق جي وصف

سماجي علوم تي تحقيق آهو عمل عقلي ۽ منطقي آهي جنهن ۾ تصورن، نظرين، مواد جي پين ڳالهين: يعني اهڃاڻن، وٿن يا قدرن، جسمن، روحن، خيالن ۽ فڪرن جي باري ۾ اهڙو رويو اختيار ڪجي جو انهن مان هرهڪ جي باري ۾ هڪ ڪلاس ٺهي ۽ انهيءَ ڪلاس يا نموني مان "هڪجهڙايون" هٿ اچن ۽ انهن هڪجهڙاين جي اهڙي چنڊ ڇاڻ ڪجي جو تنقيد جي انهيءَ عمل جي ڪري انهيءَ مان ڪو نظريو ۽ ڪو اصول يا قانون ٺاهي سگهجي، جنهن کي سماجي علوم جي ميدان تي عمل ۾ آڻي سگهجي.

هن طرح ۽ مٿي آيل سائنسي، تحقيقي ۽ عملي مواد جي نتيجي ۾ اسان هاڻي انهيءَ منزل تي پهچي چڪا آهيون جتي پڌائي سگهون ٿا ته سماجي تحقيق جي لاءِ نقطا ڪهڙا مقرر ڪري ٿا سگهجن. هي نقطا اسان مٿي ڏيکاريل تحريري وصف مان ڪيڍي جدا ٿا ڪريون:

(i) سماجي علوم تي تحقيق جو عمل عقلي ۽ منطقي آهي.
(ii) ان ۾ اڳي مواد هٿ ڪجي ٿو ۽ ان مان نمونا يا ڪلاس ٺاهجن ٿا.
(iii) انهن نمونن کي پيٽي هڪجهڙايون هٿ ڪجن ٿيون.
(iv) انهن هڪجهڙاين مان پنهجي موضوع يا مفروضي سان لاڳو ٿيندڙ هڪجهڙايون هٿ ڪجن ٿيون.
(v) پوءِ انهن هڪجهڙاين کي پيٽي آخري طور تي واحد تصور هٿ ڪجي ٿو جنهن کي اصول يا قانون جي حيثيت ڏئي ٿي سگهجي.
(vi) انهيءَ قانون يا اصول کي اڳتي وري عمل ۾ آڻي ان جي وڌيڪ پرک ڪري ان جي پختائيءَ ۽ سچائيءَ جو معيار مقرر ڪجي ٿو.

(vii) جڏهن اهو معيار مقرر ٿئي تڏهن ان کي سماجي علوم ۾ تحقيق جي لاءِ وڏيڪ حالتن ۾ ڪم آڻجي ٿو.

ويبسٽر (Webster) جي لغت ۾ تحقيق جي مختصر وصف هيءَ آهي:

"خبرداريءَ سان ڪيل تجزياتي ڇنڊ ڇاڻ ۽ تجزيو يا پرک. جنهن ۾ حقيقتون ۽ اصول هٿ اچن ۽ اهڙي وقتائتي ڳولا ڦولا جنهن ۾ ڪنهن ڳالهه ۾ يقين تائين پهچي سگهجي، تحقيق ٿي ڪوٺجي." (5)

ڀر سواءِ اختلاف جي ته هن وصف کي اختيار نٿو ڪري سگهجي جو تنقيد جو عمل ته هميشه جاري رکڻو آهي ان ڪري سماجي علوم (سوشل سائنس) جي آم الڪتاب (انسائيڪلو پيڊيا) جي بنياد تي هن وصف تي به تنقيد ڪئي وئي آهي.

هي عالم چون ٿا ته ايتريءَ ٿوريءَ تحرير ۾ تحقيق کي سمجهائي نه ٿو سگهجي. پوءِ هو پنهنجو هڪ راءِ لکن ٿا:

"تحقيق تنقيدي ۽ مخصوص تلاش جو نالو آهي جنهن ۾ مقصد اصل ۽ تجرباتي مشاهدو ٿئي ٿو، جنهن جي بنياد تي اڳواٽ قبول ڪيل مفروضا ۽ حقيقتون سڀ وري پيهر پرک هيٺ آندا وڃن ٿا ۽ هن طرح انهن حقيقتن جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ جيڪو علم دريافت ٿيو آهي ان کي به ان پرک جي ڪم ۾ شامل ڪيو ٿو وڃي." (6)

نقطن ۾ بيان ڪبو ته هن وصف کي هن طرح لکي سگهبو:

(i) تحقيق ۾ جسم، تصور ۽ احساس ڪم آڻجن ٿا.

(ii) تحقيق ۾ با مقصد اهڙو ضابطو اختيار ڪجي ٿو جنهن سان اختيار ڪيل عمل ضابطي ۾ رهي.

(iii) تحقيق با ضابطه حاصل ڪيل علم جي وڌائڻ ۽ ويڪري ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿي جيڪو علم هڪ کان وڌيڪ شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو.

(iv) وڌايل، سڌاريل ۽ درست ڪيل اهڙو علم ٻن نمونن سان ڪم اچي ٿو: (a) نظرياتي طور تي ۽ (b) عملي طور تي. (7)

تحقيق کي سائنسدانن ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي:-

(i) تحقيق محض (Pure Research)

(ii) تحقيق عملي (Applied Research)

تحقيق محض: اها تحقيق جيڪا ڪنهن خواهش يا شوق جي ڪري ڪئي وڃي، جنهن ۾ صرف معلومات هٿ ڪرڻ، سمجهڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ جا مقاصد هجن.

تحقيق عملي: اها تحقيق جنهن ۾ اڳواٽ معلوم ڪيل حقيقتون ۽ وڌيڪ پرک جي لاءِ بحث ۽ تنقيد هيٺ آڻجن ۽ وڌيڪ حقيقتون هٿ ڪجن ۽ انهن کي عملي طور تي ڪنهن نه ڪنهن سوال ۽ مسئلي جي حل جي لاءِ اختيار ڪري سگهجي.

پر جيئن تحقيق جي سوال تي سوچڻ واري جي رويي جو سوال آهي، اسان ڪنهن به ڳالهه کي آخري طور تي قبول ڪري ئي نه ٿا سگهون، جو انهيءَ حالت ۾ اها ڳالهه هڪ عقيدو بڻجي ٿي پوي ۽ سائنس ۽ تحقيق جي اخلاقيات ۾ عقيدو ناجائز آهي. انهيءَ ڪري اسان هنن راين تي به دليل بازي ڪري رهيا آهيون.

جناب ڊڪسي (Dixy) تحقيق محض جي حق ۾ هڪ دليل ڏيئي رهيو آهي. هو چوي ٿو: "فطري ۽ سادگيءَ جي اصولن تي حاصل ڪيل علم جيڪو غير رسمي طور تي ملي ۽ جنهن ۾ مقصد به رڳو علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ هجي، اهو به توڙي جو مستقبل ۾ ڪنهن عملي سوال جي لاءِ اختيار ڪرڻو نه آهي ته به اهو علم اسان کي انهيءَ منزل تي رسائي سگهي ٿو جيڪا منزل غيرمتوقع نه هئي ۽ جنهن جي ضرورت عملي طور تي موجود هئي." *

اصل اهائي ڳالهه آهي جنهن جي بنياد تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌيءَ جي شعبي ۾ 25 ڪتابن مان ڪيترائي ڪتاب پنهنجي اهميت حاصل ڪن ٿا. انهن جو تعلق عملي تحقيق سان نه آهي پر اهي تحقيق محض جي ڪن تقاضائن کي پورو ڪن ٿا ۽ ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽريٽ جي معيارن ۾ اهو به شامل آهي ته "اڳواٽ موجود معلومات ۾ اضافو ڪيو ويو هجي." اهي مقالا ڊاڪٽريٽ جي لاءِ قبول ڪرڻ جي لائق سمجهيا ويا. پر اهو معلوم پوندو ته ڪيترائي ڪتاب ڪچي مال جي گڏ ڪرڻ جهڙا آهن ۽ انهن ۾ "ڇو؟" "ڪيئن؟" ۽ "هن طرح" جي باري ۾ ڪوبه مواد نه آهي. ڪي ڪتاب نه ته ڪو سوال پيدا ڪن ٿا، نه مفروضو مقرر ڪن ٿا، نه ڊيٽا جمع ڪن ٿا، نه ڊيٽا جو تجزيو ڪن ٿا، نه تصورن جون ھڪجهڙايون ڳولي لهن ٿا ۽ نه ئي آخري طور تي ڪو نظريو مقرر ڪن ٿا. پر اهي ڪتاب تمام گهڻو مواد شوق ۽ خواهش پوري ڪرڻ جهڙو ڏين ٿا ۽ ڪن حالتن ۾ اهي اڳواٽ موجود علم ۽ ڄاڻ ۾ انهيءَ موضوع تي اضافو به ڪن ٿا.

---

* مان شڪرگذار آهيان جناب ڊڪسيءَ جو جنهن ڪيترن ئي تحقيقي مقالن کي، جن تي ڊاڪٽريٽ به ڏني وئي آهي، ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪارائتو ثابت ڪيو آهي.
مصنف

هن حالت ۾ هنن ڪتابن تي تحقيق جو ڪم ته اجايو ڳڻيو ٿيڻو آهي، جو اهي ڪتاب تحقيق جي لاءِ رڳو "ڪچو مال"، "مواد" يا "ڊيٽا" ڏين ٿا.

هنن مقالن جو تجزيو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته سواءِ ڪنهن هڪ اڌ جي، نه ته سائنسي طريقو اختيار ڪيو آهي نه تحقيق جو ڪو اسلوب اختيار ڪيو ويو آهي ۽ نه استدلال ڪيو ويو آهي، نه سوال اٿاريو ويو آهي، نه جواب ڏنو ويو آهي، نه نتيجا ڪڍيا ويا آهن ۽ نه نتيجن جي وڌيڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪري نتيجن مان نتيجا ڪڍيا ويا آهن ۽ نه ئي ڪنهن عقلي ۽ قابل عمل اصول تائين پهچڻ ۾ مدد ڪئي وئي آهي. *

اهو به ڏٺو ويندو ته ڪنهن به ڪتاب "ڇو؟" ۽ "ڪيئن؟" جو ڪو جواب ڪونه ڏنو آهي، انهيءَ ڪري اهڙي ڪنهن به مقالي مان ڪو اهڙو نتيجو حاصل ڪونه ٿيو آهي جنهن کي سماجي علوم جي تحقيق جي سوال تي عملي طور تي اختيار ڪري سگهجي، ان ڪري اهڙن مقالن کي عملي تحقيق (Applied Research) ۾ شامل ڪري نه ٿو سگهجي.

اهڙن مقالن تي تنقيد ڪندي جناب لنڊ (Lynd) صاحب لکي ٿو: "آخر اهڙو علم ڪهڙي ڪم جو، جو ان سان ڪا به عملي ڳالهه يا ڪا اهڙي ڳالهه جنهن کي عملي ڪارج هجي، حاصل نه ٿي سگهي؟ جيڪڏهن اهي مقالا سماجي سوالن ۽ مسئلن جي باري ۾ موزون حل ڏئي نه ٿا سگهن ته پوءِ اهي ڪنهن به ڪم جا نه آهن." (8)

خبر ناهي اسان هن صاحب جي تنقيد جو جواب ڪهڙو ڏئي ٿا سگهون، پر اسان جناب ڊڪسيءَ جي نقطي تي همت هارڻ لاءِ تيار نه آهيون.

آخر روسو، جان اسٽوئرٽ مل ۽ ڊيوي به ته عمراني علوم جا نئين ماڻهو ۽ ماهر هئا! آخر فرانز بوس به ته اسان جي ٽولي جو آهي!

هن سوال تي مشهور محقق ڊيوي به اسان جي لاءِ ڪم جي ڳالهه ٿو ڪري، هو چوي ٿو: "سائنس ۾ طريقا ۽ نتيجا بذات خود سائنس نه آهن. اهي سائنس وانگر مواد ۾ شامل

*: هڪڙي عالم سڳوري منهنجي ڪتاب تي تنقيد ڪندي چيو ته هن ڪتاب جو هڪڙو عيب ته اهو آهي جو نتيجن مان به وڌيڪ نتيجا ڪڍيا ويا آهن. مون کي خوشي رڳو انهيءَ ڪري ٿي جو منهنجي معلومات ۾ اهو اضافو ٿيو ته جنهن سڄي عمر ڪتاب ئي لکيا ۽ پڙهيا آهن انهيءَ کي ايترو به معلوم نه آهي ته اڳرات معلوم ڪيل نتيجن کي به چئلينج ڪرڻ جو ڪم تحقيق جي تقاضا آهي. مصنف

ڪونہ ڪبا آهن. انهيءَ حد تائين بہ اسان جو پروسو آهي تہ اهي صاحب جيڪي سائنس جي لاءِ چون ٿا تہ سائنسي تحرير سچي ساري مڪمل، خود ڪفيل، نرالي ۽ پنهنجي ليکي جدا حالت ۾ بہ مڪمل آهي، بہ انهيءَ ڳالهہ کان انڪار نہ ٿا ڪري سگهن تہ عملي حقيقتن جي لحاظ کان اها ڳالهہ درست نہ آهي.“ (9)

ڊيوي هڪ سخت گير سائنسدان آهي. هو صاحب عمليت جو علمبردار رهيو آهي. هو انهيءَ حقيقت کي حقيقت ئي نہ ٿو سمجهي جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن مسئلي جي حل ڪرڻ ۽ مشڪل آسان ڪرڻ ۾ مدد نہ ٿي ڪري. جيڪي دوست ڊيويءَ جي عمليت (Pragmatism) جي فلسفي کان واقف آهن، انهن کي معلوم آهي تہ ڊيوي عملي انسان ۽ انتهائي افاديت پسند (Utiliterian) آهي. هاڻي ظاهر آهي تہ اهو ماڻهو اسان جي تحقيق کي ڪهڙو معيار ڏيندو؟ اهو تہ اسان مان ڪنهن کي بہ اسڪالر ڪونہ ٿو سمجهي. مان تہ جناب ڊيويءَ کي خواب ۾ بہ ڏسان ٿو، ڏڄي ٿو وڃان.

اهڙيءَ ريت هڪ ٻيو استاد عالم ۽ محقق ٿو لکي: ”آخرڪار سائنس جي وڏي قوت انهيءَ ۾ آهي تہ اها خصوصي اصول ڳولهي ٿي جن کي اسان عملي مسئلن ۽ مونجهارن جي حالت ۾ ڪم آڻي انهن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪريون ٿا. علم اهو آهي جيڪو دورانديش بڻائي ۽ مستقبل کي معلوم ڪرڻ سيکاري ۽ مستقبل کي معلوم ڪرڻ جي سگهہ وارو اهڙو علم ئي طاقت آهي.“ (10)

بهرحال هن باب کي ختم ڪرڻ کان اڳي هڪڙي ڳالهہ لکڻ ضروري ٿي سمجهہ ۾ اچي ۽ اها آهي تحقيق ڪرڻ واري جي صلاح.

اسان لاءِ ٻيو ڪجهہ نہ تہ بہ ايترو تہ ضروري آهي تہ:

(i) فطرت جي سچائيءَ تي پروسو مڪمل رکو ۽ پاڻ بہ اهڙا سچار رهو.

(ii) هميشہ سجاڳ رهو. دل من جا دروازا سڀ کليل رکو.

(iii) اهڙي همت جا صاحب رهو جو جيڪي اصول اٽل هجن تن تي ايمان آڻي انهن کي نہ رڳو قبول ڪريو پر انهن جي باري ۾ ڳالهائي بہ سگهو ۽ انهن جي تبديل جي امڪان کي بہ اٽل سمجهو.

(iv) اُن وقت همت جو مظاهرو ڪريو جڏهن توهان جي آسپاس رهڻ وارا توهان کي نااهل، نالائق، غيرمقبول، غيرعملي ۽ غيرضروري سمجهن ۽ توهان جي زندگيءَ کي ئي خطري ۾ وجهي ڇڏين. □□□

10- حوالا (References)

(1) Einstein and Infeld, 'The evaluation of Physics' N.Y, 1938, p. 280.

(2) Thompson Sir, J.A., 'Introduction to Science'.Geoffery Cumberledge, Oxford University Press, (Reprinted in India) p. 27.

(3) Schroeniger, 'Mind and Matter', Cambridge, 1958, p. 37.

(4) Gupta, 'Science Technology and Society in the modern Age', Ajànta, Delhi (Delhi), 1977.

(5) Webster International Dictionary.

(6) 'The Encyclopaedia of Social Sciences' Vol. IX, MacMillan, 1930, (from the article of D. Slesinger and M. Stephenson on "Social Science").

(7) Wilkinson and Bhandarkar, 'Technique of Research', Himalia Publishing Houses, 2nd Edition 1979, pp. 9-13 (Adopted).

(8) Dewey. J. 'Reconstruction in Philosophy', Mentor, 1952, . p121.

(9) R.S. Lynd, 'Knowledge for What' (Adopted).

(10) Thompson Sir, J.A. 'Introduction to Science'. Geoffery Cumberledge O.U.P. (Reprinted in India), p. 185.

□ مير خانمحمد حسين خان

مير عبدالحسين خان سنڌ جي حڪمران خاندان جو چشم و چراغ هو. مياڻي جي جنگ کان پوءِ حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن کي هندستان نيو ويو ۽ مختلف جاين تي قيد رکڻ کان پوءِ آخرڪار کيس ڪلڪتي ۾ نظربند رکيو ويو. آخري امير سنڌ مير محمد نصير خان سان گڏ سندس فرزند مير عباس علي خان مومن به قيد ۾ هو. امير محمد نصير خان ٻه سال قيد ۾ گذارڻ کان پوءِ 7- ربيع الاثاني 1261 هه/ 1845ع ۾ ڪلڪتي ۾ وفات ڪئي. والد جي وفات کان پوءِ مير عباس علي خان مومن هڪ انگريز خاتون سان شادي ڪئي.

هن بيبيءَ جي بطن مان سن 1251هه/ 1868ع ۾ مير عبدالحسين تولد ٿيو، پر افسوس جو اها خوشي گهڻو وقت قائم نه رهي ۽ هن عظيم فرزند کي جنم ڏيڻ کان پوءِ ڇهين ڏينهن بيبي وفات ڪري وئي. قيد و بند ۽ جلاوطني سان گڏ سڄي شريڪ حيات جي جدائي جي غم ۽ تڪليف کي گهٽ ڪرڻ لاءِ هن ڪلڪتي جي هڪ معزز گهراڻي مان شيخ عبدالعلي جي ڌيءَ سان شادي ڪئي جنهن مان مير احمد حسين خان ڄائو. مير عبدالحسين خان پنجن ورهين جو ٿيو ته تربيت خاطر سندس والد کيس پاڻ سان گڏ رکڻ لڳو ۽ شڪار تي به گڏ وٺي ويندو هو.

مير عباس علي خان جي وفات

مير عبدالحسين سانگيءَ کي سندس والد جي وفات جو دردناڪ منظر ساري حياتي اکين آڏو رهيو، جنهن کي ورهين کان پوءِ پاڻ پنهنجي زباني مير گل حسين خان خيرپوري سان بيان ڪيو، جنهن ان کي هن طرح قلم بند ڪيو آهي:

”اتي (ڪلڪتي) منهنجي عمر ڇهن پنجن سالن جي هئي. چاچو مير حسن علي خان الائي ڪنهن پاسي اسهيو هو. والد صاحب هڪ ڏينهن شينهن جي شڪار تي هليو. مون

ڪي ۽ ساڻ ڪنياڻين. پيڙي ۾ پيا وڃون. سندرپن پيلي ۾ پهچڻ لاءِ ملاح پيڙي ڇڪيندا ٿي ويا. پاڻي ننڍو هو جنهن ۾ مرغابيون وينل هيون. مير صاحب مرغابين جو شڪار ڪرڻ ٿي چاهيو. بندوق هيٺ رکي هئي پر مئگزين ڇهن ڪانن سان پريل هئي. مير صاحب ڏنو ٿي پکين ڏانهن ۽ بندوق هٿ سان پاڻ ڏانهن ڇڪيائين. ڇڪجڻ تہ بندوق ٺڪاءُ ڪيو. ڇا ڏسان تہ مير صاحب جو مٿو ڦاٽي پيو ۽ رت جا ڦوهارا وهيا ۽ مان سندس رت ۾ پرجي پيس. بابا سائين اتي فوت ٿيو. هي هولناڪ واقعو 11- رجب 1973ھ/1- اپريل 1857ع تي پيش آيو. هن حادثي کان بعد سندس چاچي مير محمد حسن علي خان پنهنجي يتيم ڀائيٽي جي پرورش ڪئي ۽ سندس تعليم ۽ تربيت جو مناسب انتظام ڪيو ويو.

سال 1859ع ۾ اميرن کي سورهن سالن کان پوءِ انگريزن جي قيد کان آزادي ملي تہ ٻهرين مير صاحب حاجي محمد خانُ (مير محمد نصير خان جو پاٽُ) حيدرآباد پهتو. ان بعد ٻيا مير صاحبان سنڌ ڏانهن موٽڻ لڳا. جڏهن مير محمد حسين علي خان سنڌ ڏانهن روانو ٿيو تہ صاحبزادو مير عبدالحسين ۽ صاحبزادو مير احمد حسين، سندس والده ۽ مامو شيخ عبدالعلي 1859ع ۾ حيدرآباد پهتا. عبدالحسين خان جي عمر ان وقت اٺ سال هئي.

حيدرآباد ۾ مير عبدالحسين خان جي ابتدائي تعليم جو اعليٰ انتظام ڪيو ويو. ابتدائي تعليم جي تڪميل کان پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ سندس چاچي مير محمد خان، پراڻن هالن جي مشهور سانوڻي آخوندن مان آخوند احمد صاحب کي خاص طرح سان مدعو ڪيو. آخوند صاحب عربي ۽ فارسي جو عالم، اديب ۽ شاعر هو. عبدالحسين خان جي تعليم آخوند صاحب جي زير نگراني مڪمل ٿي. آخوند صاحب جي شاعرانہ ذوق جو پڻ مٿس اثر پيو ۽ سندس طبع شاعري ڏانهن مائل ٿي.

عبدالحسين خان اڃا ننڍو هو تہ مير محمد حسن علي خان سندس تربيت خاطر کيس پين خاندان توڙي وڏن انگريز آفيسرن سان روشناس ڪرائڻ شروع ڪيو. پنهنجي والد جي وارث جي حيثيت ۾ کيس هزهائنس جو خطاب پڻ سال 1869ع کان اڳ ملي چڪو هو ۽ اٺ سؤ رپيا پينشن سندس واسطي منظور ٿيل هئي. سندس واسطي مير محمد حسن علي خان دريا جي پرسان هڪ جدا بنگلو جوڙايو. اهو بنگلو ڪوٽن وارو يا نارن وارو سڏجڻ ۾ آيو. سانگيءَ جي جواني جو دور انهيءَ بنگلي ۾ شروع ٿيو.

جڏهن عبدالحسين خان جي عمر اڻويهہ سال هئي تہ مهراڻ جي ڪيٽي ۾ شڪار ڪندي ٻيٽي حاجران جي حسن جو شڪار ٿيو. جلد ئي پنهنجي محبوب کي ملاحن

مان وٺي ڄام تماچي وانگي ڪيس سانڊ بنائي بنگلي ۾ رهايائين. بيبي حاجران جي حويلي ۾ اچڻ کان پوءِ يتيم ۽ اڪيلي عبدالحسين لاءِ خوشي جا دروازا کلي پيا. ان زماني ۾ ڀٽ شاهه تي حاضري جو سلسلو به جاري رهيو. خوشين سان ڀريل هي دور جلد ئي ختم ٿي ويو، ڇو جو بيبي حاجران خناق جي بيماري جي ڪري 24 رمضان المبارڪ 1290هه / 1874ع تي سانگي سائين کي جدائي جو داغ ڏيئي دارالبقا ڏانهن رواني ٿي وئي. بيبي صاحبه کي ڀٽ شاهه تي روضه لطيف جي ڇانو ۾ دفن ڪيو ويو. حاجران جي هجر مان عبدالحسين کي دنيا جي بي ثباتي جو سبق ملي ويو. هاڻي "سانگي" جي تخلص سان پرسوز ڪافيون چوڻ شروع ڪيائين.

سانگي سائين ٻه سال بيبي حاجران جي هجر ۾ گذارڻ کان پوءِ سن 1877ع ۾ هڪ انگريز ڊاڪٽر رائٽ جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، جنهن کان پوءِ سندس زندگي جو نئون دور شروع ٿيو. شادي کان پوءِ جلد ئي کيس سيڪنڊ ڪلاس آنريري مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو. هڪ سال کن جي اندر کيس 1878ع ۾ فرسٽ ڪلاس جا اختيار مليا. سانگي جي جواني جو پُور پورو هو ۽ سندس طبع سدا جوان هئي. شڪار جي شوق، شعر و سخن جي ذوق ۽ مئجسٽريٽي جي مشغلي ۾ سندس جواني جا ڏينهن خير خوبي سان گذريا. سانگي پوڙهو ٿيڻ جو ئي ڪو نه هو. پر وقت ۽ حالتن هن جي طبيعت تي گهڻو اثر انداز ٿيا. سانگي سائين جي مالي حالت شروع کان اطمينان بخش نه هئي. جڏهن اولاد ٿيو ته تڪليفن ۾ به اضافو ٿيو. محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب 'ڪليات سانگيءَ' ۾ سندس سوانح لکندي ٻڌائي ٿو ته "ضرورت پوندي هيس ته پنهنجي ڪن حال محرمن کان، اڌاري طور پئسا گهرائيندو هو. سال 1904ع ۽ 1906ع ۾ مرزا پيدل بيگ (ٽنڊو آغا) ڏي مير عبدالحسين خان سانگي جون پنهنجون هٿ لکيل چٺيون اسان جي نظر مان گذريون، جن مان هڪ ۾ ويهه رپيا ۽ ٻيءَ ۾ پنجاهه رپيا ڪنهن جي واسطي گهرايائين ۽ لکيو اٿس ته "اڌارا ڏيندا جُي پگهار ملڻ تي واپس ڪنداسين."

از گشت آسماني و تقدير ايزدي
برڪس چنين بنا شد، برڪس چنان مباد
(ارزاقي هراتي)

آن هم شوڪت و ناموس شهان آخر ڪار
چند سطر ايست ڪه بر صفحه دفتر گذرد
(ايرج)

پنهنجي هزهائينس هِزِ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

پينگ جا آهيون اسين واهه مزا هزهائينس
رج جا آهيون اسين نام خدا هزهائينس
اهي هن دورنگي دنيا جا رنگ آهن.

سانگي سائين کي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سان خاص عقيدت هئي ان ڪري پاڻ فقيري اختيار ڪيائون.

جڏهن کان ٿيو آهيان آئون سبز پوش اي سانگي
زري وٽي نٿي سون کي ذري خدا جو قسم.

مير عبدالحسين خان سانگي کي زندگي جيڪو ڪجهه ڏنو، ان کي پنهنجي روحاني رهنما ۽ مرشد شاهه عبداللطيف جي حڪم مطابق صبر سان سهندا رهيا. جڏهن سندن رفيقه حيات وفات ڪئي ته سن 1922ع ۾ مئجسٽريٽي تان استعيفي ڏيئي گوشه نشيني اختيار ڪيائين.

وفات

بالآخر خميس ڏينهن 3 وڳي شام جو تاريخ 8 ذوالقعد 1242هه / 21 جون 1924ع تي سانگي سائين وفات ڪئي. سندس وصيت مطابق کين ڀٽ شاه تي مرشد جي مقبري جي ڇانو ۾ سندن من گهرئي محبوب بيبي حاجران جي پير ۾ دفن ڪيو ويو. هن مزار تي هڪ ننڍي مگر سهڻي ڇٽي ٺهيل آهي.

اولاد

مير عبدالحسين سانگي پنهنجا ٻه پٽ مير خدايار خان ۽ مير احمديار خان ۽ ٻه پوٽا مير عباس علي خان ۽ مير حسن علي خان بن مير خدايار خان ڇڏي وفات ڪئي.(1)

سياسي ۽ سماجي ماحول

سانگي جنهن دور ۾ ڄائو ۽ وڏو ٿيو اهو سنڌ تي انگريزي قبضي جو اوائلي دور هو. هن دور نئون سياسي، سماجي ۽ ادبي ماحول پيدا ڪيو، جنهن جو اثر سانگي جي ڪلام ۾ نمايان نظر اچي ٿو. سياسي لحاظ کان انگريزن جي تسلط سببان هڪ ته وطن جي آزادي جيڪا ورهين کان سنڌ کي نصيب ٿي هئي سا ختم ٿي وئي. ٻيو ته سنڌ جي ٽالپرن ـ حڪمران خاندان تي مصيبتن مٿان مصيبتون آيون. سانگي حڪمران گهراڻي

---

(1) ”ڪليات سانگي“، مطبوعه: سنڌي ادبي بورڊ.

جو فرد هو. ڪيس پنهنجي خاندان ۽ وطن جي غلامي جو شديد احساس هو، جنهن جو اظهار سندس ڪلام ۾ جا بجا نظر اچي ٿو ۽ ان غاصبانه قبضي سبب وطن جي ويراني ۽ هم وطنن جي بيڪسي جو بيان پاڻ نهايت درد انگيز طريقي سان ڪيو آهي.

سرور سمن سوسن صد برگ سڪن ٿا،
سانگي ويو سمورو آهي سينگار وطن جو.

قرآن شريف ۾ آيو آهي ته ”ان الملوڪ اذا دخلو قرليه افسد و دها“ (جڏهن بادشاهه ڪنهن شهر ۾ داخل ٿيندا آهن ته ان کي ويران ڪندا آهن.) هاڻي غلامي جو دور شروع ٿيو ۽ غلامانه ذهنيت جو غلبو وڌڻ لڳو. پراڻن خاندانن ۽ قديم قدرن کي ختم ڪري نون خاندانن کي ڪڙو ڪيو ويو. نون حاڪمن ۽ نون آفيسرن نوان قدر ۽ نوان قانون رائج ڪيا، جن سبب ديانتداري ۽ ايمانداري جي بجاءِ رياڪاري ۽ مڪاري رائج ٿي. هاڻي دين ايمان، اخلاق ۽ پرهيزگاري جي ڪابه اهميت نه رهي. سانگي سائين درست فرمايو آهي:

هوا اهڙي لڳي آهي جو پنهنجي پنهنجي مذهب کان،
مسلمان و ڪرستان و يهود و برهمن بگڙيا.

اهڙو ماحول ڏسي سانگي سائين جهڙا سي حساس طبيعت انسان اهو چوڻ تي مجبور آهن:

فرياد از چرخ کهن چکنم گر نه کنم

انگريز ميڪاولي کي پنهنجو سياسي رهنما بنايو ۽ سندس هدايت مطابق حڪومت ڪندا هئا، خاص طرح سان انهن علائقن تي جيڪي ايشيا وغيره ۾ سندن قبضي هيٺ آيا هئا. ميڪاولي پنهنجو ”پرنس“ نالي ڪتاب 1513ع ۾ لکي تيار ڪيو، جنهن ۾ حڪومت ڪرڻ جا اصول تفصيل سان لکيا ويا آهن. موروثي بادشاهن جي بيان کي معمولي بحث کان پوءِ ختم ڪيو ويو آهي ۽ لکي ٿو ته جڏهن ملڪ تي قبضو ٿئي ته ”اول سابق حڪمرانن جي نسل کي ختم ڪيو وڃي.“ تاريخ شاهد آهي ته ان هدايت تي عمل ڪندي افريقا ۾ هر هر جي بغاوت کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪمران قبيلي ۾ جي سائٽ قبيلن کي غلام بڻائي ويسٽ انڊيز ۾ وڪيو ويو. ميڪاولي هڪ جاءِ تي لکي ٿو ته ”هتي سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا ماڻهن جي دلين ۾ محبت پيدا ڪرڻ بهتر آهي يا رعب ۽ دهشت پيدا ڪرڻ؟ ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته عوام حڪمران

ڪان ڊڄي يا ان سان محبت ڪري؟ جيڪڏهن ان مان ڪنهن هڪ جو انتخاب ڪرڻو پوي ته اهو ضروري ۽ بهتر آهي ته محبت جي بجاءِ خوف کي ترجيح ڏني وڃي ڇو. جو انسانن جي باري ۾ ان حقيقت کان هر شخص واقف آهي ته هو ناشڪرا، ڦيرڦير ڪرڻ وارا ۽ ڪوڙا هوندا آهن، خطري کان پڄندا آهن ۽ فائدو نظر اچي ته ان ڏانهن ڊوڙندا آهن.(1)

ميڪاولي وڌيڪ لکي ٿو ته "مقابلي جا ٻه طريقا آهن: هڪ قانون جو طريقو ۽ ٻيو طاقت جو. پهريون طريقو انسانن لاءِ بهتر آهي ۽ ٻيو حيوانن لاءِ ڇو جو پهريون طريقو غيرموثر ثابت ٿيندو آهي تنهنڪري ٻئي طريقي کان ڪم وٺڻ لازم ٿي پوي ٿو. حڪمران جي لاءِ اهو ضروري آهي ته هو انساني ۽ حيواني طريقن جو صحيح استعمال ڄاڻي . . . . ڇو جو حيواني فطرت کي استعمال ڪرڻ لاءِ وڏي دانشمندي جي ضرورت آهي. تنهنڪري کيس حيوانن جي استعمال ۾ شينهن ۽ لومڙي کي نظر ۾ رکڻ کپي. (جن ان ۾ شينهن جي درندگي ۽ لومڙي جي چالاڪي جو هئڻ ضروري آهي) . . . دور انديش حڪمران ان وقت پنهنجي عهد تي قائم نٿو رهي سگهي، جڏهن ان تي قائم رهڻ ۾ کيس نقصان ٿئي. پر اهو ڏسڻ ضروري آهي ته جن حالتن ۾ اهو معاهدو ڪيو ويو هو، اهي حالتون ختم ٿي ويون آهن يا نه."(2) انگريز دور تي ڪو سنڌ ۽ جامع ڪتاب شايع نه ڪيو ويو آهي، سنڌي ادبي بورڊ ڪجهه ڪتاب ترجمو ڪرائي شايع ڪيا آهن، جن مان چڱي معلومات حاصل ٿئي ٿي. جيڪڏهن انهن تي حاشيا ۽ لکرايا وڃن ها ته وڌيڪ فائديمند ثابت ٿين ها. ان هوندي به جيڪي ڪتاب سنڌ جي بمبئي کان الڳ ٿيڻ تي لکيا ويا آهن، انهن ۾ هن سنڌ جي تڪليفن کي تفصيل سان لکيو آهي. اسان ٻه اهڙن ٻن ڪتابن تي ڪفايت ڪيون ٿا، جن جا نالا هي آهن:

1 ـ Sufferings of Sind: محمدايوب کهڙو. سنڌي ترجمو "مصائب سنڌ": پيرعلي محمد راشدي.
2 ـ سنڌ جو بمبئي کان جدا ٿيڻ: جمشيد اين ـ آر ـ مهتا.

محمد ايوب کهڙي صاحب سنڌ جون تڪليفون ۽ نقصان هنن طرح سان بيان ڪيا آهن: "سنڌ مرڪز کان 800 ميل پري آهي. ان دوري ڪري سنڌ جي ترقي

---

(1) ـ "ڪتابين جنهون ني دنيا بدل ڈالي"، مترجم: مولانا غلام رسول مهر. ص ـ 35.
(2) ـ ايضاً 38.

سخت جيھي ۾ آھي ۽ بيون تڪليفون آھن . سڀ مکيہ عملدار بمبئي ۾ رھن ٿا . سال ۾ ھڪ ھفتي لاءِ سنڌ اچن ٿا . جنھن مان سنڌ کي ڪھڙو لاڀ ملندو ؟ اھو ھفتو وڏن شھرن ۾ عملدارن سان ھلڻ ۽ شڪار ڪرڻ ، نچڻ ۽ پارٽين ڪائڻ ۽ ريلن اندر ڦيريون پائڻ ۾ صرف ٿيو وڃي ، باقي الله الله خير صلاح .

ميڪاولي تقدير جي باري ۾ لکي ٿو تہ "انسان پنھنجي تقدير جو مالڪ ٿي سگھي ٿو ، تقدير جي حيثيت ھڪ عورت وانگي آھي ، جنھن کي قبضي ۾ رکڻ لاءِ مار ڪٽ ڪرڻ ضروري آھي . اسان ڏسون ٿا تہ جيڪو مرد عورت سان سختي سان پيش اچي ٿو ، ھو ان جي فرمانبرداري ڪندي آھي . خاص طرح سان تقدير عورت وانگي نوجوانن کي پسند ڪري ٿي ، جن ۾ جوش ۽ ڪاوڙ گھڻي ۽ عقل ۽ سمجھ گھٽ ھوندي آھي . (1)

ميڪاولي جي بيان ڪيل حوالن مان معلوم ٿيو تہ انگريزن جا حڪومت ڪرڻ جا رھنما اصول ھي آھن :

سابق حڪمرانن جي نسل کي ختم ڪيو وڃي .

رعيت حاڪم کان خوفزده ھئڻ گھرجي .

انسان نا شڪرا ۽ ڪوڙا ھوندا آھن .

حاڪم ۾ شير جي درندگي ۽ لومڙي جي چالاڪي ھئڻ گھرجي .

دورانديش حاڪم کي پنھنجي عھد نامن تي قائم رھڻ نہ گھرجي .

تقدير عورت وانگي آھي جيڪو ان کي مارڪٽ ڪندو ان جي فرمانبردار رھندي .

کھڙو صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ ڪمشنر سنڌ کي وڌيڪ اختياريون حاصل آھن . انھن سنڌ سرڪار کي خود سر ۽ مغرور بنائي ڇڏيو آھي ۽ ماڻھو ان مان بيزار ٿي پيا آھن . عملدارن سان روبرو ملڻ لاءِ بمبئي وڃڻ جو موتمار خرچ جو بار پوي ٿو . حد کان وڌيڪ اختيارات ھئڻ ڪري سنڌ جي حڪومت تمام زبردست ۽ خود سر ٿي وئي آھي .

محسوس ٿئي ٿو تہ سنڌ تي گورنر ان ڪائونسل جي حڪومت نہ آھي .

پوليس ايڪٽ ۽ بين ايڪٽن ھيٺ غير ذميوار عملدارن کي گھڻا اختيار مليل آھن ، جي ماڻھن جي عزت سلامتي لاءِ سخت خطرناڪ آھن .

---

(1) "ڪتابين جنھون ني دنيا بدل ڈالي"، مترجم: مولانا غلام رسول مھر، ص 36

سنڌ جي هاڻوڪي حڪومت جو سرشتو بلڪل ئي جوابداريءَ مان ٺهيل رهيو آهي ۽ سنڌ جي حڪومت جو موجوده سرشتو هڪ منٽ لاءِ ماڻهو برداشت ڪري نٿا سگهن.
کهڙو صاحب "پوليس جا ظلم" ۾ لکي ٿو:
"سنڌ اندر پوليس جا ظلم ۽ رشوتخوريون هڪ ناقابل انڪار حقيقت آهي. ملڪ ۾ پوليس جي ڦهري ڪاروايون انڌير نگري سڄائي ڇڏي آهي. (تفصيل لاءِ پڙهو "اهي ڏينهن اهي شينهن" جلد اول.) پوليس جا ظلم ۽ بي ايمانيون سنڌ اندر حد کان وڌي ويون آهن." (1)

جمشيد مهتا صاحب تمام ٿورن لفظن ۾ ساري حقيقت کي نهايت واضح طور بيان ڪيو آهي. هو صاحب "بمبئي سرڪار جو سنڌ تي ڏيان" ۾ لکي ٿو ته "اڄو ته صاف شيشن منجهان ڏسون. اها ڳالهه برابر آهي ته سنڌ کي سال ۾ گورنر صاحب تي هفتا، مالي ميمبر ۾ ڏينهن، روينيو ميمبر ٽي ڏينهن خود مڪاني حڪومت جو وزير چار ڏينهن، ايڪسائيز جو وزير ۾ ايترا (ٽي يا چار) ڏينهن ۽ تعليمي وزير هڪ هفتو ڏيندو آهي." (2)

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته مرڪز کان ڏور صوبا هميشه عملدارن جي رحم و ڪرم تي رهيا آهن. روم جي تاريخ مان پتو پوي ٿو ته سنڌن نااهل عملدارن ڏورانهن صوبن سان اهڙيون زياديون ڪيون جن جي ڪري انهن ۾ آخرڪار بغاوتون ٿيون. هن ننڍي کنڊ ۾ مغل حڪومت تاريخ جي وسيع ترين حڪومت هئي. هن حڪومت جي ڏورانهن صوبن جو انتظام ڪهڙي طرح هلندو هو ۽ عملدار ماڻهن سان ڪهڙي هلت هلندا هئا، ان لاءِ تاريخ جا ڪتاب موجود آهن. هتي اسان صرف "تاريخ مظهر شاهجهاني" مان هڪ حوالو پيش ڪريون ٿا، جنهن مان معلوم ٿيندو ته مسلمان حاڪمن جا مسلمان عملدار پنهنجي مسلمان رعيت سان ڪهڙي طرح پيش ايندا هئا. مظهر شاهجهاني ٻڌائي ٿو ته "احمد بيگ جڏهن سيوهڻ جو حاڪم ٿيو ته مرزا يوسف نام برادز همراه داشت ڪه يوسف حجاج در ظلم ادنيٰ شاگرد او خواهد بود." (3) يعني مرزا يوسف نالي سندس ڀاءُ به ان سان گڏ هو جيڪو ايڏو وڏو ظالم هو جو تاريخ جو مشهور ظالم منتظم حجاج بن يوسف به ان جو هڪ ادنيٰ شاگرد هو. هن ظالم ماڻهن سان عقوبتون ڪرڻ شروع ڪيو شاعر سچ چيو آهي:
"چو خواهد ڪه ويران ڪند عالمي — نهد ملڪ در پنجهٔ ظالمي." (۴)

---

(1) محمد ايوب کهڙو "مصيبت سنڌ" ص 22 کان 32.
(2) جمشيد مهتا "سنڌ جو بمبئي کان جدا ٿيڻ"، گلشن پبليڪيشن، ص 32.
(3) "مظهر شاهجهاني"، سنڌي ادبي بورڊ، ص 156.
(4) ايضاً.

يعني جڏهن ڪو حاڪم ملڪ کي ويران ڪرڻ چاهيندو آهي ته ان کي ڪنهن ظالم جي حوالي ڪندو آهي. مرزا يوسف هر روز ٽي سؤ بيگناهه ساٿين کي سؤ ٻه سؤ ڪوڙا هڻندو هو. چند ساٿيو ڪوڙن جي ڪري مري ويا. پروانداشت .(1) يعني هن ظالم شريف شهرين ۽ واپارين کي به معاف نه ڪيو. آخرڪار ان حد تي اچي پهتو "واز هر موضع ڪه دزدي ڪشتئي گرفته پيش او مي آوردند از بند خلاص ڪرده سروپا داده ملازم خود مي ساخت، و مي گفت از هر جا دزدي ڪرده پيش من آورده باشيد" (2) يعني ڪنهن به جاءِ ڪان ڪو قتل جي لائق چور گرفتار ٿي ايندو هو ته ان کي آزاد ڪري شاهي پوشاڪ پهرائي پاڻ وٽ نوڪر رکندو هو ۽ کيس چوندو ته ساري ملڪ مان چوري ڪري سال مون وٽ کڻي اچو.

مير عبدالحسين خان سانگي جي دور کي جيڪڏهن مختصر طور بيان ڪجي ته ڪئپٽن ايسٽوڪ جا هي لفظ مناسب لڳن ٿا. هو سر چارلس نيپئر جي ڀاءُ وليم نيپئر جي تاريخ جو حوالو ڏيندي ان مورخ جي باري ۾ لکي ٿو ته "هن صاحب جنهن جي ڪتاب ۾ تمام سهڻائي سان انهن مکيه ڪردارن جو احوال ملي ٿو ۽ جنهن بابت هن لکيو آهي ته جادو جي ڏنڊي سان هن سنڌ جي واري ۽ اتي جي نهيل ڪچن ڪوٽن کي ڇهيو آهي، پر هاڻي اتي هڪ نئين مخلوق اچي ويٺي آهي. اهي مهربان پراڻا مير ۽ رئيس جي سدائين اسان جو آڌر ڀاءُ ڪندا هئا، اهي مري کپي ويا آهن ۽ سندن جاءِ تي دوزخي ظالمن جي هڪ قوم اچي ويٺي آهي جي پنهنجي پارن کي شيطاني دشمني سبب قتل ڪيو ڇڏين ۽ پنهنجي بيوس زالن کي پٽل جي نهيل ڇهبڪ سان سزا ڏين ٿا ۽ پنهنجي رعيت کي انهي ڪڙي هيٺان لتاڙيندا رهن ٿا جا ظلم جي هٿيارن سان سجايل آهي. اسين به هاڻي انهن پوتن ۾ سمائجي ويا آهيون جي چوڌاري پيا ڏسجن." (3).

هتي ڪيپٽن ايسٽوڪ انگريزن کي جنهن دوزخي ظالمن جي قوم سان ڀيٽيو آهي ۽ جيڪي ان جا اوصاف لکيا آهن، انهن مان اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا ته هن ملڪ ۽ ان جي عوام تي ڇا گذريو هوندو. ان دور جي ظلم ۽ زيادتي جي جهلڪ خود

---

(1) "تاريخ مظهر شاهجهاني"، ص 156 .

(2) ايضاً ص 157 .

(3) ڪيپٽن ايسٽوڪ، "نئين مصر جا پراڻا ورق" سنڌي ادبي بورڊ .

ڪئپٽن ايسٽوڪ جي احوال ۾ ٻه نظر اچي ٿي. پاڻ لکي ٿو ته "اهي آسٽرين ماڻهو جن جو رت هنگري جي ماڻهن مٿان تيل ظلمن تي ٽهڪي ٿو، تن کي جيڪر اچي ڏسڻ گهرجي ته ڪهڙيون نه زبردستيون ۽ ظلم انگريزن پاران هڪ آزاد قوم جي مٿان ڪيا ويا آهن."(1) ڪئپٽن ايسٽوڪ جي هن احوال مان معلوم ٿئي ٿو ته جيڪا قوم سنڌ تي قابض ٿي هئي، اها اهڙي ظالم قوم جهڙي هئي جيڪا "دوزخي شيطانن جي هڪ قوم هئي." هو پنهنجي پاڻ کي شيطاني دشمني جي ڪري قتل ڪري ڇڏين ٿا. پنهنجي بيوس زالن کي پٽل جي ڏهيل چهبڪ سان سزا ڏين ٿا. پنهنجي رعيت کي ڪڙي هيٺان لتاڙيندا آهن جيڪا ظلم جي هٿيارن سان سجايل آهي.

جن حاڪمن کي ٻه هٽايو ويو، آهي پنهنجي حڪومت جو ڪاروبار ڪهڙي طرح هلائيندا هئا، ان جي باري ۾ سنڌ يورپي پاءُ ڊاڪٽر جيمس برنس اسان کي ٻڌائي ٿو ته "امير پنهنجو ڪاروبار پريات ڪان ۾ ڪلاڪ اڳ شروع ڪندا آهن. ان وقت هو خانگي دربار ڪندا آهن، جنهن ۾ ڪارون ٻڌندا ۽ پنهنجي علائقن جو انتظام ڪندا آهن. سج اڀرڻي مهل ڪپڙن بدلائڻ لاءِ پنهنجي ڪمرن ۾ ويندا آهن ۽ ٿوري وقت ڪان پوءِ هو دربار ۾ ايندا آهن جتي سمورو خاندان باقاعدي موجود هوندو آهي. جتي حڪومت جو ڪاروبار هلائيندا آهن اتي جيڪي خط رات يا اڳئين ڏينهن تي آيل هوندا آهي انهن اڳيان ڍير ڪري رکيا ويندا آهن. ٻارهين وڳي تائين خطن پڙهڻ ۽ انهن تي حڪم ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ وقت صرف ڪندا آهن. پوءِ هو ناشتي لاءِ اٿندا آهن، ٻين وڳي هو وري ٻاهر نڪرندا آهن ۽ سج لٿي تائين گڏ هوندا آهن. جنهن کان پوءِ پنهنجي گهر وڃي رات لاءِ آرامي ٿيندا آهن. (2) "ببين تفاوت ره از ڪجا تابڪجا."
مظهر شاهجهاني، ميرزا احمد بيگ جي دور لاءِ لکي ٿو ته "رعيت شهنشاهي ڪه خزانه خوب شهنشاهه است خراب و ضايع ساخته و بدست اوهم از ظلم و ستم سوائے بدنامي چيزي ديگر نيامده، و رفته رفته ڪار اين ملڪ بجائے رسيد ڪه ملڪ نا پرسان و ملڪ بيدادان و ملڪ بيڪسان شده.(3) (يعني رعيت جيڪا بادشاهه جو بهترين خزانو آهي، ان کي ويران

(1) ڪئپٽن ايسٽوڪ، "نئين مصر جا پراڻا ورق"، ص 260.
(2) ڊاڪٽر جيمس برنس، "سنڌ جي دربار،" ص 73.
(3) "تاريخ مظهر شاهجهاني"، ص 173.

۽ برباد ڪري ڇڏيو. ظلم و ستم جي ڪري ڪس به سواءِ بدنامي جي ڪجهه به حاصل نہ ٿيو. رفتہ رفتہ حالت اها ٿي وئي جو هي ملڪ ننڍڙو، انڌيرنگري ۽ مظلومن جو ملڪ ٿي ويو. مظهر سنڌ جي ماڻهن لاءِ لکي ٿو تہ "رعيت ولايت سنڌ مسلمان و اڪثريت غريب و خدا ترس اند و تاب ظلم و ستم جاگيرداران چندان ندارند."(1) يعني صوبي سنڌ جي رعيت مسلمان اڪثريت اشراف ۽ خدا ترس آهي ۽ جاگيردارن جي ظلم و ستم سهڻ جي ان ۾ طاقت نہ آهي.

هن احوال مان معلوم ٿيو تہ شاهہ جهان بادشاهہ جي دور ۾ جيڪو مغل حڪومت جي اوج جو زمانو آهي ۽ چوندا هئا تہ "از هيبت شاهہ جهان لرزد زمين و آسمان"، ان جي دور ۾ بہ ڏورانهن صوبن جو انتظام ڪهڙي طرح هلندو هو. پر اها حقيقت اها آهي تہ اهو احوال انگريز دور لاءِ بہ صحيح لڳي ٿو ڇو جو اهي حاڪم بہ رعيت کي پنهنجي ڪڙي هيٺيان لتاڙيندا هئا جيڪا ظلم جي هٿيارن سان سجايل هئي. جڏهن رعيت کي ظلم جي ڪڙي هيٺان لتاڙيو ويو ۽ اهڙا نوجوان عملدار انتظام لاءِ مقرر ڪيا ويا تہ انهن نہ رڳو مارڪٽ ڪري پنهنجي تقدير کي پنهنجو فرمانبردار بڻايو بلڪ ساري ملڪ کي بہ پنهنجو فرمانبردار بڻايو. اهوئي سبب آهي جو ساري سنڌ ۾ انگريز فيل مست مشهور ٿي ويو. قديم جنگ جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ هڪ فيل مست ڏهہ هزار گهوڙيسوار لشڪر کي آسانيءَ سان منتشر ڪري سگهي ٿو. ان مان اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ هن ملڪ تي ڇا ظلم ۽ ستم ٿيو هوندو. ان ظلم ۽ ستم کي ڏسي سائگي جهڙو حساس طبيعت انسان ڪهڙو نہ بي چين ٿيو هوندو. پيو تہ سندس تعلق سنڌ جي حڪمران گهراڻي سان هو ۽ پاڻ هڪ شاعر بہ هو، ان ڪري هن ظلم ۽ زيادتي تي ڪهڙي طرح خاموش رهي سگهيو ٿي.

انگريز جي دور ۾ سنڌ تي جيڪي ستم ٿيا ٿيا ان جو ڪجهہ احوال ڏنو ويو آهي پر اهو احوال نهايت ادب سان پيش ڪيو ويو آهي. خود کهڙو صاحب لکي ٿو تہ "پوليس جو ذڪر ڪندي اسان کي ادب سان اوهان جي توجهہ تي هي ڳالهہ آڻڻي آهي تہ سنڌ اندر پوليس جا ظلم ۽ بي ايمانيون حد کان وڌي ويون آهن. اسان جو فرض آهي تہ اوهان کي هن سڌي ڳالهہ کان واقف ڪيون تہ جيڪڏهن انهي افسوسناڪ حالت کي

(1) "تاريخ مظهر شاهجهاني".

بند ڪرڻ لاءِ سرڪار ڪي زبردست قدم نہ کڻندي تہ صوبي جو سمورو انتظام درهم برهم ٿي ويندو. سنڌ جا ماڻهو تيار ويٺا آهن تہ هو اهڙن ظالمن جي پڪڙڻ ۾ سرڪار جي امداد ڪن پر ماڻهن ۾ ويساهہ ۽ اعتبار پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ سرڪار پنهنجي طرفان ڀرپور ابتدا ڪري خاطري ڏياري تہ پوليس جا ظلم بند ڪرڻ لاءِ سرڪار ايمانداري سان خواهشمند آهي."

هن احوال مان واضح ٿئي ٿو تہ ماڻهن ڪي يقين هو تہ سرڪار سنڌ جي انتظام ڪئي ٺيڪ ڪرڻ ۾ ايماندار نہ هئي ۽ پوليس جا ظلم سندس اشاري تي ٿي رهيا هئا. "چو خواهد ڪہ ويران ڪند عالمي، نهد ملڪ در پنجهٔ ظالمي" پر سنڌ جا ماڻهو تہ غريب ۽ خدا ترس آهن، پوءِ ان ظلم جو مقصد ڇا هو، ان لاءِ ڪئپٽن ايسٽوڪ، سر چارلس نيپئر جا جا پنهنجا لفظ ڏيندي لکي ٿو تہ: "انگريز هندستان ۾ اڳرائي ڪندڙ هئا ۽ جيتوڻيڪ اسان جو فرمانبردار ڪو غلط ڪم نٿو ڪري پر ان هوندي بہ سندس وزير اهو ڪم ڪن ٿا. ڪنهن بہ ليکي يا ماڻهو ڪي نيپولين تي ڏوهہ مڙهڻ کان اڳ انگريز وزيرن جي گناهن ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي جن هندستان ۽ آسٽريليا فتح ڪيو هو ۽ جن ماڻهن اتي ظلم جي بازار گرم ڪري رکي هئي، تن جي هنن حفاظت ڪئي. اسان جي وزيرن جا ڏوهہ نيپولين کان بہ وڌيڪ خراب هئا. ڇاڪاڻ تہ نيپولين تہ اسپين جي بادشاهہ جي خرابين جي ڪري لالچ ۾ اچي ويو هو، نہ تہ سندس مقصد ڪمپائي يا ظلم تي پڌل ڪونہ هو. پر انگريز حڪومت جو خاص مطلب هو پنهنجي واپارين کي شاهوڪار بنائڻ. ماڻهن انهي کي "شاهوڪريسي" جو خوب نالو ڏنو آهي اهڙو گندو ۽ ذليل ظلم ڪڏهن بہ ڪنهن حڪومت طاقت هٿ ڪرڻ لاءِ نہ ڪيو هوندو. اسان جو هندستان (سنڌ) فتح ڪرڻ جو خاص مقصد هو پئسو ۽ پئسي جي لالچ، جو چون ٿا تہ گذريل ٺ سالن ۾ هڪ ارب (هڪ سو ڪروڙ) پائونڊ هندستان مان ڪڍيا ويا آهن. اهوئي سبب آهي جو اسان اتي بي انداز ظلم زيادتيون روا رکيون ۽ ماڻهن کي ستايو. انهن ڏوڪڙن جو هر هڪ شلنگ رت جي تلاءَ مان، چونڊي ڪڍيو ويو آهي ۽ رت اکهي قاتل جي کيسي ۾ وڌو ويو آهي. اوهان انهي کي ڪيترو بہ آگهو ۽ صاف ڪيو پر رت جو تڪو ڪڏهن بہ انهي تان ڪونہ لهندو. اهو رت جو تڪو متش لڳو ايندو ۽ اسان کي انهيءَ جو بدلو ضرور ملڻو آهي. سنهنجو ايمان آهي تہ اتون ظالم نيپولين کي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ظلمن کان وڌيڪ چڱو ٿو سمجهان. هڪ ماڻهو جو فقط طاقت انهي جو اصول هوندي

آهي ته فتح ڪيل ملڪن ۾ ڇڱو پير ڪڍجي ته جيئن نيڪ نالو قائم ٿئي. پر اهي ماڻهو جيڪي عالمگير غبن جا گهورا هوندا آهن انهن جي نيت فقط شاهوڪار ٿيڻ جي هوندي آهي، پوءِ پل ته انهيءَ ارادي پوري ڪرڻ ۾ لکين ڪروڙين ماڻهن جون خوشيون تباهه ٿي وڃن." (1)

انگريز عملدارن شاهوڪار ٿيڻ جي شوق کي ڪهڙي طرح پورو ڪيو، ڪئپٽن ايسٽوڪ اسان کي ٻڌائي ٿو ته "ٿوري وقت ۾ اشراف ماڻهن کي چونڊي ڪڍيو ويو ۽ سندن جاءِ تي اهڙا هيچڙي مقرر ڪيا ويا جن کي فقط ڪمائي جي لڳي پئي هئي. نتيجو اهو نڪتو جو اهي رعيت کي بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي تمام گهڻو ڦرڻ لڳا. انهيءَ کان پوءِ هڪ عالمگير لڳي اچي منهن ڪڍيو. رستن تي بدمعاشن جون قطارون پنهنجي لچاين جي پوشاڪ پهري، ماڻهن ۾ سرڪاري نوڪر هجڻ جو ڊپ وجهڻ لڳا. مارشل لا لڳل هو. جنهن ڪري فقط تهمت لڳڻ سان ماڻهو سخت عذاب ۾ اچي ويندو هو. سزائون ڏاڍيون ڳريون رکيل هيون، جنهن ۾ معمولي سزا ڏهن، پندرهن ۽ ويهن هزار رپين تائين هوندي هئي. ان سان گڏ زنجيرن ۾ جڪڙجي قيد ٿيڻ جي سزا به ڏني ويندي هئي، جنهن جو مدو ستن يا ڏهن سالن کان به مٿي هوندو هو. اهي سزائون بر وقت ڏنيون ويندڀون هيون، ان ڪري ماڻهن جي سخت بي عزتي ٿيندي هئي، جيتوڻيڪ اپيل وغيره جو به حق ڏنل هو ۽ اهو به ضروري ڪو نه هو ته سينئي جي اپيل تي غور ڪيو وڃي."(2)

اهو انگريز جو دور هو جنهن جي گهڻا ماڻهو واهه واهه ڪندا آهن. فاتح مياڻي، سر چارلس نيپئر جي قول مطابق انگريزن هن ننڍي ڪنڌ کي دولت حاصل ڪرڻ لاءِ فتح ڪيو هو. حاڪمن کي هر جائز ۽ ناجائز طريقي سان هن ننڍي ڪنڌ جي عوام جي رت جي ٿلاءُ سان دولت ڪيندي ڏسي ديسي عملدارن به پنهنجا ڪارناما ڏيکارڻ شروع ڪيا. سنڌ ۾ اهڙي قسم جون ڳالهيون لکڻ جي اجازت نه هئي، ان ڪري مورخ خاموش آهن، البت هندستان جون ان وقت جون اخبارون اهڙيون خبرون ڏينديون هيون. محمد عتيق صديقي صاحب پنهنجي تصنيف ۾ رام چندر جو احوال ٻڌائيندي لکي ٿو ته: "رام چندر جنهن جو ذڪر مٿي ڏنل اقتباس ۾ آيو آهي، ان جي ذات ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڦرلٽ ۽ بد انتظامي جو، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن

(1) ڪئپٽن ايسٽ—، "نئين مصر جا پراڻا ورق"، ص 306.
(2) ايضاً. ص 328.

هندستانين کي ۽ پنهنجا هٿ رنگڻ جو موقعو ملندو هو، حيرت انگيز نمونو پيش ڪري ٿي. رامچندر صرف سٺ روپيه ماهوار جو ملازم هو پر هن ۽ پنهنجي اولاد لاءِ ساڍا ٻارنهن ڪروڙ رپيا وراثت ۾ ڇڏيا." (1) هن مان اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا ته جڏهن سٺ رپين جو معمولي ملازم ساڍا ٻارنهن ڪروڙ رپيا ڪمائي سگهي ٿو ته وڏا آفيسر يقيناً انگلستان جي لارڊن کان ۽ وڏيڪ شاهوڪار ٿي انگلستان واپس ويندا هئا. نه رڳو ايترو بلڪ بيگناهه ماڻهن کي قتل ڪندا هئا ته ڪين ڪوبه قانون سزا نه ڏيندو هو.

محمد عتيق صديقي هڪ خبر جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته "هڪ انگريز شڪار تي ويو ته سندس نشانو خطا ٿي ويو ۽ وڃي هڪ عورت کي لڳو ۽ 'مرغ روحش از تن عنصری به پرواز درآمده' هن جي روح جو پکي جسم مان پرواز ڪري ويو. هن گوري آفيسر جڄ صاحب جي اڳيان قبول ڪيو ته عورت هن جي گوليءَ مان مئي آهي، پر سندس نشانو هڪ ڪتي تي هو جو خطا ٿي ويو. گوري جڄ صاحب فيصلو ڏنو ته آفيسر عورت کي ڄاڻي ٻجهي قتل نه ڪيو آهي، ان ڪري هن کي آزاد ڪيو ٿو وڃي."(2) ساڳيو مصنف ڪمپنيءَ جي دور جي هڪ فارسي اخبار "سلطان الاخبار" جي هڪ خبر ۾ لکي ٿو ته "سلطان الاخبار جي پهرين نمبر جي هي خبر "خبر عدالت صدر ڪلڪته" هن اعتبار کان ۾ ڏاڍا اهميت رکي ٿي ته جيستائين اخبار جي پاليسي جو تعلق آهي ته اها هن خبر مان واضح ٿي وڃي ٿي. هي خبر اوڻويهين صدي جي انگريزن جي وحشاڻي جنسي ڪرتوتن جو هڪ شرمناڪ داستان آهي. انگريزي عدالت جنهن جي انصاف پروري تي انگريز تاريخ نويسن کي هميشه ناز رهيو آهي، هن مقدمي ۾ جيڪو رويو اختيار ڪيو، اهو انصاف کي قتل ڪرڻ جو هڪ عبرتناڪ مثال آهي. خبر هي آهي: "شنیده ام که دختری هندوی بحضور حاکم مرافعه برد که فلان انگریز جرنیل خواهرم را از کنار آب ربود..." يعني ٻڌو اٿم ته هڪ عورت حاڪم جي حضور ۾ فرياد ڪيو ته سندس ڀيڻ کي هڪ انگريز جنرل واهه جي ڪناري تان زوري کڻي ويو... ان جا ماءُ ۽ پيءُ "ان بد ناموسي جي ڪري ڏک جي باهه ۾ سڙي ويا. ان انگريز کي جڏهن ان ڪيس جي خبر پئي ته پوليس سان سازش ڪري ساري خاندان کي جيل ۾ وجهرائي ڇڏيائين. سندس پوڙهي ماءُ جيل ۾ وفات ڪري وئي." اخبار جو

(1) محمد عتيق صديقي، "هندوستاني اخبار نويسي (ڪمپني جي دور ۾)"، ص 43.
(2) ايضاً، ص 241.

ايڊيشن لکي ٿو ته ”اين است ظلم انگريز بر رعيت.“(1) يعني اهڙو آهي انگريز جو ظلم رعيت تي. انگريزن جا اهڙي قسم جا ظلم ۽ زيادتيون مسڪين رعيت تي ان کان پوءِ به جاري رهيون آهن.

هن ملڪ ۾ ان مست هاٿي پيو جا ڪجهه ڪيو، ان لاءِ گهڻا ڪتاب موجود آهن، پر هتي سنڌن قرلت ۽ قتل عام جا به مثال لکون ٿا، جيڪي هندستان ۽ سوڊان جي تاريخ جا آهن، جن جي مطالعي کان پوءِ اسان اندازو لڳائي سگهنداسون ته اسان جي ملڪ ۾ هن مست هاٿي ڪهڙي طرح ماڻهن کي لتاڙيو هوندو. رام چندر جي قرلت جو مثال اسان لکي چڪا آهيون، ان ڪري رڳو سوڊان ۾ قتل عام جو قصو پيش ڪجي ٿو.

ايلون ٽافلر پنهنجي ڪتاب ”ٿرڊ ويو“ ۾ مشين گن جي سوشل هسٽري جي حوالي سان لکي ٿو ته جان ايلس مشين گن جي سوشل هسٽري لکندي ٻڌائي ٿو ته ڪهڙي طرح هي نئون ۽ سوتمار هٿيار جيڪو اڻويهين صدي ۾ تيار ڪيو ويو هو، ان کي باقاعدي نموني قبضي ڪيل ملڪن جي ماڻهن خلاف استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ نه يورپ جي گورنر خلاف، ڇو جو سنڌن خيال هو ته اهو مناسب نه آهي ته ان سان ڪنهن هڪجهڙي کي قتل ڪيو وڃي. قبضي ڪيل ملڪن جي ماڻهن کي قتل ڪرڻ جي مشغلي کي جنگ نه بلڪ شڪار سمجهيو ويندو هو. نيل ندي جي ڀرئين پاسي خرطوم وٽ اودرمن جي ويجهو ان نئين ايجاد جو مظاهرو ان وقت ڪيو ويو، جڏهن 1898ع ۾ مهدي سوداني جي پوئلڳن کي، جن جي رهنمائي مهدي پاڻ ڪري رهيو هو، شڪست ڏني وئي. هڪ اکين ڏٺو شاهد ٻڌائي ٿو ته: ”هي مهدي ۽ ان جي درويشن جو آخري ڏينهن هو. هي جنگ نه هئي بلڪ قتل عام هو. هن تصادم ۾ 28 برطانوي گورا قتل ٿيا ٻئي پاسي يارهن هزار درويش قتل ڪيا ويا. گويا هرهڪ گوري جي بدلي ۾ 392 سوداني درويشن کي قتل ڪيو ويو. هن احوال مان معلوم ٿيو ته هي فيل مست پنهنجي مخالفن کي ڪهڙي طرح لتاڙيندو هو. ايسٽوڪ درست لکيو آهي ته ميرن جي جاءِ تي هاٿي دوزخي شيطانن جي هڪ قوم اچي وئي آهي.

هاٿي ايس- ايم- ايڊوردس جي ڪتاب ”Crime in India“ مان ڪجهه حوالا ڏجن ٿا، جن مان معلوم ٿيندو ته نه رڳو سنڌ ۾ بلڪ سموري هندستان ۾ ڪهڙي حالت

(1) محمد عتيق صديقي، ”هندوستاني اخبار نويسي“، ص 245.

هئي . سڀ کان پهرين خون قتل جي باري ۾ هر صوبي جا انگ اکر هن طرح ڏنا آهن :

1921ع ۾ : صوبي يو - پي ۾ 735 قتل، صوبي پنجاب ۾ 697 قتل، صوبي سرحد ۾ 719 قتل، مدراس ريزيڊنسي ۾ 984 قتل، سي - پي ۾ 309 قتل، صوبي آسام ۾ 84 قتل، صوبي برما ۾ 683 قتل، بمبئي ريزيڊنسي ۾ (سنڌ سميت 1922ع ۾) 500 قتل، بهار ۽ اوڙيسا ۾ 200 قتل . ڪل 4811 قتل ٿيا." گهڻو ڪري ماڻهو چوندا آهن ته انگريزن جي دور ۾ قتل نه ٿيندو هو.

هن ڪتاب ۾ مختلف ڏوهن جو تفصيل ڏنو ويو آهي جيڪو ان دور جي حالتن کي واضح ڪري ٿو. هو لکي ٿو ته ڌاڙا ۽ ڦرون روز مره جو معمول ٿي ويو آهي ۽ ماڻهو انهن ڌاڙيلن جو ڪو به مقابلو نٿا ڪن ۽ ڦر جي ان نظاري کي خاموشي سان ڏسندا آهن . 1921ع ۾ هڪ ڳوٺ تي ڌاڙيلن حملو ڪيو ته سارو ڳوٺ انهن پنجن ماڻهن کي ڏسڻ لاءِ گهرن جي ڇتن تي چڙهي بيٺو. انهن ڌاڙيلن وٽ هڪ ديسي بندوق هئي جيڪا پيڙي يا چقمق سان هلندي هئي. اهي ڌاڙيل ڏهه هزار رپيا لٽي نهايت آرام سان ڳوٺ کان ٻاهر هليا ويا. (1)

چورين ۽ ڌاڙن ۽ ڪاٽن جا انگ اکر ڏيندي ايڊورڊس 1921ع ۾ چوري ٿيل ۽ واپس هٿ ڪيل سامان جو تفصيل هن طرح ڏنو آهي :

صوبو	چوري ٿيل مال	واپس هٿ آيل مال
آسام	6 لک	1 لک
مدراس	42 لک	6 لک
يو - پي	59 لک	6 لک
رنگون	3 لک	1 لک
بمبئي شهر	23 لک	5 لک
ڪلڪتو	20 لک	4 لک
بمبئي ريزيڊنسي	25 لک	8 لک
سنڌ سميت		
بنگال	40 لک	3 لک

(1) Edwards, S.M. "Crime in India", p. 48.

ھي اٺ ڏور جي رقم اُھي جڏھن ھڪ رپيو اَج جي ٻہ سؤ رپين جي برابر ھو: واپس ھٿ آيل رقم ڏيکاري ٿي تہ پوليس جي. ڪارڪردگيءَ ڪھڙي ھئي. اھوئي سبب ھو جو پنج ماڻھو ھڪ ديسي بندق سان سموري ڳوٺ کي لٽي ڏھہ ھزار رپيا ڪٺي آرام سان ھليا ويا. ڳوٺ وارن ڪجھہ بہ نہ ڪيو. ڪين خبر ھئي تہ چور آزاد ٿي ويندا ۽ شاھدي ڏيڻ وارا ڦيٿون کائيندا. مختلف صوبن ۾ ڪاتن جا انگ اکر بہ ڏنل آھن جيڪي پنجن ھزارن کان ڏھن ھزارن تائين آھن. رڳو مدراس صوبي ۾ ويھہ ھزار ڪاٽ لڳا ۽ بمبئي جي ريزيڊنسي ۾ (سنڌ سميت) ڏھہ ھزار ڪاٽ لڳا. (2)

چورين لاءِ ھي صاحب لکي ٿو تہ ڪن صوبن ۾ انھن جا پنجويھن کان ٽيھن ھزارن تائين ڪيس ٿيندا. پر نالي چڙھيل چورن ۽ ڌوھارين جي آڱرين جي نشانن جو تعداد ڏسي حيراني ٿي ٿئي تہ ايترا ڌوھاري ھن ننڍي کنڊ ۾ ڪھڙي طرح پيدا ٿيا. 1921ع جا انگ اکر ھن ريت آھن.

صوبو	ڌوھارين جو تعداد
مدراس	228,000
پنجاب	300,000
يو- پي	211,000
برما	135,000
بھار ۽ اوڙيسا	135,000
بمبئي (سنڌ سميت)	115,000
سي- پي	80,000
آسام	25,000

ايڊورڊس ايتري تعداد ۾ ڌوھارين جي ھئڻ جا اسباب ٻڌائيندي لکي ٿو تہ "ڌوھارين ۾ واڌ جو سبب ٻھراڙي ۾ پوليس جو ناڪافي انتظام آھي. بمبئي ريزيڊنسي (سنڌ سميت) ۾ پوليس پٽيل ڪنھن ڪم جو نہ آھي. بنگال ۾ بہ چوڪيدار بيڪار آھي. ھن جو پگھار تمام گھٽ آھي. بھار ۽ اوڙيسا ۾ ھن جو پگھار اداڻي رپين کان پنج رپيا

1. Edwards, S.M. "Crime in India", p. 48.
2. Edwards, S.M. "Crime in India", p. 53.

مهينو آهي، سو به هن ڪي هر مهيني ٿو ملي. آسام جو به ساڳيو حال آهي". صاحب موصوف وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته: "پوليس جو پگهار گهٽ آهي. هڪ تازي رپورٽ مطابق انسپيڪٽر هڪ نهايت اهم آفيسر آهي. هن جي ڪلهن تي گهڻو بار آهي. هر موڙ تي هن کي ايمانداري تان هٿ کڻڻ تي مجبور ڪيو ٿو وڃي. پر هن جو پگهار ايترو آهي جو مشڪل سان بمبئي ۾ هو هڪ بورچي يا ڊرائيور نوڪر رکي سگهي ٿو. عوام هن کان نهايت شرافت هوشياري ۽ وفاداري جي گهر ڪري ٿو ته ان جي لاءِ کيس قيمت ادا ڪرڻي پوندي. حڪومت جو سمورو زور گورن آفيسرن جي پگهار وڌائڻ تي هوندو هو، جيئن واپس وڃي پنهنجي وطن ۾ عيش ڪن (1) ۽ هن نندي ڪنڌ جا بيگناهه ماڻهو ڏکن سورن جي دوزخ ۾ سڙندا رهن. عوام هنن دوزخي شيطانن جي قوم جي حڪومت کان سخت تنگ اچي ويا هئا. پر افسوس جي ڳالهه جو آهي ته آزادي کان پوءِ اسان انهيءَ راهه تي آهيون، جنهن تي گورا ڇڏي ويا آهن. هن احول مان معلوم ٿئي ٿو ته سانگي سائين جي شڪايت روايتي نه بلڪ حقيقي آهي. هتي تاجرن (ايسٽ انڊيا ڪمپني) ۽ تاج شاهي جي پنهنجي دور حڪومت جا مثال پيش ڪيا ويا آهن جن مان اميد ته سانگي سائين جي دور جي تصوير واضح ٿي وئي هوندي.

اسان ڏٺو ته انگريزن هن ملڪ تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ ڪهڙي طرح هن جو انتظام هلايو. گورن پاڻ هن ملڪ کي لٽيو. ميرن جي زماني ۾ سنڌن آمدني پنجاهه لک هئي پر انگريزن جي دور ۾ براج کان اڳ سهوليتن ۾ اضافي ڪرڻ کان سواءِ سنڌن آمدني هڪ سؤ ويهه لک تي وئي. ايسٽوڪ چوائي، ان کان سواءِ ملڪ جو انتظام هنن هيٺين ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏيو، جن کي رڳو پنهنجي ڪمائي جي لڳي پئي هئي. آفيسرن ۽ سرڪاري ماڻهن کي جائز ناجائز طريقي سان مال ۽ دولت جمع ڪندي ڏسي، اهي هيٺيون ۽ لالچي جيڪي لڪا وينا هئا، سي ميدان ۾ نڪري آيا، جن جي گڏ ڪيل هر رپئي جي پائي پائي عوام جي رت مان رڱيل هئي. اهو حال ڏسي سانگي چيو ته:

دلفريبي ختم باشد يرزن دنيائي دون

غير اوهم دلربا مبود سيديم سا.

اڄ سارو زمانو دنيائي درن جي حقير شين جو عاشق ۽ ديوانو آهي. سيني جو

(1) Edwards, S.M., "Crime in India", pp 110, 111, 112.

محبوب هي دنيا ئي آهي. جيڪڏهن ان کان سواءِ ڪو ٻيو محبوب هجي ته يقيناً ماڻهو ان جا به عاشق هجن ها پر سڀ دنيا جا ئي ديوانا آهن.

عجائب بين اندر اين روزگار، شود مور با شير زور آزما.

هن شعر ۾ سانگي سائين مور يعني ماڪوڙي ۽ شينهن جا اکر استعمال ڪيا آهن، جن مان سندس مقصد ڪمزور ۽ طاقتور نه آهي ۽ نه وري باحيثيت ۽ بي حيثيت انسان آهي. سانگي سائين لطيف سائين جو هڪ مخلص مريد آهي. ان ڪري سندس نگاهه ۾ انسانن جو قدر ۽ قيمت سندن سهڻن اخلاقن ۽ سٺين خصلتن مطابق ڪئي ويندي آهي. تنهنڪري هتي ماڪوڙي مان مراد اهڙا انسان آهن جيڪي بد اخلاق آهن ۽ شينهن مان مراد خوش اخلاق، امانت دار، ديانتدار، سچا ۽ بهادر انسان آهن. مطلب اهو ته اڄ اهڙو دور اچي ويو آهي جو بزدل، ڪاذب سچار ۽ بهادرن کي مقابلي ڪرڻ جي دعوت ڏئي رهيا آهن.

نديده نه شنيده کسی اين چنين،
که کند پشه با پيل پيکار.

هن شعر ۾ سانگي سائين مٿين شعر وارو مضمون بيان ڪيو آهي. چوي ٿو ته اهڙي ڳالهه نه ڪنهن ڏٺي نه ڪنهن ٻڌي آهي ته مڇر جهڙي معمولي شيءِ هاٿي جهڙي ديو هيڪل جانورسان مقابلي لاءِ تيار ٿي وئي آهي. زماني جا عجب دور آهن.

بخت چون بر گشته گردد شير گيره شغال
قدرت حق را تماشا کن که جائے عبرت است.

يعني جڏهن بدبختي ايندي آهي ته گدڙ شينهن کي شڪار ڪندا آهن. الله سائين جي قدرت کي ڏس ۽ ان کان عبرت حاصل ڪر، ڇو جو اهو رڳو قدرت ئي ڪري سگهي ٿي، نه ته گدڙن جي ڪهڙي مجال آهي جو شينهن جو مقابلو ڪن. مطلب ته هن ملڪ جا بهادر ۽ سرويچ ماڻهو جيڪي شينهن وانگر آزاد هوندا هئا، آهي هاڻي گدڙ جهڙي بزدل ۽ گهٽ همت وارن جا غلام ٿي ويا آهن.

اسپ باشد زير پالان خربود يا زين زر،
در اميران جهان اين قدرداني مانده است.

نئون دور، نوان حاڪم، نوان امير. فارسي ۾ چوندا آهن ته هر که آمد عمارت نو ساخت.

نئين سرڪار نئين دربار. اهي امير ۽ درباري کهڙي قسم جي قدرداني ڪندا هئا. سانگي سائين پڌائي ٿو ته هن دور جي اميرن بهترين عربي گهوڙن تي پالاڻ وجهي، هنن ڪان گڏهن ۽ خچرن وانگي بار ڍوئڻ جو ڪم ورتي رهيا آهن ۽ گڏهن تي سونا سنج رکيو ويٺا آهن. گهڻا سال اڳ شايد ريگستان ۾ پنهنجي سائين جا ڪجهه شعر پڙهيا هئم، جن ۾ زماني جي شڪايت ڪئي وئي هئي. انهن مان هي شعر ياد اچي ويا آهن:

ڦوڪون ڏين فيل ڪي ٿيون ڳوهون ڳڙهي رنگ
بحري ماري باز ڪي هٽيو ٽيتهر تنگ
سڪن سڪي گاهه لاءِ ٿا عربي گهوڙا جنگ
ڪنڌي چرن ڪر ٿا چٽا متر ۽ سنگ.

حضرت حافظ شيرازي به زماني جي شڪايت ڪندي چوي ٿو ته:

اسپ تازی شده مجروح زير پالان،
طوق زرين هم درگردن خرمی بينم.

اها به حقيقت آهي ته حاڪم پراڻا ڪن ۽ خوشامد پسند هوندا آهن. اهوئي سبب آهي جو خوشامدي ۽ چرب زبان ماڻهو حاڪمن جي دربارن ۾ آساني سان پهچي ويندا آهن ۽ سندن بربادي جو سبب ٿيندا آهن. اهڙن ئي ماڻهن جا رستا بند ڪرڻ لاءِ سنڌي ۾ مشهور چوڻي آهي ته "ڪنن پڌي سچي ڪوڙي ۽ اکين ڏٺي به اڌ ڪوڙي." ان هوندي به چغلخور ۽ خوشامندي پهچي وڃن.

بهر ناڪاران بدنيا ڪامرانی مانده است،
و از پئے شرفاء گردان دمشبانی مانده است.

سانگي سائين فرمائي ٿو ته اهڙو دور اچي ويو آهي جو جن ۾ نه علم، نه حلم، نه شرافت، نه فضيلت، نه ايمانداري، نه ديانتداري، نه خوش اخلاقي، نه همت ۽ نه شجاعت آهن، اهڙن ماڻهن لاءِ ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون آهن. ۽ جيڪي شريف ۽ ايماندار آهن، انهن ڪي ڪابه عزت نٿي ملي. آهي ڏرن برن ۾ ڀٽڪندا ٿا وتن. اهوئي سبب هو جو انگريزن جي دور ۾ عزت ۽ شرافت جو معيار دولت بنجي وئي ۽ علم اخلاق ايمانداري ۽ شرافت جو ڪوبه قدر نه هو. عزتدار ٿيڻ لاءِ دولت ضروري شيءِ هئي پوءِ ڪٿي اها ڪهڙي به طريقي سان حاصل ڪئي وئي هجي. اڄ تائين اسان وٽ اهو معيار

برقرار آهي. هڪ ايماندار ماڻهو پنهنجي ايمانداري ۽ ديانتداري جي ڪري غربت ۽ مسڪيني ۾ گذاريندو آهي ۽ سندن شمار ڪميڻن ۾ ٿيندو آهي.

عبدالواسع غرجِتاني درست لکيو آهي ته:

معدوم شد مروت منسوخ شد وفا
زان هر دو نام ماند چو سيمرغ و کيميا.

يعني مروت ۽ وفا هن دنيا مان ختم ٿي وئي آهي. انهن جو صرف سيمرغ ۽ ڪيميا وانگي نالو وڃي باقي رهيو آهي.

سانگي سائين فرمائي ٿو ته:

هر کجا منعم بہ مال مفت گيرد افتخار
دور ز آنجا شو کہ آن جائی نزول لعنت است.

يعني جنهن جاءِ تي مفت جو مال ڏسو ۽ وري ان مال تي امير ٿيڻ وارا ان دولت تي پنهنجي دولت مند ٿيڻ تي فخر ڪن ٿا ته ان جاءِ کان پري رهو، ڇو جو مفتخورن ۽ سندن مال تي هر وقت آسمان کان لعنت وسندي رهندي آهي.

هڪ بزرگ هڪ گفتگو دوران ٻڌايو ته حرامخور جي اصلاح آسان آهي پر مفتخور نهايت نالائق مخلوق آهي، سندس اصلاح ناممڪن آهي. اهڙن مفتخورن کي ۽ مفت جي مالدارن کي سانگي سائين خبردار ٿو ڪري ته:

هيچ بيکس را بچشم کم مبين هرگز کہ او
از مکان بگزشت اکنون لا مکانی مانده است.

هن شعر ۾ سانگي سائين تصوف جي ٻن اصطلاحن کي استعمال ڪري هڪ بي گهر، غريب ۽ مسڪين کي آسمان جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو آهي. لا مڪاني تصوف جي هڪ نهايت بلند منزل آهي پر عام طرح سان هن دنيا ۾ جنهن ماڻهو وٽ مڪان نه هجي اهو بي گهر سڏيو ويندو آهي. سانگي سائين فرمائي ٿو ته اي دولت مند، ڪنهن به غريب بي گهر کي گهٽ عزت جي نگاهه سان نه ڏسو ڇو جو هو مڪان جي منزل کان بلند ٿي لامڪاني جي اعليٰ رتبي تي فائز ٿي ويو آهي. يقيناً لامڪان هوندي به توهان مڪان وارن کان سندس رتبو مٿاهون آهي. سانگي سائين پاڻ به ڪجهه وقت دنياوي لامڪاني جي ڪيفيت ۾ گذاريو هو. عجب رنگ الله جا، ڪڏهن مڪان وارو لامڪاني ٿيو وڃي ته ڪڏهن لامڪاني مڪان وارو. اها تبديلي ايندي رهندي آهي.

ايراني شاعر درويش دهڪي سهڻو شعر چيو آهي:

هر روز اختيار جهان پيش ديگر يست،
دولت مگرگدا ست کہ هر روز برد ريست.

شاعر چوي ٿو تہ هن دنيا جو اختيار ۽ اقتدار هڪ هٿ کان ٻئي هڪ ۾ منتقل ٿيندو رهندو آهي. گويا حڪومت هڪ فقير وانگي آهي جيڪو روز نئين در تي صدا ڏيندو رهندو آهي.

ٽالپرن جي حڪومت ختم ٿي تہ انگريزن جو دور شروع ٿيو. ايسٽ انڊيا ڪمپني لنڊن جي واپارين ۽ تاجرن جي هڪ تنظيم هئي جيڪا واپار ڪندي آهستي آهستي دنيا جي وسيع علائقن تي قابض ٿي وئي. سندن مقصد منافعو ڪمائڻ هو. ان منافع جي راهہ ۾ مقامي حڪومتون رڪاوٽون پيدا ڪنديون هيون. مولانا باري پنهنجي ڪتاب "ڪمپني جي حڪومت" ۾ نواب سراج الدولہ جو هڪ خط ڏنو آهي، جنهن ۾ نواب صاحب انگريز منتظم کي لکيو آهي تہ "توهان جا ايجنٽ پنهنجون شيون، جن جي قيمت پنج رپيا آهي ان لاءِ ويهہ رپيا وصول ڪن ٿا ۽ اسان جون تيار ڪيل شيون جن جي قيمت ويهہ رپيا هوندي آهي ان لاءِ صرف پنج رپيا ڏين ٿا. اوهان جي ايجنٽن کي نوڪري کان سواءِ ٻي ڪابہ آمدني نہ آهي. ان کان پوءِ بہ هو چند سالن ۾ لکاپتي ٿي وڃن ٿا. اهي ڪهڙي طرح امير ٿين ٿا ان جي اسان کي ۽ توهان کي خبر آهي." هن خط کان پوءِ نواب صاحب تي مختلف ڪوڙا الزام لڳائي کيس شهيد ڪيو ويو. ان وقت سندن عمر ويهہ سال هئي. ان طرح ايسٽ انڊيا ڪمپني پنهنجي ناجائز منافع خوري جي رڪاوٽن کي ناجائز طريقي سان هٽائي منافع خوري جي لاءِ ميدان وسيع ڪري ڇڏيو. مولانا باري صاحب ٻڌائي ٿو تہ "ريشمي ڪپڙو تيار ڪرڻ وارن کي نهايت گهٽ قيمت ڏني ويندي هئي. سندن انڪار تي کين ڪوڙا هڻي زوري گهٽ قيمت ڏني ويندي هئي. ان عذاب کان جان ڇڏائڻ لاءِ انهن ڪاريگرن پنهنجي هٿن جا آڱوٺا ڪپي ڇڏيا." ڪمپني ۽ سندن ڪارندن کي دولت جو ديوانو ڏسي ساٿهن بہ حاڪمن جي نقش قدم تي هلڻ شروع ڪيو. هاڻي عزت ۽ شرافت جو معيار دولت تي هو. ان حالت کي ڏسندي سانگي سائين لکي ٿو تہ:

هر آن ڪسي کہ تهي دست ماند ادني شد
بہ خاڪروب اگر دولت است اعلیٰ شد

يعني هر اهو شخص جنهن وٽ دولت نہ آهي، اڻنيا ۾ ڪميڻو آهي، ڀوءِ اهو اخلاق، علم، فضيلت ۽ ايمانداري جي دولت سان ڀلي مالا مال ڇو نہ هجي. ان جي مقابلي ۾ جيڪڏهن هڪ خاڪروب (ڀنگي) وٽ دولت آهي تہ اهو اشرافن ۽ صاحب فضيلت ۽ اعليٰ قسم جي ماڻهن ۾ شمار ٿئي ٿو.

حضرت علي ڪرم الله وجه فرمائي ٿو تہ جتي توهان گهڻي دولت ڏسو تہ يقين ڪريو تہ اها ناجائز طريقي سان حاصل ڪئي وئي آهي. ايمانداري ۽ سچائي سان انسان صرف معمولي گذر سفر ڪري سگهي ٿو. هڪ شاعر سليم ان مضمون تي سنو شعر لکيو آهي:

نتيجہ اي ڪہ دهد راستي تهي دستي است

الف هميشه برائي همين ندارد هيچ

سچ ۽ حق تي قائم رهڻ جو نتيجو تهي دستي ۽ مسڪيني هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو الف جيڪو راست ۽ سڌو آهي، هميشه خالي هوندو آهي. سچار بہ هميشہ خالي هوندو آهي. سچار بہ هميشہ مشڪل ۾ هوندا آهي ۽ سندن کيسا خالي هوندا آهن.

گورن حاڪمن کي ڪمائيندو ڏسي سندن ديسي ڪارندن بہ دولت ڪمائڻ شروع ڪئي بلڪ ڪپتن ايسٽوڪ جي چوڻ مطابق حاڪمن پاڻ اشرافن کي ڪيڏي هيچي ماڻهن کي نوڪري ۾ رکيو، جن ۾ سواءِ لالچ جي ٻي ڪابہ اهليت نہ هئي. سنڌ ۾ اهڙا ماڻهو ڇا ڪجهہ ڪري رهيا هئا، اهو لکڻ جي شايد اجازت نہ هئي، پر محمد عتيق صديقي "هندستاني اخبار نويسي" ۾ هڪ اخبار جي حوالي سان لکيو آهي تہ: "ملڪ جي اندروني تجارت جي سيني شاخن تي انگريزن جو انتهائي ظالمانہ ۽ تباهہ ڪندڙ طرز جو قبضو آهي، جيڪو حد کان وڌيڪ بي ايماني تي مبني آهي ۽ سيني عيبن جي کاڻ آهي. انهن جي هٿان ملڪي تجارت ۽ عدل و انصاف جو نالو ختم ٿي رهيو آهي. لڪين ماڻهو اهڙن ماڻهن جي رحم و ڪرم تي آهن، جيڪي عوام کي لٽي مال غنيمت پاڻ ۾ ورهائي ڇڏين ٿا."(1) انگريزن جنهن طريقي سان ملڪ جي سار سنڀال ڪندا هئا، ان جو احوال پڙهي چڪا آهيون. ڇا اهڙي حالت ۾ لالچي ڪارندن کي ڦرلٽ ڪرڻ جو وجهہ نہ مليو هوندو جڏهن تہ انهن پاڻ نوڪر چوندي احمد بيگ ۽ يوسف مرزا جهڙا ماڻهو رکيا هئا. اهڙا ماڻهو خدا جي خلق کي لٽي ۽ عيش عشرت ڪري رهيا

(1) محمد عتيق صديقي، "هندوستاني اخبار نويسي"، ص 59.

آهن ۽ اشراف اوک ۾ گذاري رهيا هئا. هي حال ڏسي سانگي سائين شڪايت ٿو ڪري ته:

سفله و بد گهران راست فراغي حاصل
تنگ در دهر بود هرکه برگزيده باشد

يعني هن دور ۾ بد خصلت بد نيت ۽ بد اخلاق عيش ۽ عشرت ۾ گذارين ٿا. انهن جي ڀيٽ ۾ خوش خصلت خوش اخلاق ۽ علم ۽ فضيلت وارا تڪليف ۽ تنگي ۾ آهن ۽ ساڳئي مضمون کي صائب تبريزي هن طرح بيان ڪيو آهي:

هرکه چون تيغ مدارش کجي و خونريزي ست
خلق عالم همه گويند که جوهر دارد.

يعني هر اهو ماڻهو جيڪو تلوار وانگي ڏنگو آهي ۽ سندس ڪم خونريزي آهي، اهڙي شخص لاءِ سڄي دنيا چوي ٿي ته اهو وڏي جوهر وارو آهي. قائمي اصفهاني جو هي شعر به سهڻو آهي:

دوري است که گر جاهل و بي باک افتي
به زانکه خرد سنج به ادراک افتي.

يعني هن دور ۾ عقل مند ۽ صاحب ادراڪ ٿيڻ کان جاهل ۽ بي حيا ٿيڻ بهتر آهي، ڇو جو اهڙن ئي ماڻهن جي ترقي جو هي دور آهي. سعيد حڪيم جا هي خيال به پڙهڻ جي لائق آهن، بلڪه حسب حال آهن:

درين بازار بشکن قدر خود را،
که گيتي جنس ارزان مي پسندد.

يعني دنيا جي هن بازار ۾ پنهنجو اگهه ۽ قيمت گهٽ ڪريو ڇو جو ماڻهو سستي شيءِ کي پسند ڪن ٿا. جن ماڻهن جي قيمت گهٽ هوندي آهي، اهي چاپلوس ۽ خوشامدي هوندا آهن ۽ وري اهي سيني جي مٿي جا سوڙ هوندا آهن. ڪنهن شاعر ان مضمون کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

مانند شانه هرکه دو رو ست وصد زبان،
فرق خويش جائي دهندش بسر وري.

يعني جنهن شخص کي ڦڻي وانگي ٻه رخ هجن ۽ سوزبانون هجن ان کي هرڪو پنهنجي

مٿي ٿي ويهاريندو آهي. خوشامدي هميشه ڪامياب ٿيندا آهن. سانگي سائين جو هيٺيون غزل زماني جي شڪايت ۾ چيل آهي:

بي گهران گوئي شرافت ربود
هر ڪه درين عصر تونگر باشد

يعني بي گوهر ۽ بي‌علم و فضيلت پنهنجي تونگري جي ڪري شرافت ۽ عزت وارا ٿي ويا آهن.

نيست ز حڪام ڪسي دادگر
داد ز بيداد بہ دادور افتاد

يعني هن دور ۾ ڪو به حاڪم انصاف ڪرڻ وارو نہ آهي.

ني نسبي گرچه بدارد
عيب شمارند چون بي زر فتاد

يعني ڪنهن چڱي گهراڻي سان نسبت رکڻ اگرچه سٺي خوبي آهي پر جيڪڏهن اهو شخص بي زر ۽ مفلس آهي تہ ان جي اها خوبي ۽ عيب شمار ٿئي ٿي.

بي گهران را چون رسيد آبرو
رنگ ز گل آب ز گوهر فتاد.

جڏهن بي علم ۽ بد اخلاق ماڻهن کي عزت ۽ آبرو ملڻ لڳي ۽ اهڙن ماڻهن کي جيڪي خوش اخلاق ۽ صاحب علم و فضيلت آهن، انهن جو ڪو به قدر نہ هجي تہ ان وقت گلن جو رنگ روپ ختم ٿيو وڃي ۽ سچن موتين جي آب و تاب ۽ چمڪ جي ڪاڻ عزت ۽ قدر و قيمت نٿي رهي.

دوش بمن بلبل مسڪين گفتا،
وقت صبا ڪار بہ صرصر فتاد.

ڪلهہ مسڪين بلبل چمن جي حالت ڏسي مون کي چيو تہ صبح جي ٿڌي هوا وارو دور ختم ٿي ويو آهي هاڻي چمن ۾ تيز گرم لوهہ جو دور آهي. ڪنهن ايراني شاعر چمن جي ابتر حالت تي شعر چيو آهي:

بس نوا سنجان گلشن راست خاموشي نصيب،
در چمن زاغ و زغن را نغمہ خواني است.

يعني گلشن ۾ بلبلن لاءِ زبانبندي جو حڪم آهي. رڳوڪانگن ۽ سرڙين جي نغمہ سرائي آهي. ڇڻ اڳوڻو ميزو ناهي. گلشن ۾ چمن ۾ ڇيهن جي پولي پڌان ٿو پر هن شعر ماڻ جيڪا اسان جي چمن جي حالت نظر اچي ٿي ان لاءِ صائب تبريزي جو هي شعر مناسب معلوم ٿئي ٿو:

پيش ازين بر رفگتان افسوس ميخوردند خلق

ميخوردند افسوس در ايام مابر زندگان.

يعني اڳي خلق انهن ماڻهن لاءِ افسوس جو اظهار ڪندي هئي جيڪي گذاري ويا آهن پر هاڻ اهڙو دور اچي ويو آهي، جنهن ۾ جيڪي ماڻهو زنده آهن انهن جي اهڙي حالت آهي جو ماڻهو انهن تي افسوس ڪري رهيا آهن. آخرڪار سانگي سائين زماني جي ظلم ۽ زيادتين کي قسمت جو لکيو سمجهي دل کي صبر ڪرڻ جي هدايت ٿو ڪري:

شڪوه گردون مڪن عبدالحسين

اي عبدالحسين، آسمان جي شڪايت ۽ شڪوه نه ڪر، شايد اهوئي اسان جي مقدر جو لکيو آهي. انسان زماني جي بي قدري ۽ زيادتين کان تنگ اچي عجيب قسم جون ڳالهيون ڪري ٿو ۽ عجيب قسم جا خيال هن جي ذهن ۾ اچن ٿا. مير باقر اشرق اصفهاني ۾ شايد اهڙي ئي حالت ۽ ڪيفيت ۾ هتي شعر موزون ڪيو آهي:

از خدا برگشتگاران ڪار چندان سخت نيست

سخت ڪارما بود ڪزما خدا برگشتہ است.

شاعر چوي ٿو ته جيڪي ماڻهو الله کان ڦري ويا آهن انهن جو ڪم گهڻو ڏکيو نه آهي. مشڪل ڪم ته اسان جو آهي، ڇو جو اسان کان الله سائين ناراض ٿيو آهي. هي ڪيفيت انتهائي نااميدي جي آهي. اهوئي سبب آهي جو نااميدي کي ڪفر قرار ڏنو ويو آهي. حقيقت ۾ الله سائين اسان سان هميشه راضي هوندو آهي. پنهنجي بندن تي مهربان آهي. مشڪلاتون انسان جي پنهنجي اعمال جي ڪري يا سندس انسان ڀائرن جي غلط عمل جي ڪري پيدا ٿيون آهن. جيڪڏهن انسان پنهنجي مالڪ جي احڪامات تي عمل ڪري ته اهڙو ماحول ۽ معاشرو پيدا ٿئي ٿو، جنهن ۾ ظلم زيادتي مشڪلات ۽ تڪليفن جو نالو نه هوندو. قرآن شريف ۾ واضح طرح سان انهن بندن جو ذڪر ڪيل آهي جيڪي الله سائين کي پسند يا ناپسند آهن. پهرين انهن ماڻهن جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪي الله سائين کي پسند آهن:

"إن الله يحب الذين يقاتلون في سبيله كانهم بنيان مرصوص القرآن". يعني الله سائين انهن ماڻهن کي پسند ڪري ٿو، جيڪي الله جي راهه ۾ جنگ ڪن ٿا ۽ انهن جون صفون ديوار وانگي مضبوط ۽ محڪم آهن." آيه 61 الصف "والله يحب المحسنين". يعني خدا احسان ڪرڻ وارن سان محبت ڪري ٿو. (آيه 134 سوره 3 آل عمران)

"والله يحب الصابرين". خدا صبر ڪرڻ وارن کي محبت ڪري ٿو. (آيه 146 سوره 3 آل عمران)

"والله يحب المتوڪلين". خدا توڪل ڪرڻ وارن سان محبت ڪري ٿو. (آيه 159 سوره 3 آل عمران)

"والله يحب المقسطين". الله سائين عدل ڪرڻ وارن سان محبت ڪري ٿو." (آيه 42، 64 سوره 5 مائده)

" ان الله يحب المتقين". الله پرهيزگارن سان محبت ڪري ٿو. (آيه 704 سوره التوبه)

"والله يحب المطهرين." الله پاڪبازن سان محبت ڪري ٿو. (آيه 108 سوره التوبه)

هاڻي انهن ماڻهن جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪي الله سائين کي ناپسند آهن يا الله انهن کان ناراض ٿي سگهي ٿو.

"إن الله لايحب من كان مختالا فخورا." الله انهن سان محبت نٿو ڪري جيڪي غرور ۽ تڪبر ڪن ٿا. (آيه 36 سوره 4 النساء)

"إن الله يحب من كان خوانا اثيما." خدا خيانتڪارن ۽ گنهگارن سان محبت نٿو ڪري. (آيه 107 سوره 4 النساء)

"والله لايحب المفسدين." الله فساد ڪرڻ وارن سان محبت نٿو ڪري. (آيه 64 سوره 5 المائده)

"إن الله لا يحب كل خوان كفور." الله سائين سندس نعمت جي ڪفر ڪرڻ وارن سان محبت نٿو ڪري. (آيه 38 سوره 22 الحج)

جيڪڏهن ڪنهن ملڪ يا قوم ۾ اهڙا بندا هجن جن سان الله محبت ڪري ٿو ته ان ملڪ يا قوم ۾ صرف محبت هوندي ۽ ان معاشري ۾ الله جي بندن لاءِ مشڪلات جي پيدا ٿيڻ جا ڪي به امڪان نه آهن. ان جي مقابلي ۾ الله سائين ظالمن، فخر ڪرڻ وارن، گناهگارن ۽ فسادين، حدود کان وڌڻ وارن ۽ سندس نعمتن کان انڪار ڪرڻ وارن کي ناپسند ڪري ٿو. جنهن ملڪ يا قوم ۾ اهڙا انسان هجن جن کي الله سائين پسند

ڪري ٿو ته انهن معاشري ۾ الله جي بندن لاءِ شڪايت پيدا ٿيڻ جا امڪانات نه آهن.

اسان جي ملڪ ۾ گهڻا فاتح آيا. آريا پنهنجي ٻولي ڪٺي آيا، عرب پنهنجي ٻولي ڪٺي آيا، ايرانين سنڌ فتح ڪئي ته فارسي کي سرڪاري ۽ درٻاري زبان ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو ۽ هت مشهور ٿي ويو ته فارسي گهوڙي چاڙهسي. انگريزن هي ملڪ فتح ڪيو ته انگريزي کي سرڪاري ٻولي ٿيڻ جو مان مليو. هاڻي سرڪار ۽ دربار ۾ داخل ٿيڻ ۽ حاڪمن سان همڪلام ٿيڻ لاءِ انگريزي زبان جو اچڻ لازمي هو. ان حد تائين ته ڳالهه قبول آهي، مگر افسوس هن ڳالهه جو آهي ته اهو مشهور ٿي ويو ۽ اڄ تائين مشهور آهي ته ساري دنيا جا علم ۽ دانشون ان شخص ۾ جمع ٿي وڃن ٿيون، جيڪي ماڻهو انگريزي نٿا ڄاڻن اهي چٽ ۽ جاهل آهن. هڪ ٻولي ڄاڻڻ جدا ڳالهه آهي ۽ مختلف علوم جي ڄاڻ الڳ ڳالهه آهي. ان ڪري سائين جي هي شڪايت بجا محسوس ٿئي ٿي:

دگر نماند درين عهد از کمال نشان،
کسي که انگلش آموخته است دانا شد.

هن دور ۾ صرف انگريز ئي علم دانش ۽ فضل و ڪمال جي نشاني آهي. جيڪو هن دور ۾ صرف انگريزي ٻولي ڄاڻي ٿو اهو عالم ۽ فاضل آهي. جيڪي اها ٻولي نٿا ڄاڻن اهي نادان ۽ جاهل آهن. حاڪمن ۽ فاتحن جي ٻولي کي هر دور ۾ عزت حاصل رهي آهي. جڏهن انگلستان تي فرينچن قبضو ڪيو ته ساري ملڪ ۾ فرينچ ٻولي کي علم ۽ دانش جو نشان سمجهيو ويندو هو. ان قبضي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ به صدين تائين فرينچ ڄاڻڻ واري کي عاقل بالغ ۽ دانا سمجهيو ويندو هو ۽ جيڪو شخص پنهنجي ٻولي جو عالم فاضل هجي ۽ ٻين علوم جو به ماهر هجي ته به ان کي جاهل سمجهيو ويندو هو. نه صرف ايترو بلڪه ان کي غير مهذب ۽ چٽ سمجهيو ويندو هو.

زماني جي گردش دکن دردن ۽ بي قدرن کان بچڻ لاءِ اڪثر چڱن انسانن محبت جي دامن ۾ پناهه ورتي آهي. ان ڪري سانگي سائين به محبت جي دامن ۾ پناهه حاصل ڪئي ۽ دنيا جي غمن ۽ نا قدرن کي عشق ۽ محبت جو جامو پهرائي پنهنجي شعرن ۾ بيان ڪيو ۽ اهڙي طرح پنهنجي ڪلام کي لافاني بنائي ڇڏيو. عشق ۽ محبت جي باري ۾ چند شعر ايراني شاعرن جا پيش خدمت آهن:

زکار جهان عاشقي خوش ست مرا،
ورنه کار دارين کارخانه بيسيار است، (قاضي عطاءُالله)

کرده ام عهد کہ کاری نگز یـم جز عشق ،
بي تامل زده ام دست بکاري کہ مپرس. (صائب تبريزي)

من از آن روز کہ در بند تو ام آزادم ،
بادشاهم چـو بدسـت تـو اسير افتادم. (شيخ سعدي)

هر چيز کہ بينی اثرش کم شود آخر،
جز عشق کز و تا بقيامت اثری هست. (دهقان اصفهاني)

هالي سانگي سائين جا چند شعر پيش خدمت آهن:

دل ازان روزی کہ با سيمين تنان مائل شده ،
شد بری از نقص کلی بيگان کامل شده ،
ساقیٔ مهوش چـو مارا افسر محل شده ،
کار من الحمدالله بر مراد دل شده.

شاد باد خاطر آشفتہ باز ، بر مرادت مهربان آيد همی ،
می طپد پهلو و چشم می پرد ، شايد آن آرام جان آيد همی ،
جان رفتہ باز درجسم رسيد ، چو شنيدم جان جان آيد همی ،
ناز نين من کہ باناز گران ، شوخ و شنگم شادمان آيد همی ،
می ندانی مزده می آرد زوصل ، قاصد از دلبر دوان آيد همی.

انگريزن جي دور جي باري ۾ ڪجهہ انگ اکر پيش ڪيا ويا آهن. اهي جالتون انگريزن جي قبضي کان پوءِ سنڌ ۾ پيدا ٿيون يا صاحب لوڪن کي ٽالپر حڪومت کان ورثي ۾ مليون هيون. ان لاءِ ٽالپرن جي دور جي باري ۾ جنرل آئوٽرام جي ڪتاب ”سنڌ جي فتح تي تنقيد“ جي آخر ۾ ڏنل خطن مان صرف ٻن جا حوالا پيش ڪجن ٿا. ان کان پوءِ هن ننڍي ڪتاب ۾ انگريزن جي قبضي هيٺ آيل علائقن جو بيان ڏنو ويندو ۽ آخر ۾ خود ان وقت انگلستان جي ڪهڙي حالت هئي ان جو احوال پيش ڪيو ويندو جيئن معلوم ٿي سگهي تہ ڏوهن ۽ ڏوهارين جو ايڏو وڏو تعداد انگريزن پنهنجي نگراني ۾ پاڻ تيار ڪرايو هو جيئن هنن علائقن کان انگريزن جي مخالفت جو بدلو ورتو وڃي.

ڪپتان هارٽ ٽي سال سنڌ ۾ رهيو. هو لکي ٿو تہ ”ٽالپر حاڪم خونريزي کي سخت نا پسند ڪندا هئا. باقاعدي پوليس نہ هئڻ کان پوءِ بہ ماڻهن جي جان مال

محفوظ هو . . . اها هڪ حقيقت آهي ته وڏا ڏوهه ۽ جرم ڪي ورلي ٿيندا هئا ، جنهن مان غريب ماڻهن جي حفاظت جو پتو پوي ٿو . آن انهن وٽ گهٽو هو . ڪپڙي جو معيار گهرجن مطابق هو . . . سنڌ ۾ بنئي جو نظام سنو هو ، ان ڪري هاري انهن زيادتين جو شڪار نه ٿيندا هئا ، جن جو شڪار هندستان جا هاري ٿيندا هئا . واپار جي همت افزائي ڪندا هئا . . . امير ڪنهن به قسم جي نشيدار شيءِ نه واپرائيندا هئا ۽ نه وري پنهنجي دولت ۽ حرم جي عورتن ۾ اضافي آڻڻ لاءِ رعيت جا لوڙها لتاڙيندا هئا . (1)

پوليٽيڪل ايجنٽ ڪپتان فرنيچ به سال (1840 ـ 1842ع) هتي رهيو . هي صاحب لکي ٿو ته "روهڙي کان وٺي سبزل ڪوٽ تائين اهڙو پرامن علائقو مون زندگي ۾ نه ڏٺو هو . مشڪل سان ڪنهن ڳوٺ کي پٽ هئي . گهڻو ڪري سڀ ڳوٺ بنان پناهه جي هئا . حاڪم فرشتا نه هئا . عيب يورپ جي حاڪمن ۾ به ملن ٿا . اها حقيقت آهي ته سنڌ اسان جي قبضي هيٺ آيل علائقن ۽ گواليار ۽ ستاره رياست کان وڌيڪ سرسبز ۽ آباد هئي ۽ سنڌس رهواسي انهن علائقن جي ماڻهن کان وڌيڪ خوشحال هئا . اسان کي ياڙي وارن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان اڳ پنهنجي گهر تي نظر وجهڻ گهرجي". (2)

هاڻي ڪجهه حوالا هندستان ۾ انگريزن جي قبضي هيٺ آيل علائقن مان حاصلات متعلق پيش ڪجن ٿا . محمد عتيق صاحب پنهنجي ڪتاب "هندستاني اخبار نويسي" ۾ "سلطاني اخبار نويسي" جي حوالي سان "جشيان عدالت" جي سرخي سان ڏنل هڪ خبر ۾ لکي ٿو ته "سرڪاري عدالت جي منشين تي چا لکان ، اهي سيني تي غالب ۽ قابض آهن . اهي آفيسر ماڻهن کي آزار ڏيڻ ۽ عقوبت ڪرڻ ۾ پنهنجي وقت جا چڱ هلاڪو آهن . اهي آفيسر ظالمن جا سردار آهن . عدالت جا چپراسي ۽ پٽيوالا پرمٽ وٺڻ وارن ۽ مسافرن جا کيسا خالي ڪريو ڇڏين . ٽپال کاتي جا نوڪر ۽ خاص طرح سان ريزڪي دڪاندار خيانت ۾ نهايت بيباڪ آهن . ڪو شخص بالا آفيسرن وٽ شڪايت لاءِ اچي ٿو ته "حکام اغتماض فرمالیند بی چاره را از درگاه می رانند" يعني حاڪم ڌيان نٿا ڏين ۽ ان مسڪين کي پنهنجي بارگاهه مان لوڏي ڪيدي ٿا . (3)

محمد عتيق صاحب ساڳئي اخبار جي حوالي سان انگريزن جي مقبوضه علائقن ۽ اڪنڙ

---

(1) جنرل آئوٽرام، "سنڌ جي فتح تي تنقيد" ص 513 .

(2) ايضاً، ص 518 .

(3) محمد عتيق صديقي ، "هندوستاني اخبار نويسي"، ص ـ 246 .

جي نوابن جي حالتن جي پيٽ هن طرح ڪئي آهي: ”لکنؤ جا نواب ساري هندستان ۾ انگريزن طرفان ’عياش نواب‘ مشهور ڪيل آهن“. اخبار جو ايڊيٽر لکي ٿو: ”زمينداران مملکت انگريزی پريشان حال و رعيت مملکت اوده (لکنئو) فارغ البال قتل نفس بني آدم در يک شهر کلکته بيشتر و در قلم رو آوده کمتر. . . بازار رشوت در هر عدالت انگريزی گرم است“- يعني انگريزن جي قبضي هيٺ آيل علائقن جا زميندار پريشان حال هئا ۽ اوڌ جي حڪومت ۾ ماڻهو فارغ البال هئا. انسانن جو قتل صرف هڪ شهر ڪلڪتي ۾ اوڌ جي ساري مملڪت کان گهڻو هو. رشوت خوري جي بازار هر انگريزي عدالت ۾ جاري آهي. (1)

هن احوال مان واضح ٿيو ته لکنؤ جي نوابن ۽ انگريزن جي علائقن جو ڪهڙو حال هو. عياش ۽ نا اهل نواب آهن يا انگريز آهن؟ ان دور ۾ انگلستان جو ڇا حال هو ۽ ان ۾ ڏوهن ۽ ڏوهارين جو ڪيڏو وڏو تعداد هو، ان تفصيل جي هت گنجائش نه آهي. اسان صرف لنڊن شهر جي ڪجهه علائقن جو ذڪر ڪريون ٿا، جيڪي چورن جو آستانو هئا. اسٽيپني، پوپلر ڊسٽرڪٽ، ڪليرڪن ويل، سينٽ گائل، سيون ڊائل ۽ سو هو وغيره انهن کان سواءِ ريٽس ڪيل، اسٽيپل فيلڊس چورن، فقيرن ۽ رنڊين جو پناهگاهه هئا.

اسٽيپل فيلڊس جي علائقي جي هڪ راڪري (پراڻي بلڊنگ) ۾ 1830ع ۽ 1840ع دوران اٺ هزار چور، رول ڇوڪرا، فقير ۽ رنڊيون رهنديون هيون. مسٽر رولبسن جا ڏنل انگ اکر نهايت عبرتناڪ آهن. هڪ اندازي مطابق 1819ع ۾ ڇهه هزار ڇوڪرا لنڊن ۾ چوري جو ڌنڌو ڪندا هئا. لنڊن شهر ۾ اٺ هزار اهڙا چور هئا جن جي عمر سترهن سالن کان گهٽ هئي. لنڊن جي گهٽين ۾ جوا جو مرض عام هو. اهي نوجوان چور رات جو چوري تي وڃڻ کان اڳ ميٽنگ ڪري پنهنجو ڪپتان منتخب ڪندا هئا. هر ٽولو هڪ رات ۾ چار پائونڊن جو مال چوري ڪري ايندو هو. مسٽر رولبسن جيڪا انگلستان جي تصوير ڏني آهي اها نهايت عبرتناڪ ۽ دکدائڪ آهي. هي صاحب لنڊن جي نوجوان چورن، رول ڇوڪرن، بيروزگارن ۽ بي گهر معصوم ٻارن لاءِ لکي ٿو ته ”ڪوبه انسان لنڊن جي انهن ٻارن جي حالت تي مطمئن نه هو. جتي 1940ع ۾ اٺن سالن کان چوڏهن سالن جا هزارين نوجوان جڏهن صبح جو اک کوليندا هئا ته کين خبر نه هوندي هئي ته کين ماني ڪٿان نصيب ٿيندي يا رات جو آرام ڪرڻ لاءِ ڪٿي وڃي مٿو

(1) محمد عتيق صديقي، ”هندوستاني اخبار نويسي“، ص 247.

ٺڪيندا . جيلن ۾ نوجوانن جي سڌاري جو انتظام نه هو بلڪ اهي ڏوهن جي ترتيبگاهه هئا جتان هو تربيت وٺي وڏيڪ ماهر ڏوهاري ٿي ٻاهر ايندا هئا. (1)

انگلستان ۾ ڏوهاري عورتن جو احوال نوجوان ڇوڪرن ۽ مرد ڏوهارين کان وڌيڪ عبرتناڪ آهي. مسٽر رولبسن لکي ٿو ته 24640 ڏوهارين کي ڏيهه نيڪال ڏيئي آسٽريليا موڪليو ويو. (2)

هن احوال مان معلوم ٿيو ته نااهل حاڪم ڪير هئا. بدانتظامي ۽ بدامني انگلستان ۾ هئي يا سنڌ ۾ هئي. ۽ اهو به واضح ٿيو ته ڏوهن ۽ ڏوهارين جي ايڏي وڏي انگ کي انگريز حاڪمن پنهنجي دور ۾ پنهنجي نگراني ۾ جنم ڏنو. ايس لي پنهنجي ڪتاب ۾لکي ٿو ته ڇا اٺويهين صدي جي شروعات ۾ انگلستان جو قانون 223 ڏوهن کي وڏا ڏوهه قرار ڏيندو هو، جن جي سزا ڦاسي هئي. هو ٻڌائي ٿو ته حقيقت اها هئي ته گورنمينٽ جو اهم مقصد اهو هو ته انهن مجرمن کي ڦاسي ڏئي، انهن کان جند ڇڏائي وڃي". (3) جنهن ملڪ ۾ قتل کان سواءِ 223 ڏوهن تي ڦاسي جي سزا هجي ان جي مجرمن جو تعداد ڇا ٿيندو.

انگلستان ۾ ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت جو ڪوبه انتظام نه هو. ڏينهن جو چرچ جا ماڻهو ۽ رضاڪار شهرن جو انتظام هلائيندا هئا ۽ رات جو هڪ پوڙهو چوڪيدار شهر ۾ پهرو ڏيندو هو، جيڪو هر ڪلاڪ کان پوءِ گهٽين ۾ گشت ڪندو هو. جڏهن 1830ع ۾ مسٽر پيل وزير اعظم ٿيو ته پوليس فورس قائم ڪيائين. اهوئي سبب هو جو لنڊن جي پوليس واري کي پيلر چيو ويندو آهي. (4)

انهن حقيقتن کان پوءِ به ميڪالي جا انگلستاني شاگرد تاريخ نويس پنهنجي ملڪ جون برايون اسان جي ملڪ جي تاريخ ۾ لکندا هئا ۽ پنهنجي ظالم ۽ جابر حاڪمن کي روشن دماغ (Enlightened Ruters) ۽ اسان جي روشن دماغ ۽ صالح حاڪمن کي ظالم ۽ جابر حاڪم (Despot Ruters) لکندا هئا. (5) □□□

---

(1) "Convict Settlers of Australia" pp. 10-16.
(2) -do- p 74.
(3) Ley, G.S., "Citizenship" p. 175.
(4) -do- p. 193.
(5) Johnson, H., "The Age of Despot Ruters".

انقلاب ۽ جمهوريت

□ رضيه سلطانه راشدي

پاڪستان ۾ سنڌيءَ طرح چوويهه سال ۽ اڻ سنڌيءَ طرح تقريباً چوٽيهه سال فوجي ڊڪٽيٽرشپ رهي آهي. پاڪستان ۾ جنهن ڏينهن جنرل ايوب وزير دفاع جي ڪرسيءَ تي ويٺو، انهيءَ ڏينهن کان ملڪ جا نصيب ڦٽڻ شروع ٿي ويا. فوجي ڊڪٽيٽرشپ جي نتيجي ۾ نه رڳو پاڪستان جا ٻه ڀاڱا ٿيا، پر جلد ئي ٻنهي ملڪن تي عتاب نازل ٿيو. بنگلا ديش جي چونڊيل وزيراعظم شيخ مجيب الرحمان کي گهر جي چاڙهين تان لهندي گولين جو بک بڻايو ويو ۽ پاڪستان جي چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي کي گهر جي چاڙهين کان دور ڪوٽ لکپت ۾ تخته دار تي چاڙهيو ويو. انهن ٻنهي ملڪ هڪ ٻئي پويان ٻيهر فوجي ڊڪٽيٽرشپ جي چنبي ۾ اچي ويا. اها تڪليف ده سياسي صورتحال نه صرف پاڪستان ۽ بنگلا ديش ۾ قائم رهي آهي، پر ٽين دنيا ۾ هڪ اڌ جمهوري ملڪن کي ڇڏي اهڙن سيني ملڪن ۾ قائم رهي آهي، جن بيٺڪيت کان آزادي حاصل ڪئي. گورن کان جان آزاد ٿي ته ڪارا ڏنڊو ڪٽي گادين تي ويهي رهيا. چون ٿا ته آزادي وڏي نعمت آهي، پر ٽين دنيا لاءِ ته وڏي زحمت بڻجي ويئي. آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ اقتدار جيءَ جنگ ۾ انساني زندگيءَ جي ايتري ته تباهي ٿي آهي، جنهن جو ڪو ڪاٿو ئي نه ٿو ڪري سگهجي. لاطيني آمريڪا ۾ ته اها چوڻي مشهور آهي ته: "منجهند جي ننڊ وڌيڪ وقت تي هلي ۽ ڪرنل يا جنرل جي حڪومت گهٽ وقت تي هلي". بهرحال پاڪستان ۾ ته ڊڪٽيٽرشپ ايترو گهڻو وقت هلي آهي، جنهن ۾ الائي ڪيتريون ننڊون سمائجي سگهجن ٿيون.

پاڪستان ۾ جڏهن جنرل ايوب انڌي منڌي جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ملڪ جو حڪمران بڻجي ويٺو ته هن پنهنجيءَ انهيءَ ڪارروائي کي "انقلاب" جو نالو

ڏنو، جيڪو اڳتي هلي ”سبز انقلاب“ بنيو ۽ جنهن جي ذهين مالگرهه به وڏيءَ ڌام ڌوم سان ملهائي ويئي. جنرل ايوب جي زماني ۾ انهيءَ نام نهاد انقلاب جي ايڏي ته وسيع پيماني تي تشهير ڪئي ويئي، جو عام ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اهو تصور ويهي رهيو ته جيڪڏهن چند طاقتور ماڻهو ڏنڊي جي زور تي رات جي پيٽ ۾ اڳين حڪومت ختم ڪري پنهنجي حڪومت قائم ڪن ته اهو انقلاب آهي. جيتوڻيڪ انقلاب جي اها تشريح ۽ تعريف سراسر غلط آهي. اڄ تائين انقلاب جو لفظ اسان وٽ ايترو ته غلط استعمال ٿيندو آيو آهي، جو جيڪڏهن ڪنهن آفيس مان ڪو آفيسر بدلي ٿيندو آهي يا معطل ٿيندو آهي ته ماڻهو چوندا آهن: ”سائين، آفيس ۾ وڏو انقلاب اچي ويو آهي“. جنهن ملڪ ۾ آفيسر جي تبديليءَ کي ”انقلاب“ چيو وڃي، اتي اصلي انقلاب جي تعريف لکڻ تمام ضروري آهي.

انقلاب جو لفظ مختلف دورن ۾ مختلف معنائن ۾ استعمال ٿيندو رهيو آهي، پر ڪيترن ئي انقلابن اچڻ کان پوءِ هن وقت انقلاب جي جيڪا تعريف ۽ توصيف ڪئي ٿي وڃي، اها ڪنهن حد تائين مختصر لفظن ۾ هن ريت ٿئي ٿي:

> ”انقلاب اهو سياسي عمل آهي جنهن تحت اڪثريت نه ٿي سهي، پر آباديءَ جو معقول حصو انصاف جي جذبي تحت هٿيار کڻي اڳ ۾ موجود حڪومت سان جنگ جوٽي، انهيءَ حڪومت کي مڪمل طور تي ختم ڪري نئون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي نظام قائم ڪري معاشري ۾ بنيادي تبديليون آڻي. اهو ئي انقلاب آهي.“

انقلاب جي انهيءَ تعريف جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن دنيا جي تاريخ تي نظر وجهبي ته قديم زماني ۾ ڪا به اهڙي سياسي اٿل پٿل نظر نه ٿي اچي، جنهن کي واضح طور تي انقلاب چئي سگهجي. خود ”انقلاب“ جو لفظ 1450ع ۾ استعمال ڪيو ويو. 1600ع ۾ انهيءَ لفظ معنوي قوت حاصل ڪئي ۽ ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ فرينچ انقلاب جي موقعي تي انهي لفظ عملي قوت حاصل ڪئي.

فرينچ انقلاب کان اڳ آمريڪا جي عوام پهرين برطانوي راڄ مان وڙهي سن 1763ع ۾ آزادي حاصل ڪئي ۽ پوءِ سن 1775ع کان 1783ع تائين هنن اوله طرف وڌي پنهنجي يونين ۾ ٻيون رياستون شامل ڪيون. ڪيترائي دانشور امريڪين جي انهيءَ سياسي عمل کي ”انقلاب“ جو نالو ٿا ڏين، پر حقيقت ۾ اهو انقلاب نه هو. ڇاڪاڻ ته

جدوجهد ڪندڙن جي اڳيان ٻه خاص مقصد هئا — هڪ ته برطانيه کان آزادي حاصل ڪرڻ ۽ ٻيو ته رهيل رياستون يونين ۾ شامل ڪري هڪ معقول حڪومت قائم ڪرڻ. انهن جي اڳيان اهو قطعي مقصد نه هو ته امريڪا جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي نظام جا بنياد ختم ڪري نئون ڍانچو قائم ڪجي. آزادي جي جنگ لڙي آزادي حاصل ڪرڻ ۽ پوءِ ملڪ ۾ جمهوريت نافذ ڪرڻ جو عمل ڪنهن به صورت ۾ انقلاب جي زمري ۾ نه ٿو اچي. انهيءَ ڪري اهو لکڻ بيجا نه ٿيندو ته دنيا ۾ جنهن پهرين انقلاب جنم ورتو، اهو "فرينچ انقلاب" ئي هو.

1774ع ۾ لوئيس سورهون جڏهن تخت تي ويٺو ته کيس معلوم ٿيو ته خزاني جي حالت خراب آهي. جيڪڏهن سنت ئي حالتون نه سڌريون ته سندس زوال اچي سگهي ٿو. حالتن کي سڌارڻ لاءِ هن ملڪ جي مشهور دانشور ۽ مالي امور جي ماهر بئرون ترگوٽ کي گهرائي مالي امور جو نگران اعليٰ مقرر ڪيو. مگر ترگوٽ کي درباري سازشن لڪڻ نه ڏنو ۽ هو ٻن سالن کان پوءِ استعيفا ڏيئي هليو ويو. ترگوٽ جي وڃڻ کان پوءِ بادشاهه وري بي ڪوشش ڪئي ۽ مالي امور جي ماهر سينئر بئنڪر مسٽر جئڪسن نيڪر کي نگران اعليٰ مقرر ڪيائين. جئڪسن نيڪر عهدو سنڀالڻ سان ملڪ جي اقتصادي حالتن جو گهرو ۽ آزادانه جائزو ورتو ته کيس معلوم ٿيو ته ملڪ جي اشرافيه وسيع پيماني تي خزاني کي لٽي رهي آهي. ملڪ جي اها صورتحال محسوس ڪندي هن سنه 1781ع ۾ "Compte Rendu Autol" عنوان سان مشهور زمانه رپورٽ لکي شايع ڪرائي ظاهر آهي ته اها رپورٽ نه اشرافيه لاءِ قابل قبول هئي ۽ نه وري ئي بادشاهه سلامت لاءِ. سو انهيءَ رپورٽ جي نتيجي ۾ بادشاهه، جئڪسن نيڪر کي ملازمت مان ڪڍي ڇڏيو. اهڙي طرح سنه 1787ع تائين پهچندي پهچندي سڄو فرانس شديد مسئلن جو شڪار بڻجي ويو.

هڪ ته اشرافيه خزانو کائي ويو ٻيو ته غير معمولي طور تي فرانس جي آباديءَ ۾ 25 سيڪڙو تڪڙو اضافو آيو؛ ٻيون ته فرانس جون زرعي فارمن جي ڪري مشهور هوندا آهن قائم تباهه ٿي ويا ۽ جنهن ڪري زرعي شعبي سان تعلق رکندڙ ڪيترا ماڻهو بکن کان تنگ ٿي شهرن ۾ لڏي اچي ويا. اهڙي طرح فرانس جا شهر آباديءَ جي دٻاءَ هيٺ اچي ويا. حسب معمول غريب وڌيڪ غريب ٿي ويو ۽ امير وڌيڪ امير بڻجي ويو. باقي وچيون طبقو ڏوٻيءَ جي ڪتي وانگر نه گهر جو رهيو نه گهاٽ جو. اهو ئي طبقو

ملڪ جي مالي حالتن جي پس منظر ۾ انقلاب جو ڪارڻ بڻيو ۽ هيٺين طبقن جي اڳواڻي ڪيائين.

ملڪ جي انهن حالتن جي نتيجي ۾ مارچ 1789ع ۾ هڪ طرف پئرس شهر ۾ حڪومت جي خلاف پمفليٽ لکيا ويا، ليکن جي تعداد ۾ ورهايا ويا ته ٻئي پاسي ڳوٺاڻو عوام نوابن، زميندارن ۽ معززن جي خلاف هٿيار کڻي اٿي کڙو ٿيو. اهو معاملو 14 جولاءِ 1789ع تائين سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويو. انهيءَ هٿيار بند پر منتشر جدوجهد کي Great-Fear جو نالو ڏنو ويو.

Great-Fear جي نتيجي ۾ آگسٽ 1789ع ۾ فرانس جي پارليامينٽ گڏ ٿي، جنهن ۾ اشرافيه ۽ چرچ جي قوت ختم ڪرڻ، قديم شهنشاهي ادارن کي ٽوڙڻ ۽ بنيادي انساني حق بحال ڪرڻ جا فيصلا ڪيا ويا. اهي فيصلا منظوري لاءِ جڏهن بادشاهه وٽ پهتا ته هن پنهنجا اختيارات استعمال ڪندي انهن فيصلن کي رد ڪري ڇڏيو، جنهن تي عوام جا مختلف طبقا طيش ۾ اچي ويا. 5 آڪٽوبر 1789ع تي هزارين عورتن ۽ مردن ورسيليز پهچي بادشاهه جي محل ۽ اسيمبليءَ جي ايوان کي گهيرو ڪيو. 6 آڪٽوبر تي عوام جي طاقت اڳيان مجبور ٿي هن ورسيليز ڇڏي پئرس ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. ٻين لفظن ۾ فرانس جو بادشاهه لوئيس سورهون اهڙي هنڌ اچي ويٺو، جتي هو انقلابين جي مڪمل گهيري ۽ قبضي ۾ اچي ويو. عوام جي انهيءَ دٻاءُ جي نتيجي ۾ 1791ع ۾ نئون آئين ناهيو ويو، جنهن تحت بادشاهه جي اختيارن ۾ گهٽتائي آندي وئي، قديم اشرافيه جي سياسي ۽ اقتصادي قوت ختم ڪئي وئي، چرچ جي طاقت ٽوڙي وئي ۽ انتظاميه ۽ عدليه ۾ وڏي پيماني تي تبديلي آندي وئي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته 1791ع وارو آئين پنهنجيءَ جاءِ تي وڏي تبديلي هو، پر "انقلاب" بڻجي نه سگهيو. حقيقت اها هئي ته جن ماڻهن اها تبديلي آندي، انهن جو تعلق وچئين طبقي سان هو. هنن اشرافيه ۽ چرچ جي سياسي ۽ مالي قوت کي ته ختم ڪيو، پر پوري پاڻ انهيءَ قوت تي قبضو ڪري ويهي رهيا. فرانس جو عوام جيڪو انقلابي عمل مان گذري رهيو هو، انهيءَ ڪان اها صورت حال برداشت نه ٿي سگهي ۽ هو پنهنجن مراعات يافته ساٿين جي خلاف اٿي کڙو ٿيو. 10 آگسٽ 1792ع تي عوام سانوڻيءَ جي درياهه وانگر گوڙيون ڪندو بادشاهه جي محل ۾ گهڙي ويو. حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ بادشاهت سان گڏ 1791ع واري آئين کي به ختم ڪيو ويو.

انهيءَ انقلاب جو عيني شاهد جرمن شاعر گوئٽي چوي ٿو: ”اڄ کان ۽ هتان کان تاريخ جو نئون دور شروع ٿي ويو آهي.“ جنهن وقت گوئٽي اهي لفظ چيا، انهيءَ کان سنت ئي پوءِ 21 جنوري 1793ع تي فرانس جي بادشاهه لوئيس سورهين جو سر قلم ڪيو ويو.

مارچ 1789ع کان وٺي جن ٽرين انقلاب ۾ حصو ورتو، اهي ٿلهي ليکي ٽن طبقن ۾ ورهائي سگهجن ٿيون: (1) گيرونڊينيءَ: جيڪي واپاري، صنعتڪار ۽ وچولا زميندار هئا، (2) جيڪوبيني، جن جو تعلق سفيد پوش طبقي سان هو ۽ (3) سان ڪولوت، جن جو تعلق عوام سان هو. انهن ٽنهي ٽرين جتي بادشاهه ۽ اشرافيه کي ختم ڪيو ۽ ملڪ ۾ انقلابي تبديليون آنديون، اتي اهي ٽيئي ٽريون پاڻ ۾ وڙهنديون رهيون، تان جو 1794ع جي آخر ۾ انقلاب جو خاتمو ٿيو ۽ 1795ع ۾ نئون آئين ناهي انساني حقن تي ڌاڙو هنيو ويو.

سوال اهو ٿو اٿي تي فرينچ انقلاب، جو مختصر عرصي ۾ خاتمو ٿيو ۽ هيڏو سارو عوامي ايثار ڇو ويهي رهيو، انهيءَ جا ڪارڻ مختصر لفظن ۾ هي آهن:

(1) شخصيت پرستيءَ کان اسان ڪيترو به انڪار ڪريون، پر اها حقيقت آهي ته قديم زماني کان وٺي شخصيت پرستي انسان جي نفسياتي ۽ روحاني ڪمزوري رهي آهي ۽ وڏيون وڏيون سياسي ڪاميابيون شخصيت پرستيءَ جي طفيل ئي حاصل ٿيون آهن. فرينچ انقلاب جي اها بدنصيبي هئي جو عوام کي لينن، مائوزي تنگ، هوچي منه، مارشل ٽيٽو، ڪم ال سنگ ۽ امام خميني جهڙي غيرمعمولي شخصيت نصيب نه ٿي، جنهن جي سحر ۾ گرفتار ٿي فرانسي عوام انقلاب کي برقرار رکي سگهي ها.

(2) انقلاب آڻڻ ۾ ته جوش جذبو ڪم ڏيئي ويندو آهي، پر انقلاب کي برقرار رکڻ لاءِ جوش کان وڌيڪ هوش ڪم ايندو آهي. مضبوط منشور، باقاعدي رٿابندي، برف جيان سرد ليڊرشپ ۽ حڪمت عملي انقلاب جون بنيادي ضرورتون آهن. فرينچ انقلاب انهن شين کان محروم رهيو. فرينچ انقلاب جي دل و دماغ تي انقلاب جي روحانيت جو غلبو رهيو. هنن پراڻو نظام ختم ڪيو، پر سائنسي بنيادن تي نئون نظام تشڪيل ڏيئي نه سگهيا، جيڪو جٽادار هجي ۽ ايندڙ مصيبتن جو مقابلو ڪري سگهي.

(3) جيئن روسي انقلاب ۾ مزدور طبقو حاوي رهيو يا جيئن چين ۾ هاري طبقو حاوي رهيو، ائين فرينچ انقلاب ۾ ڪو طبقو حاوي نه رهيو، بلڪ مختلف طبقن جي کيچڙي پچندي رهي. انقلاب کان پوءِ اهي طبقا پاڻ ۾ ايستائين وڙهندا رهيا جيستائين مٿائن اچي مصيبت ڪڙڪو ڪيو ۽ انقلاب جو خاتمو اچي ويو.

(4) فرينچ انقلاب کي اڳتي وڌندو ڏسي، يورپ جون ٻيون حڪومتون پريشان ٿي ويون ته متان سندن ملڪ ۾ به انقلاب نه ڪاهي پوي. خطري جي گهنٽي وڄندي ڏسي يورپ جي انهن حڪومتن فرانس کي جنگ ۾ ڦاسائي وڌو ۽ انقلابين لاءِ به محاذ کلي پيا. انهيءَ ڪري جنگ ۾ انقلاب جو ڪچو ٻوٽو ڪومائجي ويو.

(5) سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته پهريون تجربو اڪثر ناڪام ٿيندو آهي. "فرينچ انقلاب" به انقلاب جو پهريون تجربو هو، ان ڪري ناڪام ٿي ويو.

اهڙي طرح فرانس جو انقلاب ته ناڪام ٿيو، پر ايندڙ ڪامياب انقلابن لاءِ دروازو کولي ويو. پهريون ڪامياب انقلاب روس ۾ آيو.

انساني مساوات ۽ سوشلزم جو تصور تمام پراڻو آهي، پر انهيءَ جي جامع، منظم ۽ قابل عمل صورت ڪارل مارڪس جي ذهن جي پيداوار آهي. ڪارل مارڪس فرينچ انقلاب جي خاتمي کان 23 سال پوءِ جرمنيءَ جي هڪ يهودي وڪيل جي گهر ۾ جنم ورتو. هن بون ۽ برلن جي يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪئي. انهيءَ زماني ۾ صنعتي دور شروع ٿي چڪو هو ۽ مزدور مشينن ۾ پيڙجي رهيو هو. مزدورن جي اها صورتحال ڪارل مارڪس جهڙي حساس ۽ انصاف پسند دانشور لاءِ ناقابل برداشت هئي. انهيءَ ڪري هن سرمائيداريءَ جي خلاف اخبار ڪڍي. نتيجي ۾ هو فرانس ۾ اچي ويٺو، جتي پڻ پنهنجي خيالن جي اشاعت جو سلسلو جاري رکيائين. نتيجي ۾ اتان به ڪيس ڪڍيو ويو. انهيءَ دوران جرمني ۾ حڪومت جي خلاف بغاوت جا آثار ڏسڻ ۾ آيا ۽ هو جرمني وڃي پهتو. پر بغاوت ڪامياب نه ٿي ۽ ڪارل مارڪس پڇڙي وڃي برطانيا ۾ آباد ٿيو. برطانيه ۾ سندس دوستي اينجلس سان ٿي ۽ ٻنهي ڄڻن گڏجي انقلاب آڻڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏني.

سائنسي بنيادن تي دنيا جي پهرين بين الاقوامي پرولتاري تنظيم 1847ع ۾ "ڪميونسٽ ليگ" جي نالي سان قائم ٿي. انهيءَ تنظيم جو بنياد رکڻ ۾ ڪارل مارڪس ۽ اينجلس بنيادي ڪردار ادا ڪيو ۽ 1848ع ۾ "ڪميونسٽ مينيفيسٽو" لکي پڌرو ڪيائون. سنه 1867ع ۾ ڪارل مارڪس پنهنجو مشهور زمانه ڪتاب "داس ڪيپيٽل" ٽن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن اڳتي هلي دنيا جي تاريخ جو رخ ڦيرائي ڇڏيو.

ڪارل مارڪس جو خيال هو ته سندس چاهيل انقلاب برطانيا يا وچ يورپ ۾ ايندو. اها آس من ۾ رکي هو 1848ع ۾ گذاري ويو ۽ انقلاب برطانيا جي بدران وڃي روس مان ڦاٽ ڪاڍو.

طوفان اچڻ کان اڳ طوفان جون نشانيون اينديون آهن. سو روس جي تاريخ ۾ به انقلاب اچڻ کان اڳ انقلاب جون نشانيون نظر اچن ٿيون. 1818ع ۾ دان ماٿري جي هارين بغاوت ڪئي جيڪا 1820ع ۾ ختم ٿي ويئي. 1830ع ۾ "وبائن" وارا فساد ٿيا ۽ انهيءَ سال ئي ختم ٿي ويا. 1850ع ۾ يوڪرين ۾ هارين بغاوت ڪئي، جنهن کي فوجي طاقت ذريعي ڪچليو ويو. 1861ع ۾ هارين جي بغاوت جي چوٽين لهر آئي، جنهن جي نتيجي ۾ 19 مارچ 1861ع تي نئون قانون پاس ڪري غلام هارين جو سلسلو ختم ڪيو ويو. مطلب ته روس مٿان انقلاب جا بادل پريا پيا هئا، رڳو ڪارل مارڪس جي فلسفي، ٽراٽسڪيءَ جي جوش و خروش ۽ لينن جي حڪمت عمليءَ جي دير هئي.

روس بنيادي طور تي زرعي ملڪ هو. پر يورپ جي ٻين ملڪن ۾ صنعتي ترقيءَ جي فائدن کي ڏسندي روس جي بادشاهه "زار" اها ڪوشش ڪئي ته روس کي به صنعتي ملڪ بنايو وڃي. روسين پاڻ وٽ ايترو سرمايو نه هو. انهيءَ ڪري روس جي حڪومت برطانيا، فرانس ۽ يورپ جي ٻين ملڪن جي حڪومتن سان تجارتي معاهدا ڪيا، جنهن تحت روس ۾ وڏا وڏا ڪارخانا قائم ڪيا ويا، جنهن ڪري مزدورن جو تعداد وڌيو ۽ گڏو گڏ مزدورن جو استحصال به چوٽ چڙهي ويو. مزدورن جي اڪثريت ۽ بد حاليءَ جي نتيجي ۾ 1897ع ۾ روس ۾ ڪميونسٽ پارٽي ٺاهي ويئي، جنهن جو يورپ جي ٻين ملڪن جي ڪميونسٽ پارٽين سان الحاق هو.

روسي انقلاب جو وڏو اڳواڻ لينن 1870ع ۾ ڄائو. اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران ئي هن حڪومت جي ظلمن خلاف جدوجهد شروع ڪري ڏني ۽ مظاهرن ۾ حصو وٺڻ لڳو. بعد ۾ کيس جڏهن سينٽ پيٽرس برگ ۾ قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو، ته اتي پهچي سندس باغيانه حرڪتن ۾ وڌيڪ اضافو اچي ويو. حڪومت سندس اهي حرڪتون برداشت نه ڪري سگهي ۽ کيس سائبيريا موڪليو ويو. 1900ع ۾ جڏهن کيس سائبيريا مان آزادي ملي، ته هو ملڪ ڇڏي فرانس ۾ وڃي ويٺو. 1905ع ۾ روس ۾ انقلاب جي پهرئين وڏي لهر ڪجي اٿندو ڏسي، لينن روس موٽي آيو. پر انقلاب جي اها پهرئين وڏي ڪوشش ڪامياب ٿي نه سگهي ۽ لينن وري روس ڇڏي سئٽزرلئنڊ ۾ وڃي ويٺو، جتي شعلہ بيان ٽراٽسڪيءَ سان سندس ملاقات ٿي.

1914ع ۾ ٻهرين عظيم جنگ لڳي ۽ روسي فوجن جو ترڪي ۽ جرمني جي مضبوط فوجن سان مقابلو ٿيو. هڪ ته جنگ ڊگهي ڪئي پيو ته ترڪي ۽ جرمني جون فوجون روسي فوجن تي غالب اچڻ لڳيون. انهيءَ جنگ ۾ لکين روسي فوجي ماريا ويا، زخمي ٿيا ۽ گرفتار ڪيا ويا. سخت سرديءَ، بک، اسلحي ۽ ڪپڙن جي اڻ هوند باقي بچيل روسي فوج کي تنگ ڪري وڌو. ٻئي پاسي جيئن ته روسي فوج هاري طبقي مان ڀرتي ٿيل هئي، انهيءَ ڪري هارين تي به جنگ جي ڪري پيدا ٿيل بدحاليءَ جو تمام گهڻو اثر پيو. گهر جا به فرد جنگ جي ميدان ۾ بکن ۽ سردين جا شڪار ٿي رهيا هئا ته ٻيا فرد گهر ۾ ئي استحصال جي گهاڻي ۾ پيڙجي رهيا هئا. اهڙي طرح روس جا اهي ٻئي بدحال پر زور بازو جا حامل طبقا زارشاهيءَ جي مخالفت ۾ اٿي کڙا ٿيا. موقعي جي مناسبت سان ڪميونسٽ پارٽي جي شعله بيان ۽ دانشور ليڊر ٽراٽسڪيءَ ڏينهن رات محنت ڪري انهن ٻنهي طبقن کي هڪڙي پليٽ فارم تي گڏ ڪيو. جڏهن ته روس جو مزدور طبقو لينن جي اڳواڻيءَ ۾ اڳ ۾ ئي انقلاب آڻڻ لاءِ تيار هو. اهڙيءَ طرح اهي ٽيئي طبقا گڏجي زارشاهيءَ مٿان ڪڙڪي پيا ۽ 17 آڪٽوبر تي هزارين سالن کان موجود ظالمانه استحصالي نظام جو جادوئي محل ڊهي پٽ پيو ۽ انساني تاريخ جي دريا هڪ نئون رخ اختيار ڪيو.

دنيا جي انهيءَ پهرئين تاريخ ساز ڪامياب انقلاب جو جيڪڏهن حقيقت پسندانه جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته روسي انقلاب کي ڪاميابيءَ جي دروازي تائين پهچائڻ وارو ته ٽراٽسڪي هو، پر انهيءَ انقلاب کي جنهن شخص پنهنجي حڪمت عملي ۽ انتظامي صلاحيتن سان پختو بنائي اڳتي وڌايو، اهو لينن هو. جاگيردارانه زبان ۾ ائين به چئي سگهجي ٿو ته انقلاب جو بادشاهه لينن هو ته سپهه سالار ٽراٽسڪي هو. تاريخ جي اها هڪ بدنصيبي به آهي ته انقلاب جي ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه سالن اندر ٽراٽسڪي جو نه رڳو جسماني قتل ڪيو ويو، پر سندس انقلابي ڪردار تي چري ڦري سندس ڪردار ڪشي به ڪئي وئي. جيڪڏهن ٽراٽسڪي سامراج جو ايجنٽ ۽ غدار هجي ها ته لينن مرڻ گهڙي تائين کيس پاڻ سان شامل نه رکي ها. بهرحال تاريخ هڪ وهندڙ دريا به آهي جنهن ۾ وقت سان گڏ وڏا وڏا ڪردار ٻڏندا ۽ ترندا رهندا آهن. 1956ع واري خروشچيف جي مشهور زمانه تقرير (جنهن ۾ هن اسٽالن جي ظلمن تان پردو کنيو) ۽ گورباچوف جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ هن وقت ڪالهه

جؤ هيرو اسٽالن تاريخ جي دريا ۾ ٻڏي رهيو آهي ۽ تيون ڏينهن جو هيرو ٽراٽسڪي مٿي تري آيو آهي. اهڙي ساڳي طرح چين ۾ مائوزي تنگ جي وفات کان پوءِ چنڊال چوڪڙيءَ جي ڪارناما ۽ ثقافتي انقلاب جي تباهه ڪُن اثر کان پوءِ هن وقت چين ۾ چواين لائي جو ڪردار مائوزي تنگ جي ڪردار تي غالب پئجي رهيو آهي. وقت جوي آئون بادشاهه.

انقلابي شخصيتن کي ڇڏي، شخصيتن کان وڌيڪ اهم حقيقت "انقلاب" جو جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته 1917ع واري روسي انقلاب ۾ ايتري ته وسعت ۽ قوت هئي جو اهو انقلاب ڪجهه سالن اندر اوڀر يورپ جي ملڪن مٿان ڇانئجندو وڃي برلن جي ديوار سان لڳو. ٻئي طرف منگوليا جي سخت سرزمين ۽ چين مان ٿيندو ايشيا ۾ ڪاهي پيو ۽ ٽئين طرف لاطيني آمريڪا ۽ آفريقا جا ڪيترائي ملڪ انقلابي جدوجهد جي منهن ۾ اچي ويا. سياسي ماهرن جي اندازي موجب هن وقت دنيا لڳ ڀڳ ٽيون حصو انقلاب جي زد ۾ آيل آهي.

فرينچ انقلاب کان وٺي اڄ تائين گذريل لڳ ڀڳ ٻن سؤ سالن ۾ ڪيترائي انقلاب ڪامياب ٿيا، ڪجهه وقت هلي ناڪام به ٿيا ۽ ڪيترن ئي انقلابي ۽ انهن ۾ ردوبدل آئي. اهڙا امڪان به واضح آهن ته مستقبل ۾ به انقلابي نظامن ۾ غير معمولي تبديليون اچڻ واريون آهن. يوگوسلاويا ۾ مارشل ٽيٽو مرحوم جون نرم پاليسيون، چيڪوسلوواڪيا ۾ قوم پرستيءَ جو ابھار، روس ۾ گورباچوف جا داخلي توڙي خارجي سڌارا، پولينڊ ۾ ساليڊرٽي جي تازي فتح، چين جا تازا هنگاما ۽ خود ڪن سرمائيدار جمهوري ملڪن ۾ چونڊن ذريعي کاٻي ڌر جون حاصل ڪيل فتحون وغيره اهڙا واقعا آهن، جيڪي انقلاب جون راهون نئين سر متعين ڪري رهيا آهن. بلڪ ايئن چوڻ مناسب ٿيندو ته انقلاب جو لفظ نئين معنيٰ اختيار ڪري رهيو آهي. انقلاب مان خون جي سرخيءَ جو عنصر آهستي آهستي خارج ٿي رهيو آهي ۽ ڪارل مارڪس جي "سياسي ارتقا" جو ذيلي تصور غالب اچي رهيو آهي. وقت هڪ اهڙي قوت آهي جيڪو جڏهن فيصلو ڏيندو آهي ته وڏيون وڏيون قوتون پنهنجا رستا بدلائي وينديون، چاهي اهو انقلاب ئي ڪٿي چونه هجي. ارتقا جو ڦيٿو مسلسل ڦرندو رهندو آهي.

فرينچ انقلاب کان وٺي اڄ تائين پيدا ٿيل سياسي حالتن جي روشنيءَ ۾ انقلابي عمل جا جيڪي پهلو ظاهر ٿيا آهن، انهن مان مختصر طور تي ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:

1. انقلاب ڄڃي هزارين سالن کان موجود ظالمانه استحصال جي Slow poison جو خاتمو ڪري ٿو ۽ زندگيءَ کي نئون سدرندڙ رخ عطا ڪري ٿو. اهي انقلاب جو هيو پهلو اهو به آهي ته انقلاب ۾ بي انتها تيزيءَ سان لکين زندگين کي غير فطري موت جو منهن ڏسڻو ٿو پوي. روسي انقلاب ۾ هڪ ڪروڙ جانين جو ضايع ٿيڻ، چين جي ثقافتي انقلاب ۾ انساني تباهڪاري ۽ ڪمبوڊيا جي سر زمين کي Killing Fields جو نالو ملڻ وڏا مثال آهن. اها حقيقت آهي ته انهيءَ خونريز عمل ۾ وڏو قصور Political Situations جو آهي. Political Situation هڪ اهڙو خطرناڪ چار ٿئي ٿو جنهن ۾ انقلاب دشمن ته پنهنجو ظالمانه رويو ظاهر ڪندا آهن پر خود انقلابي به اهڙا ڪم ڪري ويندا آهن، جيڪي ڪين ڪرڻ نه کپن. انسان جي زندگي آخر زندگي آهي، انقلاب ۾ سرخ گلاب ته ڦٽن ٿا، پر قبرن مٿان ڦٽن ٿا. انقلاب ۾ جهنڊا ته ڦڙڪن ٿا پر رت ۾ ريٽا جهنڊا ڦڙڪن ٿا. ڪاش انقلاب اهڙا اچن جو سرخ گلاب قبرستانن جي بدران گهرن ۾ ڦٽن ۽ جهوليندڙ جهنڊن تي رت جي بدران مسڪراهٽون چانيل هجن.

2. انقلاب پنهنجي آمد کان اڳ هڪ متحرڪ فڪري ۽ سياسي قوت هوندو آهي، جيڪو اڳتي وڌڻ لاءِ وقت جي رفتار جي مناسبت سان انسانيت جي سڌاري لاءِ نيون نيون راهون ڳوليندو آهي ۽ انقلابين جي نگاهه مستقبل تي هوندي آهي. هر انقلاب اچڻ کان ڪجهه سال پوءِ عقيدي جي صورت اختيار ڪري جمود جو شڪار بڻجي ويندو آهي. اهو ساڳيو انقلابي جنهن جي نگاهه مستقبل تي هوندي آهي، اهو انقلاب جي آمد کان پوءِ Old guard بڻجي ماضيءَ ڏانهن نهارڻ لڳندو آهي ۽ نين فڪري سياسي قوتن جون راهون روڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مثال طور چين ۾ انقلاب جي آمد کان ڪجهه سال پوءِ چين جا دروازا ٻين ملڪن لاءِ بند ڪيا ويا. هڪ طرح سان سياسي طور تي اهو قدم سؤ فيصد صحيح هو ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن چين دروازا بند نه ڪري ها ته سامراجي قوتون چين ۾ داخل ٿي سازشن ذريعي انقلاب کي ناڪامياب بنائي وجهن ها. پر ٻئي طرف نقصان وري اهو ٿيو جو چين جو عوام، دانشور ۽ ڪاريگر ٻين ملڪن ۾ جنم وٺندڙ نسبتي طرح وڌيڪ قوت بخش آرٽ، دانش، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ کان محروم رهجي ويا. پيو ته ٺهيو پر چين جيڪي ٽئنڪون پاڪستان کي ڏنيون، اهي جڏهن ڀارت سان جنگ ۾ استعمال ڪيون ويون ته بلڪل بيڪار ثابت ٿيون ۽ پاڪستان کي مجبور ٿي اولهه جرمني کان شرمن ٽئنڪون خريد ڪرڻيون پيون. اهوئي سبب آهي جو ڊينگ سيائو پينگ اقتدار ۾

انهن سان مجبور ٿي چين جا دروازا کولي هڪ طرف آمريڪي ۽ جاپاني ٽورسٽن کي اندر اچڻ جي اجازت ڏني بي انتها زرمبادلو ڪمايو ته ٻئي طرف جرمن ڪاريگرن کي گهرائي هيوي انڊسٽريز ۾ لڳايو.

اهڙيءَ ساڳيءَ طرح روس ۾ انقلاب کي عقيدو بڻجندو ڏسي گورباچوف نه رڳو جمهوريت ڏانهن رخ رکندڙ نوان سڌارا آندا، نه رڳو Perestroika ڪتاب لکيائين پر کيس اهو، چوٿو پنهنجي ويو ته ”جيڪو نظام روس جي عوام کي سٺو کاڌو ۽ سٺو ڪپڙو ڏئي نه سگهيو، انهيءَ نظام کي اسين ڇا ڪريون؟“

3. شخصيت پرستي انسان جي قديم فطري مجبوري آهي، جيڪا يورپ مان ته ڪنهن حد تائين ختم ٿي چڪي آهي پر ايشيا ۾ به درجه اتم موجود آهي. شخصيت پرستيءَ کي ڪارل مارڪس به رد ڪيو آهي ۽ پيا به جيڪي انقلابي مفڪر آهن، اهي به شخصيت پرستيءَ کي رد ڪري ” نظريي“ يا ” نظام“ کي بنيادي اهميت ٿا ڏين. پر اها هڪ عجيب حقيقت آهي ته چوڻ ۽ لکڻ جي حد تائين ته انقلاب ۾ شخصيت پرستيءَ کي رد ڪيو ويو آهي، پر عملي طرح تي ڪيترن ئي انقلابي ملڪن ۾ سياسي اڳواڻ جي اهائي حيثيت رهي آهي جيڪا اسان جي وطن عزيز ۾ پير و مرشد جي رهي آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته جيڪڏهن لينن، مائوزي تنگ، ڪم ال سنگ، مارشل ٽيٽو، فيڊرل ڪاسترو ۽ هوچي منهه جهڙيون مضبوط شخصيتون پيدا نه ٿين ها ته انقلاب خواب و خيال هجي ها. انهن ليڊرن جي عظمت پنهنجيءَ جاءِ تي، پر کين پير و مرشد سمجهي پوڄا ڪرڻ برحق ناهي ۽ نه ئي وري انهن ليڊرن جي هر جملي کي عقيدو يا حرف آخر بڻائي سر جهڪائڻ مناسب آهي.

بهرحال انقلاب ۾ داخل ٿيل انهي قطعي غير انقلابي حرڪت (شخصيت پرستي) جو جادو گورباچوف اچي ختم ڪيو آهي. هو پنهنجي ڪتاب Perestroika جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو: ”جيئن مون لاءِ لازمي ناهي ته هر ماڻهو جي هر ڳالهه سان متفق هجان، ائين هي ڪتاب پڙهندڙن لاءِ پڻ لازمي ناهي ته هو منهنجي هر ڳالهه سان متفق هجن.“

ڪافي عرصي کان اهو سمجهيو پئي ويو ته جمهوريت ۽ انقلاب متضاد قوتون آهن پر ويهين صديءَ جي موجوده ڏهاڪي اها ڳالهه ثابت ڪئي آهي ته جمهوريت ۽ انقلاب جا الڳ الڳ رستا هاڻي ملي هڪ رستو بڻجي ويا آهن، جيڪو امن، انساني ڀلائي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي مثبت پهلوءَ ڏانهن وڌي رهيو آهي. هاڻي جيڪو به انقلاب ايندو، اهو جمهوريت جي ذريعي ايندو.□□□

مددي ڪتاب

سنڌي

(1) چرنينڪو، ڪي: ”سوويت جمهوريت“، نوشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1987ع

(2) نامعلوم: ”سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي“، سن شائين بوڪ ڊيپو، حيدرآباد سنڌ، 1987ع.

اردو

(1) بزمي، ابوسعيد: ”تاريخ انقلابات عالم“، ڪتاب منزل، لاهور، 1949ع

(2) مانفريڊ، اے: ”مختصر تاريخ عالم“، دارالاشاعت ترقی، ماسکو، 1979ع

انگريزي

(1) ED Clark, James:"Modern History," The Hamlyn Publishing Group Ltd., London, 1978.

(2) ED, Dunan, Marcel: "Modern History-From 1500 to the Present Day," Hamlyn, London 1981.

(3) Gorbachev, Mikhail: "Perestroika", William Collins Sons and Co. Ltd, London, 1987.

(4) "Encyclopaedia Britannica" (Vol. 9 and 5), Halen Haming way Benton, Chicago, 1979.

(5) "Encyclopaedia Amricana" (Vol: 8,11,23 and 27), Grolier Incorporated Inc., Danbury Connecticuct, 1987.

فن، سماج ۽ وابستگي

☐ عبدالرحيم ناگوري

فن جا چاهڪ ۽ فن جا پارکو، ڪافڪا (Franz Kafka) جي فني طريقڪار ، خيالن ۽ رسائي جي باري ۾ مختلف رايا ۽ نظريا رکن ٿا. ڪن جي راءِ موجب، ڪافڪا هيڏي ساري ڪائنات اندر، انساني ڏک ۽ پيڙا کي پوڄي ٿو. ڪن جي خيال ۾ هو سموري آڳاڻاد کي رنگن جو روپ ڏئي ٿو. جڏهن ته پارکن جو هڪڙو ٽولو اهڙو به آهي جنهن جو چوڻ آهي ته، "هن سماجي ڍانچي تي ، ڪافڪا جو عجيب و غريب انداز ۾ طنز، پنهنجو مثال پاڻ آهي."

سپنن جو تعلق انسان جي اڻپورين تمنائن سان به هوندو آهي. اڪيلي انسان جي سک ۽ شانتيءَ جي وستيءَ لاءِ ، هيڏي ساري جڳ ، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سان مسلسل اڻ تڪ جنگ جو هڪ نمايان اولڙو سندس جڳ مشهور ناول The Castle (1) ۾ به آهي. پر عجب جهڙي ڳالهه آهي جو هن ناول لاءِ چاٽي واٽي عجيب و غريب وضاحتن جي حوصله افزائي پئي ڪئي وڃي ۽ هن ناول کي هرويرو "ڪافڪا جو مذهبي تجربو" قرار ڏنو پيو وڃي.

موجوده دور ۾ فنڪارن جي تخليق ۾ "خيال" ۽ "تصور"، حقيقت جي وڌ کان وڌ ويجهو آهن ۽ اڪثر مرده پرست اهڙي اظهار تي ڪفر جي فتوئي به عائد ڪندا آهن.

بريخت (Bertot Brecht) سماجي تڪرار ۽ غير برابريءَ جي محسوسات ۾ ڪافڪا جي وڌيڪ ويجهو آهي ، پر سندس رويئي ۽ سوچ ۾ البت فرق آهي. ڪافڪا، 'واڳ ڏئي تنهنجي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي' سمان ڏاڍ خلاف هيٺو آهي ۽ ان باري ۾ ڪو

The Castle (1)- فرانز ڪافڪا جو مشهور ناول آهي ، جنهن ۾ هڪ ڳوٺاڻو ماستر اڻ ڇاتل قوتن جي تلاش ۾ انهن سان مسلسل جنگ جوٽيندي موت جو بک بڻجي ٿو.

فيصلو، ڪا اڳڪتي، ڪا روشني نہ تہ ڏني. سندس آس، نراس ڪان خوف ڪائي ٿي ۽ جواب نہ سوالن ڪان پريشان آهن. جڏهن تہ ڀريخت ۽ آندرو م لاهج، جن پاڄهاروڳيو، سمان اميد ۽ آسري تي ويساهہ رکيو ٿو. ڪيس پڪ آهي تہ سوجهرو ضرور ٿيندو ۽ اونداهي ۽ جا ڪارا ڪوٽ ضرور ڏهندا. هو ڪافڪا جيان انسان کي ڪائنات ۾ رکيو ڪٺ پتلي ۽ سمان نہ ٿو سمجهي ۽ نہ وري ان ورچ ڪي درست سمجهي ٿو، جيڪا اسٽين (Gertrude Stein) ۽ سندس مشهور پوئلڳ هيمنگوي (Ernest Hemingway) هن طرح ڪئي آهي تہ ”ٻاهر اونده، اندوڪار آهي ۽ اندر تنبوءَ ۾ سوجهرو“. هن صورتحال کي تسليم ڪرڻ، سماج ڪان علحدگي ۽ ويڳاڻپ جي تصور کي قبولڻ منجهان اهڙي مخلوق جنم وٺي، سگهي ٿي جا رڳو اڻ هوند جي وچ ۾ بلنبڙا پائيندي

فن ۾ Dehumanisation جي تصور جو پيشوا، آنڊري مالراڪس (Andre Malraux) نهايت تيزش ۾ وجهندڙ بيان ڏيندي چوي ٿو تہ، ”جيڪڏهن فن هر هڪ جيڙو ٿيڻ چاهي ٿو تہ ان کي کپي تہ ڪو ثقافتي تصور اشان تي نہ مڙهي!“

انهيءَ بيان جو رد، ارنيسٽ فشر (Ernest Fischer) نهايت تکن لفظن ۾ ڏنو آهي. هو چوي ٿو: ”اها جنوني دعوا تہ هر شيءِ ”ماٺهو“ بذات خود آهي، انسان کي نيستي ۽ نابوديءَ ڏانهن گهليندي. چرچ جي پوپ، فرائڊ (Sigmund Frend) يا ٻئي ڪنهن جي پوپ ۾ ڪو فرق ناهي.“

آنڊري مالراڪس جي راءِ موجب، ”هڪ ڪلاڪار کي سماج ۽ عوام کان الڳ ۽ جدا رهڻ کپي.“

تاثراتي چترڪار، پڻ انسان جي حيثيت گهٽائي کين رنگن، روشنين، ٽٻڪن، ليڪن ۽ نظري وهمن ۾ محدود ڪري رهيا آهن. ۽ اهڙن فنپارن جو مقصد رڳو مناظرن جو سينگار ۽ زيب و زينت آهي!

سيزان (Paul Cezanne) کي ماڊرن آرٽ جو ابو ڪوٺيو وڃي ٿو، جنهن پنهنجي ماڊل کي، ”صوف جيان ويهڻ“ لاءِ چيو هو! سندس انساني مورتن جي وجود ڪان سواءِ اسٽل لائيف ۽ منظر نگاريءَ واريون تصويرون، فطرت کي گهٽائڻ ۽ جاميٽريڪل ليڪن ۾ سموئڻ جو اهم مثال آهن. سندس انساني مورتون رڳو صوفن جي هڪ ترتيب مثل آهن.

فن جي دنيا ۾ ڪيوبزم (Cubism) جو جنم، سيزان جي جمالياتي نظريي جو حصو آهي، جنهن کي براق (Brapue) ۽ پڪاسو (Pablo Puccaso) وڏيڪ سڌاري سنواري پيش ڪيو، ائين جيئن آئنستائين (Albert Einstein) کي سلام وائين برگر). پڪاسو جي گرنيڪا (Gurnica). (1) سندس Dehumanisation ڪيوبزم جي ڪم جي پيٽ ۾، هڪ اهم شاهڪار آهي، جنهن کي دنيا تسليم ڪري ٿي.

دنيا جي دڪدائڪ سرڪس ۾، ناچڻيون ۽ مسخرا نيري ۽ گلابي رنگن سان چٽيل انتهائي درجي جو تخليقي ڪم آهن. فاشزم جي احتجاج ۾ هڪ اوچي پائي جي تخليقي پينٽنگ "گرنيڪا" جي ايڏي اهميت ڇو؟ پڪاسو ڪيتريون اجايون سجايون تصويرون پڻ چٽيون، جن لاءِ هو تسليم به ڪري ٿو ته سرمايدار ملڪن جي مارڪيٽن ۾ وڪرو به ٿيون. پر پڪاسو، گويا (Goya) جيان ڪڏهن به حڪمرانن جي آڏ نه مڃي ۽ نه وري انهن سان ناهه ڪيو. اهي مهان ڪلاڪار پنهنجي تخليق ۾ هميشه انسانيت جي حوالي سان چاتا سڃاتا وڃن ٿا ۽ هنن هميشه سماجي غير برابري، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ خلاف آواز بلند پئي ڪيو آهي. آنهن ماڻهن لاءِ ۽ ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ هميشه ڪم پئي ڪيو آهي.

هر سچو ڪلاڪار حالتن کان آڏ نه مڃيندو آهي ۽ نتيجي ۾ کيس باغي قرار ڏنو ويندو آهي. هر مهان چترڪار پنهنجن اصولن ۽ ضابطن تي قائم رهندو آهي ۽ پنهنجي فن ذريعي، حڪمران طبقي کان، سندس ۾ اکيائي وارن قائدن کان، هميشه انسان ۽ فن جي باري ۾ سوال ڪندو رهندو آهي ڇاڪاڻ ته اهو سڀ ڪجهه سندس فطرت ۾ شامل آهي. □□□

---

(1) Gurnica - پڪاسو جي هڪ شاهڪار تصوير جو عنوان آهي. اصل ۾ گرنيڪا اسپين جو هڪ ننڍڙو شهر هو، جنهن کي 1935ع ۾ اسپين جي Civil war دوران جنرل فرانڪو جي حڪم سان ناس ڪيو ويو ۽ اسپين جي فوجن پنهنجي ئي ماڻهن کي ماريو. فرانڪو پنهنجي حياتيءَ ۾ پڪاسو کي اسپين اچڻ جي دعوت ڏني پر پڪاسو اهو چئي اچڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته "جيستائين اسپين ۾ فوجي جنتا قائم آهي تيستائين ساڻس ڪنهن به قسم جو ناهه نه ڪندس ۽ نه ئي پنهنجي جنم ڀومِيءَ ڏانهن موٽي ورندس."

مددي ڪتاب

1. Kafka, Franz: 'The Castle', Seeker and Warbung, 1955.
2. Marx, Carl: 'Capital', Allen and Unwin, 1928.
3. Marx, Carl: 'Critique of Political Economy', Kegun Paul, 1904.
4. Fischer, Ernest: 'Art against Ideology'.
5. Fisher, Ernest: 'Art: A Marxist Approach', Penguin, 1961

پاڪستان ۾ آءِ - ايس - بي - اين (ISBN) نظام جو اجراءُ

☐ عبدالحفيظ اختر
—— سنڌيڪار ——
☐ عبدالڪريم ڪڪي

آءِ - ايس - بي - اين (ISBN) ڇا آهي؟

آءِ - ايس - بي - اين ، انٽرنيشنل اسٽينڊرڊ بوڪ نمبر جو مخفف آهي . هي بين الاقوامي طور تي مڃيل نظام آهي ، جنهن ۾ ڪتابن جي سولي سڃاڻپ ۽ انهن بابت معلومات جي موٽ ۾ سهوليت ۽ تيز رفتاريءَ لاءِ . ڪتابن کي ڪوڊ نمبر ڏنا ويندا آهن .

اهو ڪوڊ نمبر ، منفرد ۽ اڻ تبديل ٿيندڙ نمبر هوندو آهي ، جيڪو هڪ مخصوص پبلشر جي طرفان شايع ٿيندڙ مخصوص ڪتابن جي مخصوص ايڊيشن تي لڳايو ويندو آهي . هونئن هر ڪتاب جي هر ايڊيشن لاءِ هڪ نمبر هوندو آهي ، جيڪو ڪنهن به ٻئي ڪتاب جي نمبر ۽ انهي ڪتاب جي ڪنهن به ٻئي ايڊيشن کان لازمي طرح مختلف هوندو آهي .

آءِ - ايس - بي - اين جي ابتدا

1944ع ۾ ، برطانوي پبلشرن ، ڪتابن جي تجارت جي سلسلي ۾ ، معياري نمبرن جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ هڪ رپوٽ تيار ڪئي . انهيءَ سال برلن ۾ ٿيندڙ هڪ ڪانفرنس ۾ ڪتابن جي ڳڻپ لاءِ هڪ "بين الاقوامي نظام" جي ضرورت تي ڀرپور غور ۽ فڪر ٿيو .

ان وقت يورپ جا ڪيترا ئي اشاعتي ادارا ، ڪتاب ورهائيندڙن (Book Distributors) جي آرڊرن ۽ ڏيتي ليتي جي ڪارروائين ۾ اختصار لاءِ ، ڪمپيوٽر جي استعمال جي باري ۾ سنجيدگيءَ سان غور ڪري رهيا هئا . تنهن هوندي به ، مشيني نظام اختيار ڪرڻ لاءِ ، شايع ٿيل مواد کي هڪ منفرد ، سادو ۽ خصوصي نمبر ڏيڻ اولين ضرورت هو .

"انٽرنيشنل آرگنائزيشن فار اسٽينڊرڊ" آءِ - ايس - او (ISO) جي ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ

برطانوي وضع ڪيل نظام ڪي بين الاقوامي طور تي استعمال ڪرڻ جي امڪان جو جائزو وٺڻ خاطر، 1967ع ۾ هڪ "ورڪنگ گروپ" قائم ڪيو، جنهن جي سيڪريٽريٽ، "برٽش اسٽينڊرڊ انسٽيٽيوٽ" ۾ هئي. "گروپ" جي ڀيرين گڏجاڻي، 1968ع ۾ لنڊن ۾ منعقد ٿي ۽ هڪ ڊرافٽ تيار ڪيو ويو. پوءِ برلن ۽ اسٽاڪهوم ۾ ٻه اجلاس ٿيا، جن جي نتيجي ۾، آءِ- ايس- او- ڊاڪيومينٽيشن- 1208، (ISO-Documentation-2108) ظاهر ٿيو، جنهن بين الاقوامي نمبر جي اصول ۽ طريقهٔ ڪار جي نشاندهي ڪئي.

جولاءِ 1972ع ۾، برلن (وفاقي جمهوريه جرمني) ۾ آءِ- ايس- بي- اين (ISBN) جي بين الاقوامي ايجنسي قائم ڪئي وئي، جنهن جي اهتمام هيٺ ISBN جي نظام تي عمل درآمد شروع ٿيو. هر شريڪ ملڪ، ان جي ايجنسي هوندو آهي. 1972ع ۾ ڇهن ملڪن جي اشتراڪ سان شروع ٿيندڙ هيءُ نظام، هاڻي 55 ملڪن تائين ڦهلجي چڪو آهي ۽ 1985ع جي انگن اکرن پٽاندر مطابق هڪ لک چاليهه هزار اشاعتي ادارا، هن نظام ۾ شموليت اختيار ڪري چڪا هئا.

آءِ- ايس- بي- اين نظام ۾ سڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ هڪ مستقل "مشاورتي پينل" تشڪيل ڏنو ويو آهي جيڪو هر سال ميٽنگ ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجون رٿون پيش ڪندو آهي. انهي کان سواءِ بين الاقوامي ايجنسي، ISBN نظام ۾ شامل سڀني اشاعتي ادارن جي ڊائريڪٽري به شايع ڪندي آهي. انهي نظام جي هڪ بنيادي خوبي هيءَ آهي ته ان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي في يا خرچ وغيره نٿو ورتو وڃي.

آءِ- ايس- بي- اين جو دائرهٔ ڪار

بنيادي طور تي ISBN نظام ڪتابن لاءِ ايجاد ڪيو ويو هو. پر هاڻي اهو پمفليٽن، تعليمي ڪيسيٽن، مائڪرو فلمن ۽ بريل (Brail) ڪتابن تي پڻ لاڳو ڪيو پيو وڃي.

آءِ- ايس- بي- اين پبلشر لاءِ ڪيئن ڪم ڪري ٿو؟

(1) اڪيلو ISBN، دنيا جي ڪنهن به خطي مان، ڪنهن به زبان ۾ ۽ ڪنهن به عنوان تحت شايع ٿيندڙ ڪتاب جي سڃاڻپ ڪري ٿو.

(2) ISBN نظام ۾، لفظن جي بدران عدد استعمال ٿيندا آهن، جنهن ڪري ڪتابن جي آرڊرن، اسٽاڪ ڪنٽرول، بلن ۽ ڪتابن متعلق ٻين معاملن ۾ عملي سهوليت پيدا ٿئي ٿي.

(3) هي نظام پبلشرن ۽ ڪتابن جي واپارين جي وچ ۾ هڪ پروسي جوڙو، تيز ۽ باڪفايت خط وڪتابت جو ڪم ڏئي ٿو.

(4) ڪمپيوٽر جي استعمال لاءِ پڻ مناسب آهي.

پاڪستان ۾ آءِ - ايس - بي - اين نظام جو اجراء

1984ع جي آخر ۾، نيشنل لائبريري آف پاڪستان، اسلام آباد کي قومي سطح تي ISBN ايجنسي مقرر ڪيو ويو ۽ تاريخ 16 مئي 1985ع کان هي نظام پاڪستان ۾ عملي طرح لاڳو ٿي ويو. نيشنل لائبريري ملڪ ۾ سڀني شامل پبلشرن جي طرفان اهي نظام جي عمل، نفاذ ۽ انتظام جي ذميدار آهي قومي ايجنسي خاص طور تي هيٺين ڪمن لاءِ ذميدار آهي:

(الف) پبلشرن لاءِ، انهن جي زير طبع عنوانن لاءِ (ايندڙ ڏهن سالن ۾ شايع ڪرڻ جي اندازي جي لحاظ کان) آءِ - ايس - بي - اين جي حدن جو تعين ڪرڻ.

(ب) پبلشرن کي ٽيڪنيڪي مشورا ۽ مدد ڏيڻ ۽ انهي ڳالهه جي يقين دهاني ڪرڻ ته گروپ ۽ معيار ۽ منظور ٿيل طريقه ڪار کي ملحوظ رکيو ويندو.

(پ پبلشر لاءِ هدايتن ۽ معلومات جو هڪ ڪتابچو مهيا ڪرڻ.

(ڀ قومي ۽ ٻين ڪتابيات (Bibliographies) ۾ IBSN جي اشاعت جو اهتمام ڪرڻ.

(ت اڳيئي شايع ٿيل ڪتابن کي ISBN ڏيڻ لاءِ، پبلشرن جي مدد ڪرڻ ۽ تحرتي وڏي پين فهرستن (Lists) ۾ ان جي اشاعت جو اهتمام ڪرڻ.

ٿ) ڪتابي جارت جي سڀني شعبن سان رابطو رکڻ ۽ نون پبلشرن کي نظام کان روشناس ڪرائڻ ۽ شامل ڪرڻ.

(ٽ) واپارين کي ڪمپيوٽر جي ذريعي ISBN نظام جي استعمال ۾ مدد ڏيڻ. (نيشنل لائبريري ۾ اها سهوليت ڪمپيوٽر لڳڻ کان پوءِ مهيا ٿيندي.)

آءِ - ايس - بي - اين ڪيئن ٺهندو آهي؟

ISBN هميشه ڏهن انگن تي مشتمل هوندو آهي. جيڪو چئن مختلف حصن جي سيڙ تي منحصر آهي. هر حصي کي هڪ نشان الحاق ( ) جي ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي. مثال طور: ISBN .969 - 30 - 1068 - X ۾،

969-- پاڪستان لاءِ

30 – پبلشر لاءِ (اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي) .

1068 – ڪتاب جو عنوان (ڪم جوڙ گڏيون از : پروفيسر ممتاز شاهه) .
نظرثاني ايڊيشن 1965ع .

X – چيڪ عدد .

اچو ته ISBN جي چئن حصن جا تفصيل معلوم ڪريون :

(1 حصو پهريون: گروپ يا ملڪي سڃاڻپ جو نمبر

پهرئين حصي ۾ هڪ، ٻه يا ٽي انگ ٿي سگهن ٿا . هي حصو ظاهر ڪري ٿو ته هي ڪتاب فلاڻي زبان يا فلاڻي زبان ۾ شايع ٿيو آهي مثال طور :

0 ، امريڪا، برطانيا ، ڪئناڊا ، آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ ۾ شايع ٿيل ڪتابن لاءِ استعمال ٿيندو آهي .

2- فرانس لاءِ .

3- آسٽريليا، سئٽزرلينڊ (جرمني ڳالهائڻ وارو حصو) ۽ جرمني لاءِ ، ۽

969- پاڪستان لاءِ مخصوص آهي .

(2) ٻيون حصو : ناشر جو ڪوڊ نمبر

ISBN جو ٻيون حصو ، هڪ کان چئن انگن تي مشتمل هوندو آهي . اهو انگ ڪتاب جي پبلشر جي سڃاڻپ ڪندو آهي .

مثال طور :

0 - فيروز سنز ، لاهور .

30 - اردو اڪيڊمي سنڌ، ڪراچي .

400- البدر پبليڪيشنز ، اردو بازار ، لاهور .

8009- قادريه بوڪس ، سنت نگر ، لاهور جي سيني مطبوعات لاءِ مخصوص آهي .

(3) ٽيون حصو : ڪتاب يا عنوان جو نمبر

ISBN جو ٽيون حصو ، هڪ عنوان ، عنوان جي هڪ جلد (Volume) ۽ ان جي هڪ خاص ايڊيشن (جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ هجن) کي ظاهر ڪري ٿو . هن حصي ۾ شامل عددن جي تعداد جو دارومدار پهرين ٻن حصن، گروپ يا ملڪ جي نمبر ۽ پبلشر جي نمبر تي آهي . بهرحال پهرين ٽن حصن ۾ شامل عددن جي ڪل تعداد جو نَوَ (9) هجڻ ضروري آهي .

(4) چوٿون حصو : چيڪ عدد

ISBN جو آخري حصو، ”چيڪ عدد“ ڪوٺجي ٿو. اهو فقط هڪ عدد تي مشتمل هوندو آهي، جيڪو ڪوڊ نمبر جي صحت لاءِ هڪ رياضياتي چيڪ مهيا ڪري ٿو. مثال طور: ISBN 969-30-1068-X ۾ X چيڪ عدد آهي. ڏهن جي انگ بدران، رومن انگ ايڪس (X) استعمال ڪيو ويندو آهي، ته جيئن چيڪ عدد ٻن انگن ۾ نه اچي ۽ ISBN ڏهن انگن تائين ئي محدود رهي.

آءِ- ايس- بي- اين ڪتاب تي ڪٿي ڇاپڻ گهرجي؟

ISBN جي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ، اهو انتهائي ضروري آهي ته، آءِ-ايس-بي-اين ڪتاب تي ڇاپيو وڃي ۽ ان کي گهٽ ۾ گهٽ ايترن وڏن ٽائيپ اکرن (9 کان 12 پوائنٽن تائين) ۾ ڇاپيو وڃي، جو آساني سان پڙهي سگهجي. اهو پڻ ضروري آهي ته انهيءَ کي ڪنهن اهم هنڌ تي ڇاپيو وڃي. هي نمبر عام طور تي ڪتاب جي هيٺين حصن تي لکيو ويندو آهي:

(i) عنواني صفحي جي پٺ تي.

(ii) ڪتاب جي جلد جي هيٺين حصي تي (پشتي تي).

(iii) ڪَوَر (Cover) جي پنيان ۽

(iv) گردپوش (Book Jacket) تي.

پبلشرن کي گهرجي ته، ISBN کي پنهنجي تجارتي فهرستن، ڪيٽلاگن ۽ اشتهارن ۾ به درج ڪن.

آءِ- ايس- بي- اين جي سلسلي ۾ ڪجهه رهنما هدايتون

هر پبلشر کي قومي ISBN ايجنسي يعني نيشنل لائبريري اسلام آباد جي طرفان، پبلشر جو سڃاڻپ نمبر (Publisher Identifier) ڏنو ويندو آهي، جنهن سان انهيءَ ڳالهه جو تعين ٿيندو آهي ته، مذڪوره پبلشر جي لاءِ ڪتابن جي سڃاڻپ نمبرن جو تعداد ڪيترو آهي. پبلشر، ڪتاب جي اشاعت کان اڳ، قومي ISBN ايجنسي کان، ڪتاب جو سڃاڻپ نمبر حاصل ڪندو. جيڪڏهن ايجنسي چاهي ته ڪنهن پبلشر کي خود پنهنجي عنوان (Title) جا نمبر الاٽ ڪرڻ جو به اختيار ڏيئي سگهي ٿي.

اڃا پاڪستان ۾، ڪنهن به پبلشر کي اهو اختيار نه ڏنو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اڃا هي نظام مرڪزي طور ڪم ڪري ٿو.

هڪ منفرد ISBN، هر ايڊيشن لاءِ مخصوص ڪيو ويندو آهي ۽ آهي سڀ ISBN جيڪي هڪ عنوان کي ڏنا ويا هجن، هر ايڊيشن (نظرثاني ٿيل ترجما، ليسن يافته ايڊيشن، ري پرنٽ، يا پيپر بئڪ، جن تي نوان Imprint هجن، مختلف جلد وغيره) ۾ موجود هئڻ گهرجن.

پاڪستان ۾ اٽڪل هڪ سال جي مختصر عرصي ۾ 35 پبلشر ISBN نظام ۾ شامل ٿي چڪا آهن ۽ 610 ڪتابن کي ISBN مخصوص ڪيا ويا آهن. سڀني پبلشرن کي نظام ۾ شموليت لاءِ چئن درجن ۾ ورهايو ويو آهي. ڪنهن به درجي ۾ پبلشر جي شموليت جو دارومدار انهيءَ ڳالهه تي هوندو آهي ته، ان گذريل ڏهن سالن ۾ ڪيترا عنوان ڇاپيا ۽ ايندڙ ڏهن سالن ۾ اٽڪل ڪيترا عنوان ڇاپيندو. پاڪستان ۾ ايندڙ ڏهن سالن جي اشاعت جي رفتار کي مدنظر رکندي، ڪجهه هيٺين ريت ڪوڊ نمبر مخصوص ڪيا ويندا:

قسم(Category)	دائرو (Range)	پبلشرن جو ڪل تعداد	ڪتابن جو تعداد
اي (A)	1–0	2	100,000
بي (B)	39- 20	20	10,000
سي (C)	699–40	300	1,000
ڊي (D)	9999 - 7000	3000	100
		3322	

آءِ - ايس - بي - اين نظام جي عمل نافذ ڪرڻ ۾ مشڪلات

(i) اهڙا پبلشر جيڪي چند ڪتاب شايع ڪن ٿا، انهن کي هن نظام سان ڪابه دلچسپي ناهي.

(ii) هي نظام، شرڪت ۽ سهڪار جي بنياد تي ڪم ڪري ٿو ۽ انهيءَ ۾ شموليت لازمي ناهي.

(iii) ڪجهه پبلشر پنهنجا ادارا بند ڪري ڇڏيندا آهن. انهن کي الاٽ ڪيل مخصوص نمبر، ڪنهن ٻئي کي الاٽ نٿا ڪري سگهجن.

”آءِ - ايس - بي - اين“ نظام جي افاديت کي مدنظر رکندي، اهو ضروري آهي ته، پبلشرن کي ان ڪان، وقت ۾ وقت آگاهه ڪيو وڃي ۽ انهن کي انهيءَ نظام ۾ شامل ڪيو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ پبلسٽي مواد، يعني هڪ باتصوير ڪتابچي کان سواءِ هڪ

اڳواٽ تيار ڪيو وڃي، جيئن پبلشرن جي گڏجاڻين ۽ ڪتابن جي نمائشن جي موقعن تي ڏيکاري سگهجي.

مختلف شهرن ۾ پبلشرن جي لاءِ هڪ يا ٻن ڏينهن جي ورڪشاپ جو اهتمام ڏاڍو فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو.

ڪتابن جي وڪري ۾ ڪتاب - گهرن (Libraries) جو سهڪار

اهو ته اسين ڄاڻون ٿا ته ڇپيل لفظ صدين کان علم ۽ فڪر توڙي اطلاعات جي عام ڦهلاءَ جو مروج ذريعو تصور ڪيا ويندا آهن. تنهنڪري ڪتاب، اخبارون ۽ رسالا اڄ به ڪتاب - گهرن جو بدستور هڪ اهم جزو قرار ڏنو ويو آهي.

ڪتابن جي واڌاري (Promotion) ۽ ڪتابن جي وڪري (Sale) ۾ ٽي عناصر (Elements) اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. يعني تعليمي شرح، ڪتابن جي تصنيف ۽ اشاعت توڙي ڪتاب - گهرن جو قيام.

هڪ اڻپڙهيل معاشري ۾، نه ڪتاب پڙهيا ويندا آهن ۽ نه ڪي ڪتاب لکيا ويندا آهن ۽ ڪتاب گهرن جي اهميت، انهيءَ تناسب سان گهٽ ٿي ويندي آهي. هڪ محتاط اندازي مطابق، هن وقت ملڪ ۾ اٽڪل اڍائي هزار ڪتاب هر سال ڇپجن ٿا. انهن مان به اٽڪل چوٿون حصو پمفليٽن جي صورت ۾ هوندا آهن. سڀني زبانن ۾ ڇپجندڙ اخبارن ۽ رسالن جو تعداد مشڪل سان ٻارهن سئو تائين پهچي ٿو. ملڪ جي مجموعي تعليمي شرح 26.2 سيڪڙو آهي ۽ شايد 8 کان 10 سيڪڙو اهڙا ماڻهو هوندا، جيڪي ڪتاب مان فائدو حاصل ڪرڻ جي اهليت رکن ٿا. پر آهي مطالعي جي شوق جي گهٽتائي جو شڪار آهن. نتيجي طور، ڪتاب - گهرن (Libraries) جي قيام ۾ گهربل ترقي نه ٿي سگهي. ڪتابن جي واڌاري ۽ ڪتابن جي وڪري ۾ ڪتاب- گهرن جي ڪردار ڪي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اسين ڪتاب - گهرن جي اهميت کي مد نظر رکون. اڄڪلهه جي دور ۾ ڪتاب - گهر، چاهي اهو قومي ڪتاب- گهر هجي يا تعليمي، عوامي ڪتاب - گهر هجي يا خصوصي - سڀئي ملڪي تعليمي نظام جو هڪ لازمي جزو هوندا آهن. ڪتاب- گهر اسان جي گذريل دور جي نسل جي ڪاوشن ۽ ڪارنامن کان، نه رڳو اسان کي متعارف ڪرائين ٿا، پر انهن جي سوچ کي اڳتي وڌائڻ جو اهم وسيلو به آهن، جنهن تي اسان پنهنجو آئيندو تعمير ڪري سگهون ٿا.

موجوده دور ۾ ڪتاب - گهرن جي اهميت انهيءَ ڪري به وڌي ويئي آهي جو ملڪ جي ترقي لاءِ، اهي عوام جي ذهني صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا. اهي عوام کي پڙهائڻ لاءِ صحيح مواد مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ، تعليمي شرح کي وڌائڻ ۽ قائم رکڻ ۾ تمام فائديمند ثابت ٿيندا آهن.

ڪتابن جي واڌاري ۽ ڪتابن جي وڪري ۾ ڪتاب - گهر جداگانه اهميت جا حامل آهن ۽ ڪيترن ئي طريقن سان مددگار ثابت ٿيا آهن. مثال طور:

(1) ڪنهن به ملڪ ۾ ڇپجندڙ ڪتابن جا سڀ کان وڏا خريدار ڪتاب - گهر ئي هوندا آهن. پاڪستان ۾ به، ڇپجندڙ ڪتابن جو اٽڪل 80 سيڪڙو حصو ڪتاب - گهر ئي خريد ڪندا آهن. ڪتاب - گهرن جي تعداد ۾ درجي به درجي واڌارو ٿي رهيو آهي ۽ انهيءَ واڌاري سان، لازمي طرح ڪتابن جي اشاعت ۽ وڪري ۾ به واڌارو ٿيو آهي.

(2) ڪتابن جي وڏي کان وڏي خريداريءَ لاءِ گذريل ڪجهه سالن کان، اڪثر ڪتاب - گهرن جي بجيٽ ۾ خاطرخواهه اضافو ٿيو آهي. تازو سينيٽ ميونسپل ۽ ٽائون ڪميٽين جي لاءِ ڪتاب - گهرن جي برابريءَ جي بنياد تي، حڪومت پاڪستان جي "ڪتاب - گهرن واري کاتي" (Department Of Libraries) ڪتابن ۽ فرنيچر جي خريداريءَ لاءِ امدادي اسڪيم شروع ڪئي آهي، جنهن سان ڪتابن جي وڪري ۾ به چڱو اضافو ٿيندو.

(3) ڪتاب - گهر، اڪثر قومي اهميت وارن موقعن تي، ڪتابن جي نمائش جو اهتمام ڪندا آهن، جنهن سان ڪتابن جي واڌاري ۾ خاصي مدد ملي ٿي.

(4) ڪتاب - گهر جو عملو اڪثر پنهنجي پڙهندڙن کي ڪتابن جي صحيح چونڊ ۾ رهنمائي فراهم ڪندو آهي. انهي کان سواءِ اڪثر پڙهندڙ، ڪتاب - گهر کان ئي ڪنهن ڪتاب جي حصول ۽ ذريعن جو معلوم ڪندا آهن.

5) ڪتاب - گهر، نون ڇپجندڙ ڪتابن جا ڪور (Cover) يا بڪ جيڪيٽ (Book Jackets) يا ڪتاب Display ڪندا آهن ۽ پڙهندڙن کي ڪتابن ڏانهن متوجه ڪرڻ جو ڪارڻ بڻيا آهن.

(6) وڏا ڪتاب - گهر، ڪتابن جون تعارفي تقريبون منعقد ڪرائيندا آهن ۽ اهڙي طرح ڪتابن جي واڌاري (Promotion) ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا آهن.

(7) مطالعي جي شوق جي، واڌاري ۽ ڪتابن جي وڪري ۾، پڙهندڙن جون ڪلبون (Clubs) به اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن، جنهن جي وسيلي پڙهندڙ، پنهنجي پسند جا سٺا ڪتاب، نسبتاً گهٽ قيمت تي حاصل ڪري وٺندا آهن. ٻاهرين ملڪن ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي ڪلبون، ڪتاب- گهرن ۽ پبلشرن گڏجي شروع ڪيون هيون ۽ ڪاميابيءَ سان هلي رهيون آهن.

مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته پاڪستان ۾ ڪتابن جي اشاعت ۽ ڪتابن جي ورهاست (Publication and Distribution of Books) جو موجوده نظام نه اثرائتو آهي ۽ نه ئي مربوط ۽ منظم؛ ۽ قومي ترقيءَ ۾ اشاعتي ادارا، پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهن. تعليمي، معاشي ۽ معاشرتي ترقيءَ لاءِ، جن ڪتابن جي ضرورت هوندي آهي، اهي نه ته لکجي رهيا آهن ۽ نه ڇپجي رهيا آهن. قومي اطلاعاتي پاليسيءَ ۾ ڪتاب ۽ ڪتاب- گهر جي ڪردار جو تذڪرو ئي ڪونه ٿيندو. تعليمي شرح وڌائڻ جا پروگرام تڏهن تائين پر ڪتابن جي اشاعت ۽ فراهمي نه ٿي رهي آهي. مون کي اُميد آهي ته، "نيشنل بوڪ ڪائونسل" (NBC)، جيڪا ڪتابن جي واڌاري ۾ اهم خدمتون سر انجام ڏيئي رهي آهي؛ انهن پهلوئن تي توجهه ڏيندي.

پاڪستاني پبلشر، جن کي سچاڻپ نمبر الاٽ ٿي چڪا آهي

(1) البدر پبليڪيشنز، راحت مارڪيٽ، اردو بازار، لاهور.

(2) آڪاش پبليڪيشن، اسپنسرز بلڊنگ، ڪراچي.

(3) انجمن ترقيءِ اردو پاڪستان، ڪراچي.

(4) ايريا اسٽڊي سينٽر، قائداعظم يونيورسٽي، اسلام آباد.

(5) ڪلر پڪس 735 - اسٽريٽ 102، جي 9/4، اسلام آباد.

(6) فيروز سنز لميٽيڊ، شاهراه قائداعظم، لاهور.

(7) شيخ غلام علي اينڊ سنز، ادبي مارڪيٽ چوڪ انارڪلي، لاهور.

(8) اداره تحقيقات اسلامي، شاه فيصل مسجد، اسلام آباد.

(9) ايسٽ اينڊ ويسٽ پبلشنگ ڪمپني، ڪراچي.

(10) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو.

(11) اسلامڪ پبليڪيشنز، شاهه عالم مارڪيٽ، لاهور.

(12) اسلامڪ ريسرچ اينڊ دعوا انسٽيٽيوٽ، يونيورسٽي آف اسلامڪ سائنسز، زرگري، ڪوهاٽ.

(13) خواجہ فريد اڪيڊمي ، اسپتال روڊ ، رحيم يار خان .

(14) مجلس تصنيف و تاليف ، واهہ ڪينٽ .

(15) مڪتبہ روحاني ڊائجيسٽ ، ڪراچي .

(16) مولائي انٽر پرائيزز ، ڪراچي .

(17) ماڊرن بوڪ ڊپو ، آب پاره مارڪيٽ ، اسلام آباد .

(18) موتمر ريسرچ پبليڪيشنز بيورو ، بهادرآباد ، ڪراچي .

(19) ~~نديم بوڪ هائوس ، 41 - پراڻي انارڪلي ، لاهور .~~

(20) نيشنل هجره ڪائونسل ، مسجد روڊ ، اسلام آباد .

(21) نيشنل لائبرري آف پاڪستان ، اسلام آباد .

(22) پاڪستان زرعي تحقيقي ڪائونسل ، اسلام آباد .

(23) پاڪستان پنجابي ادبي بورڊ ، 58 - لارينس روڊ ، لاهور .

(24) قادريہ بڪس ، سنت نگر ، لاهور .

(25) ريڊرس ايسوسيئيشن ، وڪٽوريا چيمبرس - 1 ، ڪراچي - 3 .

(26) رائل بوڪ ڪمپني ، ڪراچي .

(27) سرائڪي ادبي مجلس ۽ سرائڪي لائبرري ، بهاولپور .

(28) شهزاد اينڊ ڪمپني ، عبدالله هارون روڊ ، ڪراچي .

(29) شعبہ تصنيف و تاليف و ترجمہ ، گلشن اقبال ، ڪراچي .

(30) شعبہ تصنيف و تاليف و ترجمہ ، ڪراچي يونيورسٽي ، ڪراچي .

(31) سنڌي ادبي بورڊ ، ڄام شورو .

(32) سن پبليشنگ ڪمپني ، ماڊل ڪالوني ، ڪراچي .

(33) اردو اڪيڊمي سنڌ ، ڪراچي .

(34) اردو دائره معارف اسلاميہ ، پنجاب يونيورسٽي ، لاهور .

(35) وين گارڊ بڪس ، 8 - ڊيوس روڊ ، لاهور . □□□

ماهوار 'ڪتاب' (اردو) ، لاهور جي جلد 20 ، شماري 11 تان ورتل.

غم ۽ اُن جا ڪارڻ

خيرالنساء جعفري

تو ان غم (Depression) جا گهائل ڪي اهڙا لاچار شخص ضرور ڏٺا هوندا جيڪي اندر جي آزار ۾ گرفتار، من ۾ منجهيل، ٻٽ ۾ نبل ۽ سادي سمجهه وارا، ائين پيا گهلبا جو نه ڀيڙن گڏ ۽ نه مٺن گڏ. ائين پيا لڳندا ڄڻ سندن نيڻن مان ننڊ پرَ ڪري اڏامي ويئي هجي، بک ختم، چپ ۽ گلو خشڪ، تمام شديد وهم ۽ وسوسا، اجايا شڪ ۽ گمان، ماني اصل نه کائيندا ڄڻ ان ۾ زهر آهي. سرير مان سگهه اهڙيءَ طرح ختم ٿي ويندي اٿن جو آهه ڪرڻ جو به ست نه هوندن. بت ٽٽڙيل، نستائي ۽ ناتواني ايتري جو جهڙا زنده لاش! اهڙا بدنصيب شخص سورن ۽ نراسائن کي پنهنجي عادت بڻائي ڇڏيندا آهن. هنن آڏو دنيا دشمن، حياتي بي رنگ ۽ ساري هستي تڇ هوندي آهي. هي دنياوي خوشين تي پنهنجو حق پاڻي، پاڻ اهڙيءَ طرح گوشهنشين ٿي ويندا ڄڻ ته زندگيءَ جي گهما گهمين ۾ سندن ڪو به حصو نه آهي. ڪن حالتن ۾ ته خودڪشي ڪري پنهنجو انت آڻڻ کان به ڪين گسندا.

حقيقت ۾ سوز ۽ سرور، خوشيون ۽ غم، ڪاميابيون ۽ ناڪاميون هر سماج جو سرمايو ۽ هر بشر جو ورثو آهن. دنيا جو ڪو به خطو يا ڪو به فرد نه آهي جيڪو هنن حالتن کان آجو هجي. خوشين ۽ غمن جي دسترخوان تي ڪروڙين آدم جا اولاد ويٺل آهن، جن مان هڪڙا اهي خوش نصيب "سالم" آهن جيڪي موج ۽ مستي ۾ بهار جا رنگ چوندين. اهڙا خوش نصيب جو کائين سو مٺو، کل خوشي ۽ چرچو ڀوڳ سندن فطرت ثاني آهي. پاڻ کي ڏي وٺ جي وهنوار ۾ ائين سمائي ڇڏيندا ۽ سمجهندا ته ڪجهه "پائڻ" ۽ ڪجهه "ڪپائڻ" ئي اصل ميراث آهي. هنن لاءِ ڏک اکين کان ڏور ۽ ذهن ائين جو هر حساب سواو. هي سانڪ زندگيءَ جي سار کي رڳو خوشيءَ جو آواز پائيندا

آهن. بيشڪ اهنج ۽ سهنج ۾ مندن ساموهون ايندا پر هو هٿ وڌائيندا سهنج ڏانهن، ان لاءِ جو سمجهندا ته ڪاميابي جي ڪنجي خوشين ۾ آهي يعني "جيءُ خوش ته جهان خوش".
ان جي برعڪس آراريل ۽ مايوس شخص خوشين جو در ڪڙڪائڻ بدران غم کي جڙو بنائيندا، محفل ۾ ويهڻ بدران ڪنبڻ کي ترجيح ڏيندا ۽ پيار ڏيڻ بدران وٺڻ جي طلب ڪندا. پلا آدم جي اولاد ۾ ايڏو ويڇو ڇو؟ هتي نفسياتي روشنيءَ ۾ ان جا ڪارڻ ڳولڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

غم ۽ تحليل نفسي

بنيادي طور غم جو ڪارڻ محروميت آهي. ڪنهن پياري شيءِ جو پري ٿي وڃڻ، پيار ۾ هار، نفس تي چوٽ، غربت، ڏڪار، وڇوڙا، موت، جنگ، ظلم، مرض ۽ اهڙا پيا انيڪ سبب آهن جي جيءَ کي جلائي روڳي بنائين ٿا. فرائيڊ جي چوڻ مطابق "غم" نفرت، غصي ۽ عتاب (ڪنهن محرومي باعث جو رد عمل آهي) جنهن جون پاڙون ننڍپڻ ۾ کتل تين ٿيون. ان نظريي پٽاندڙ شخص جي شخصيت هڪ عمارت وانگيان آهي جنهن جو بنياد يا پيڙهه ٻالڪپڻي جي اوسر ۾ صحتمند طريقي تي رکيل آهي ته شخصيت مضبوط ۽ زماني جي آڏو اٽل ٿئي ٿي، پر جيڪڏهن پيڙهه ئي ڪچي، سونجهارن ۽ ڏنگن سان ڀريل آهي ته اڳيان هلي شخصي عمارت کي هڪ معمولي حادثو، چوٽ يا ڏکئي ڊانوان ڊول ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿيو پوي.
فرائيڊ پنهنجي نظريي کي هن طرح واضح ڪيو آهي ته "بنيادي طور هر بني بشر آسودگي ۽ محبت جو قائل آهي جنهن کي اسين عام طور 'نفس' سڏيون ٿا. آهي سڌون قدرت ازل کان ئي هن جي فطرت ۾ جوڙي ۽ سمائي ڇڏيون آهن. هن ڳالهه جي صداقت اسان تي ننڍڙي پيونءَ کان ظاهر ٿئي ٿي. ڪيئن نه ننڍڙو ٻالڪ نرم ۽ گرم هنج ۾ ماءُ جي آرهه کي وات ۾ وجهي خوشين سان هونگڙيون ٿو هڻي. ٻي سمجهه هوندي به جي کيس ڇپن تي ٿورو به ٻٻي جو احساس ٿئي ٿو ته هو ان کي سوگهو ڪري جهليو هٿي وات ۾. سوچڻ ۽ ڏاڍڻ تي ايترو موهت هوندو آهي جو نه رڳو ماءُ جي ڇاتي بلڪ پنهنجو آڱوٺو به ڏاڍي چاهه سان چوسيندو آهي. ان کان پوءِ جيڪا به شيءِ ڏسندو ان کي هٿندو وات ۾، ان لاءِ نه ته هو ڪو بکيو هوندو آهي. بلڪ محض مزي لاءِ.
ڪنهن پاءِ چاهه جا چشمڪا ۽ خوشين جي خواهش پار ۾ پيدائشي دور کان ئي موجود آهي. تحليل نفسي پار ڇي اوسر جي پهرئين دور کي "وات جي چشڪن"

تي منحصر قرار ڏنو آهي. اڳتي هلي اسين ڏسنداسون ته وات جون اهي واتون غم جي دڳ تي ڪيئن ٿيون پهچائين. خيال آهي ته وات جي هن چشڪياتي دور ۾ حد کان وڌيڪ لڳاءُ اڳتي هلي ٻار لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿئي ٿو. چوسڻ يا ڏائڻ جو عمل ٻار جي زندگي جو سڀ کان آسان ۽ نهايت ئي مزو ڏيندڙ عمل آهي، پر معمول کان وڌيڪ هن عمل جي پختگي ٻار کي اڳتي هلي بي خيال، سست، عياش، خوش فهم ۽ شديد حالتن ۾ شزوفرنيا (Shizophrenia) جو مريض ۽ نشي آور شين جي استعمال ڏانهن مائل ڪري ٿي.

هن دور جو ٻيو اهم حصو، جتان غم جا اصل اهڃاڻ ملن ٿا، ڏندن واري حصي تي مشتمل آهي. عمر جي هن حصي ۾ جتي ٻالڪ کي چوسڻ ۽ ڏائڻ ۾ حظ ملي ٿو، اتي ڪيس چٻاڙڻ ۽ چچرڻ ۾ به خوب مزو حاصل ٿئي ٿو. ڏندن جي اچڻ تي، ماءُ کي ڏائيندي ۽ چهڪا ڏيندي ڏيندي پائي ٿو ته ان کي به کائي وڃان. کائي وڃڻ جون اهي سڌون نفسياتي اصطلاح ۾ Cannobalistc desires آهن، جيڪي فطري ۽ لا شعوري ٿين ٿيون. اسين جو عام زندگيءَ ۾ پنهنجي پسند يا ناپسند جو اظهار ڪرڻ لاءِ چوندا آهيون ته فلاڻي شيءِ اهڙي تي وٺيم جو پائيان ته کائي وڃانس يا فلاڻي شيءِ اهڙي ٿي لڳيم جو جيڪر ڪچو چٻاڙيانس. انهن چوڻين جي ته رڳو محاورياتي اهميت آهي پر ان جي تهه ۾ نفسياتي محرڪات به موجود آهن.

کائڻ يا چٻڻ جون اهي سڌون هڪ طرف نفس جي تقاضا آهن ته ٻئي طرف ماءُ جو "ٿڃ ڇڏائڻ" ٻار کي چڻ ڪٽ تان هٽ تي ڪيرايو وجهي. نفسيات جي ماهرن جو خيال آهي ته ٿڃ ڇڏائڻ ٻار لاءِ هڪ وڏو سانحو آهي. هن دور جي نراسائي جيڪڏهن شديد جڙ پڪڙي ته ٻار آئينده، زندگيءَ جي عملي وهنوار کي به اڻ محروميءَ جي ئي عينڪ سان ڏسندو. دنيا ان کي مهربان ماءُ جيان نه بلڪ هڪ اهڙي ڏائڻ وانگيان نظر ايندي جنهن کانئس خوشيون قربون هجن. ان ڪري بجاءِ زنده دل ٿيڻ جي، هو اڳيان هلي روز رنج ٻٽيو پوي. بجاءِ سماجي رفاقت جي، هو گوشه نشين ٿيو پوي، بهادري جي بدران بزدلي وڪوڙيو وجهيس ۽ آٿت جي بجاءِ بي آرامي ۽ بي سهارائي آڏو اچيو وڃيس.

ابراهم (Abraham) پنهنجي مشاهدي مان هي نتيجو اخذ ڪيو آهي ته غم جي مريضن کي جيا بک نه لڳندي آهي يا انهن کان کائڻ نه پڄندو آهي، يا کاڌي ۾ زهر جا وسوسا ٿيندا اٿن. اهي سڀ علامتون، وات جي هن چشڪياتي

دور ۾، Cannobalistic desires جو ابتو رد عمل آهن. گويا غم جي سچي تحليل نفسي ۾ هيٺيون حقيقتون قابل ذڪر آهن: 1- پيار جو آره، تي موهت ٿيڻ، 2- لاشعوري طور ان کي چوسڻ ۽ چٻڻ مان حظ وٺڻ، 3- آخر ۾ ان پياري شيءِ جو پري ٿيڻ يعني ٿڃ ڇڏائجي وڃڻ، 4- محروميءَ جي نتيجي ۾ غصو، چڙ ۽ نفرت جو پيدا ٿيڻ، 5- انهن سڀني منفي رجحانن کي پاڻ تي لاڳو، 6- نتيجي ۾ جرم جي احساس جو پيدا ٿيڻ ۽ 7- لاشعوري طور پاڻ کي خطاوار مڃي سزاوار ڪرڻ.

غم ۽ احساس جرم

جيئن مٿي بيان ڪري چڪا آهيون ته غم جي پيڙا پوکڻ وارن لاءِ غم چڻ هڪ اجهو يا آستان آهي جنهن ۾ رهي هو لاشعوري طور پاڻ کي محفوظ پائيندا آهن ۽ هڪ طرح سان چڻ هو حياتيءَ جي حقيقتن کان پري پاڻ سان نباهه پيدا ڪندا آهن. هتي اسين هڪ ماهر نفسيات جي ڊائريءَ مان هڪ ڇوڪريءَ جو ڪيس مثال طور وٺنداسين جيڪا غم جي آزاريل هئي ۽ ان کان ڇوٽڪاري جي سخت خواهان هئي. هوءَ پائيندي هئي ته جيڪڏهن سندس ماءُ مري وڃي ته جيڪر غم کان آجي ٿيان. اهڙيءَ طرح هڪ پيو ڪيس هڪ غريب شخص جو هو، جنهن پنهنجي غم جو سبب پنهنجي "غربت" تي پاتيو. اتفاق سان هنن ٻنهي مريضن جي حالت ڦيرو کاڌو. ڇوڪريءَ جي ماءُ مري ويئي ۽ هن ماڻهوءَ کي مائٽاڻي ملڪيت هٿ اچي ويئي. هاڻي سوال آهي ته ڇا هنن جا مڙيئي مسئلا حل ٿي ويا يا حالتن جي بدلجڻ سان ٻئي مريض غم کان آجا ٿيا؟ نه، بلڪل نه. ٻنهي مريضن کي غم وري به ساڳيو هو، پر سبب ٻيا هئا.

نينگري کي هڪ نئين عذاب ورايو جو ماءُ جي مرڻ جو الزام هن پنهنجي سر تي کنيو. ڪيس هر گهڙي اهو پڇتاءُ ته ماءُ جي موت جي قصوروار آءٌ آ يان، جو مون ان لاءِ اهڙي خواهش رکي. ڪاش ائين نه چاهيان ها! هر وقت پاڻ کي ننڊڻ جو ڪرب! خطاواريءَ جو احساس!! "پٽر هر گهڙيءَ پيو پر سور اهو ساڳيو." ٻئي شخص کي وري دولت چڻ درد تي ملي. نين حالتن جا نوان مسئلا. اميري بذات خود روڳ بڻجي پئي. وري به ان نئين روڳ کان جان ڇڏائڻ جي، نئين جا کوڙ هئي ۽ هو پاڻ کي ساڳيو بدنصيب سمجهندو هو. هتي اسين ڏسنداسين ته غم اصل ڪند ڪڍندڙ انسان جي پنهنجي من ۾ لڪل آهي، نه ڪي حالتون هونديون آهن. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته انسان جي اندر ۾ اها ڪهڙي منفي قوت آهي جا ڪنڌون ڪٽي انسان کي لاچار تي بڻائي.

انسان جي اندر ۾ مختلف قوتن جي ٽڪراءُ جو تصور اسان کي نفسيات سان گڏ

مذهب ۾ ڏنو آهي. هڪ طرف مان جون ذاتي خواهشون انسان ۾ پيار ۽ آسودگي لاءِ چاهه ته ٻئي طرف ضمير جي ڪوڙي اک چيٽ ۽ ڏهڪاءُ. هنن ٻنهي قوتن (نفس ۽ ضمير) جي وچ ۾ ٽڪراءُ ڪنڊن جو اصل سبب بڻجي ٿو. غم تڏهن ٿيندو آهي جڏهن شخصيت تي ضمير جو هٿ حاوي هجي. بنيادي طور تي نفس جون ذاتي خواهشون ۽ اٽل ٿين ٿيون ۽ ضمير ۽ اوترو ئي ڪرڙي اک کنيو پهريدار جيان بيٺو رهي ٿو.

احساس جرم

خطا واري جي پاڻ لاءِ نفرت، نااميدي، پڇتاءُ ۽ پاڻ کي ننڍڻ جهڙا رجحان، ضمير جي ئي سلامتي ۽ جا ثبوت آهن. هنن رجحانن مان فرد کي لاشعوري تسڪين ملي ٿي، جنهن ڪري هو غم ۾ غلطان رهي پنهنجي لاءِ جيئڻ جو سامان مهيا ڪري ٿو. گويا احساس جرم مان جيڪا اذيت ملي ٿي، اها ڇڻ سزا جي صورت ۾ باعث تسڪين بڻجي ٿي.

ٻالڪپڻي ۾ اوسر جو اٽڪاءُ (Fixation) هجي يا ضمير ۽ نفس جي ڇڪتاڻ (Conflict) پر غم کي زور وٺرائڻ وارو هڪ ٻيو به نهايت اهم ڪارڻ آهي "طبع جي ڪمزوري" (Constitutional Weakness). طبع جي ڪمزوري ۾ مان هتي انسان جو مطلب آهي خود ڏيل اندر ڪا اهڙي ڏنگائي جا من جو لاڙو غم ڏانهن ڪري. ان ڏس ۾ بت جي اهم ڪاريگرن "اينڊوڪرائين غدودن" (Endocrine glands) کي خاص اهميت حاصل آهي. هنن غدودن جون رطوبتون 'جذباتي اعتدال' ۾ خاص ڪردار ادا ڪن ٿيون. جيڪڏهن هنن جي ڪيميائي عملن ۾ ڪو نقص هجي ته اهڙا شخص تيلي ۽ کي به ٽنب ڪري پائين ٿا. بيشڪ ماحول جون تلخيون پنهنجي جاءِ تي آهن، پر هنن رسن (Hormones) ۾ ڪا ڪسر ڇڻ تني ۽ تي تيل جو ڪم ڪري ٿي. ڪي مفڪرين غم ۾ هنن رسن جو ايترو ته حصو محسوس ڪيو جو اهڙي غم کي نالو ئي ڏنائون "اينڊوجينس غم" (Endogenous depression). هاڻي سوال آهي ته غم ڇا آهي؟ غصي ۽ عتاب جو ردعمل هجي يا رطوبتن ۾ نقص جو، پر ان ڪان آجو ڪيئن ٿجي؟

غم ڪان بچڻ جا ڪيترائي اپاءَ آهن، جيڪي غم جي نوعيت ۽ شدت تي انحصار رکن ٿا. نوعيت جي لحاظ کان غم کي بنيادي طور ٻن نمونن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

1- "اينڊوجينس غم" يعني غم جو اهو نمونو جنهن ۾ خارجي سببن سان گڏ شخص جي ذاتي جسماني جوڙجڪ ۾ به نقص هجي. غم جو ٻيو قسم "ردعملي غم" (Reactive depression) آهي، جنهن ۾ ماحول جا خارجي عناصر مثال طور حالتن جون تلخيون، ناڪاميون، صدما، وڇوڙا ۽ موت شامل آهن، جيڪي غم جو اصل سبب بڻجن ٿا.

علاج جو اسپتالي طريقو

غم جي شديد حالتن ۾ جڏهن ماڻهو پنهنجي وس ۾ نه رهي، خودڪشي ڪرڻ جهڙا خيال جند نه ڇڏين، وهم وسوسا وڪوڙي وجن، سماجي سٽ بلڪل ختم ٿي وڃي ۽ ڏندو ڏاڙي پنهنجي پنهنجي وڃي ته اهڙين حالتن ۾ اسپتال ۾ داخلا تمام ضروري آهي، جنهن جا ڪيترائي فائدا آهن. هڪ ته مريض خودڪشي ڪرڻ جهڙن عملن کان بچيل رهندو، ٻيو ته اسپتال ۾ مريض کي شاڪ (جنهن ۾ ميٽرازل ۽ انسولن قابل ذڪر آهي) ڏيڻ جو فوري فائدو رسي ٿو. شاڪن جي عملي افاديت هڪ طرف آهي ته نفسياتي ٻئي طرف. نفسياتي لحاظ کان شاڪن جي شدت ۽ اذيت کي مريض لاشعوري طور سزا جيان واجبي ڀانئي، پنهنجي ڪرم کي پوڳي ٿو. اهڙي طرح سزا کان پوءِ جڻ رهن جا گناهه ڌوپجيو وڃن ۽ هو پيهر شخصي توازن برقرار رکڻ لاءِ آمادهه ٿيو پوي.

اسپتالي علاج جو ٽيون نهايت اهم فائدو دوائن (Nialamidc - phenelizine - Iproniazid) جو استعمال آهي ۽ اهڙين پين دوائن سان فائديمند نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا. مغربي ملڪن ۾ ته نفسياتي ڪمزورين ۽ غم کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ دوائن جو استعمال ايتري قدر ترقي پذير آهي جو دوائن جي استعمال سان ذهن جي نه رڳو منفي حالتن کي روڪي سگهجي ٿو بلڪ خيالن کي مثبت سوچڻ ڏانهن به مائل ڪري سگهجي ٿو.

غم جو ٻيو علاج خالص نفسياتي اصولن تي وضع ٿيل آهي. يعني "نفسي شفا" (Psycho Therapy) جي ذريعي.

هي طريقو "رد عملي غم" لاءِ بيحد مفيد آهي جنهن ۾ مريض جي نفسياتي موڙن ۾ معالج جي مدد سان سلجهائي ان جي آنا يا خودي (Ego) کي انهيءَ قابل بڻائبو آهي جو مريض لاشعوري ڇڪتاڻ ۽ انتڪائن کان آزادي حاصل ڪري پيهر تندرست زندگي گهاري سگهي ٿو.

غم جو ٽيون علاج ذاتي مدد (Self support) تي منحصر آهي جيڪو اڪثر هلڪن غمن (Milder depressions) لاءِ ڪارگر ثابت ٿئي ٿو. غم جو هي هلڪو تاثر گهڻو ڪري هر ڪو ماڻهو ڇڏي ٿين کي لاڳو ٿيندو آهي. اهڙي قسم جو غم شخص جي پنهنجي ذات لاءِ وبال بڻبو آهي. اهڙا شخص ٻه طرفي آزار ۾ گرفتار ٿين ٿا. هڪ طرف سماجي رقابت جو پرم رکن ته ٻئي طرف اندر جي پيڙا کي به منهن ڏين. اهڙن شخصن کي ذاتي وسام به ٿئي ته نياتي ساجهه به. اهڙا شخص ٿوري ٽيڪاٽپڻي سان پاڻ کي خوش رکي سگهن ٿا، مثال طور:

1- روزانو صبح جو هلڪي سلڪي ورزش ڪرڻ.
2- دل گهرين دوستن جي قربت ۾ ويهڻ .
3- هلڪو سلڪو ادبي ڪتاب پڙهڻ .
4- ٻين جا ڏک، غم ۽ پريشانيون همدرديءَ سان ٻڌڻ.
5- پنهنجيون دلچسپيون، وڏائڻ ۽ سماجي ڏي وٺ ۾ گهٽ ڪان گهٽو حصو وٺڻ .
6- ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ويهڻ بدران ٻين سان رلجي ويهڻ، ٽي- وي ڏسڻ، رسالا پڙهڻ يا ميوزڪ ٻڌڻ .
7- خوشيون ڏيئي خوشيون خريد ڪرڻ. جيڪڏهن ماڻهو ارادو ڪري ته آئون روزانو ٻين ماڻهن کي ڪنهن نه طرح سان لفظي طور يا عملي طور خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ته اهڙي طرح موٽ ۾ ان جي ذات تي سماجي ۽ نفسياتي طور ڏاڍو صحتمند ۽ جٽادار اثر ٿئي ٿو.
8- پاڻ کي مثبت سوچ لاءِ آماده ڪرڻ.

انگريزيءَ جي شاعر الفرڊ ٽينيسن (Alfred Tennyson) لکيو آهي ته "مان سخت غمگين رهندو هوس. نيٺ هڪ ڏينهن مون خوشي ڳولي ورتي . اهو علاج لفظي آماد ڳيءَ تي منحصر هو. مثال طور: مان اڄ غم کي خيرباد چئي هڪ نئين سر زمين تي قدم رکندس، جتي خوشين ۽ مسرتن جو راڄ هوندو، جتي جا رستا ۽ اهڃاڻ مون کي خوشين جي ويتر ويجهو ڪندا . دريا ۽ لهرون، صبح ۽ شام، گل ۽ ٻوٽا، ڪوئل جي ڪوڪ ۽ تارن جي ٽم ٽم. سڀ خوشين جا نئين پيغامبر آهن . مان انهن خوشين کي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڏيندس." ٽينيسن لکي ٿو ته "روزانو هنن لفظن جي ورد ڪرڻ سان هڪ ڏينهن اهڙو به آيو جو واقعي مون پاڻ کي مسرتن جي واديءَ ۾ محسوس ڪيو ۽ مون کي ڪائنات جي هر شيءِ مسرتن سان سرشار لڳي." □□□

مددي ڪتاب

(1) Roger Brown: "Psychodynamics of Abnormal Behaviour."
(2) Page: "Abnormal Psychology."
(3) Blum, R.A: "Deseases of Nervous System."
(4) Berger, A.E: "A Handbook of Psychotherapy," N.Y. Wiley.
(5) Bowby, J: "Psychoanalytic Study of Child," N.Y. Press, 1960.

اصطلاح

□ نور افروز خواجه

اصطلاح هر وقت ٻوليءَ ۾ ايندا رهندا آهن ڇاڪاڻ ته وقت جي ضرورت خودبخود ئي ماڻهن کي اصطلاح گهڙڻ ۽ انهن کي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪرڻ تي آماده ڪندي آهي. دنيا جي ڪا به زبان اصطلاحن کان خالي نه آهي. هر زبان ۾ هزارين اصطلاح موجود آهن.

”اصطلاح“ ڪنهن به لفظ جي لغوي معنائن جي بدران ڪا ٻي معنيٰ مقرر ڪرڻ کي چئجي ٿو.

New Webster's Dictionary of English Language, Deluxe Encyclopedic Edition 1986 ۾ ”اصطلاح“ جي هيئن وضاحت ڪيل آهي:

”اصطلاح“ ڪنهن به زبان جي خاص اظهار جو اهو طريقو آهي جنهن ۾ لفظن جي ظاهري معنيٰ بيان ته ڪئي وڃي، پر اها معنيٰ جيڪا انهن لفظن ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي سوچيل سمجهيل مقصد سان بيان ٿيل هجي.“

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ”اصطلاحن جي اصليت“ ۾ لکي ٿو ته ”اصطلاح جي معنيٰ صلح ڪرڻ. ڪنهن به لفظ جي ٻي معنيٰ مقرر ڪرڻ.“

سنڌي زبان ۾ ڪيترا ئي اهڙا لفظ موجود آهن، جن جي لفظي معنيٰ ۽ رواجي معنيٰ ۾ فرق آهي. سنڌي جي مشهور شاعر شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترائي اصطلاح ڪم آندا آهن ۽ ڪيترا ئي نوان به جوڙيا اٿس. جهڙي ”شاهه جي رسالي“ جي ’سر ڪنڀات‘، ’سر سارنگ‘، ’سر سامونڊي‘، ’سر ڪيڏاري‘ ۽ ’سر ڏهر‘ مان اصطلاح پيش ڪجن ٿا، جيڪي مون کان اڳ ’سر ڪليان‘ (سنڌي شعبي جي جرنل ’ڪينجهر‘ ۾ ڇپيل) ۽ ’سر يمن ڪليان‘ (ماهوار ’نئين زندگي‘ ۾ ڇپيل) مان پيش ڪيل اصطلاحن جي هڪ ڪڙي آهن.

سر کلیاڻ

پلائي جا پير، پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي،
اکڙ اکنڊين جي، ڏي پاپوهي پير،
قمر پاڙي ڪير، شمس سپرين سين. (1—1)

اصطلاح: پير ڏيڻ = شاديءَ يا غميءَ ۾ شريڪ ٿيڻ.

هت تو پسين پرينءَ کي، تون چنڊ اهوئي،
آڏت چنڊ ان کي، ڏيانءَ جو روئي،
هيڪاندي هوئي، سانگ ۾ پوي سجڻين. (1—3)

اصطلاح: سانگ وجڻ = ڪنهن سانگي يا سبب سان ٻاهر وڃڻ

چوڏهينءَ چنڊ آيريو، اوٺيه پسيس عام،
مڻس ناهه ملام، جيڪين پچين پچ سو. (1—11)

اصطلاح: چوڏهين جو چنڊ هئڻ = نهايت خوبصورت هئڻ.

چنڊ لڳنئي منڊ، سنجهيئي سيخ ٿيين،
ڪراونڊاهي انڊ، تہ ملان محبوبن کي. (1—16)

اصطلاح: سيخ ٿيڻ = ڪرا ڪٽڻ، ڪاوڙجڻ، آپرڻ، ترا ڪٽڻ

هئن تاري، هئن هنڌ، هت منهنجا سپرين،
سجڻ ماڪي سنڌ، ڪوڙ ٿين نہ ڪڏهين. (1—23)

اصطلاح: ڪوڙو ٿيڻ = تنگ ورڻ، اڻ وڻندڙ ڳالهيون ڪرڻ.

آئي پتدم وڻ جاءِ، ماڻ مشڪريون چري،
ڪڏا ڏوڙرو، ڪرهو، لڪيو لائي ڪاءِ،
ان سپي سنڌي ماهه، سون ڳالهڙين ڳوڙها ڪيو. (2—20)

اصطلاح: ڳوڙها ڪرڻ = پريشان ڪرڻ، فڪر ۾ وجهڻ.

چانگا چنڊن نہ چرين، ميا پيين نہ موڪ،
اگر اوڏو نہ وڃين، تڪيو چڏين توڪ،
لائي وڃان لوڪ، تو کهڙي اکڙ آنڙي. (1—21)

اصطلاح: تڪي ڇڏڻ = ڪا پرواهه نہ ڪرڻ، تعلق ڇڏي ڏيڻ.

کنين ڪامڻ ڪياءِ، ڪئن پنهولئين ڪرها،
اکين مٿئي آ کيا، پيڙ ۾ پير گشاءِ،
وڳ ڪ وسرياءِ، ٻڌو جئن گهاٽيءَ وهين. (2—35)

اصطلاح: پير گسائڻ = هر هر اچڻ، چاپلوسي ڪرڻ.

چانگي چئي چڪياس، مٿاءِ آڪ نہ الهي،
جنهن ول گهٽا وهاتيا، آن سين آر لڳياس،
چوڏاري چندن وڻ، پچي پوڄ پياس،
راڙي رت ڪياس، هن ڪڏاتوري ڪرهي. (2—43)

اصطلاح: رت ڪرڻ = چيڙائڻ يا بيزار ڪرڻ.
اصطلاح: رت روئڻ (وائي 2) = ڏاڍو تنگ ٿيڻ
منهن ڏيڻ (وائي 3) = مقابلو ڪرڻ.

سر سارنگ

لڳہ پس لطيف چئي، آڳم ڪيا الله،
پلر جي پالوت سين، پٽن جهليا پاه،
واجهون وڏائي ڪيا، مٿي ٻڳسن گاه،
سانگين وريا ساه، آنو آب اگوندرو. (1—2)

اصطلاح: ساهہ وجهڻ = وڏو ٿورو ڪرڻ.

آڳم ائين نہ انگ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
سيڻن ريءَ سيڪ چئي، روح نہ رچن رنگ،
سهسين ٿيا سارنگ، ڇاني آيو جوءِ ۾. (1—3)

اصطلاح: رنگ ۾ رتو رهڻ = پنهنجي حال تي خوش رهڻ.

ٻر وٺا، ٿر وٺا، وٺو جيسر سير،
آ ڳم ڪري آئيون، پاڻر پيري پير،
لاٿائون لطيف چئي، وانديون مٿان وير،
سرها ڪيائون سير، سرهيون سنگهاريون ٿيون. (1—27)

اصطلاح: پير پرڻ = مهربانيءَ جي هلت ڪرڻ.

مکي ميان، سوتيون، آئيون، تي عرفات،
روضي پاڪ رسول جي، رنگ ڪيائون رات،
وچڙيون برڪات، ستون، مصر آئيون.

(29—1)

اصطلاح : رنگ لائڻ = فيض پهچائڻ، جوهر پيدا ڪرڻ.

سارنگ ٿيا آرالهيو؛ الله ملڪ اچين اچي؛
پاڻي پوءِ پٽن م، اوزان آن ڪريج
وطن وسائيج، تڏ سنگهارن سڪ لٿي.

(33—1)

اصطلاح : پاڻي ڏيڻ = وعدو پورو ڪرڻ، انجام پاڙڻ.

ڇهو ڇسڪي ڪنڊين، ڪيائين گڙنگ تي ڳل،
هڏا ڪتيان هليو، پيري ترايون تل،
آنڊين آب اچل، ٿي باغ بهار تي.

(4—2)

اصطلاح : باغ باغ ٿيڻ = ڏاڍو خوش ٿيڻ.

مندءِ ٿي متبدل وڃيا، آيو جهڙ جهاتي،
هيڪ ارزان آن ٿيو، پيو تڪڻ منجهه ماتي،
ڪلهي سين ڪاتي، لاٿم ڪٽ قلوب م.

(4—3)

اصطلاح : ڪٽ چڙهڻ = ڪارو ٿيڻ، بچڙو يا خراب ٿيڻ.

سوڙ منهنجا سپرين، آئيشي الله،
تو ڪني ساري ساه، آڪنڊئو آهون ڪري.

(5—3)

اصطلاح : ساهه کڻڻ = تورو ويهي آرام ڪرڻ. ساهه وجهڻ = هڪ ڏو تورو ڪرڻ.

اوچڻ گهرجي اچڪو، جهوپو سهي نه سيءُ،
سائيم سوڙ ڪني، حال منهنجو هيءُ،
اڱڻ آيو تي ءُ، تہ ڊولا ڪنهن ڏينگ ٿيان.

(8—3)

اصطلاح : سيءُ ٿيڻ = ڊپ لڳڻ يا خوف ٿيڻ.

ڪانڌ تنهنجي پانڌ ري، سنجهي سيءَ مران،
ڪا اسل آ ڪپاهن ۾ پيئي نار نران،
تاريءَ تنهن تران، جنهن ور وهائيءَ واريو. (9—8)

اصطلاح : نري وڃڻ = چپ اچي وڃڻ.

موتي مانڊڻن جا، پري ڪيائين پر،
وڃون وسڻ آئيون، ڳوڏنان ڪني ڪر... (3—4)

اصطلاح : ڪر (ڪنڌ) ڪڍڻ = مان وارو ٿيڻ.

جڪم ٿيو بادل ڪي، سارنگ سيات ڪجن،
وڃون وسڻ آئيون، ته ته مينهن تمن،
جن مهنگي لئي سيڙيو، سي ٿا هٿ هڻن،
پنجن منجهان پندرهن ٿيا، ائين ٿا ورق ورن... (4—5)

اصطلاح : هٿ هڻڻ = پچتائڻ. ورق ورائڻ = ڪتاب پڙهڻ.

ڏيت ڏيري پٽ پيون، ٿيا ولهارن ويءَ؛
سورج قمر نه پاڙيان، سيڻن جي شبيه،
جي جانب اندر جيءَ، سي پرين پيهي گهر آئيا. (4—11)

اصطلاح : پٽ پوڻ = ختم ٿي وڃڻ.

ڏيت ڏيري پٽ پيون، وڃون ويس ڪري،
مينهن وسي ملڪ جا، ڇڏيا ڏل پري،
قادر ڪرم ڪري، سڪا پٽ ساوا ڪيا. (4—10)

اصطلاح : ساوو ڪرڻ يا ساوو ٿيڻ = آسودو يا هوند وارو ٿيڻ، آباد ٿيڻ.
ڏل ڪرڻ = مال گڏ ڪرڻ، ملڪيت ٺاهڻ.

سڄو صاف نه آئيو، سرليءَ ڏوچاڻ سڄ،
منهن چڙهيو ماڻهن کي، ڏڌي واڍايون وچ،
هينئڙا! ڪي م ڪڇ، سگها ملندءِ سپرين! (4—16)

اصطلاح : منهن تي چڙهڻ = زورآور ٿيڻ يا ملي وڃڻ.

وسي ساري رات، صبح جو ساھ ڪٽي،
منجھيئي مينهن پرين جو، جي تن ۾ھئي تات،
تہ وهائي ۾ پريات، هوند بادل بس ٿي نہ ڪري. (21—4)

اصطلاح : ساھ ڪٽڻ = ويسانهين ڏيڻ، ٿورو ويهي آرام ڪرڻ.
تات هئڻ = يادگيري هئڻ، ياد پوڻ.

سر سامونڊي

ڳجھہ پاسي ويھہ، آيل سامونڊين جي،
تون ويسري وک ڪٽين، هو پورينڊا پرڏيھہ،
سمنڊ جن ساڙيھہ، ڪوہ نہ ويئين تن سين. (1—3)

اصطلاح : وک ڪٽڻ = تڪڙو هلڻ، پلائي ڪرڻ.

جان ايندين تان آءُ، هٿي هٿ ڳجھہ ۾،
لڳي واءُ سواءُ، سڙهہ سانباهي نہ سهي. (1—4)

اصطلاح : هٿ هئڻ = پڇتائڻ.
واءُ لڳڻ = هر هنڌ بداخلاقي جو اثر ڦهلجي وڃڻ.

ننگر ۽ نازيون، ڳجھہ ڪئي پنڌ ٿيا،
بندر بازاريون، سڃا سامونڊين ري. (1—6)

اصطلاح : پنڌ پڇڻ = حالتن کان واقف ٿيڻ.

جيڪر اچي هاڻ، تہ ڪريان روح رچنديون،
آيل ڏوليئي ساڻ، هوند ڳر لڳي، ڳالهيون ڪريان. (1—30)

اصطلاح : روح رچندو ڏيڻ = دل پسند دان ڏيڻ.

پير پٽ تي نہ پوڻ (داستان - 1 وائي - 2) = پيچ ڏڪ ۾ هئڻ، فرصت ئي نہ ملڻ.

پاسان آڌارا، آئي آونگ چاڙهيا،
منهن ڏيئي مون آئيا، سمهان سيارا،
آيرن سيڪارا، پسيو ور پين جا. (2—3)

اصطلاح : منهن ڏيڻ = مقابلو ڪرڻ يا قرض ادا ڪرڻ جو وعدو ڏيڻ.

جاجر جائون نہ ڏئي، ڏيا نہ موهي،
سڏون ڪوه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جيون . (3—25)

اصطلاح : سڏ ڪرڻ = خواهش ڪرڻ .

سر ڪيڏارو

مير مدينا نڪري، رڙهيا متي رند،
گهوڙا تن گهوٽن جا پرنا متي پند،
جتي رهيا راتڙي، سي سنهارا هند،
ڪلاڪرنگر،ڪند جهرنجهونجهارن جا. (1-- 6)

اصطلاح : رندن ۾ رلائڻ = تنگ ڪرڻ . رندن ۾ رڙهڻ = ميدان جي وات وٺڻ .
رندن ۾ رلڻ = بي مانو ٿيڻ . پند پڇڻ = حالتن کان واقف ٿيڻ .

ڪربلا جي پڙ ۾، خيما کوڙيائون،
جهيڙو يزيد سامهون، جنبي جوڙيائون،
منهن نہ موڙيائون، پسي تاءُ ترار جو. (2—4)

اصطلاح: منهن موڙڻ = تعلقات يا اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏيڻ .

ڏنو ڪال ڪهين، جهنجهارڪو جهڳڙو،
هاٿين هڏ مڇائيا، ريلو رت نئين،
پيائن سا سئين، جنان جي جوڪو ٿئي. (3—1)

اصطلاح : رت ريلا ڏيڻ = تمام گهڻي خونريزي ڪرڻ .

ڪاري ڪڪر هيٺ، مون جهيڙندا ڇڏنا،
ڪارا ڪنڌ هٿن ۾، اڙل وڃيرا هيٺ،
ٿي تنين سين ڏيٺ، موتي چنين سپهٽون . (3—2)

اصطلاح : ڏيٺ ويٺ ٿيڻ = چاڻ سڃاڻ ٿيڻ

اصطلاح : رضا جو سودو ڪرڻ (داستان ـ1 وائي 2) = خوشيءَ جو سودو ڪرڻ .
آڏو ٿيڻ = سامهون ٿيڻ . آڏو اچڻ = بدلوا ملڻ

پچي آئين پچنا، لجاءِ مون يار
. ويئيون ڪن ڪوار، منهن متا هاجن جا. (3—12)

اصطلاح : منهن متي ڪرڻ = شان وڌائڻ، ناميارو ڪم ڪرڻ .

ڪاڄا ڏري ڏنگري، ڪو جو ورتو واءُ،
علي شير وڌاءُ، رڻ ۾ ڀِڄُن ڀراتري. (1—4)

اصطلاح : واءُ ورڻ = هر هنڌ بداخلاقي جو اثر ڦهلجڻ.

حسن نام حسين ڀوتي، ٻيلي نہ ٻاهون
ساڙيھہ شهزادن جو، آهي آڳاهون،
يزيد جُلاهون، تيلاهہ ڪڙيين ٽڪڙيون؟ (1—5)

اصطلاح : ٻانهن ٻيلي ٿيڻ = مددگار ٿيڻ.

ڪيلي وير ڪٽڪ ۾، آهي جي جتن هئو،
پيڙو پيڙو پاءُ تي، پتنگ جئن پئو،
آهي ڪير ٻئو، جو ڪري هلان هير حسين تان؟ (2—5)

اصطلاح : پيڙو پچڻ = رڳي آمدرفت بہ بند رکڻ.

ڪيلي وير ڪٽڪ ۾، ساٿو سڀ نہ هئون،
پڙ تي سيئي پئون، موتڻ جنين منهنڻو. (3—5)

اصطلاح: ساٿو ٿيڻ = آسودو يا ڀرونڊ وارو ٿيڻ. پڙ پوڻ = حوالي ٿيڻ.

سورهيہ سرين سوڀ ڪي، تہ دل جا وهم وسار،
هڻ پيالا وڙھ پاڪرين، آڏي ڍال ميدار،
مثاءِ تيغ تہ ترار، مار تہ متارو ٿئين. (5—5)

اصطلاح : ترار جهلڻ = سورهيہ ٿي منهن ڏيڻ.

پاونگ اڇو پڙ ۾، هٿي هزاري هول،
جوهر جڙاءِ سين، ڪامل سر ڪنگول،
رڙندو رت رتول، مولهيو مير حسين جو. (8—5)

اصطلاح : رتو راس ٿيڻ = سهٽي ۽ ڪارگزاريءَ تيار ٿيڻ.

تنگ ترارن تکيا، اچيئو. ڀون ڀچگير
ڏنير تنين جا ڏينهن، گجهڙين گرپ لائيا. (2—6)

اصطلاح : پيرا ڪوڙڻ = جاءِ ڪرڻ پڪيءَ طرح رهڻ ڏينگو ئي ڏيري ٿيڻ = سخت نقصان پهچائڻ. ڏيري ٿيڻ = ڪيري پوڻ.

ڪاند ڪلارين ڪپڙين، ورا وناهيو آءُ،
جت سانگين جي ست وهي، اتي وڪ وڏندي پاءِ،
تان تان پوءِ مَ پاءِ، جان جان نونڌي نه چڙهين. (3 10)

اصطلاح: نونڌ تي چڙهڻ = گهوٽ ٿيڻ. وڪ پرڻ = پلاٿي ڪرڻ، مدد ڪرڻ

سر ڏهر

ڪر ڪا ويهي ڳالهه، ڪندا ڍور ڏٿين جي،
هيڙي اج تون حال، ڏکيا ڏينهن گذارئين. (1—2)

اصطلاح: ڳالهه ڪرڻ = سولو يا معمولي سمجهڻ.

جي تو هنڙو وڍ، ڪندا ڍور ڏٿين جو،
پاٽان ڏيئي ڏڍ، مورئي مچر نه ڪرئين. (1—6)

اصطلاح: ڏڍ ڏيڻ= دلداري ڏيڻ.

سڪي ڍور ڍيون ٿيو، ڪنڌيءَ ڏنو ڪانو،
پاٺي پٽيهل مِ، اج اڳيون نه آيو،
ماڙهن ميڙائو، ڪنهين ڪنهين پيٽيين. (1—10)

اصطلاح: ڍيون ٿيڻ = ڪنڌي، پاسو ڪرڻ، نظر کان گم ٿي وڃڻ.

جان واهڙ مِ وهم، تان تون مچ نه موٽيو،
ڪانئي مِ کوهم ڪرئين، پوءِ موٽڻ جو پهه،
سر مٿي تون سهه، مهميزون ملاحن جون. (1—13)

اصطلاح: سر تي سهڻ يا وسائڻ = مصيبت يا تڪليف سهڻ يا ڪٽڻ.

ڏٿي سو وارئين واءُ، جو ميڙائو سڄڻين،
ونهيئن وات مٿاءُ، هنڙي آسر نه لهي. (2—1)

اصطلاح: واءُ وارڻ = عام ٿيڻ. واءُ وراڻ ڪرڻ = مدد ڪرڻ.

ڪانڌ پين ڪيترا، مون ور وڏي وٿ،
مٿان ڏيئي هٿ، جنهن عيب منهنجا ڍڪيا. (3—3)

اصطلاح: هٿ ڏيڻ = سهائتا يا مدد ڪرڻ يا ٽيڪ ڏيڻ.

ڪانڌ پڻ ڪيترا، هون ور وڏي ذات،
لوڪ نہ آڇني وات، جي ڏسي ڏوهہ اکين سين. (3—6)

اصطلاح: اکيون ڏسڻ = ڪاوڙ يا غصو ڏسڻ.

ور سين وجهيو ڪاڻ، ڪر سين ڪلون پائيين،
پوري منڊ اڄاڻ، ڪن چڙيو تهہ ميڙئين. (3—8)

اصطلاح: ڪاڻ ڪرڻ = پرواهہ نہ ڪرڻ.

ڪاڻ ڪڍڻ = محتاج ٿيي رهڻ، هيناهين سان هلڻ.

جاڳڻ منجهان جس، آهي ادا جن ڪي،
لاهي جو لطيف چئي، مٿان قلب ڪس،
ورنهہ ڪجا وس، صبح ساڻ سيد چئي. (3—11)

اصطلاح: وس ڪرڻ = هٿ ۾ ڪرڻ.

ستي نہ سرنديام، ڪر پچار پرين جي،
وهامي ويندام، گهٽا هٿندين هٿڙا. (3—12)

اصطلاح: هٿڙا هڻڻ = پڇتائڻ، هٿ هڻڻ.

قسمت آندي ڪونجڙي، وطن سندس روهہ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهہ، رزق رازق هٿ ۾. (4—2)

اصطلاح: هٿ ۾ هئڻ = قبضي يا اختيار هيٺ هئڻ.

وڳر وساري، ويئڻ ڪئڻ مات ڪري،
ڪ تو، نہ ماري، رڻ جهڻ سندي سڄڻين. (4—4)

اصطلاح: مات ڪرڻ = خاموش ٿيڻ. مات لڳڻ = حيران ٿيڻ. مات پوڻ = تعجب لڳڻ.

روهہ نہ وئين رات، ڪوهہ نہ ڪر ڪين ڪونجڙي،
اڄ توهين جيءَ تات، سر ۾ سارڻ آئيون. (4—6)

اصطلاح: تات هئڻ = يادگيري هئڻ، ياد پوڻ.

پڇنان پلي نڱيو، ڏيئي پاڳوڙي پير،
جسي ۽ جنراج جو، مٿي واڌين وير،
ڪي رهندو ڪير، لاڪو لوڙائو ٿيو. (4—39)

اصطلاح: پير ڏيڻ = شادي ۽ يا غمي ۾ شرڪت ڪرڻ.

لاکا لهي سندياءِ، اوڏ آ ڳلي آهيان،
پکا سي پرڻاءِ، جي اجهي تنهنجي اڏيا. (4—44)

اصطلاح : پکو اڏڻ = پونگڙي يا ڪچو گهر ناهڻ.

اڏيو جو اوڏن، سو شال ڏنگهر ڏيلو م ٿئي،
جنهن پر ويهي ڪن، ليکو لاکي چام سين. (4—42)

اصطلاح : ڏنگهر ٿي وڃڻ = ڪنڊا ٿي وڃڻ، ڪمزور ٿي وڃڻ.

اڏي اڏي اوڏ، چڏي ويا پيٽيون،
ٽڪاٽا ۽ ٽول، پيا آهين پٽ ۾. (4—56)

اصطلاح : پٽ پوڻ = ختم ٿي وڃڻ. □□□

مددي ڪتاب

1. علامه امداد علي امام علي قاضي : ”رسالو (پيغام) شاهه عبداللطيف جو“، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو / حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1986.
2. ڪلياڻ آڏواڻي: ”شاهه جو رسالو“، هندستان ڪتاب گهر، بمبئي، ڇاپو پهريون 1966.
3. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو: ”اصطلاحن جي اصليت“
4. ليکراج عزيز : ”سنڌي اصطلاح“، ليکراج ڪشنچند عزيز ايجوڪيشنل ۽ لٽرري ٽرسٽ بمبئي، ٻاڳو پهريون : ڇاپو پهريون 1976 ۽ ٻيو ڇاپو: ڇاپو پهريون 1987.
5. غلام اصغر: ”سنڌي ڪتمنڙا“
6. ”ڪينجهر“، (جرنل) سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو 1988.
7. ماهوار ”نئين زندگي“ پاڪستان پبليڪشن، حيدرآباد سنڌ.
8. New Webster's Dictionary of English Language, Deluxe Encyclopedic Edition 1986.

☐ عائشہ مدد

سنڌ جي گذاري ويل اهم شخصيتن جي مختصر تعارف جو سلسلو هن پرچي جي جلد نمبر 9 کان شروع ڪيو ويو آهي. هن کان پهرين به مختلف رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن ۾ انهن جو جدا جدا احوال ته موجود آهي، پر هتي اسان جي اها ڪوشش آهي ته جيئن انهن مڙني کي يڪجاءِ ڪري سلسلي وار پيش ڪجي ته جيئن تحقيق ڪندڙ انهيءَ مان مستفيض ٿي سگهن ۽ پنهنجو مقصد هڪ جاءِ تي ماڻي سگهن.

سنڌ جي اهم شخصيتن جي تعارف هٿ ڪرڻ لاءِ هن سيڪشن (ريسرچ سيل، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي) طرفان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ريسرچ لائبريريءَ ۾ پيل اخبارن، رسالن، ڪتابن ۽ ٽيسزن مان مدد ورتي وئي آهي. ممڪن آهي ته ڪي حوالا اهڙا به هجن جيڪي اسان جي نظر مان نه گذريا هجن، تنهنڪري مذڪوره شخصيتن جي تعارف ۾ ڪجهه گهٽ وڌائي ٿي سگهي ٿي، انهيءَ سلسلي ۾ هي مضمون پڙهندڙ سڄاڻن کي گذارش آهي ته جيڪڏهن اسان کي وڌيڪ معلومات موڪليندا يا ڪا ڀل چڪ ٿي وئي هجي ته انهيءَ جي درستي لکي موڪليندا ته ان معلومات جي آجيان ڪئي ويندي ۽ هن فهرست ۾ شامل ڪئي ويندي.

هي ٽيون قسط ج، ڄ، ح، خ سان شروع ٿيندڙ نالن تي مشتمل آهي.

جمشيد نسروانجي ميهتا

نالو ذات سميت: جمشيد ميهتا

پيءُ جو نالو: خانبهادر نسروانجي ميهتا

حيثيت: سماجي ڪارڪن

ڄمڻ جي تاريخ: 7 جنوري 1886ع

ڄمڻ جو هنڌ: ڪراچي

وفات جو هنڌ: ڪراچي

وفات جي تاريخ : 1 آگسٽ 1952ع

تعليم: ابتدائي تعليم

ملازمت/ڌنڌو: ذاتي ڪاروبار

رڪنيت : 1917ع جي آخر ۾ ڪراچي شهر جي ”هوم رول ليگ“ جو صدر چونڊيو ويو. 1918ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ ۾ ميمبر طور کڻيو ۽ 1922 کان 1933ع تائين لاڳيتو ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو صدر رهندو آيو. ڪيس 1933ع ۾ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو پهريون ميئر چونڊيو ويو. 1937ع ۾ دادو ضلعي مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو ۽ آزاد ميمبر ٿي رهيو.

خدمتون : 77 مختلف ادارن سان وابسته رهيو. ڪي ادارا هن قائم ڪرايا ۽ ڪن جو مددگار ٿي رهيو. سنڌس ڪيل ڪوشش سان ڪراچيءَ کي ڪارپوريشن جو درجو ڏنو ويو. بمبئي کان سنڌ جي علحدگي واري تحريڪ ۾ پرپور ورتائين.

انعام ۽ خطاب: ڪراچي شهر جي سڌارڻ ۽ وڌائڻ جي سلسلي ۾ سندس ڪيل خدمتن جي سلسلي ۾ سندس نالي پويان ”جمشيد روڊ“ مشهور آهي. سو ديشي تحريڪ، ڳوٺ سڌار هلچل، ڪوآپريٽو تحريڪ، لياري جي بستيءَ کي سڌارڻ واري جدوجهد، ڪوڙهين ۽ انڌن جي مرڪزن کي قائم ڪرائڻ ۽ ٻين اهڙين ڪيترن عام ڀلائي جي ڪمن ۾ سندس گهڻو هٿ هو.

جنرل جان جيڪب

نالو ذات سميت : جان جيڪب

پيءُ جو نالو: اسٽيفن لانگ جيڪب

حيثيت : فوجي عملدار (برگيڊيئر جنرل)/سماجي ڪارڪن

ڄمڻ جي تاريخ: 11 جنوري 1812ع

ڄمڻ جو هنڌ : وولاوگنٽن، انگلنڊ

وفات جو هنڌ: جيڪب آباد

وفات جي تاريخ: 5 ڊسمبر 1858ع.

تعليم: پنهنجي والد کان ابتدائي تعليم ورتل. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي هڪ مليٽري ڪاليج ۾ ڪيڊٽ طور داخل ٿيو.

ملازمت ۽ ڪاروبار: 16 ورهين جي ڄمار ۾ "بمبئي آرٽيلري" جي دستي ۾ مقرر ٿيو ۽ 26 اپريل 1928ع تي انگلنڊ ڇڏي هندستان لاءِ روانو ٿيو. آرمي آفيسر فرنٽيئر جي فوجين جو ڪمانڊر مقرر ٿيو. سنڌ ريگيولر هارس جي دستي جو ڪمانڊر مقرر ٿيو. سنڌ جو ائڪٽنگ ڪمشنر ٿي رهيو.

خدمتون: مياڻي ۽ دبي جي لڙائيءَ ۾ انگريزن ٽالپر ميرن جي خلاف لڙائيءَ ۾ حصو ورتائين. خانڳڙهه (جيڪب آباد) کي ترقي ڏيڻ جي سلسلي ۾ سندس ڪيل ڪوشش جي عيوض سندس نالي کي ياد رکڻ لاءِ "خانڳڙهه" تي "جيڪب آباد" نالو رکيو ويو. هن جيڪب آباد ۾ وڪٽوريا ٽاور، سرڪٽ هائوس، هوائي اڏو، ڦول باغ، ڪبوتر خانو، پراڻو ڪلاٽ مارڪيٽ ۽ پوليس هيڊ ڪوارٽر ٺهرايا.

چيٺمل پرسرام گلراجاڻي

نالو ذات سميت: چيٺمل پرسرام گلراجاڻي.

پيءُ جو نالو: پرسرام.

حيثيت: اديب / استاد / صحافي / قومي ڪارڪن / صوفي ۽ ٿياسافسٽ.

ڄمڻ جي تاريخ: 1885ع.

ڄمڻ جو هنڌ: حيدرآباد.

وفات جو هنڌ: بمبئي.

وفات جي تاريخ: 7 جولاءِ 1948ع.

ملازمتون ۽ ڌنڌا: 1933ع کان 7-8 سالن تائين سنڌ نيشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو. ايڊيٽر جي حيثيت سان "سنڌ واسي"، "ڀارتواسي"، هفتيوار "سنڌ هيرالڊ" (انگريزي) ۽ "پرڪاش" اخبارون ۽ "روح رهاڻ" (1923ع کان 1944ع) رسالو ڪڍيائين.

رڪنيت: لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻيءَ جي ساٿ سان 1922ع ۾ حيدرآباد ۾ سنڌي ساهتيه سوسائٽي برپا ڪيائين. انهيءَ سوسائٽي سؤ کن ڪتاب ڇپرايا.

خدمتون: حيدرآباد ۾ "بيسنٽ لاج" جو بنياد وڌائون جيڪو حيدرآباد جو سماجي، ڌرمي ۽ ڪلچرل مرڪز بڻجي پيو.

سنڌ ۾ ”ڪوآپريٽو تحريڪ“ جي زور وٺائڻ ۾ سندس هٿ هو. ڳوٺ سڌار هلچل سندس صلاح مشوري سان هلندي هئي. 1918ع ۾ ڪيس انگريز سرڪار جي خلاف اخبار ۾ ليک لکڻ تي بغاوت جي ڏوهه ۾ 2 سالن لاءِ قيد جي سزا ڏني ويئي. جنهن جو احوال هن پنهنجي ڪتاب ”ترنگ جا تيرث“ ۾ ڪيو آهي.

تصنيفون: سندس 31 ڪن ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ سناتن ڌرم، صوفي مت، سک پنٿ، ٿياسافي، ادب ۽ فيلسوفي جا ڪتاب شامل آهن، جهڙوڪ: چمڙا پوش جون آکاڻيون، شاهه جون آکاڻيون، صوفي سڳورا، سچل سرمست، موت آهي ڪونه، هئمليٽ، طوفان، حسابي حساب، فاوسٽ، سنڌي سونهارا، جڳت جا نيتائون، سوشلزم ۽ Sofism of Sind قابل ذڪر آهن.

حيدر بخش الهداد خان جتوئي

نالو ذات سميت: حيدر بخش جتوئي.

پيءُ جو نالو: الهداد خان.

ڄمڻ جي تاريخ: 7 آڪٽوبر 1900ع.

ڄمڻ جو هنڌ: ڳوٺ بکو ديرو، تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو.

حيثيت: شاعر / سياستدان / صحافي.

وفات جي تاريخ: 21 مئي 1970ع.

وفات جو هنڌ: حيدرآباد.

تعليم: 1927ع ۾ فارسي ادب ۾ بي- اي آنرز.

ڌنڌو / ملازمت: 1928ع ۾ روينيو کاتي ۾ هيڊ منشي جي حيثيت سان گهڙيو ۽ 1945ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏنائين. هاري حقدار اخبار جو ايڊيٽر ٿي رهيو.

رڪنيت: 1945ع کان 1953ع تائين هاري تحريڪ ڪي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي صدر جي حيثيت سان منظم ڪيائين ۽ 1945ع کان 1970ع تائين هاري تحريڪ کي سنڌ جي وجود جي جدوجهد لاءِ تيار ڪيائين.

تصنيفون: ’جيئي سنڌ جيئي سنڌ‘ (شاعريءَ جو مجموعو)، ’هاري انقلاب‘، زميندار شاهي عرف ڪمدار جا ڪارناما (ناٽڪ)، ڪيترا ئي سياسي مضمون ۽ پمفليٽ شايع ٿيل.

انعام ۽ خطاب: سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد سبب ڪيس ’باباءِ سنڌ‘ ڪوٺجي ٿو.

خانبهادر الله بخش خان گبول

نالو ذات سميت : خانبهادر الله‌بخش خان گبول

پيءُ جو نالو : خداداد خان

حيثيت : سياستدان

ڄمڻ جي تاريخ : 15 آگسٽ 1895ع .

ڄمڻ جو هنڌ : ديهه گذاپ (ڪراچي)

وفات جو هنڌ : ڪراچي

وفات جي تاريخ : 26 سيپٽمبر 1969ع .

تعليم : ابتدائي چار درجا

انعام ۽ خطاب : ”خانصاحب“ ۽ ”خانبهادر“ جا سرڪار طرفان مليل خطاب .

رڪنيت : 1925ع ۾ تعلقي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو ميمبر ۽ پوءِ پريزيڊنٽ . 1927ع ۾ سيڪنڊ ڪلاس آنرري مئجسٽريٽ ۽ ڪراچي ميونسپالٽي جو ميمبر . 1928ع ۾ ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچي جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ 1933ع ۾ پريزيڊنٽ چونڊيو ويو . سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ، ڪراچي ڪارپوريشن جو ميئر ، سنڌ اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر ، ڪراچي حج ڪاميٽي جو ميمبر ۽ وائيس چيئرمن ، ڪراچي ڪارپوريشن جو ميمبر ، سنڌ مدرسي بورڊ جو ميمبر ، ۽ پوءِ پريزيڊنٽ ، ڪراچي سول اسپتال جو ميمبر ، ريلوي صلاحڪار ڪاميٽي جو ميمبر ، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ميمبر ، ڪراچي ڪلب جو ميمبر ، سر غلام حسين وزير اعظم سنڌ جو چيف پارليامينٽري سيڪريٽري ٿي رهيو . مارشل لا جي زماني ۾ مغربي پاڪستان صلاحڪار ڪائونسل جو ميمبر ، ڪراچي ريس ڪورس جو ميمبر ، ڪراچي فري ميسنري ڪان سواءِ ٻين ڪيترن ئي ادارن سان لاڳاپيل رهيو .

دلچسپيون : سياست ۽ سماجي ڪم

خانبهادر آردشير هرمسجي ماما

نالو ذات سميت : خانبهادر آردشير هرمسجي ماما

پيءُ جو نالو : هرمسجي

حيثيت : سياستدان ۽ سماجي ڪارڪن

ڄمڻ جي تاريخ : 11 سيپٽمبر 1873ع

ڄمڻ جو هنڌ : ڪراچي

وفات جو هنڌ: ڪراچي

وفات جي تاريخ: 15 فيبروري 1952ع

تعليم : ؟

ملازمت ۽ ڪاروبار: سرڪاري نوڪري (؟) مان 1918ع ۾ رٽائر ٿيائين.

انعام ۽ خطاب : انگريز سرڪار طرفان "خانبهادر" جو خطاب مليل.

رڪنيت : ڪراچي ڪارپوريشن جو ميمبر ، ڪراچي ضلعي لوڪل بورڊ جو 1921ع کان 1933ع تائين ميمبر ، ڪراچي پارسي انسٽيٽيوٽ جو صدر ، فرسٽ ڪلاس آنرري مئجسٽريٽ ، ڪراچي ڪلب جو صدر ، ڪراچي ڪنٽونمينٽ بورڊ جو ميمبر ، پارسي فنڊس جي ايسوسيئيشن جو ٽرسٽي ۽ هرچند راءِ وشنداس ميموريل فنڊ جو خزانچي ٿي رهيو.

قومي خدمتون : ٽي لک رپيا خرچ ڪري ماما پارسي گرلز اسڪول ٺهرايائين . غريب پارسين جي رهڻ لاءِ منو لک رپيا خرچ ڪري گهر ٺهرايائين. ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ ڏهه هزار رپيا چندو ڏنائين. "ينگ ڪرسچن وومين ايسوسيئيشن" جي بلڊنگ ٺهرائڻ ۾ پندرهن هزار رپيا چندو ڏنائين . پنهنجي والد خانصاحب هرمسجي ماما جي ياد ۾ سکر جي پارسين جي اگني مندر ۾ ويهه هزار رپيا چندو ڏنائين.

دلچسپيون : سماجي ڪم

خانبهادر حسن علي آفندي

نالو ذات سميت : خانبهادر حسن علي آفندي

پيءُ جو نالو: ميان محمد احسن

حيثيت : قومي ۽ سماجي ڪارڪن / ڪراچيءَ جو پهريون مسلمان وڪيل .

ڄمڻ جي تاريخ : 1830ع

ڄمڻ جو هنڌ : حيدرآباد

وفات جو هنڌ : ؟ حيدرآباد ۾ دفن ٿيل آهي .

وفات جي تاريخ: 20 آگسٽ 1895ع

تعليم: فارسي ۽ عربي. نوڪري دوران هڪ عيسائي ڪلارڪ کان انگريزي لکڻ پڙهڻ سکيو.

ملازمت ۽ ڪاروبار: ناڪي منشي، ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ منشي، ڪلارڪ / سيرشتيدار / پبلڪ پراسيڪيوٽر / سفير.

انعام ۽ خطاب: قانون جا ڪتاب پڙهي ايتري ڄاڻ حاصل ڪيائين، جو ان وقت جي وڏي جج مسٽر مڊلٽن، امتحان کان سواءِ ئي کيس وڪالت جي سند ڏني. سندس ڪيل خدمتن جي عيوض ترڪيءَ جي سلطان کيس ”آفندي“ جو خطاب عطا ڪيو.

رڪنيت: 1881ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ڪائونسلر مقرر ٿيو. 1891ع ۾ سنڌ جي جاگيردارن ۽ زميندارن پاران چونڊجي بمبئي ڪائونسل جو ميمبر مقرر ٿيو. ترڪي ۽ روس جي وچ ۾ جنگ جي وقت سنڌ مان چندو گڏ ڪري موڪلڻ جي خدمتن جي عيوض کيس ترڪي جو سفير مقرر ڪيو ويو.

خدمتون: سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ترقيءَ لاءِ 1884ع ۾ ”سنڌ محمدن ايسوسيئيشن“ جو بنياد وڌائين. مسلسل ڪوشش سان 1885ع ۾ سنڌ جي عظيم درسگاهه ”سنڌ مدرسة الاسلام“ جو پايو وڌائين. هن سنڌ انڪمبرڊ اسٽيٽ جاري ڪرايو. ڪراچي توڙي سنڌ جي ٻين پاڳن ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا اسڪول کولائڻ، ڪراچي لاءِ سلير تان پاڻي آڻڻ ۽ شهر مان ڪني پاڻيءَ جو نيڪال ڪرائڻ، ميونسپالٽيءَ ۾ مسلمان ميمبرن جو وڏيڪ تعداد مقرر ڪرائڻ ۽ ڊيڪن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ سنڌ سان لاڳو ڪرائڻ جا ڪم ڪيائين.

دلچسپيون: سماجي ڪم □□□

سنڌ ۾ مڇيءَ جي اقتصاديات ۽ سنڌي ميربحرن جي سماجي اقتصادي حالت

□ عبيدالله ڀٽي
□ اعجاز احمد قريشي

سنڌ پاڪستان جو ڏاکڻو صوبو آهي جيڪو هڪ سرسبز ۽ شاداب علائقو آهي. هن کي ”مهراڻ جي ماتري“ پڻ چيو آهي. سنڌ کي هڪ قدرتي عظيم ندي عطا ٿيل آهي جنهن کي ”سنڌوندي“ يا ”مهراڻ“ سڏجي ٿو. سنڌ کي آباد ۽ سرسبز بنائڻ ۾ مهراڻ / سنڌو دريا جو وڏو حصو آهي. سنڌ، تهذيب ۽ تمدن جي لحاظ کان هڪ سڌريل پرڳڻو آهي جنهن جو پس منظر هزارين سالن تي ڦهليل آهي. سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي عڪاسي ۽ ثبوت موهن جو دڙو آهي جيڪو ڇهه هزار سال پراڻو چيو وڃي ٿو.

سنڌ جي ٻين پيداوارن سان گڏ مڇي به هڪ آهي. مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جي پيداوار ۾ سنڌو نديءَ جو وڏو حصو آهي ڇو ته مڇي جا آنا وهندڙ پاڻي ۾ ڦٽندا آهن ۽ هر ڪنڌ ڪڙڇ ۾ دريا جو پاڻي سڌو يا اڻ سڌو پهچي ٿو، جنهن سان گڏ مڇيءَ جا ٻچا به ڪنڌ ڪڙڇ ۾، ڍنڍن، ڍورن، نالين، واهن، شاخن ۾ پهچن ٿا جتي اهي وڌن ۽ ويجهن ٿا. مڇي پڪڙڻ يا کاڌي ۾ استعمال ڪرڻ ڪو سنڌ ۾ نئون رواج نه آهي بلڪ اهو تاريخي دور کان به پهرين هلندو پيو اچي. مڇي پڪڙڻ جي اوزارن جا نمونا پڻ موهن جي دڙي مان مليا آهن.

سنڌ ۾ سنڌو ندي ۽ حب نديءَ جي ايراضي 160,000 هيڪٽر دوآبي (Delta area) يعني سمنڊ ۽ دريا جي ملڻ واري ڪنڊ جي ايراضي 3,00,000 هيڪٽر، ڍنڍن جي ايراضي 1,01,630 هيڪٽر، تلائن، ڍورن جي ايراضي 97,000 هيڪٽر، پاڻيءَ هيٺ ايراضي 30,00,000 هيڪٽر، روڊ سائيڊ، ريلوي سائيڊ ۽ ٻين کاڌن جي ايراضي 10,00,000 هيڪٽر ۽ ڪئنال، سم نالين ۽ شاخن جي 32,187 ڪلوميٽر آهي. اهڙي طرح جملي 46,59,630 هيڪٽر ۽ 32,187 ڪلو ميٽر ايراضي پاڻيءَ هيٺ آهي، جتان مٺي پاڻيءَ

جي مڇي پڪڙي وڃي ٿي. سنڌ مان سنڌو ندي اٽڪل 400 ميل سفر ڪري عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، جڏهن ته هماليه جبل کان عربي سمنڊ تائين ان جو ڪل سفر1800 ميل آهي. مٺي پاڻي جي مڇيءَ کان سواءِ سامونڊي مڇي به سنڌ ۾ ڪافي مقدار ۾ پڪڙي وڃي ٿي. سنڌ کي سامونڊي ڪنارو عطا ٿيل آهي، جيڪو اٽڪل 500 ميل ڊگهو آهي.

پيداوار مان مراد آهي ته ماڻهوءَ جي محنت سان سندس ۽ انسانن جون ضرورتون پوريون ڪري، پوءِ اهي ڪٿي خدمتن يا شين جي صورت ۾ ڪارآمد هجن ۽ اهي قدرتي وسيلن مان حاصل ڪيون وڃن. مڇيءَ جي پيداوار جو مطلب اهو آهي ته مڇيءَ جي مقدار يا انداز ۾ واڌ آندي وڃي ته جيئن ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪيون وڃن. پيداوار جو حساب ساليانو يا ڪنهن عرصي جي اندر شمار ڪيو ويندو آهي. پيدائش جي وصف اڪثر ڪارج ۽ مثلاً پيدا ڪرڻ بيان ڪئي ويندي آهي. ڪارج اهو آهي جو ڪا خدمت يا شيءِ ڪا ضرورت پوري ڪري يا شيءِ کي مٽا سٽا جو قدر هجي جنهن سان پنهنجون ضرورتون پوريون ڪري سگهجن. هت مڇي جي پيداوار جو مطلب آهي اها مڇي جيڪا ڍنڍن، ڍورن ۽ درياهه مان پڪڙي وڃي.

پيداوار جن ڳالهين تي منحصر آهي، اهي آهن (1) ملڪ ۾ پيداوار وڌائڻ جا وسيلا هجڻ، (2) انهن کي استعمال ڪرڻ لاءِ جديد طريقا اپنائڻ ۽ انهن جي مدد سان پيداوار وڌائڻ، (3) قرض جي سهوليت هجڻ، (4) ٽرانسپورٽ جي سهوليت هجڻ، (5) سياسي صورتحال جو صحيح هجڻ جو ته ان جو گهڻو اثر پوي ٿو، ۽ (6) قدرتي وسيلا جهڙوڪ آبهوا، زمين، نديءَ جو هجڻ جو انهن جو به گهڻو اثر ٿئي ٿو.

ڪاڀو (Consumption) پيداوار تي اثر ڪري ٿو. جيڪڏهن مڇي جو ڪاڀو گهڻو آهي ته مڇيءَ جي جيتري به پيداوار ٿيندي اوتري جلد کپي ويندي، ٻيءَ صورت ۾ مڇي جيڪا جلد خراب ٿيڻ واري شيءِ آهي، خراب ٿي ويندي، جنهن ڪري فائدي جي بدران اٽلندو نقصان ٿيندو. مڇيءَ جي پيداوار گهڻو ڪري قدرتي طرح ٿئي ٿي. پر هترادو تلاءُ ناهي ان ۾ مڇيءَ جا ٻچا وجهي پالي پڻ پيداوار وڌائي سگهجي ٿي. مڇي قدرتي طرح وڌي ٿي ۽ ٿئي ٿي جنهن ڪري هن سان گهٽ لاڳت وارو اصول لڳي ٿو جنهن پٽاندڙ پيداوار تي لاڳت گهٽ ۽ اپت گهڻي ٿئي ٿي. حڪومت دريائن، ڍنڍن، ڍورن، شاخن تي مڇيءَ جي پيداوار وڌائڻ لاءِ سيڙپ ڪئي ويندي آهي پر هر سال

مڇي مارڻ جا حق نيلام ذريعي وڪڻندي آهي جنهن مان لکين روپيا ملندا اٿس جڏهن ته مير بحرن ۽ ٺيڪيدارن کي انهيءَ ڪارڻ به وڏيڪ حاصل ٿئي ٿو.

سنڌ ۾ مٺي پاڻيءَ جي مڇي آيتري ڪو نه ٿي ٿئي جو ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلجي. پر تنهن هوندي به ٻين صوبن پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ڏانهن مڇي موڪلي ويندي آهي. پاڪستان ۾ سنڌ جي مٺي پاڻيءَ جي مڇي جي پيداوار جا انگ اکر هيٺين ٽيبل نمبر -1 ۾ ڏجن ٿا، جنهن ۾ سنڌ جو في سيڪڙو حصو پڻ ڏيکاريل آهي. ٽيبل نمبر -2 ۾ سامونڊي مڇيءَ جي پيداوار ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ پڻ سنڌ جو في سيڪڙو حصو ڏيکاريل آهي. انهن ٻنهي ٽيبلن مان ظاهر آهي ته سنڌ کي مڇيءَ جي لحاظ کان امير ترين صوبو چوڻ بيجا نه آهي.

ٽيبل نمبر 1

مٺي پاڻيءَ جي مڇي جي پيداوار		هزار ميٽرڪ ٽنن ۾	
سال	پاڪستان	سنڌ	سنڌ جو في سيڪڙو حصو
1980	46.3	28.9	62.4
1981	56.3	36.8	65.4
1982	59.1	37.2	62.9
1983	60.4	37.4	61.9
1984	70.6	44.6	63.2
1985	75.1	46.6	62.1

ٽيبل نمبر 2

کاري پاڻيءَ جي مڇيءَ جي پيداوار		هزار ميٽرڪ ٽنن ۾	
سال	پاڪستان	سنڌ	سنڌ جو في سيڪڙو حصو
1980	232.9	175.3	75.3
1981	261.5	190.1	72.7
1982	278.1	205.5	73.9
1983	283.0	238.3	84.2
1984	308.1	221.5	71.9
1985	333.3	229.2	68.8

سنڌ ۾ ڪيترا ئي ماڻهو پنهنجو گذر سفر مڇي مارڻ، وڪڻي ڪن ٿا. آهي مٺي پاڻيءَ جي مڇي نه رڳو ڍنڍن، ڍورن، واهن ۽ دريا مان حاصل ڪن ٿا بلڪ سمنڊ مان

پڻ پکڙين ٿا، ڍنڍين، درياءَ سمنڊ جي ڪناري مهاڻا پنهنجين ڪڪائين جهوپڙين ۾ آباد آهن جڏهن ته ڪيترا مهاڻا ته جهوپڙين جي گهرن جي بدران پنهنجين ٻيڙين ۾ گهر جوڙيو ويٺا آهن جيڪا سندن ڪُل ڪائنات هوندي آهي.

سنڌ ۾ مهاڻن جو تعداد جيڪي مڇي مارڻ جو ڪم ڪري رهيا آهن، ٽيبل نمبر 3 ۾ ڏيکاريل آهي. هن ٽيبل ۾ مٺي پاڻيءَ ۽ کاري پاڻيءَ جي مهاڻن جو تعداد ڌار ڌار ڏيکاريل آهي.

ٽيبل نمبر 3

سنڌ ۾ مهاڻن جو تعداد

ايراضي	ساموندي 1984	ساموندي 1985	مٺي پاڻيءَ جا 1984	مٺي پاڻيءَ جا 1985	جوڙ 1984	جوڙ 1985
پاڪستان	86,822	89,196	131,760	130,920	218,582	220,116
سنڌ	64,795	65,835	21,159	21,080	85,954	86,915
سنڌ جو سيڪڙو حصو	74.6	73.8	16.1	16.1	39.3	39.5

مڇي پڪڙڻ لاءِ ٻيڙين ۽ ڄارن جي ضرورت ٿئي ٿي، جنهن لاءِ مٺي پاڻيءَ جا مهاڻا پراڻي دور کان عام رواجي ٻيڙيون ۽ ڄار استعمال ڪندا رهن ٿا. سنڌ ۾ ٻيڙين جا ڏهه قسم استعمال ٿين ٿا جيڪي ڊونڊا، ڊونڊيون، ٻتيلا، هوڙا، ڏنگيون، گاليا، ۽ خانيون، راڇٽيون، زورق ۽ ڪئونتا آهن. اهڙي نموني ڄار ٻارهن قسمن جا استعمال ڪيا وڃن ٿا جن جا نالا آهن: پن، گهائو، اونجهڻ، نڙا، پٽو، سنڌ، ڪڙهي، ڄار، ڄارو (اڇلڻ وارو)، گوندو، گجو ۽ پانڊو.

سنڌ ۾ مٺي پاڻيءَ ۽ کاري پاڻيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻيڙين جو تعداد ٽيبل نمبر 4 ۾ ڏيکاريل آهي. انهن ۾ مشينن واريون 2211 ۽ ترارل 1539 سمنڊ ۾ استعمال ٿين ٿيون جيڪي کاري پاڻيءَ جي ٻيڙين ۾ شمار ڪيون وڃن ٿيون.

ٽيبل نمبر 4

سنڌ ۾ ٻيڙين جو تعداد — عددن ۾

ايراضي	کاري پاڻيءَ جون 1984	کاري پاڻيءَ جون 1985	مٺي پاڻيءَ جون 1984	مٺي پاڻيءَ جون 1985	جوڙ 1984	جوڙ 1985
پاڪستان	9773	10415	11572	12188	21345	22603
سنڌ ڪراچي سميت	7125	7717	5218	5810	12343	13527
سنڌ جو سيڪڙو	72.9	74.1	45.1	47.7	57.8	59.8

سنڌ جي مڇي خاص ڪري سامونڊي مڇي ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلي وڃي ٿي. اڄ ڪلهه مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جي پڻ طلب ٻاهرين ملڪن ۾ وڌي وئي آهي. خاص طرح وچ - اوڀر جي ملڪن ۾ طلب گهڻي آهي. مٺي پاڻيءَ جي مڇي سال 1985ع دوران 62 هزار ميٽرڪ ٽن ٻاهر موڪلي وئي هئي جنهن جي رقم يا ملهه 2680 هزار رپيا هو. سال 1980ع کان 1985ع دوران جيڪا مڇي ٻاهرين ملڪن مان گهرائي ويئي يا ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلي ويئي آنهن جو ملهه، ٽيبل نمبر 5 ۾ ڏيکاريل آهي. هن ٽيبل مان ظاهر آهي ته سال 1985ع ۾ 1271370 هزار روپين جي 37,306 ميٽرڪ ٽن مڇي ٻاهر موڪلي ويئي هئي.

ٽيبل نمبر 5

ٻاهران گهرايل مڇي ۽ ان جو ملهه

سال	مڇيءَ جو وزن ميٽرڪ ٽنن ۾	مڇيءَ جو ملهه "000" روپين ۾
1980	24,623	495,614
1981	19,113	654,076
1982	19,341	934,550
1983	23,112	908,473
1984	31,615	1115,061
1985	37,306	1271,370

سنڌ ۾ مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جا وسيلا تمام گهڻا آهن. جيڪڏهن انهن کي سٺي نموني استعمال ڪيو وڃي ته جيڪر اسان جي صوبي جي مٺي پاڻيءَ جي مڇي ٻاهرين ملڪن جي مارڪيٽن ۾ سٺو اگهه ڪري سگهي ٿي ڇو جو هتان جي مٽي ۽ پاڻيءَ جو اهڙو تاثير آهي جو هتان جي مڇي تمام گهڻي لذيذ ۽ طاقتور آهي. هيٺين ٽيبل نمبر 6 ۾ مڇي ۽ ٻين جانورن ۾ پروٽين جو موجود هجڻ ۽ انهن جو استعمال لائق حصي جو سيڪڙو ڏيکاريل آهي جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مڇي ڪيتري قدر فائديمند آهي.

ٽيبل نمبر 6

جدا جدا جانورن جي پروٽين جي استعمال جو سيڪڙو

ذريعو	حياتياتي قدر	پروٽين جو صافي استعمال	هضم ٿيندڙ حصو	پروٽين جي تاثير جي نسبت
1. مڇي	96.0	80.0	85.0	3.55
2. ڳائو گوشت	74.0	68.0	99.0	2.30
3. ڇوزا/ڪڪڙيون	74.0	71.0	85.0	—
4. ڳائو کير	85.0	82.0	97.0	3.09
5. آنا	94.0	94.0	97.0	3.92

انهن مڙني ڳالهين مان پتو پوي ٿو ته مڇيءَ مان گهڻائي فائدا آهن جيئن ته مڇيءَ مان تمام گهڻي آمدني ٿئي ٿي، جنهن سان ملڪي معيشت کي مستحڪم ڪري سگهجي ٿو ۽ خوراڪ جي مسئلي سان پڻ منهن ڏيڻ لاءِ هڪ طاقتور جزي جي پيداوار ۾ اضافو ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي ته خانگي ۽ سرڪاري فش فارم / تلاءُ تيار ڪري مڇي پالي وڃي ته جيئن اهو مسئلو ڏاڍو آسان ٿي وڃي. انهن تلائن ٺاهڻ ۾ چند سکيا ڳالهين جو خيال ۾ رکڻ تمام ضروري آهي. مکيه ڳالهه اها آهي ته مڇي اڪثر قدرتي طرح وڌندي ويجهندي آهي. پر سائنسي طريقي تحت، جنهن کي هترادو طريقو چيو وڃي ٿو، سنڌ ۾ 'فش هيچري اسڪيم' ٺٺي ۽ سکر ۾ ڪم ڪري رهي آهي جتي سائنسي طريقي سان مڇين مان آنا حاصل ڪري ٻچا ڦوڙايا وڃن ٿا، جيڪي مناسب اگهه تي 'فش فارمرس' کي فراهم ڪيا وڃن ٿا.

مڇيءَ جي تلاءُ ٺاهڻ ۾ مکيه ڳالهيون اهي آهن ته معاشي فارم هجي، مٽي ۽ سولو هجي ۽ ان تائين پهچڻ جو رستو آسان هجي. پاڻي ڇڏڻ جو يا ڏيڻ جو سٺو انتظام هجي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال جي سهوليت پڻ هجي، ڇو جو ڪڏهن ڪو زهر وجهي وڃي يا پاڻي خراب ٿي پوي يا اوچتو ڪا وبا يا بيماري پيدا ٿي پوي ته ان حالت ۾ پاڻي ڪيڻ جي سهوليت تمام گهڻي اهميت رکي ٿي. پاڻيءَ ۾ آڪسيجن جي سطح 4pbm هجي. پاڻيءَ جو ٽيمپريچر 27-28°C يا 21°C کان 30°C جي اندر هجي. پاڻيءَ جو PH وئليو 7 هجڻ گهرجي ته بهتر، نه ته 6.5 کان 9.5 جي اندر هجي. تلاءُ ۾ نمڪيات O کان 0.3 هجڻ گهرجي. تلاءُ جي کوٽائيءَ کانپوءِ ان جي تري ۾ چونو (سيڙهي) 300 ڪلوگرام في ايڪڙ جي حساب سان وڇائجي. نديءَ، ڍنڍن، مينهن ۽ ٽيوب ويل جو پاڻي مناسب آهي. ٽيوب ويل جي پاڻيءَ ۾ ڪلورين موجود هوندي آهي جنهنڪري پاڻي ڇڏڻ واري نالي کليل هجڻ گهرجي ۽ ٽيوب ويل ۽ تلاءَ ۾ چڱو فاصلو هجي، جنهن سان هوا مان آڪسيجن پاڻيءَ ۾ شامل ٿي ويندي ۽ ڪلورين نڪري ويندي. نئين تلاءُ ۾ هڪ ٽن في ايڪڙ جي حساب سان ديسي ڇيڻن جو پاڻ ڏيڻ گهرجي جنهن سان مڇيءَ جي لاءِ تلاءُ ۾ خوراڪ پيدا ٿيندي. تلاءُ ٺهڻ، پاڻي ڇڏڻ ۽ ان ۾ مڇي جي ٻچن ڇڏڻ کان پوءِ به جيڪڏهن خوراڪ گهٽ محسوس ٿئي ته في ايڪڙ 200 ڪلوگرام ڇيڻن جي حساب سان تلاءُ جي ٽن، چئن جڳهين تي ڍيرين جي صورت ۾ وجهڻ گهرجي. مڇيءَ جا ٻچا تمام گهڻا نه وجهڻ گهرجن. مڇيءَ جي خوراڪ ۽ ان جي گهمڻ ڦرڻ لاءِ جڳهه جي گنجائش کي مد نظر رکي، ذخيرو ڪيو وڃي، جتي ڪاڏي جي گنجائش رڳو هڪ هزار ٻچن جي هوندي ۽ اتي ٻه هزار ٻچا وڌا ويندا ته انهن مان هڪ به ٻچو ڪو نه وڌندو ۽ نقصان ضرور ٿيندو. في ايڪڙ گهٽ ۾ گهٽ 1000 ۽ وڌ ۾ وڌ 4000 مڇيءَ جا ٻچا پاليا وڃن.

سائنسي خوراڪ، جنهن کي هٿرادو يا مصنوعي خوراڪ سڏجي ٿو، انهيءَ حالت ۾ ڏني ويندي آهي، جڏهن هڪ ته تلاءُ نئون هجي ۽ پيو خوراڪ جي گهٽتائي هجي. انهيءَ خوراڪ ۾ ڪٽي ۽ ڪڻ ڏني ويندي آهي. انهيءَ جو تناسب اهو آهي ته تلاءُ ۾ موجود مڇيءَ جو اندازا وزن ڪري، انهيءَ جي 3 سيڪڙي برابر خوراڪ جنهن ۾ 70 سيڪڙو ڪٽي ۽ 30 سيڪڙو ڪڻ ملائي ڳوڙهن جي صورت ۾ صبح ايرڻ کان پهرين يا منجهند کان پوءِ ڏيڻ گهرجي.

سنڌ جي ملڪ ۾ مشهور مڇيون ڪرڙو، جنهن کي ڏنيرو ۽ ٿيرو چئبو آهي، موراکي يا موراڪو ۽ ٿيلهي يا ٿيلهو يا ٿيرو آهن. جيڪي هڪ تلاءُ ۾ گڏ پاليا ويندا آهن. مان 60 سيڪڙو ڪرڙو، 20-30 سيڪڙو موراکي ۽ 10-20 سيڪڙو ٿيلهي مڇيون ٻچا تلاءُ ۾ وجهڻ گهرجن. انهن ٽنهي قسمن جي مڇين ۾ اها خاصيت آهي ته اهي کاڌي تي هڪ ٻئي سان نٽيون وڙهن. ڪرڙو پاڻيءَ جي وچ واري حصي مان، موراکي تلاءُ جي تري مان ۽ ٿيلهي پاڻيءَ جي مٿاڇري وٽان خوراڪ حاصل ڪن ٿيون، جنهن ڪري تلاءُ ۾ جيڪا به خوراڪ موجود هوندي آهي، سا زيان ٿيڻ کان بچندي آهي.

سنڌ ۾ مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جي پيداوار ۽ اُن جو ملهه ٽيبل نمبر 7 ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مڇيءَ مان ڪيتري آمدني حاصل ٿي سگهي ٿي.

ٽيبل نمبر 7

مڇيءَ جي ضلع وار پيداوار ۽ ان جو ملهه

ضلعو	1985 مڇيءَ جي پيداوار ميٽرڪ ٽنن ۾	1985 مڇيءَ جو ملهه '000' روپين ۾	1986 مڇيءَ جي پيداوار ميٽرڪ ٽنن ۾	1986 مڇيءَ جو ملهه '000' روپين ۾
خيرپور	945	151210	1100	19800
جيڪب آباد	2949	47184	3240	58320
سکر	7142	114272	7475	134550
شڪارپور	1002	16032	1160	20880
نوابشاهه	2615	41840	2890	52020
لاڙڪاڻو	3414	54624	3880	69840
سانگهڙ	6060	96960	6460	116280
ٿرپارڪر	233	3728	305	5490
دادو	2744	43904	2990	53820
حيدرآباد	3444	55104	3870	89660
بدين	1152	18432	1430	25740
ٺٽو	8867	141872	9690	174420
جوڙ	40567	649072	44490	800820

سنڌ جي ڀراڙين ۾ جيڪي ميربحر رهن ٿا تن کي ڀراڙين ۾ ٻيو ڪو به روزگار جو موقعو ميسر نه آهي، جنهن ڪري انهن کي اڪثر واندڪائيءَ جو وقت گذارڻو پوي ٿو. انهيءَ واندڪائيءَ سبب ڪيترا نشي ۾ جوا جي علتن ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا. ڀراڙيءَ جي مهاڻن کي سواءِ مڇي پڪڙڻ جي ڌنڌي ۽ تفريح ڪا نسواءِ ٻي ڪا تفريح ميسر نه آهي، ڀراڙين ۾ رودن ۽ رستن جو بندوبست نه هجڻ جي برابر آهي. خاص ڪري مهاڻن جي ڳوٺڙن/مياڻن تائين ڪو به بندبست نه آهي. سندن صحت لاءِ ڪا اسپتال ميسر ڪونه آهي ۽ جيڪڏهن آهي ته ڪافي ميلن جي مفاصلي تي آهي. پرائمري اسڪول نه هئڻ جي برابر آهن؛ مڊل اسڪول جي سهوليت به ڪونه آهي ۽ هاءِ اسڪول ته رڳو وڏن شهرن ۾ آهن، جيڪي ڪانئن ڪافي پري آهن جن تائين سندن ٻار نٿا پهچي سگهن. هو ته مڊل اسڪول تائين به نٿا پهچن.

مهاڻا، تفريح جي لحاظ کان ميلن جا تمام گهڻا شوقين آهن. ڪيترا مهاڻا ملهه جا شوقين آهن ۽ ملهه وڙهندا به آهن. ساڳئي وقت مشهور ملهه پڻ پيدا ٿيا آهن جن ۾ شير ميربحر مرحوم جو نالو قابل ذڪر آهي جيڪو سنڌ جو ڀرين جوڙ جي ملهن جو چيمپئن هو. ميلي تي ٻارن ٻچن سان ويندا آهن پوءِ پئسا قرض کڻڻو پوين پر ويندا ضرور.

سنڌ ۾ سمورا مهاڻا مسلمان آهن ۽ هندو يا ڪنهن ٻئي مذهب جو ڪو به مهاڻو ڪونه آهي. هنن جي مسلمان ٿيڻ يا هجڻ جي تاريخ ڪونه ٿي ملي. بهرحال تمام پراڻن سياحن پنهنجي ڪتابن ۾ اهو ئي لکيو آهي ته سنڌ جا مهاڻا مسلمان آهن. گهڻا مهاڻا نماز ۽ روزن جا پابند آهن.

مهاڻا مردن زالين ۽ ٻارين ٻچين مڇي پڪڙڻ ۾ مشغول هوندا آهن. روز مره جي کاڌي ۾ مڇيءَ جو استعمال ڪن ٿا. کاڌي تي گهڻو خيال ڪونه ڏيندا آهن جو شهرن کان پري هئڻ سبب ڀاڄيون ۽ گوشت ۽ اٽا وٺي نٿا سگهن. البت جن وٽ ڪڪڙيون ڌاريل آهن ته انهن جا آنا استعمال ڪن ٿا نه ته بس.

مهاڻا پنهنجين سماجي ريتين، رسمن ۽ رواجن تي تمام گهڻو دل کولي خرچ ڪندا آهن. هو پنهنجي سموري آمدنيءَ جو اٽڪل 60 سيڪڙو سماجي رسمن رواجن تي خرچ ڪن ٿا. شادين تي به تمام گهڻو خرچ ڪندا آهن. ننڍيءَ عمر ۾ شاديون ڪن ٿا. واندڪائيءَ سبب جنسي رجحان وڌي ٿو ۽ مڇي گهڻي واپرائڻ سان گرمي پڻ وڌين ٿي جنهن جو نتيجو گهڻا ٻار پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ نڪري ٿو.

مهاڻن جي ٻارن کي پورو هوش نه ٿي ايندو آهي ته مڇيءَ ۽ پاڻيءَ کان واقف ٿي ويندا آهن. ڪين نه رڳو مڇي پڪڙڻ جو گُر ايندو آهي پر ترڻ کان به بهتر نموني واقف ٿي ويندا آهن. انهن ٻارن کي صرف ۽ صرف اهڙوئي ماحول ميسر ٿئي ٿو جنهن ڪري هو صرف مڇيءَ بابت سوچيندا رهن ٿا ۽ انهيءَ مشغوليءَ ۾ رهن ٿا، نه رڳو اهو بلڪ اهي جوان ٿيڻ تائين، چار ناهڻ به سکي تيار ٿي وڃن ٿا ۽ انهيءَ قسم جي محتاجي به نٿي رهي. نوجوان محنتي ماڻهو ٿين ٿا ۽ اڪثر وڏن کي محنت ۽ تڪليف کان بچائيندا آهن.

مهاڻا هر موسم ۾ مڇي ماريندا رهندا آهن، چاهي ڇڙ هجي چاهي مينهن هجي، هوا هجي، گرمي هجي يا سردي هجي، مڇي مارڻ انهن جي ڪيتي آهي. هنن جو سموري زندگيءَ جو دارو مدار انهيءَ تي آهي. جيئن ته مير بحر اسلامي ۽ سماجي رسمن رواجن جا پابند آهن جنهن ڪري هو قرض ڪڍي به اهي پوريون ڪندا آهن. انهن قرضن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو اهو قرض ڏيندڙ اڪثر مڇيءَ جا واپاري/ڊيلر يا ٺيڪيدار هوندا آهن جيڪي مير بحرن جي مڇي پڪڙيل پنهنجي مقرر ڪيل اگهه تي ڪٺندا آهن جيڪو اگهه تمام گهٽ هوندو آهي، جنهن ڪري مهاڻا ڏينهون ڏينهن غريب ٿيندا ويندا آهن.

مهاڻا اڪثر ڪکائين جهوپڙين ۾ رهن ٿا جيڪي صديون کان ائين رهندا اچن ٿا. ڪيترا پنهنجي ٻيڙين تي رهن ٿا. ڪن ٿورڙن وٽ ڪجهه ڪچا گهر آهن. سندن بار اڪثر اڌ اگهاڙا نظر ايندا آهن. انهن جي جهوپڙين، اڌ اگهاڙن ٻارن ۽ عام رهڻي ڪهڻيءَ ۽ سادگي ڏسڻ سان اندازو ٿئي ٿو ته هيءَ قوم مسڪين ۽ غريب آهي.

ٺيڪيداري نظام ۾ ٺيڪيدار پڪڙيل مڇي جو اڌ ڪڍي ويندو آهي بلڪ ڪٿي ته اڌ کان به وڌيڪ ڪڍي ويندو آهي. جڏهن ته لائسنس سرشتي ۾ به انهن ٺيڪيدارن ۽ مڇيءَ جي واپارين جو وڏو دخل آهي، جيئن ته واپاري انهن کان لائسنس في وصول ڪن ٿا ۽ پيو قرض ڏئي هنن کي پنهنجي چنبي هيٺ رکن ٿا ۽ پنهنجي مرضيءَ تي مڇي ڪٺن ٿا جنهن ڪري هيءَ قوم ڏهاڙي غريب ٿيندي وڃي ٿي.

پاڻيءَ جو مڇيءَ جي پيداوار تي تمام گهڻو اثر آهي. جيئن ته ڍنڍ منڇر جيڪا پوري ايشيا کنڊ ۾ مٺي پاڻيءَ جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي جيڪا پاڻيءَ جي وافر مقدار نه هئڻ سبب خشڪ ٿي وڃي ٿي ۽ مڇي وڏي نه ٿي بلڪ ننڍي سائيز ۾ ماري وڃي ٿي، جنهن ڪري مڇيءَ جو اگهه به گهٽ ملي ٿو. هن ڍنڍ تي 1977ع ۾ لائسنس سرشتو رائج ڪيو ويو ته جيئن مهاڻن جي سماجي ۽ اقتصادي حالت بهتر ٿئي. انهيءَ

سرشتي سان ڪافي فرق به ظاهر ٿيو آهي. لائنس سرشتي سان مهاڻين کي صافي 80 سيڪڙو حاصلات ٿئي ٿي جڏهن ته ٺيڪيداري سرشتي ۾ انهن کي 23 سيڪڙو حاصلات ٿيندي هئي. هن ڏنڌي ۾ جيڪڏهن ٻارهن ئي مهينا پاڻي ٻيهي ته جيڪر مڇي به وڌي ۽ اڪهه به وڌي ۽ سا ڳئي وقت ميربحرن جي حالت به سڌري. ڪافي عرصو خشڪيءَ سبب هتي جا مهاڻا ڦاڪا ڪشي ڪن ٿا.

سنڌ جي ميربحرن ۾ ڳنڍيل ڪٽنب جو رواج اڃا تائين هلندو پيو اچي جيڪو ٻين جڳهين تي ۽ قومن ۾ گهٽجو ڪري ختم ٿي چڪو آهي. گڏجي رهڻ ڪري ڪافي مسئلا ملي جلي ڪري ختم ڪن ٿا. سڀئي فيصلو وڏو مڙس ڪندو آهي. جيڪڏهن ٻنهي وس ڪان ڳالهه ٻاهر ٿي وڃي آهي ته پوءِ تر جي ڪنهن زور آور زميندار کان فيصلو ڪرائيندا آهن ۽ آهڙي نموني پنهنجون رنجشون ختم ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪٽنب جي وڏي تي سڀ ذميواريون آهن، جهڙوڪ کاڌ خوراڪ، رهائش، لٽو ڪپڙو، ڏيتي ليتي، تعليم، دوا درمل وغيره. ساڳئي وقت گڏجي مڇي ماريندا آهن. جيئن ته گهڻو چار استعمال ڪرڻ لاءِ گهڻن ماڻهن جي ضرورت ٿيندي آهي، جنهن لاءِ هو گڏجي محنت ڪندا آهن ۽ آساني ٿيندي اٿن. ٻيڙين جو تعداد ٻاتين جي حساب سان وڌائيندا رهندا آهن.

شادين تي خرچ به گهٽجو ڪندا آهن، ۽ طريقو عام جيڪو سنڌ ۾ آهي سو ئي آهي. پر مهاڻا شاديون اڪثر پنهنجي ڪٽنب ۾ ڪندا آهن. جيڪڏهن شادي اتي نه ٿئي ته پوءِ پنهنجي ذات سان ڪندا آهن. جيڪڏهن پنهنجي ذات ۾ نه ٿيندي آهي ته پوءِ مير بحر ذات سان ڪندا آهن. انهيءَ ۾ انهنا سهوليت ٿيندي اٿن جو مڇي مارڻ ۾ عورت به وڏو ڪردار ادا ڪندي آهي جنهن جو مرد سان ساٿ هوندو آهي.

ميربحرن جو لباس عام رواجي هوندو آهي. اجرڪ عام طرح عورت ۽ مرد ڪي هوندي آهي. مرد پٽڪو به ٻڌندا آهن، قميص سلوار ۽ پوتڙو استعمال ڪندا آهن جڏهن ته عورت جي لباس ۾ ڇيٽ جو لباس يا پرٽ پريل جيڪو پنهنجي هٿ سان پريندي يون آهن، ڳڃ نموني جو به لباس هوندو آهي. سادگيءَ جي زندگي گذاريندا آهن ۽ پنهنجي حال تي مست هوندا آهن. عورتن ڪني زيورن ۾ سون ۽ چانديءَ جا زيور آهن. نٿ، نڪ ڦلي، ڦل، واليون، ايرينگ، تعويذ نما پٽلو، هار، دري، هس، چوڙيون، ڪنگڻ ٻانهن جا، منڊيون، ڇلا، پازيب، چلڙيون وغيره استعمال ڪندا آهن. ساديون سڳيون ۽ موتين مڙهيل پڻ پائين. □□□

سنڌ الاجي جو ڇهه-ماهي جرنل

سنڌي ادب

جلد 11 ، نمبر 1989/1 ع

شاعري

تنوير عباسي- امداد حسيني- بشير موريائي- اُستاد بخاري- سروپ چندر شاد- نثار بزمي- انور- آثم ناٿن شاهي - مير محمد پيرزادو - ايازگل - ادل سومرو - نياز پنوهر - ارشاد ساگر - سائينداد ساند- حسن درس- عزيز مهراڻوي- محمد علي پٺاڻ- ستار- اڪبر سومرو - سراج جوکيو- عزيز گوپانگ- بينا بيدل مسرور- بشير سيتائي- محمد عثمان ميمڻ- علي نواز ڦل- ذوالفقار هاليپوٽو- ارشاد شيخ- نانڪ- زيب سنڌي- واجد-مقصود گل- راهي چنا- ماڻڪ ملاح- آصف منياڻوي- راجن- قاضي منظرحيات- حسن مجتبيٰ- امام راشدي- ناگپال- پشپا ولڀ.

ڪهاڻيون

علي بابا - ثميره زرين- قاضي خادم- ممتاز مهر- طارق عالم - محمود مغل- حفيظ ڪنير- عبدالرحمان سيال- صفيه نور- شازيا رسول- تانيا ٽيپو- گؤري ولڀ- سنتوش ڪامراڻي- بيدل مسرور.

مقالا

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو- ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو- ڊاڪٽرشاهنواز سوڍر- غلام محمد لاکو- مير خادم حسين- رضيه سلطانه راشدي- عبدالرحيم ناگوري- عبدالحفيظ اختر- عبدالڪريم ڪٽي- خيرالنسا جعفري- نورافروز خواجا- عائشه مدد- عبيدالله ڀٽي- اعجاز قريشي.

ايڊيٽر: ولي رام ولڀ

مُلهه: =/20 رپيا

پڙهندڙ نَسُل . پ ڻ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ٿي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڳڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”**پڙهندڙ**“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغذ تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَڻ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَڻَ بہ مختلف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي

سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سينې کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيٺُ اَتي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيٺُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَر جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَ نَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَ نَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَ نَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪر پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation